آزمائشي اشاعت

# سنڌي لازمي

## يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس لاءِ

(نئين نصاب مطابق)

شهيد بينظير ڀٽو
SHAHEED BENAZIR BHUTTO
FREE TEXTBOOK SERIES
مفت نصابي ڪتابن جي ورهاست جو سلسلو



سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي تيار ڪيل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري
ڪاتي جي مراسلي نمبر NO.SELD/HCW/18/2018: DATED: 06-05-2024
موجب سنڌ صوبي جي سيني اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي
نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو ڇڪاسيل

نگران اعليٰ: **پرويز احمد بلوچ**
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران:
- جمشيد احمد جوڻيجو

سهيڙيندڙ:
- پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي
- ڊاڪٽر اياز حسين قادري
- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
- ڊاڪٽر نور افروز خواجہ
- شوڪت حسين شورو
- ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو
- ڊاڪٽر آفتاب ابڙو
- اويس پٽو

ايڊيٽر: پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين

صوبائي جائزه ڪاميٽي:
- ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
- محمد ادريس جتوئي
- ڊاڪٽر سعيده پروين ميمڻ
- ڊاڪٽر الطاف جوکيو
- ڊاڪٽر شازيہ پتافي
- تحسين ڪوثر انصاري
- عبدالحميد ڪوسو
- دلشاد احمد ڏيٿو
- محمد اسماعيل ٽيبو
- زهران چنا
- اويس پٽو

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: نور محمد سميجو- واحد بخش سولنگي

# فهرست

## نثر جو ڀاڱو


| | مضمون | | |
|---|---|---|---|
| 1 | ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون | - حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 7 |
| 2 | شاهه جو شعر ۽ شاعري | - ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي | 12 |
| 3 | پاڪستاني قوميت جو مقصد | - علي نواز حاجن جتوئي | 19 |
| 4 | پورهيتن جو ڏينهن | - رشيد ڀٽي | 24 |
| 5 | دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه | - علامه آءِ - آءِ قاضي | 30 |
| 6 | عام سنڌي شاعري | - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 37 |
| 7 | انسان شين جي دنيا ۾ | - محمد ابراهيم جويو | 46 |
| 8 | سنڌ جو ثقافتي ورثو | - ڊاڪٽر غلام علي الانا | 54 |
| 9 | سنڌي ناول نويسي | - ڊاڪٽر نور افروز خواجه | 63 |
| | **افسانوي ادب (ڪهاڻيون)** | | |
| 10 | لات | - جمال ابڙو | 72 |
| 11 | امڙ مان نہ ڪندس | - ڊاڪٽر اياز قادري | 78 |
| 12 | چوڏو | - نجم عباسي | 83 |
| 13 | چوٽيهون در | - نسيم کرل | 89 |
| | **ڊرامو** | | |
| 14 | دنگي منجهہ درياهہ | - علي بابا | 101 |
| | **ادبي خاڪو** | | |
| 15 | مولانا غلام محمد گرامي | - غلام رباني آگرو | 106 |

## آتم ڪهاڻي


16 هُو ڏوتي هُو ڏينهن - پير حسام الدين راشدي 113


## سفر نامو


17 هڪ عجيب ايڊوينچر - الطاف شيخ 118


## طنز و مزاح


18 عثمان حجم جو ڏند ڪيائڻ - علي احمد بروهي 126


## ادبي خط


19 مان شعر ڇو چوندو آهيان ؟ - شيخ اياز 134


## نظم جو پاڳو


20 قاضي قادن 138

21 شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو 141

22 ميون شاهه عِناتُ رضوي 145

23 شاهه عبداللطيف ڀٽائي 148

24 خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو 154

25 سچل سرمست 158

26 سامي 162

27 خليفو نبي بخش ’قاسم‘ لغاري 165

28 حمل فقير 169

29 فقير قادر بخش ’بيدل‘ 173

| | | |
|---|---|---|
| 30 | مصري شاھ | 177 |
| 31 | جلال ڪتي (لوڪ شاعري) | 181 |
| 32 | سيد ثابت علي شاھ (مرثيو) | 186 |
| 33 | خليفو گُل محمد ’گُل‘ | 190 |
| 34 | مير عبدالحسين خان ’سانگي‘ | 193 |
| 35 | حافظ محمد ’احسن‘ چنا | 196 |
| 36 | مولوي حاجي احمد ملاح | 199 |
| 37 | مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘ | 202 |
| 38 | ڪشنچند ’بيوس‘ | 206 |
| 39 | شيخ اياز | 209 |
| 40 | تنوير عباسي | 213 |
| 41 | نياز همايوني | 216 |
| 42 | امداد حسيني | 219 |
| 43 | اُستاد بخاري | 222 |
| 44 | شمشيرالحيدري | 225 |
| 45 | ابراهيم منشي | 228 |
| 46 | ’سرويچ‘ سجاولي | 231 |
| 47 | ڊاڪٽر سحر امداد | 235 |
| 48 | ج - ع منگهاڻي | 238 |
| 49 | نوان لفظ | 241 |

# حڪيم فتح محمد سيوهاڻي



جنم: 1882ع

وفات: 1942ع

حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو جنم، 1882ع ۾ سيوهڻ شريف ۾ هڪ علمي خاندان ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو خليفو غلام محي الدين هو. علم جي تلاش ۾ مختلف ملڪن ڏانهن سفر ڪيائين. قرآن شريف جو حافظ به هو. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ جو اُستاد پڻ رهيو.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هڪ زبردست عالم ۽ شاعر هو. شاعريءَ ۾ 'صغير' تخلص استعمال ڪندو هو. ان ڪان علاوه هڪ نامور صحافي پڻ هو. هُو اخباري ادارين توڙي مضمونن ۾، ترجمي، نظم توڙي نثر ۾ سدائين آسان ۽ محاورن تي آڌاريل سنڌي لکندو هو. سندس زبان ۾ سادگي، خيالن ۾ شائستگي ۽ رواني آهي. پاڻ شروع ۾ 'الجامع' ۽ پوءِ 'اصلاح' نالي هفتيوار اخبارون جاري ڪيائين. سندس ڪتابن ۾ 'حيات النبي'، 'اخلاق محمدي'، 'ابوالفضل ۽ فيضي'، 'ميرن جي صاحبي'، 'بهار اخلاق'، 'ڪمال ۽ زوال' ۽ 'آفتاب ادب' شامل آهن. سندس ڪتاب 'ڪمال ۽ زوال' ۾ هُن قومن جي ڪمال ۽ زوال جا سبب 'مقدمه ابن خلدون' تان ترجمو ڪري لکيا آهن. سندس شخصيت ۽ علمي ڪارنامن تي سنڌ جي ناميارِي تعليمدان آپا شمس عباسيءَ پي ايچ ڊي ڪئي آهي. جنهن جو موضوع 'حڪيم فتح محمد سيوهاڻي' آهي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ 1942ع ۾ وفات ڪئي.

# ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون

**سکيا جي حاصلات** ✪ ابلاغ جي ذريعن، ڪمپيوٽر وغيره جي اثرن جو زبان جي حوالي سان تجزيو ڪري سگھي ۽ پنھنجو ذاتي نقطه نظر ٻه لاڳاپيل پليٽ فارم تي پيش ڪري سگھي.
✪ مباحثن، مذاڪرن ۽ سيمينارن ۾ حصو وٺي ۽ ڪنھن به موضوع جي موافقت يا مخالفت ۾ دليلن ۽ آدابن سان پنھنجو نقطه نظر پيش ڪري سگھي. ✪ تشبيھ ۽ استعاري ۾ فرق ڄاڻي سگھي.

پھريائين سمجھڻ ګھرجي ته ٻولي ڇا آهي؟ "ٻولي چئبو آهي اهڙي تلفظي ۽ معنيٰ دار آوازن کي، جن جي وسيلي هڪڙو ماڻھو پنھنجي ٻئي هم زبان (ساڳي ٻولي ڄاڻندڙ) کي پنھنجو مطلب ۽ مُراد، سمجھائي سگھي." ٻين اکرن ۾ "ٻولي چئبو آهي اهڙي ڳالھائڻ کي، جو ڳالھائيندڙ ڳالھائي ته سندس هم زبان ٻُڌندڙ اُن جو پورو مطلب پوريءَ طرح سمجھي سگھي."

جيڪڏھن هڪڙو ماڻھو اهڙي ٻولي ڳالھائي ٿو، جو ٻُڌندڙ جيتوڻيڪ اها ٻولي ڄاڻندڙ آهي، ته به ان جو مطلب سمجھي نٿو سگھي، ته ان کي عام ٻولي نه چئبو. پلي انھن ڳالھايل لفظن ۽ جملن ۾، ڳالھائيندڙ جي مطلب ۽ مراد موافق، معنيٰ رکيل هجي، پر جڏھن ته ٻڌندڙ ڪجھ به نه سمجھيو، تڏھن انھيءَ کي عام ٻولي سڏي ئي نه سگھبو ۽ اهڙو ڳالھائيندڙ 'گونگو ڳالھائيندڙ' چئبو. گھٽي ۾ گھٽ اهڙي ٻولي فقط اهڙي ڳالھائيندڙ جي حق ۾ ٻولي چئبي، پر ٻڌندڙ جي حق ۾ نه. پر جيڪڏھن ٻڌندڙ اها انوکي ٻولي سمجھي سگھندو هجي، ته به اها ٻولي بلڪل محدود دائري جي ٻولي چئبي، جا عام ٻوليءَ جي احاطي اندر اچي نٿي سگھي. وڌيڪ صفائيءَ لاءِ سمجھڻ ګھرجي ته سچ پچ ٻولي اها آهي، جا ننڍو ڳالھائي ۽ وڏو سمجھي، وڏو ڳالھائي ته ننڍو سمجھي، شھري ڳالھائي ته ڳوٺاڻو سمجھي، ڳوٺاڻو ڳالھائي ته شھري سمجھي، زال ڳالھائي ته مڙس سمجھي، مڙس ڳالھائي ته زال سمجھي، پڙهيل ڳالھائي ته اڻ پڙهيل سمجھي، اڻ پڙهيل ڳالھائي ته پڙهيل سمجھي، هندو ڳالھائي ته مسلمان سمجھي، مسلمان ڳالھائي ته هندو سمجھي. اها آهي نج ۽ اصلي ٻولي ۽ انھيءَ جو ئي نالو آهي 'عام ٻولي.'

ادبي ٻوليءَ جو درجو عام ٻوليءَ کان بالا ۽ برتر آهي. انھيءَ درجي جي ٻوليءَ کي ادبي يا ساهتيه سڏبو آهي. ٻولي انھيءَ درجي ۾ اچي، هڪ گلزار پُربھار بنجيو پوي ٿي. ٻوليءَ جي انھيءَ ادبي گلستان ۾، قسمين قسمين چمن ۽ بارا ٻَڌجن ٿا، گونا گون گُل ۽

گلبن پوکيا وڃن ٿا، طرحين طرحين واس ۽ سڳنڌ ڦهلجن ٿا، پانت پانت جون رونقون ۽ رنگ پسجن ٿا، پري پري کان ادبي گلن ۽ ڦلن جون چڪيون، ادبي وڻن ۽ ٻوٽن جون جنسون آڻي پوکجن ٿيون، يعني اهو سڀ سامان، موجود ڪرڻو پوي ٿو، اهي سڀ ماڻداڻ منڊڻا پون ٿا، جن مان ادب جي گلزار ۾ سدا بهار اچي. عاشقاڻه اُمنگ هجن يا مجاهداڻه جذبا، عيش پرستيءَ جا اسباب هجن يا محنت ڪشيءَ جا اوزار، سرمائيداريءَ جو سامان هجي يا مزدوريءَ جو ماڻداڻ، شاهيءَ جو تخت هجي يا غربت جو تختو، بادشاهي تاج هجي يا گدائيءَ جو پيالو، سڪندري تخت هجي يا دارا جو اقبال، محتاجيءَ جو حال هجي يا اڪبري جلال، ابوالفضل جو ڪمال هجي يا علم ۽ ڪمال جو تال، اُنهيءَ هر هڪ حالت جي پُرزور بيان ۽ اثرائتي اظهار لاءِ ادب يا ساهت ئي هڪ بهترين وسيلو آهي.

ادب زبان جو زيور آهي ۽ ساهت ٻوليءَ جو سينگار، ادب ڪلام جو ڪمال آهي ۽ ساهت ٻوليءَ جو ساهه. ادبي رنگ ۾ وويڪ جي واٽي ۽ ضمير جو آواز وڌيڪ زوردار، اثرائتو ۽ وڌيڪ ڪارگر ٿئي ٿو. ادب يا ساهت جو جوهر، شمشير جوهردار کان به وڌيڪ تيز آهي.

دنيا جي انقلابن ۽ صحيح انقلابن ۾، تيغ برهنه کان وڌيڪ، ادبي ڪلام ۽ ساهت جي سخن جو هٿ رهيو آهي. تاريخ جي ڪتابن ۾ جاٽايل آهي ته دنيا جون حڪومتون ترار کان ايترو ڪؤ نه ڪائينديون آهن، جيترو قلم کان. قلم ادب نويسيءَ جو تيز اوزار آهي، انهيءَ ڪري ڪيس ’شمشير قلم‘ سڏيو ويو آهي. ياد رکڻ گُهرجي ته دنيا جي ڪابه سڌريل ٻولي، ادب ساهت جي خزاني کان ڪڏهن به خالي نه هوندي. جيڪڏهن ڪابه ٻولي ادب جي يا ساهت جي موجودات ۾ سُڃي آهي، ته پوءِ اها سڌريل ٻولي نه چئبي.

دنيا ۾ هزارين ٻوليون آهن، جن مان ڪي سڌريل ۽ ادبي آهن ۽ ڪي جهنگلي ۽ اڻ سڌريل. اڻ سڌريل ٻولين ۾ ادب يا ساهت جو ذخيرو يا ته ٻنهه ڪونه هوندو آهي، يا هوندو آهي ته بلڪل گهٽ. اهو ڇو؟ اهو هن ڪري، جو اڻ سڌريل ۽ جهنگلي ٻولين ۾ اها ڪشش، اهو مقناطيسي اثر، اهو قرب ۽ ميلاپ ۽ اها هر دلعزيزي ڪانه هوندي آهي، جا ڪنهن ادبي زبان ۾ هئڻ گهرجي. ملڪ جا اهي پاڳا يا ٽڪرا، جن ۾ سڌريل انسان ۽ انسانن جي گوناگون ضرورتن جا اسباب موجود هوندا آهن، يا اهي پاڳا جن جو لڳ لاڳاپو ملڪ جي سڌريل پاڳن سان هوندو آهي، تن پاڳن ۾ ئي ادبي زبان ۽ سڌريل ساهتيه جنم وٺندي آهي.

ادبي ۽ سڌريل ٻوليءَ جي لياقتن مان ڪي لياقتون هيٺ ڏجن ٿيون. انهن لياقتن جي ڪسوٽيءَ تي ٻوليءَ کي پرکڻ سان ئي خبر پئجي سگهندي ته اها ادبي زبان آهي يا نه:

1. ادبي زبان اها چئبي، جنهن جي حرفن ۽ لفظن جا آواز بد آواز جانورن جهڙا نه هجن، بلڪ سُريلا ۽ سوادي هجن. منجهن ڪراهت ۽ گراني يا ته بلڪل نه هجي، يا هجي ته بلڪل گهٽ.
2. ادبي زبان ۾ اصطلاح ۽ محاورا، تشبيهون ۽ ڪنايا، مثال ۽ پهاڪا گهڻا هوندا آهن، انهيءَ ڪري فصاحت ۽ بلاغت جون خوبيون به منجهس جهجهيون هونديون آهن، جي قدرت جي نظارن ۽ انقلابن موجب ملڪ جي رسمن ۽ رواجن پٽاندر، ماڻهن جي طبيعتن ۽ سُپائن موافق، گهڙيل هونديون آهن.
3. دنيا جي هر ڪنهن شيءِ جا نالا ۽ هر هڪ معنيٰ جا لفظ ادبي زبان ۾ ليندا آهن. جيڪڏهن ڪن لفظن ۽ نالن جي وٽس گهٽتائي هوندي آهي، ته ٻئي هنڌان به هٿ ڪري پورائو ڪندي آهي.
4. ادبي زبان ۾ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون هونديون آهن.
5. هر قافيو ۽ تُڪ پائي لفظ ۽ تجنيس حرفيءَ وارا لفظ به ادبي زبان جي خاص خوبين مان هڪڙي خوبي آهي.
6. ادبي زبان ڌارين ٻولين مان به ڪيترائي لفظ پاڻ وٽ آڻي، پنهنجا بنائي ڇڏيندي آهي؛ يعني منجهس جذب ۽ هضم ڪرڻ جي طاقت چڱي هوندي آهي. جيتوڻيڪ ڪٿي وٽس ادبي لفظن جي ڪمي ۽ ڪوتاهي نه به هجي، ته به پنهنجي ساهت وڌائڻ ۽ سينگارڻ لاءِ بنا ڪنهن هٿڪ ۽ هٻڪ جي، ٻين ٻولين کان به مدد وٺڻ عيب نه سمجهندي آهي.
7. ادبي ٻوليءَ جي هيءَ به خاصيت هوندي آهي، جو ٻين ٻولين کي پنهنجي ذخيري ۽ خزاني مان مدد ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ۽ ڪنجوسي ته نه ڪري، بلڪ ڪشاديءَ دل سان سخاوت جو هٿ ڊگهيري ۽ پنهنجو مال ڪٿي، ٻين جي اڳيان رکي.
8. جيئن جيئن دُنيا ۾ علم ۽ هنر پيا وڌندا، سائنس جون ايجادون پيون ٿينديون، نيون نيون شيون پيون معلوم ٿينديون، نوان نوان اصطلاح پيا گهڙبا، تيئن تيئن سُڌريل ۽ ادبي زبان، اهڙن علمن ۽ هنرن، اهڙن اصطلاحن ۽ ايجادن جي معنائن لاءِ پاڻ وٽان نه، ته ٻين سُڌريل ۽ ادبي ٻولين مان وٺي، ڪي نه ڪي لفظ پيش ڪري سگهندي ۽ انهيءَ ڏس ۾ پوئتي نه پوندي.
9. ادبي زبان ۾ هيءَ به لياقت هوندي آهي، جو هن ۾، جيڪڏهن انسائيڪلوپيڊيا يعني

علمن ۽ هنرن جو ذخيرو تيار ڪجي، تہ ڪري سگھجي.

10. ادبي زبان ۾، صَرف ۽ نَحوَ جا قاعدا ۽ قانون جاچبا ڪٽي تہ قدرت جي طرفان برابر موجود هوندا، جن کي ترتيب ڏيئي، عملي صورت ۾ آڻي سگھبو.

11. سُڌريل ۽ ادبي زبان ۾، 'علم بديع و بيان' ۽ 'علم معانيءَ' جو خزانو خوب پريل هوندو آهي. اهي ڪجھہ توريون لياقتون ڄاڻايون ويون آهن، جي ادبي زبان ۾ ليڏيون آهن.

('آفتاب ادب' تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ٻولي ڇا کي چئبو آهي؟

(2) ادبي ٻوليءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

(3) عام ٻوليءَ ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

(4) علم، هنر ۽ سائنس جي ترقيءَ جا ٻوليءَ جي واڌ ويجھہ تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

پانت پانت - شمشير - سخن - ساهت - ڪسوَٽي - اُمنگ - مانداڻ - گدائي

### (ج) هيٺين جون وصفون لکو ۽ مثال ڏيئي فرق سمجھايو.

اصطلاح - پهاڪو ۽ تشبيھہ - استعارو

### (د) پرنٽ ميڊيا يا اليڪٽرانڪ ميڊيا جا سنڌي ٻوليءَ تي ڪهڙا اثر پئجي رهيا آهن؟ اوهان ان حوالي سان پنهنجو تجزيو پيش ڪريو.

### (هـ) جديد لسانيات جي ماهرن ٻوليءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون وصفون ٻڌايون آهن؟ حوالا ڏيئي تفصيل سان بيان ڪريو.

**سرگرمي:** 'سنڌي ٻوليءَ جي سُڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺڻ گھرجن' جي عنوان تي ڪلاس ۾ گروپ ناهي، بحث مباحثو ڪرايو ۽ اهم نُڪتا لکرايو، پوءِ هر گروپ جي اڳواڻ کان ڪلاس ۾ پيشڪش ڪرايو.

# ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي



جنم: 1884ع

لاڏاڻو: 1947ع

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي مارچ 1884ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو، جتي ابتدائي تعليم ورتائين. 1905ع ۾ ڊي-جي سنڌ ڪاليج مان بي-اي پاس ڪيائين ۽ 1907ع ۾ ممبئيءَ (بمبئيءَ) جي ولسن ڪاليج مان ايم-اي پاس ڪيائين ۽ 1928ع ۾ 'Mysticism in the Early Nineteenth Century Poetry of England' جي عنوان تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ولايت مان وٺي آيو.

ڊاڪٽر گُربخشاڻي، ڊي-جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انگريزي ادب جو پروفيسر ۽ بعد ۾ پرنسپال رهيو. پاڻ جديد تنقيد نگاريءَ جو هڪ اهم اسڪالر هو. سنڌس وڏو ڪارنامو 'شاهه جو رسالو' جي سهيڙ ۽ سمجهاڻي آهي، جنهن کي هُن ٽن جلدن ۾ ترتيب ڏئي شايع ڪرايو. جنهن ۾ 18 سُر ڏنل آهن.

شاهه عبداللطيف ؒ جي سوانح، فن ۽ فڪر تي جيڪو ڪم ڊاڪٽر گُربخشاڻيءَ ڪيو آهي، تنهن کي وساري نه ٿو سگهجي. شاهه عبداللطيف ؒ جي شاعراڻي عظمت کي اجاگر ڪيائين، شاهه جي رسالي جي شرح لکيائين ۽ لفظن جي معنيٰ تي ڀرپور پيرو جامع ڪم ڪيائين. سنڌس لکڻيون موضوع ۽ اسلوب بيان جي حوالي سان وڏي اهميت رکن ٿيون.

ڊاڪٽر گُربخشاڻي فيبروري 1947ع ۾ سرڳواس ٿيو. پاڻ سڄي عمر سنڌي ادب جي خدمت ۾ گذاريائين.

سنڌي ساهت ۾ سنڌس هيٺيان ڪتاب لاثاني آهن:

(1)شاهه جو رسالو (ٽن جلدن ۾)

(2)نورجهان (ناول)

(3)لنواريءَ جا لعل

# شاهہ جو شعر ۽ شاعري

**سکيا جي حاصلات** ✪ نئين متن کي سمجهي، اعليٰ تخليقي ۽ تنقيدي سوالن جا جامع جواب لکي سگهي ۽ عبارت جو مناسب عنوان لکي سگهي. ✪ عبارت ۾ فعل معاون ڳولي ۽ ان جو استعمال سمجهي سگهي. ✪ کنهن بہ تحرير تي تنقيدي گفتگو ڪري سگهي.

سنڌ ڌيهہ ۾، شاعرن جي ڪمي ڪانهي، گهڻن ئي درجن جا شاعر ٿي گذريا آهن ۽ اجا تائين بہ پيا پيدا ٿيندا. جيستائين حسن ۽ حق، عشق ۽ خوبي دنيا ۾ موجود آهن، تيستائين شعر جو ميدان پڻ گرم رهندو. پر شعر کي بہ لاها چاڙها آهن، بعضي سندس زمين آباد آهي، بعضي غير آباد. جڏهن انساني سياءُ، روحاني شين کان وڌيڪ جسماني شين ڏي مائل ٿيندو آهي، تڏهن شعر جي بازار بہ البت بي رونق ٿي ويندي آهي، پر وري نوان نوان رنگ روپ ڌاري، وڃي پنهنجي اصلوڪي اوج تي رسندو آهي. شعر نيڪ نيتن، پاڪ خيالن ۽ عشق جي اُمنگن جو ترجمان آهي. ڪير ڄاڻي؟ تہ ڪَرَ هاڻ پڻ ڪو وڏو شاعر فطرت جي ڪُک ۾ سمايل هجي، جنهن جي آجي ٿيڻ جو اجا وقت نہ آيو آهي.

سچل ۽ ساميءَ، بيدل ۽ بيڪس، يوسف ۽ صادق جا نالا هر ڪنهن سُئا هوندا. هر هڪ جي ڪلام ۾ پنهنجي پنهنجي خوبي ۽ لذت آهي. ڪن پڙهندڙن کي هڪڙي مان مزو ايندو، تہ ڪن کي ٻئي مان. شاهہ عبداللطيف جهڙو هر وجہ ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر، سنڌ ۾ اجا ٻيو ڪونہ پيدا ٿيو. اهڙو ڪو سنڌي خواندو مشڪل ليندو. جنهن کي سندس ڪلام جي سِڪ نہ هوندي ۽ اهڙو ڪو هنڌ خالي نہ هوندو، جتي سندس شعر جو پڙاڏو ڪن نہ پوندو. سندس شاعراڻيءَ "خستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ولات واسي ڇڏي آهي." شاهہ ئي آهي، جنهن ۾ هڪ وڏي شاعر جون ڪُلي لياقتون موجود آهن. سندس خيالي قوت جو هڪ وڏو پرياڻ هيءُ آهي تہ جيئن جيئن سندس شعر تي اونهون غور ڪنداسين، تيئن تيئن اسان ۾ نئين نئين حيرت اُٿپن ٿيندي. ٻين شاعرن جي خيالي قوت پڻ چڱي آهي، پر شاهہ جي دز کي بہ نہ رسي سگهندا. شاهہ جو ڪلام، خواهہ خِلوَت ۾ پڙهيو وڃي خواهہ محفل ۾، خواهہ ڪنهن مثال يا ٽيڪا طور ڪتب آڻبو، تہ نيون نيون خوبيون اسان جي اڇرج جو ڪارڻ ٿينديون ۽ سندس طبع جي فراوانيءَ جي شاهديون ڏينديون ۽ وري وري پڙهڻ سان سندس عمر ۾ ضرور اهڙي ڪا نئين نزاڪت نظر چڙهندي، جا اڳي اک کان گُسي ويئي هوندي. اهڙو ڪو ورلي ليندو، جنهن کي شاهہ جي مهراڻ مان معنيٰ جا موتي هٿ نہ آيا

هجن، يا جو سياڻپ ۽ ساڃاهہ جي سبق پرائڻ کان محروم رهيو هجي.

”جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهن،
نِيو مَن لائين، پريان سندي پار ڏي.“

ڪنهن بہ شاعر جي بزرگي اوتري قدر قبول ڪئي ويندي، جيتري قدر منجهس جمال جي مشاهدي ماڻڻ جي قابليت آهي ۽ جيتري قدر ان مشاهدي جي ڪري سندس جيءَ ۾ جذبا ۽ اُمنگ اُڀرن ٿا. جمال جا پڻ ڪيترائي قسم آهن، جهڙوڪ طبعي، جسماني، اخلاقي ۽ روحاني، پر درحقيقت سيني جو مول هڪ ئي آهي، ۽ جنهن جنهن ويس ۾ پاڻ کي پڌرو ڪري ٿو، تنهن تنهن ويس جي پسڻ سان نينهن کي نوان نوان نيش اچن ٿا. دُنيا ۾ ادنيٰ ۾ ادنيٰ انسان بہ حُسن تي حيران آهي ۽ ڏانهس رغبت رکي ٿو، پر اها رغبت اڪثر منجهس پنهنجي ڪامنا پوري ڪرڻ جي اِڇا اُتپن ڪري ٿي، پل تہ اها اِڇا ڪيترو بہ اٽلڪي هجي. اهڙو ماڻهو صرف مشاهدي سان گهڻي تائين ريجهہ رهاڻ ڪرڻ جي قابل نہ آهي، ستت ئي پنهنجي ڪامنا سِڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جو ئي سندس اصلي ۽ آخرين مقصد آهي. اهوئي سبب آهي، جو هو قدرتي توڙي صنعتي حُسن جي نظاري مان سِگهوئي ڪَڪِ ٿيو پوي. پر شاعر جي حالت ۾ ڦريون ئي ڦريون اٿر، جو حُسن جي مشاهدي ڪري مٿس پيدا ٿئي ٿو، سو آهي سندس ’وجود جو ورق‘ ڌوئي صاف ڪرڻ. سندس ساري هستي سونهن واري شيءِ جي مشاهدي سان پرجي ٽمٽار ٿيو پوي، پوءِ اها شيءِ خواهہ ڪو قدرتي نظارو هجي، جهڙوڪ چمن جو ڇهڇٽو، درياءَ جي لس ليٽ، چنڊ جي چٽائي، تارن جي جهرمر، ڪڪرن جي ڪارونيار وغيره، خواهہ انساني حُسن جو جلوو هجي، جهڙوڪ سپرينءَ جي سونهن، لالن جو لبيس، معشوق جو ناز ۽ سندس هار سينگار، وغيره وغيره. شاعر اهڙي مشاهدي ۾ پاڻ کي محو ڪريو ڇڏي ۽ پنهنجي شخصيت کي وساري خود خوشيءَ جي آرسي ٻڻجيو پوي. اهڙي وقت ۽ اهڙيءَ حالت ۾ پروڙيل حقيقت نس پس اها شيءِ نہ آهي، پر خود ’سونهن جو سَرُ‘ جنهن مان اها شيءِ ڦٽي نڪتي آهي. پروڙيندڙ ۽ پروڙيل شيءِ ٻيئي پنهنجو پاڻ وڃايو لئي ٿيو وڃن. يوسف نالي شاعر اها حالت هن ريت نروار ڪئي آهي.

”محبوب ڪي صورت مين گم هوڪي ويک نظارا، آپ سارا.“

شاعر کي نہ فقط اهڙو نِشڪام يا لاطمع مشاهدو نصيب ٿئي ٿو، پر ان جي اظهار ڪرڻ لاءِ پڻ سندس دل ۾ هڪ زبردست جنبش جاري ٿئي ٿي ۽ سيمابي صورتون، جي مشاهدي بعد سندس خيال اڳيان تري رهيون آهن، تن کي هڪ محڪم ۽ سهڻي

شڪل ڏيئي، ٻين انسانن جي دلين ۾ پڻ اهڙن جذبن اُثارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جهڙا مشاهدي وقت سندس دل ۾ اُتپن ٿيا آهن. هو هاڻ پاڻ کي داعي ڪري سمجهي ٿو، حق ۽ حُسن جو هوڪو ڏئي ٿو ۽ انسان ذات جي اُنتِي ۽ آسائش جو ڪارڻ بنجي ٿو ۽ ماڻهو پڻ اهڙي اعليٰ انسان وٽان حياتيءَ جي سچي مقصد جو سبق پليءَ پت پرائي سگهن ٿا.

شاعري ۾ نہ فقط حُسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هئڻ گهرجي، پر ان سان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شعري صنعت چئجي ٿو. شاعر ان صنعت جي وسيلي پنهنجي خيالن ۽ جذبن کي اهڙن عمدن ۽ اثرائتن لفظن ۾ اهڙيءَ سليس پُر رنگين عبارت ۾، اهڙن نون ويسن ۽ ورنن ۾ ۽ اهڙي ڍنگ ۽ طرز سان بيان ڪري ٿو، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جون دليون بي اختيار ڇڪجيو وڃن ۽ اُها نقش ڪيل تصوير سندس اکين اڳيان پيئي ڦري. ازانسواءِ وزن ۽ قافيي جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن جي ذريعي شاعر جو ڪلام وڌيڪ لطيف ۽ لذيذ ٿئي ٿو. پر ڪلام اهڙو هئڻ گهرجي، جو ماڻهن جي دلين تي بجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪري. انهي لاءِ ڪن ٻين خاصيتن جو شاعر ۾ هئڻ پڻ واجب آهي، جن جي دوران شعر جو حسن هيڪاري نکريو نروار ٿيو پوي. اها ڪامل شعر جي آخرين منزل آهي. اهي خاصيتون آهن: فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش.

فصيح ڪلام اهو آهي، جنهن ۾ هرهڪ لفظ اهڙو ڪم آيل هجي، جنهن جي اُچار ڪرڻ ۾ زبان کي ڪابہ تڪليف يا هٽڪ نہ ٿئي. اهو نمونو نہ فقط ڪڏهن ڪڏهن، مگر هميشہ شاعر جي ڪلام ۾ اختيار ڪيل هجي، نہ تہ سندس ڪلام کي فصيح نہ چئبو.

بلاغت اها آهي، جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي. انسان ۾ طرح طرح جا پور ۽ جذبا اٿن ٿا، ڪڏهن غم ۽ غصو، ڪڏهن کل ۽ خوشي، ڪڏهن مستي ۽ مدهوشي، ڪڏهن عشق ۽ محبت، ڪڏهن بيتابي ۽ بيقراري، وغيره وغيره. شاعر کي اهي سڀيئي حالتون اهڙيءَ صفائيءَ، چٽائيءَ ۽ درستيءَ سان مختصر مگر مائيدار لفظن ۾ بيان ڪرڻ گُهرجن، جو پڙهندڙن ۽ ٻُڌندڙن جو ڌيان کُپي وڃي ۽ سندس سحرنگاريءَ تي موهت ٿي پون.

سلاست جي معنيٰ آهي تہ ڪلام ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن، جي روزمره ماڻهو استعمال ڪن ٿا، ۽ استعارا، تشبيهون ۽ ٻيون ڪلامي صفتون اهڙيون ساديون ۽ سوليون هجن، جو ماڻهو هڪدم پروڙي سگهن ۽ هرهڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي فهم ۽ لياقت آهر ان مان لطف ۽ مزو حاصل ڪري سگهي. سڀ ڪان سهڻو شعر انهيءَ کي چئبو، جو جڏهن

ڪو ماڻهو ان کي پڙهي يا ٻُڌي، تڏهن ازخود ائين چوي ته ’سچ آهي.‘ ۽ ان جي سلاست ۽ سادگي ڏسي، دل ۾ اچيس ته اهڙو ڪلام ’آءٌ پڻ چئي سگهان.‘ مگر جڏهن چوڻ جي ڪوشش ڪري، ته وايون بتال ٿي وڃنس.

جدت جي هيءَ مراد آهي ته شاعر کي گهرجي ته مضمون اهڙا عليحده عليحده اختيار ڪري، جن تي ٻين شاعرن پنهنجي طبع آزمائي نه ڪئي هجي، يا جيڪڏهن ڪئي هجين، ته انهن کي اهڙي طرز ۽ نموني ۾ ادا ڪري، جو ائين معلوم نه ٿئي ته ڪنهن جو نقل يا تتبع ڪيو اٿس. ازانسواءِ پنهنجو مطلب اهڙن نون طريقن سان بيان ڪري ۽ هڪڙي خيال کان ٻئي خيال ڏي وڃڻ ۾ اهڙي ڪاريگري ڪتب آڻي، جو پڙهندڙن جو ڌيان ٽٽي نه وڃي، ۽ پڻ سندس لفظن ۽ جملن ۾ اهڙو جوش ۽ اثر هجي، جو پانئجي ته اهي لفظ ۽ جملا سندس اندر مان اُدما ڏيئي نڪتا آهن.

شاهه عبداللطيف ۾ مٿيون ڇاٽايل لياقتون هر طرح موجود آهن. رواجي شاعرن جي ڪلام تي غور ڪبو ته ڏسبو ته ٻُسو ئي ٻُسو آهي، يا ته مضمون ساڳيو ئي ساڳيو اٿن، يا ته طرز ساڳي ئي ساڳي، يا ته رڳو حُسن جون هاڪون ۽ عشق جون صدائون آهن، يا ته رڳو تصوف ۽ ويدانت جا متا مڙهيل آهن، يا ته فقط وحدانيت جي واڪاڻ آهي، يا ته رڳو ڀڳتي مارڳ جي پلٽ آهي. اهو حال نه فقط سنڌي شاعرن جو آهي، پر اڪثر ڪري ڏکڻ ايشيا جي ٻين ٻولين جي شاعرن جو پڻ، پر شاهه عبداللطيف جو شعر طرحين طرحين قسمن جو آهي ۽ نهايت رنگين ۽ گونا گون آهي. هو هر قسم جي شاعريءَ جو اُستاد آهي. سنڌ ڇڏيو، ڏکڻ ايشيا ۾ به سندس مٽ ڳولڻ مشڪل آهي. سندس نالو دنيا جي نامي ڪنين شاعرن جي دفتر ۾ داخل ٿيڻ جي هر وجه لائق آهي. شاهه جي شاعراڻي ذات اهڙي اعليٰ درجي جي هئي، جو شاعريءَ جو ڪوبه فن نه آهي، جنهن ۾ سندس دماغ درياءَ جي لهرن وانگر چوليون نه ماريون آهن. هر طرح جا مضمون سندس خيالي خزاني ۾ ميسر آهن، ۽ هر قسم جون خوبيون سندس عبارت ۾ موجود. مختلف موقعن لاءِ سندس عبارت مختلف آهي. هر طرف کان سندس ذات باڪمال هئي. جيڪڏهن صرف شاعر ڪري ليکبس ته شاعرن جو شاهه هو، جيڪڏهن صوفين جي صف ۾ شمار ڪبس ته فاني في الله هو ۽ جيڪڏهن عاشقن جي قطار ۾ ڳڻبس ته عاشقن جو تاج هو. سندس ڪماليت جو دامن نهايت وسيع هو.

(’مقدمہ لطيفي‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) شاهه عبداللطيف ؒ جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون آهن؟

(2) ’فصاحت، بلاغت ۽ سلاست‘ مان ڇا مُراد آهي؟ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

(3) شاعريءَ ۾ جدت مان ڇا مُراد آهي؟ شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ مان جدت جا ڪجهه مثال ڏيئي وضاحت ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اِڇا | خواهش - مرضي | کستوري | خوشبودار ورڪ جو قسم - ڪٿوري - خُشڪ |
| اُنتي | واڌارو-ترقي-ڀهبودي | مائيدار | ڳَردار - مضبوط |
| سياءُ | خصلت - مزاج | خِلوَت | اڪيلائي |
| لاطمع | بنا لالچ | اُتپن | پيدائش - حاصلات - فائدو |

### (ج) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) ’مقدمہ لطيفي‘ ڪتاب لکيل آهي:

(1) غلام محمد شاهواڻي (2) تاراچند شوقيرام

(3) مرزا قليچ بيگ (4) ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

(2) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعراڻيءَ ”کستوريءَ جي خوشبوءِ سيءَ ولات واسي ڇڏي آهي“ لفظن ۾ تجنيس استعمال ٿيل آهي:

(1) تجنيسِ تام (2) تجنيسِ ناقص (3) تجنيسِ حرفي (4) تجنيسِ زائد

(3) هيٺ ڏنل ڪهڙي لفظ ۾ ’با‘ اڳياڙي لڳائي لفظ نهندو:

(1) سوال (2) ڪمال (3) جمال (4) زوال

(4) ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو لکيل ناول آهي:

(1) زينت (2) جهان آرا (3) نورجهان (4) پريت پراڻي، ريت نرالي

**(د)** هيٺ ڏنل عبارت پڙهو، سمجهو ۽ ڏنل سوالن جا جواب لکو ۽ عبارت کي مناسب عنوان ڏيو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جون هونئن ته اڪيچار خوبيون آهن تن منجهان هڪ خوبي اها به آهي ته هُن پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي نئون رنگ ۽ ڍنگ، وسعت ۽ جاذبيت پڻ ڏني. شاهه سائينءَ جو پيغام محبت جو پيغام آهي. شاهه سائينءَ جي شاعري انسانن کي عالمي برادريءَ سان جوڙڻ ۽ امن جي راهه هموار ڪرڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. شاهه لطيف پنهنجي رسالي ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي سمايو آهي. هُن اسان جي معاشرتي زندگيءَ ۽ روايتن جي چڱيءَ پَرِ عڪاسي ڪئي آهي. شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ اخلاقي قدر پڻ جابجا پسجن ٿا، جن ۾ سهپ، صبر، امن، رواداري ۽ ڀائيچارو شامل آهن. هُو اسان کي ايڪي ۽ ٻڌيءَ جو درس ڏئي ٿو. هڪ هنڌ پکين جو مثال ڏيندي سمجهايو اٿائين ته:

وَڳَرَ ڪَيو وَتَن، پرتِ نَہ ڇِنَنِ پاڻَ ۾،
پَسو پکيئڙَنِ، ماڻهنئان مَيٺ گهڻو.

شاهه صاحب ظلم، ناانصافي، دغا، دوکي، ڪوڙ، ڪُپت، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي نفي ڪئي آهي. شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ استعارن، تشبيهن، محاورن، اصطلاحن، پهاڪن وغيره جو استعمال پڻ ٿيل آهي، جنهن سان ٻوليءَ جي خوبصورتي نظر اچي ٿي.

(1) شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن وسعت ڏني آهي؟
(2) شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌ جي تاريخ کي ڪيئن محفوظ ڪيو آهي؟
(3) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻڌي، ايڪي جو درس ڪيئن ڏنو آهي؟
(4) شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ ڪهڙا اخلاقي قدر آهن

**(هه)** ’آهي‘، ’آهيان‘، ’آهن‘، ’هو‘، ’هئا‘، ’ٿو‘، ’ٿا‘، ’ٿي‘ وغيره فعل معاون آهن. اوهين اهڙا ڪي به پنج جملا لکو جن ۾ فعل معاون استعمال ٿيل هجي.
مثال: اسلم خط لکي ٿو.

**(و)** ڊاڪٽر گُربخشاڻي جي ڏنل مضمون ’شاهه جو شعر ۽ شاعري‘ تي ڪلاس ۾ تنقيدي گفتگو ڪريو.

# علي نواز حاجن جتوئي



ولادت: 1914ع

وفات: 1996ع

پروفيسر علي نواز جتوئي ولد حاجن خان 11 جولاءِ 1914ع تي پراڻا جتوئيءَ تعلقي موري ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين، انگريزي تعليم تي درجا اي - وي اسڪول ڏيپارجا، چوٿون ۽ پنجون درجو لوڪل بورڊ، مِڊل اسڪول نوابشاهه، ڇهون ۽ ستون نوشهري فيروز مان پڙهيو. مئٽرڪ ممبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. وڌيڪ تعليم ڊي.جي سنڌ ڪاليج ۽ جهوناڳڙهه ۾ حاصل ڪيائين. 1950ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. پاڻ لسانيات جو ماهر هو. ڪيترائي تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون لکيائين. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جا وڏا نالا ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ، ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ ٻيا سندس خاص شاگردن مان آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'ميان عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام (ترتيب)'، 'ديوان حافظ'، 'سياست نامو'، 'اخلاق محسني'، 'سنڌي صحيفو'، 'غزلن جو غنچو' (ترتيب)، 'علم لسان ۽ سنڌي زبان'، 'ويرون ۽ وهڪرا' ۽ 'لطيفي لهرون' شامل آهن.

هو سيپٽمبر 1963ع ۾ لنڊن يونيورسٽيءَ جي اهم اداري 'اسڪول آف اورنٽيل اينڊ آفريڪن اسٽيڊيز' ۾ لسانيات تي تحقيق ڪرڻ ويو. انهيءَ تحقيق جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾، لسانيات جي موضوع تي پهريون اهم ڪتاب 'علم لسان ۽ سنڌي زبان' لکيائين، جيڪو 'ايم اي سنڌي' جي نصاب ۾ رکيل آهي.

سنڌ جي ناميارِي عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪتاب 'علم لسان ۽ سنڌي زبان' بابت راءِ ڏيندي لکيو آهي ته: ”سنڌيءَ ۾ جيتوڻيڪ هِن ڏس ۾ هيءَ پهرين ڪوشش آهي، مگر اها قابل قدر آهي، ڇاڪاڻ ته فاضل مؤلف هن ڪتاب کي جامع انداز ۾ پيش ڪيو آهي. موضوع جي ٽن مکيه پاڱن يعني صوتي، صرفي ۽ نحوي بابت، هر هڪ جي مکيه پهلوءَ کي پوريءَ طرح زير بحث آندو اٿس ۽ اهم اصولن ۽ نظرين کي دليلن ۽ مثالن سان کولي بيان ڪيو اٿس.“

پاڻ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي اهم شاگردن مان هو. هن علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي شخصيت تي ڪتاب پڻ لکيا. هن 29 سيپٽمبر 1996ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ٽنڊي سائينداد جي مقبره شريف قبرستان ۾ آهي.

# پاڪستاني قوميت جو مقصد

**سکيا جي حاصلات**
✪ جديد ٽيڪنالاجي ۽ ذريعي ، گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽس تان معلومات ڳڙي سمجهي ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي. ✪ ڪابه ڳالهه شروع يا وچ مان ڳڙي، ان ڪي مقصد ۽ حوالن سميت ٻڌائي سگهي. ✪ ڪنهن به مضمون ڪي ان جي جزن، خاصيتن، اصطلاحن ۽ تصورن جي حوالي سان سمجهي پڙهي سگهي. ✪ موجوده سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن تي پنهنجي راءِ لکي سگهي. ✪ ڪوبه اخباري مواد يعني (News Story) فيچر يا آرٽيڪل وغيره لکي ۽ پڙهي سگهي.

اسان پاڪستان جو مطالبو ڇو ڪيو هو؟ ڇا اهو مطالبو انهيءَ لاءِ ڪيوسين ته چند افراد، دولت، اقتدار ۽ اختيار حاصل ڪن؟ يا هڪ گروهه ٻين تي غلبو حاصل ڪري، سمورا فائدا حاصل ڪري؟ يا عام ماڻهن جي زندگي هميشه لاءِ مفلسي ۽ بک ۾ بسر ٿئي ۽ مهد کان لحد تائين ناڪامي ۽ نامراديءَ جو شڪار ٿين؟ جيڪڏهن ائين آهي ته اسان بيڪار قربانيون ڏنيون، ليڪن ائين نه آهي.

يونيورسٽين ۽ ڪاليجن مان نڪرڻ کان پوءِ، ڏکڻ ايشيا جا شاگرد انهيءَ دور ۾ داخل ٿيندا هئا، جنهن ۾ سياسي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندا هئا ۽ اهڙن سخت اندروني جهڳڙن سان سندن واسطو پوندو هو، جي مختلف تهذيبن جي ٽڪر سببان لازمي طرح وجود ۾ ايندا هئا. هي اندروني اختلاف ۽ جهڳڙا نه صرف آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ هئا، بلڪ هيءُ خطرو به پيدا ٿي چڪو هو ته جڏهن به آزادي ملندي تڏهن تلخ نتيجا نڪرندا ۽ جو ته آزاديءَ جو اصل مفهوم هيءُ آهي ته پنهنجي مرضيءَ پٽاندر رهڻي ڪهڻي اختيار ڪجي ۽ غور و فڪر جي آزادي هجي. مذهبي، ثقافتي ۽ اقتصادي آزاديءَ کان سواءِ صرف سياسي آزادي بي معنيٰ آهي. انهيءَ ثقافتي آزادي حاصل ڪرڻ خاطر هن ملڪ جي مسلمانن، پنهنجي سياسي تحريڪ جو نصب العين ’پاڪستان‘ قرار ڏنو. سندن نظر ۾ پاڪستان جي حيثيت هڪ تخيل، هڪ مذهب ۽ هڪ سهڻي زندگيءَ جي برابر هئي. اسان پاڪستان وٺڻ جي ڪوشش ان لاءِ ڪئي ته اسان لاءِ هڪ اهڙو قومي وطن هجي، جنهن ڪي اسين ”پنهنجو“ چئي سگهون ۽ جنهن ۾ رهي اسان پنهنجون تقديرون پاڻ ناهي سگهون ۽ پنهنجي قسمتن جو فيصلو پاڻ ڪري سگهون، جنهن ۾ اسان ڪي پنهنجي مذهب جي پيروي ڪرڻ جي پوري پوري آزاي هجي ۽ پنهنجون روايتون قائم ڪري سگهون. رڳو اهڙيءَ طرح اسين هڪ قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي صلاحيتن کان واقف ٿي سگهنداسون.

پاڪستان هن ڪري بہ وجود ۾ آيو، جو اسان هڪ اهڙو سماجي نظام قائم ڪرڻ ٿي چاهيو، جو انصاف، مساوات ۽ انساني اخوت تي قائم هجي، يعني هڪ اهڙو سماجي نظام جنهن ۾ اندروني جهيڙا نہ هجن، هر هڪ شخص کي پنهنجي محنت جو پورو پورو اُجورو ملي، ٻين جي محنت تي مزي ماڻڻ وارا مفت خور نہ هجن ۽ خدا خواهہ ٻانهي، ٻنهي جي نظر ۾ مقبول هجي.

اسان جي سالن جي جدوجهد ان ڪري ڪامياب ٿي، جو اسان جي قوم جو متحد عزم ڪارفرما هو ۽ اُن جي پُٺيان اسان جون گڏيل قربانيون هيون. هاڻي جڏهن اسان جو سياسي نصب العين مقرر ٿي چڪو آهي،تڏهن اسان جو فرض آهي تہ انهيءَ تخيل کي عملي جامو پهرايون، جنهن جو خواب اسان ورهين کان وٺي ڏسي رهيا هئاسون. انهيءَ تخيل جو نالو اسلامي معاشرت يا سماج آهي. ليڪن سوال هيءُ آهي تہ اسلامي سماج چئجي ڇا کي ٿو؟ هي زندگيءَ جي انهي ڍنگ جو نالو آهي، جنهن ۾ هڪ طرف تہ خدا تعاليٰ تي ايمان هجي ۽ ٻئي طرف هيءُ تسليم ڪيو وڃي تہ تمدن جو بنياد عدل ۽ مساوات تي هجي، انساني معاملن ۾ عقل ۽ عرفان جو حڪم هجي ۽ روحاني ترقيءَ جو بنياد نيڪوڪاريءَ تي هجي. هيءُ اهڙو سماج آهي، جنهن ۾ سدائين نفس جي پاڪائي، جسماني صفائي ۽ سماجي سڌاري جو امڪان آهي ۽ جنهن ۾ تمام زياده ماديت ۽ تمام زياده روحانيت جون خرابيون ڪونهن.

هي آهن اسان جون روايتون ۽ اسان جي بزرگن جو ورثو، جنهن کان اسان جي موجوده تاريخ اسان کي الڳ ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي سياسي غلامي، روحاني لحاظ کان اسان کي غلام بنائڻ واري هئي، پر افڪار جو موت مشڪل سان ٿيندو آهي. هيءَ ڳالهہ چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اسان هڪ نئين زندگي شروع ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ اسان کي ڪئين خرابيون نمودار ٿينديون نظر اينديون، مثلاً صدين جي غلاميءَ، ڪاهليءَ، لالچ ۽ خود غرضيءَ کي جنم ڏنو ۽ بزدليءَ، بيرحميءَ، جهالت ۽ بي انصافيءَ بہ پنهنجا مٿا ڪڍڻ شروع ڪري ڏنا آهن، پر اسان کي بزدل ٿيڻ نہ گهرجي. اهي ماضيءَ وارن مرضن جا نتيجا آهن، جي جلد ئي ختم ٿي ويندا. اسان کي گُهرجي تہ صبر ڇڏي نہ ڏيون ۽ نااُميد نہ ٿيون، ڇو تہ جنهن زندگيءَ ۾ اوهان داخل ٿي رهيا آهيو، تنهن ۾ روشن مستقبل

جا آثار ظاهر آهن.

اوهان پنهنجي من جي مرادن پٽاندر پنهنجي دنيا نئين سر جوڙي سگهو ٿا. هاڻي غلاميءَ جي لعنت دور ٿي چڪي آهي، پاڪستان جي صاف صفحي تي توهين نوان نقش چٽي سگهو ٿا، پر انهن جي تڪميل لاءِ اوهان کي ڪافي محنت ڪرڻي پوندي. بيمار دنيا کي همت ۽ اُميد جو پيغام پهچائي سگهو ٿا، جنگ ۽ خون جي عالمگير بيماريءَ جي دوا، انساني اخوت ۽ سماجي ياڻپيءَ ۾ رکيل آهي، جي اسلام جا اصول آهن. اوهان جو ڪم هيءُ آهي ته انهن اصولن کي عملي جامو پهرائي پيش ڪريو.

اوهان کي ٻيو به نيڪ ڪم ڪرڻو آهي، جن ماڻهن پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي، تن کي آءٌ مبارڪباد چوان ٿو. اهي ئي شخص قوم جي مستقبل جا معمار آهن، ڇو ته آئيندي جي اديبن، شاعرن، ججن، سائنسدانن، فنڪارن، انجنيئرن، آفيسرن ۽ سپاهين جي دماغن ۽ سيرتن جا ناهيندڙ آهن. اڄ جو نوجوان شاگرد سڀاڻي جو شهري شخص ٿيڻ وارو آهي، تنهنڪري اُستادن تي وڏي ذميداري عائد ٿئي ٿي. اسان جي روايتي زندگيءَ ۾ هيءُ ڳالهه داخل آهي ته عالمن، فاضلن، مفڪرن ۽ معلمن جي عزت ڪئي وڃي. اسان جي تازي گذريل دؤر ۾ ائين نه هو. اسان جا اسڪول ۽ يونيورسٽيون انهن خصوصيتن کان خالي هيون، جي هڪ آزاد قوم جي علمي ادارن ۾ هئڻ گهرجن. نتيجو اهو نڪتو جو اسان جا اُستاد خواه شاگرد سالم ذهنيت کان اڪثر ڪورا هئا. اُميد آهي ته مستقبل ۾ اسان جا علمي ادارا پنهنجا فرض پوريءَ طرح پورا ڪندا. جيئن اسان جو مستقبل شاندار ٿئي.

(هي مضمون پاڪستان جي پهرين وزيراعظم شهيد لياقت علي خان جي هڪ تقرير تان ترجمو ڪيل آهي. ان جو مترجم علي نواز حاجن جتوئي آهي. شهيد لياقت علي خان آڪٽوبر 1895ع ۾، اوڀر پنجاب جي شهر ڪرنال ۾ پيدا ٿيو. 1919ع ۾ عليگڙهه مان بي-اي پاس ڪيائين ۽ 1922ع ۾ بئريسٽر ٿيو. 1923ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ 1940ع ۾ ڏکڻ ايشيا جي مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. شهيد لياقت علي خان سياست ۾ قائداعظم جو ساڄو هٿ رهيو. 16 آڪٽوبر 1951ع تي راولپنڊيءَ ۾ عام جلسي کي خطاب ڪرڻ دوران ڪيس شهيد ڪيو ويو. سندس تقريرون نهايت اثرائتيون هيون.)

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

(1) پاڪستان ڪيئن وجود ۾ آيو؟ تفصيل سان بيان ڪريو.

(2) هڪ شاگرد جي حيثيت سان مُلڪي ترقيءَ ۾ اوهين ڪهڙو ڪردار سرانجام ڏيندا؟

(3) پاڪستان جي ترقيءَ ۾ علمي ادارن جو ڪهڙو ڪردار هئڻ گهرجي؟ تنقيدي راءِ پيش ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:**

ورثو - ڪاهلي - اقتدار - تخيل - مساوات - امڪان - سُڌارو - نصب العين - افڪار - اختلاف - عالمگير

**(ج)** ڪنهن سماجيات يا معاشيات جي ماهر جي سماجي يا معاشي معاملن بابت تقرير ٻُڌو ۽ ان بابت پاڻ ۾ گفتگو ڪريو.

**(د)** اوهين پاڪستان جي جاگرافيءَ جو گوگل يا يُوٽيوب ذريعي اڀياس ڪريو ۽ ان کي ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

**(هہ)** مُلڪي سياست ۾ ايندڙ مثبت ۽ منفي لاڙن تي پنهنجي راءِ تحرير ڪريو.

**(و)** ’پاڪستاني قوميت جو مقصد‘ مضمون جي اهم نُڪتن کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

**سرگرمي:** اُستاد، اخبارن ۾ آيل فيچر يا آرٽيڪل، ٻارن کي سندن پسند موجب پڙهڻ لاءِ ڏئي ۽ انهن مان ڪجهه اهم نُڪتن لکڻ جي هدايت ڪري ۽ ڪلاس ۾ ٻُڌائڻ لاءِ چئي.

# رشيد ڀٽي



جنم: 1933ع

وفات: 1988ع

رشيد ڀٽي هڪ ئي وقت افسانہ نويس، صحافي، شاعر، نقاد، ترجمي نگار، ناول نويس ۽ مضمون نگار هو. سندس پورو نالو عبدالرشيد ولد حافظ عبدالحميد ڀٽي هو. هُو 20 آگسٽ 1933ع ۾ سنڌ جي قديم شهر ’اروڙ‘ تعلقي روهڙي، ضلعي سکر ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم سکر مان حاصل ڪئي. هُن 1959ع ڌاري لا ڪاليج سکر مان ايل ايل بي ڪرڻ کان پوءِ وڪالت شروع ڪئي. 1984ع ڌاري سنڌي ادب ۾ ايم-اي ڪيائين. سندس والد حافظ عبدالحميد ڀٽي پڻ مشهور عالم، اديب ۽ صحافي هو. رشيد ڀٽي مختلف اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو. سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل ۽ پاڪستان رائيٽرز گلڊ سنڌ جو سيڪريٽري بہ رهيو.

سندس والد حافظ عبدالحميد ڀٽي سکر مان ’المنار‘ نالي اخبار ڪيندو هو، جتي وڏا وڏا عالم ۽ صحافي ايندا هئا، جن ۾ پير حسام الدين راشدي، علي محمد راشدي، رحيمداد خان مولائي شيدائي، مولانا دين محمد وفائي، عبدالڪريم چشتي ۽ ٻيا اديب شامل هئا. ذڪر ڪيل عالم پنهنجي دور جا وڏا عالم ۽ اڪابر هئا. رشيد ڀٽيءَ کي انهن جي صحبت نصيب ٿي، جتان هن ڪافي پرايو. رشيد ڀٽي، نامور شاعر شيخ اياز جو همعصر هو. هُن شيخ اياز جي نظم ۽ نثر تي ڪيترائي تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا لکيا.

رشيد ڀٽيءَ ڪهاڻين ۾ معاشي مسئلن کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي. هُن معاشي مسئلن سان لاڳاپيل هر موضوع ۽ هر ڪردار تي ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ ’ٻُڙ‘، ’جيئي سنڌ‘ ۽ ’ديس ستاہ دل وارا جاڳيا‘ اهم آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ’گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ‘ (ڪهاڻيون)، ’اوپارين لهوارين‘ (تقريرون)، ’چتر ليکا‘ (ترجمو: هندي ناول)، ’ويرن جي وسندي‘ (ترجمو: ويتنامي ناول)، ’پاپ ۽ پيڙا‘ ۽ ٻيا شامل آهن. رشيد ڀٽي 1988ع ۾ وفات ڪئي.

# پورهيتن جو ڏينهن

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪنهن به اڻ چپيل يا ٽيڪنيڪي (ڪمپيوٽر) متن کي لکي سگهي، ان جو تجزيو ڪري ۽ پنهنجي تنقيدي راءِ سان گڏ ان کي تبديل ڪري، پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي. ✪ ڪنهن به علمي مضمون ۾ لفظن، ترڪيبن ۽ اصطلاحن جي استعمال جي موزونيت جو ادراڪ ڪري سگهي ۽ نفس مضمون جو فهم حاصل ڪري سگهي. ✪ مرڪب جملن جو دُرست استعمال ڪري سگهي. ✪ مباحثن، مذاڪرن ۽ سيمينارن ۾ حصو وٺي ۽ ڪنهن به موضوع جي موافقت يا مخالفت ۾ دليلن ۽ آدابن سان پنهنجو نقطه نظر پيش ڪري سگهي.

پورهيتن جي جدوجهد ۽ پنهنجي حقن لاءِ لڙڻ جي تاريخ ۾، پهرين مئي جي ڏينهن کي وڏي اهميت آهي. سڄيءَ دنيا ۾ هر سال، هي ڏينهن 'پورهيتن جو ڏينهن' ڪري ملهايو ويندو آهي. سن 1886ع جي مئي مهيني جي پهرينءَ تاريخ تي آمريڪا جي مزورن ۽ پورهيتن، سرمائيدارن ۽ نفعي خورن خلاف بغاوت جو جهنڊو هٿ ۾ ڪنيو. ان ڏينهن سج اُڀرڻ سان ئي لکن جي تعداد ۾ مزور اچي شڪاگو ۽ ٻين شهرن جي گهٽين ۾ ڪٺا ٿيا. هو شاهوڪارن ۽ مِلن جي مالڪن جي ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف آواز اُٿاري رهيا هئا ۽ پنهنجا حق گهري رهيا هئا. مٿن ٿيندڙ ظلمن کين هڪ ڪري ڇڏيو هو. هو پنهنجا سمورا ويڇا وساري، ڏاڍ سان منهن ڏيڻ لاءِ، پاڻ ۾ ٻَٽ ٿي چڪا هئا. هو حق ۽ سچ جي راهه تي هئا. هنن کي پنهنجي جدوجهد ۾ ويساهه هو ۽ سوڀ جي پڪ هئي. هنن جي مکيه گُهر اها هئي ته "هو سورهن يا ارڙهن ڪلاڪن بجاءِ، رڳو اٺ ڪلاڪ روز ڪم ڪندا."

پورهيتن، سرمائيدارن يا موڙيءَ وارن خلاف اها بغاوت ڇو ڪئي؟ مالڪ ۽ مزور جو اهو جهيڙو ڇو پيدا ٿيو؟ ان سمجهڻ لاءِ اسان کي سماجي سرشتن جي اوسر جي تاريخ جو اڀياس ڪرڻو پوندو.

جاگيرداري ۽ زمينداري سرشتي واري سماج ۾ شين جي پيداوار گوناگون دستڪارين ۽ گهرو هنرن وسيلي ٿيندي هئي. ساڳيو ئي گهر جو مالڪ ۽ سندس ياتي ان ننڍڙي ڪارخاني جا مالڪ به هوندا هئا ته مزور به. ماڻهن جون گُهرجون ٿوريون هونديون هيون، ان ڪري اها ننڍڙي پيماني واري پيداوار ئي، انهن جو پورائو ڪري ڇڏيندي هئي. زماني جي ترقيءَ سان گڏ هوريان هوريان ماڻهن جون گُهرجون به وڌنديون ويون. ان ڪري شين جي لوڙ به وڌندي ويئي. هٿن سان ماڻهو گهٽيون شيون پيدا ڪري ٿي سگهيا. چوندا آهن ته، "ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي." سو انسان تڪڙي ۽ گهڻي پيداوار هٿ ڪرڻ

لاءِ مشينون ۽ ڪلون ايجاد ڪيون. ان مشيني دؤر ۾ سرمائيداري سرشتي جو پايو پيو. اڳ جو مالڪ پاڻ پورهيو ڪندو هو، تنهن مشين تي ڪم ڪرڻ لاءِ مزور لڳايا. مزور محنت ڪندو رهيو ۽ مالڪ رڳو سرمايو يا موڙي سيڙائي وينو ان جو نفعو ۽ ڪتيو ڪائيندو هو. اهڙيءَ ريت سماج ۾ ٻه طبقا يعني سرمائيدار ۽ پورهيت پيدا ٿيا. طبقن جو اختلاف تڏهن به جاري رهيو. جاگيرداري سرشتي ۾ جاگيردار ڦورو ۽ هاري طبقو ڦرجندڙ ته وري هن سرشتي ۾ اها جاءِ سرمائيدار ۽ مزور والاري، پيداوار جي وسيلن تي ڪن ٿورن سرمائيدارن جو قبضو رهيو، جي پورهيت جي پورهئي جي ڦرمار ڪندا رهيا.

پورهيتن جي پورهئي جي ڦرمار يا ڦرلٽ ئي سرمائيدار ۽ مزور جي طبقاتي جنگ جو پايو وڌو. اسين ڏسون ٿا ته هر شيءِ جي پيداوار ۾ گهٽي ۾ گهٽو حصو پورهيت جي پورهئي جو هوندو آهي، پر ڪتيو گهڻو يا اجا ٻه چئجي ته ذري گهٽ سارو، سرمائيدار ٿو ڪائي، هو رت ست ڏيئي لکين ميٽرڪ ٽن ڪوئلو ڪاڻين مان ڪوٽي ڪڍي ٿو، پر ڪيس ايترو ڪوئلو به نصيب نٿو ٿئي جو ٻه ڏينهن چلهه گرم رکي سگهي. هو هڏ ڳڏ ٽڪائي هزارين ميٽر ڪپڙو اُٽي ٿو، پر ڪيس ٻُت تي پائڻ لاءِ به ڪپڙو نصيب نٿو ٿئي. هو گهاٽي جي ڏاند جيان ڳهي ڳهي هزارين ميٽرڪ ٽن کنڊ تيار ڪري ٿو، پر ڪيس عيد برات تي به ڪا چپٽي مشڪل ملي ٿي. ٻئي پاسي سرمائيدار، ان جي پورهئي مان پيدا ٿيل شين جو وڪرو ڪري، ناجائز نفعو ڪائي، وجي ٿو ڏينهون ڏينهن ڪروڙ پتي ۽ ارب پتي ٿيندو. ان غير برابريءَ، بي انصافيءَ ۽ ظلم ئي مزور کي سرمائيدار خلاف پڙڪايو.

اِن اختلاف ڇتي ۽ چوکي صورت تڏهن اختيار ڪئي، جڏهن شين جي گهرج وڌي وڃڻ سبب سرمائيدارن ۽ ڪارخانيدارن جي پاڻ ۾ چٽاڀيٽي ۽ ڊوڙ شروع ٿي، هر مِل جو مالڪ چاهڻ لڳو ته سندس مال گهٽي ۾ گهٽو پيدا ٿئي ۽ جهجهي انداز ۾ وڪامي. گهٽي مال نهڻ لاءِ ضروري آهي ته مزور گهٽو وقت ڪم ڪن. گهٽي وڪري لاءِ وري اهو ضروري آهي ته مال سستو وڪامي. مال سستو تڏهن وڪرو ٿيندو، جڏهن ان تي لاڳت ٿوري ايندي. ان ڪري هر ڪارخانيدار اها ڪوشش ڪرڻ لڳو ته سندس مزور ٿوري ۾ ٿوري مزوريءَ يا اجرت تي گهٽي ۾ گهٽو ڪم ڪن. ان ڪري هو نه رڳو مزورن جي مزوري گهٽائڻ لڳا، پر هنن کان ڪم به گهٽو وٺڻ لڳا. نتيجو اهو نڪتو، جو گهٽي ڪم سبب مزور ويو هيٺو ۽ بيمار ٿيندو. ٻئي پاسي، ڪيس ايترو به ڪين ملندو هو، جو هو ڪاڏو خوراڪ خريد ڪري پاڻ کي سگهارو رکي سگهي، يا دوا درمل ڪري، صحت قائم رکي سگهي. هو سک سهنج ته

ڇا پر جيئري رهڻ جي ضرورتن کان بہ محروم ٿيو. سُنو ڪاڌو، چڱي رهائش، تعليم ۽ تندرستي تہ هو خواب ۾ بہ نہ ڏسي سگهندو هو. ٿوري ۾ هو انسان نہ پر جانور وچي رهيو هو. هن کي اتي، لٽي ۽ اجهي جهڙين بنيادي ضرورتن کان بہ نپٽ جواب ٿي مليو.

مزورن پنهنجي حقن گهرڻ لاءِ هڙتالون شروع ڪيون. سرمائيدارن سندن گهرون پوريون ڪرڻ بجاءِ ڪين نوڪريءَ مان ئي نيڪالي ڏيئي پئي ڇڏي. هو انهن جي جاين تي نوان مزور پرتي ڪندا هئا، يا وري هڙتالي مزورن کي هرڪائي، ريهي ريبي ڪم تي آڻيندا هئا يا وري غير هڙتالي مزورن کي وڏيڪ روز جي لالچ ڏئي ڪانئن بيٽو ٽيٽو ڪم وٺندا هئا. اُن حالت مزورن کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ جو احساس ڏياريو. هُنن ملي ڪري جماعتون (Trade Unions) ناهيون ۽ پنهنجي هلچل لاءِ جدوجهد کي اڳتي وڌايو ويو.

پهرين مئي وارو مظاهرو بہ هن هلچل جي هڪ چمڪندڙ ڪڙي آهي. ان ڏينهن تي آمريڪا جي ڪن صنعتي شهرن ۾ مزورن پُرامن جلوس ڪڍي، پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ هلچل هلائي. سڀ کان وڏا جلوس ۽ مظاهرا شڪاگو شهر ۾ ٿيا. سرمائيدارن جي سرڪار مظلومن جي حق ۽ سچ جي آواز ٻُڌڻ کان انڪار ڪيو. سچ ۽ انصاف جي نعرن تي هوءَ مچرجي ويئي. انهن مظلومن ۽ امن پسند مزورن تي سرڪار جي حڪم سان بي روڪ ٽوڪ گولين جو مينهن وسايو ويو. ڪيترائي مزور مري ويا. شڪاگو جا رستا رت سان وهڻ لڳا. سرمائيدارن ۽ انهن جي چاڙتي سرڪار سمجهيو هو تہ ائين ڪرڻ سان مزور کي ماري مات ڪندا ۽ سندس اُٿيل آواز کي گهُٽي ڇڏيندا! پر هو ڀُليل هئا. حق کي ڪوبہ دٻائي نہ سگهيو آهي. هو مانجهي مڙس بہ مڙڻ وارا نہ هئا. هو اڳتي وڌندا رهيا، پٺتي نہ هٽيا. هنن پنهنجي ساٿين جي هاريل رت مان ڪپڙا ريٽا ڪري پنهنجا جهندا ناهيا. هنن ائين مزور تحريڪ کي جهنڊو ڏنو. اڄ بہ سڄي دنيا جي مزورن جي جهنڊي جو رنگ ڳاڙهو آهي. ان تي سرڪار صبر نہ ڪيو. هزارين پورهيت اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا، سَون کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو. سرمائيدار مزورن کي ماري تہ سگهيا، پر سندن هلچل کي مات نہ ڪري سگهيا. اهي خوشنصيب حق جي راهہ تي جان ڏيئي شهادت جو پيالو پي ويا، پر مزورن جي آواز ۽ نعري کي زنده ڪري ويا، آخر دنيا کي انن ڪلاڪن واري اصول کي مڃڻو پيو.

اڄ بہ سڄيءَ دُنيا جا مزور ۽ پورهيت هر سال پهرين مئي تي انهن شڪاگو جي شهيدن کي سلام ڪري، پنهنجي هلچل ۾ نئين جان وجهندا آهن ۽ اڳتي وڌندا آهن. اڄ بہ هي انسان دنيا جي پورهيتن لاءِ وهائو تاري جي حيثيت رکن ٿا. انهن جو رت پورهيت

تحريڪ جون راهون روشن ڪري ويو آهي. اهو ڏينهن پري نہ آهي، جڏهن هو پنهنجي جائز حقن حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا ۽ هر ڪنهن کي پنهنجو حق ملندو. هينئر ڪو ڪنهن جي ڦُرلُٽ نہ ڪندو، نہ وري ڪو ڪنهن جي رت پت تي پلجندو. اوچ نيچ جا سنڌا ميٽجي ويندا ۽ سڀ انسان ذات صحيح معنيٰ ۾ 'اشرف المخلوقات' ٿي پوندي ۽ هي سڀ خوبيون اسان کي مذهب اسلام ۾ موجود نظر اينديون.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) پورهيتن جي ڏينهن جي ڪهڙي اهميت آهي؟ بيان ڪريو.

(2) پهرين مئي 1886ع واري مزورن جي هلچل جا ڪهڙا مثبت اثر پيا؟ انهن بابت ٻڌايو.

(3) ”شڪاگو جا شهيد، دُنيا جي پورهيتن لاءِ واهائو تاري جي حيثيت رکن ٿا“ ان جو مفهوم کولي ٻڌايو.

### (ب) هيٺ ڏنل ٻٽن لفظن جي معنيٰ لکو ۽ مرڪب جُملن ۾ ڪم آڻيو:

اُوچ نيچ - هڏڱُڏ - سک سهنج - روڪ ٽوڪ - رَتُ پِتُ

### (ج) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) پهرين مئي تي ملهايو ويندو آهي:

(1) والدين جو ڏينهن (2) مزورن جو ڏينهن (3) ٻارن جو ڏينهن (4) انساني حقن جو ڏينهن

(2) 'رت ست' گرامر موجب ٻٽو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) تندرستي ۽ بيماري (2) تندرستي ۽ صفائي
(3) تندرستي ۽ طاقت (4) تندرستي ۽ ورزش

(3) پورهيتن جو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد آهي:

(1) حقن جي حاصلات (2) دولت جي حاصلات (3) عزت ماڻڻ (4) شهرت ماڻڻ

(4) پورهيتن جي جدوجهد کان پوءِ سندن مطالبي موجب مزوريءَ جو وقت طئي ٿيو:

(1) اٺ ڪلاڪ (2) ٻارهن ڪلاڪ (3) سورهن ڪلاڪ (4) ارڙهن ڪلاڪ

(د) ’پورهيتن جو ڏينهن‘ ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ ڪهڙيءَ ريت ملهايو ويندو آهي؟ جديد ٽيڪنالوجي ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري، ان جو تجزيو ڪريو ۽ پنهنجي تنقيدي راءِ لکو.

(هه) مضمون ’پورهيتن جو ڏينهن‘ ۾ ڪهڙا ڪهڙا اصطلاح ۽ ترڪيبون استعمال ڪري، مضمون کي وڌيڪ وڻندڙ بڻايو ويو آهي؟ بيان ڪريو.

(و) اوهان ڪنهن به سيمينار يا مذاڪري ۾ شرڪت ڪئي هجي ته ان جي اهميت بابت ڪلاس ۾ گفتگو ڪريو.

**سرگرمي:** مختلف پورهيتن (ڪوري، ڌوٻي، ڪنيار، لوهار، درزي، ڊکڻ، رازو، هاري وغيره) کان انٽرويو ڪريو ۽ سندن مسئلا معلوم ڪري لکوءِ ڪلاس ۾ ٻُڌايو.

# علامہ آءِ-آءِ قاضي



ولادت : 1886ع

وفات : 1968ع

علامہ آءِ آءِ قاضي 1886ع ۾ دادو ضلعي جي ڳوٺ پاٽ شريف ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو امام علي قاضي هو. 1905ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ 1911ع ۾ لنڊن مان بئريسٽري جي ڊگري وٺي وطن موٽي آيو. ڪجهہ عرصي لاءِ خيرپور رياست ۾ ڊسٽرڪٽ جج ۽ هوم ميمبر ٿي رهيو. پر هن گهڻو عرصو اسلام جي اشاعت خاطر ولايت ۾ گذاريو. علامہ آءِ آءِ قاضي اعليٰ مفڪر، فيلسوف ۽ تعليمدان هو. 1923ع ۾ هڪ مضمون لکڻ تي کيس لنڊن جي پوئٽري سوسائٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ نامزد ڪيو ويو. 1928ع ۾ هڪ ٻئي مضمون لکڻ سبب کيس فلاسافيڪل سوسائٽيءَ جو عمر ڀر لاءِ فيلو مقرر ڪيو ويو. علامہ آءِ آءِ قاضي جڏهن بہ ڪا تقرير يا وري مضمون لکندو هو تہ پنهنجي ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ انهن ۾ بيشمار مثال شامل ڪندو هو. سندس مضمونن ۾ تعليمي اصلاح تي زور ڏنل آهي. مضمونن ۾ پنهنجا فلسفياڻا خيال تمام سَولي ۽ بهترين انداز ۾ بيان ڪيا اٿس، جا سندس مضمونن جي وڏي خوبي آهي. سندس چيپل ڪتابن ۾ 'صوفي لاڪوفي'، 'حسن سندو حق' ۽ 'اهو ڪو بيو فهم' آهن. 1933ع ۾ قاضي صاحب، برناردشا جي مشهور ڪتاب 'ائڊونچرس آف بليڪ گرل اِن سرچ آف گاڊ' جي نموني تي هڪ ڪتاب 'ائڊوينچرس آف برائون گرل اِن سرچ آف گاڊ' لکيو. جنهن سندس نالو هيڪاري مشهور ڪيو. هن 1938ع کان 1946ع تائين ڪراچيءَ ۾ نوجوان مسلمان شاگردن کي تقريرن ذريعي اسلام کان آگاهہ ڪيو. 1951ع کان 1959ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿي رهيو. علامہ صاحب شاهہ جو رسالو پڻ سهيڙيو آهي، جنهن ۾ 29 سُر ڏنل آهن. آخري ڏينهن ۾ پاڻ شاهہ جي رسالي تي انگريزيءَ ۾ شرح لکي هئائين، جا سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪئي آهي. علامہ آءِ آءِ قاضي 13 اپريل 1968ع ۾ وفات ڪئي.

# دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ

**سکيا جي حاصلات** ✪ ڪنهن به مضمون کي ان جي جزن، خاصيتن، اصطلاحن ۽ تصورن جي حوالي سان سمجهي پڙهي سگهي. ✪ لغت کي اشتقاق جي صورت، لغوي معنىٰ، ظاهري معنىٰ، اصطلاحي معنىٰ، بازاري ڳالهه ٻولهه ۽ ٻين قسمن جي حوالي سان استعمال ڪري سگهي. ✪ تنقيدي طريقن کان آگاهه ٿي سگهي. ✪ فعل اڪرترڪ يعني ٻي فاعل فعل بابت ڄاڻي سگهي. ✪ تنقيد جي اصولن کان آگاهه ٿي سگهي ۽ عملي تنقيد ڪري سگهي.

اسان جو موجوده دؤر ’بين الاقواميت‘ تي نازان آهي، حالانڪ انهيءَ نظريي جو بنياد ديني خواهه قانوني طور اڄ کان تقريباً چوڏهن سؤ سال اڳي رکيو ويو. پر انهيءَ هوندي به اسين مسلمان اڄ به دل و جان سان پڪا ’قومپرست‘ آهيون. عجب ته اهو آهي جو خود قرآن جي دين کي ’قومي نظريي‘ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي جو هر معاملي ۾ ’منهنجو‘ ۽ ’تنهنجو‘ خيال ڪارفرما آهي، ۽ انهيءَ ڪري هر ڪوئي ’پنهنجن‘ شاعرن تي فخر ڪري ٿو. اهڙي خيال ۾ ڪوبه حرج ڪونهي، بشرطيڪ ڪو صاحب محض ’پنهنجي‘ کي چمڪائڻ خاطر، ٻئي جي گهٽتائي نه ڪري. درحقيقت، صحيح ذوقِ حسن مفقود آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي حسن کي انهيءَ لاءِ نٿو ساراهيو وڃي جو هو حسن آهي، پر محض انهيءَ لاءِ ته اهو ’منهنجو‘ آهي. لهٰذا شاهه عبداللطيف رحه متعلق ڪنهن به راءِ قائم ڪرڻ لاءِ اسان ڪيس انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پيٽڻ نٿا گهرون، جا اسان جي پنهنجي دل چاهي ٿي، پر ان لاءِ اسان اهي تنقيدي معيار مدنظر رکنداسون، جي اڄوڪي ادبي دنيا ۾ مُسَلَّم ۽ مروج آهي.

**پهريون معيار:** اٽڪل هڪ سؤ سال اڳ ڪارلائيل (Carlyle) پاڻ نظم کي ڇڏي نثر اختيار ڪيو ۽ چيائين: جيڪڏهن ويد، انجيل ۽ قرآن به نثر ۾ آهن ته منهنجي لاءِ به اهوئي ڪافي آهي. نظم نويسن جي استفادي خاطر وڌيڪ هيئن به چيائين ته: جيڪڏهن اوهان جو نظم ڳائڻ جي لائق نه آهي ته ان کي ’شعر‘ هرگز نٿو چئي سگهجي، ۽ ان جو لکڻ ئي فضول آهي.

هاڻي اچو ته دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پرکيون، پوءِ ڪٽي اهو شيڪسپيئر (Shakespeare) هجي يا ملٽن (Milton)، گوئٽي (Goethe) هجي يا

ڊانٽي (Dante)، ويندي وٽمين (Whitman) تائين، ڏسون ته اهو انهيءَ معيار تي پورو اچي ٿو؟

پر انهيءَ فيصلي کان اڳ اچو ته اُن مطابق جيڪي ڪجهه پاٽمرادو طيءِ ٿي چڪو آهي، انهيءَ تي غور ڪريون. سوال آهي ته آيا سندن شعر جي هر هڪ مصرع خود سندن ملڪ ۾ هن کان اڳ ڳائجي چڪي آهي يا نه؟ هن سلسلي ۾، هن سوال کي، ته آيا سندن ڪلام هن وقت ڳائڻ جي لائق آهي يا نه، پل ڪٽي درڪنار ڪجي. انهي باري ۾ موجوده نئين روشنيءَ جو صاحب مبادا مُرڪي چوي ته ”پر، سندن سمورو ڪلام ڪو Lyrical نه آهي. پر اهڙن بين عنوانن تي مشتمل آهي جن جو ڳائڻ لازمي نه آهي.“ هائو، پر اهو دليل پوءِ ڪارلائيل جي نظريي جي عين مطابق ناهي.

لطيف پنهنجن بيتن کي ڪڏهن به ’ڪارنامو‘ (Works) ڪري نه ڄاتو، ڇاڪاڻ ته سندس واسطي انهن جي چوڻ ۾ ڪنهن به خاص قسم جي ’ڪوشش‘ جي ضرورت ئي ڪانه هئي. هن اهي بيت هڪ اهڙيءَ وجداني ڪيفيت ۾ چيا، جنهن ۾ ’ڪوشش‘ جي گنجائش ئي ڪانه هئي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي شعر کي ’نياپو‘ ڪري سڏيو ۽ سندس شعر جي هر هڪ مصرع، بنا ڪنهن خاص تنقيد جي ڳائجي رهي آهي. جن ماڻهن سندس ڪلام کي سمجهيو آهي، خواه اهي ماڻهو، جن ان کي ذري جيترو به ڪين سمجهيو آهي، سڀيئي سندس بيتن کي آلاپين پيا. بهرحال، سندس شعر ڳائجي پيو ۽ ماڻهن کي ان جي ڳائڻ کان ڪير به موڙي نٿو سگهي. هيءَ حقيقت ڪارلائيل جي نظريي جي مڪمل تائيد ڪري ٿي ته بيشڪ شعر اهو آهي، جنهن کي هر هڪ ماڻهو پڙهڻ جي بدران ڳائڻ چاهي ٿو.

جيئن اسان راڳ کي ’آوازن جي تنظيم‘ سمجهون ٿا، تيئن هڪ عرب مصنف شعر کي ’لفظن ۾ سمايل راڳ‘ ڪري ڄاڻايو آهي، يعني ته هو انهيءَ نظريي کي ترجيح ڏئي ٿو ته هر مصرع ۾ ترنم جي خصوصيت جو هجڻ شعر جو هڪ لازمي جز آهي، بس! دنيا جي سڀني وڏن شاعرن جي ڪلام کي پرکڻ لاءِ اها پهرين ڪسوٽي آهي. ڪوبه صاحب ان کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پيٽي پنهنجو نتيجو ڪڍي سگهي ٿو.

ممڪن آهي ته ڪو صاحب مختلف شاعرن جي ڪلام جي ضخامت جي حجت اُٿاري، پر انهيءَ ڏس ۾ به لطيف جي ڪلام جو ذخيرو دنيا جي اڪثر وڏن شاعرن جي ڪلام جي ذخيري جي ڀيٽ ۾ ڪافي ڪجهه آهي. سندس رسالي ۾ ڪم و بيش 36- مختلف عنوان ۽ اُنهن مان هر هڪ جا ڪيئي مختلف داستان آهن. انهيءَ لحاظ سان به، سواءِ شيڪسپيئر ۽ گوئٽي جي، بين ڪن ٿورن شاعرن جي ڪلام جو ذخيرو سندس

پيٽ ۾ اچي سگھندو.

**ٻيو معيار:** ٻيو معيار، جو موجود دؤر جا وڏا نقاد شعر کي پرکڻ لاءِ تسليم ڪن ٿا، سو هيءُ آهي تہ آيا شعر جي ڪلام جي ڪنهن بہ مصرع ۾ ڪوبہ اهڙو لفظ بدلائي سگهجي ٿو يا، جو انهيءَ تبديلي سان مصرع کي زياده موثر يا فصيح بنائي سگهي يا ان ۾ وڌيڪ ترنم پيدا ڪري سگهي؟

هڪ دفعي جڏهن بن جانسن (Ben Jonson) کان پڇيو ويو تہ هو پنهنجي نظم جي ڏهن ڪان بہ زياده تصحيح ڪري ٿو، حالانڪ شيڪسپيئر ڪڏهن بہ پنهنجي شعر جي دوباره اصلاح ڪانہ ڪئي. تڏهن جواب ڏنائين تہ سندس خيال موجب بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن شيڪسپيئر ويھہ دفعا پنهنجي شعر جي اصلاح ڪري ها. پر انهيءَ هوندي بہ زمانو شاهد آهي تہ سندس اهو نظم، جنهن جي ڏهہ دفعا تصحيح ڪئي ويئي آهي، ان ۾ اجا بہ اصلاح جي گنجائش باقي آهي، پر شيڪسپيئر جون في البديھہ چيل مصراعون اصلاح کان بالاتر آهن ۽ انهن مان گهٽ ۾ ڪنهن بہ هڪ لفظ جي ڦير گهير سڄي مصرع جي ترنم کي تباھہ ڪري ڇڏيندي. بهرحال اهڙي تبديلي سُڌاري جي بدلي نقصانڪار ثابت ٿيندي.

حقيقت ۾ ڪنهن ورلي شاعر جو ڪلام هن معيار تي پورو بيهي سگهندو. پر لطيف جي ڪلام ۾ تہ فقط هڪ لفظ جي تبديلي بہ سڄي لئي جي ترنم کي بگاڙي ڇڏي ٿي، بلڪ ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ناقابل برداشت بنائي ڇڏي ٿي. بس! امڪان نہ آهي جو ڪنهن بہ مصرع ۾ رڳو هڪ لفظ بہ هٽائي يا مٽائي سگهجي. سندس سڄو ڪلام انهيءَ نفيس توازن، نزاڪت جو حامل آهي. نہ فقط هر هڪ مصرع، پر هر هڪ لفظ ۽ ان جي بيهڪ کي هڪ خاص اهميت آهي ۽ ان جو بدلائڻ محال آهي.دنيا جو ڪوبہ شاعر سندس ڪلام جي سڄي ذخيري جي نقط نگاھہ کان هن پرکا ۾ پورو بيهي نہ سگهندو. ٻين شاعرن کي تہ ڇڏيو، پر خود شيڪسپيئر جي بہ ڪيترن ئي مصراعن کي ترميم بعد بهتر سمجهيو ويو آهي. موجوده يورپي نقادن ڪنهن بہ شاعر جي شعر کي پرکڻ واسطي اهو بہ معيار مقرر ڪيو آهي.

**ٽيون معيار:** اهي مٿيان بہ معيار ڪنهن بہ شاعر جي، دنيا جي شاعرن جي قطار ۾ درجي مقرر ڪرڻ واسطي ڪافي آهن. پر اجا بہ ٽيون هڪ آخرين، نهايت اهم ۽ ناگزير معيار آهي. جو ازروءِ جامع تنقيد، قطعي طور ڪنهن بہ شاعر جي درجي قائم ڪرڻ لاءِ

تجويز ڪيو ويو آهي. اهو معيار آهي زبان جو استعمال، جنهن جي ذريعي شاعر پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري ٿو.

چيو وڃي ٿو ته ملٽن پنهنجي جملي ڪلام ۾ انگريزي زبان جا اَٺ هزار لفظ ۽ شيڪسپيئر سورهن هزار لفظ استعمال ڪيا آهن. لفظن جي صحيح استعمال ڪي درڪنار ڪندي به، خيالات جي وسعت کي تورڻ تڪڻ جو هيءُ فقط هڪ طريقو آهي. درحقيقت، زبان واري معياري پرک جو اهو (الفاظ جو ڳاڻيٽو) ڪو موزون ترين طريقو نه آهي. سوال آهي ته سورهين صديءَ واري انگريزي زبان اندر، خيالات جي اظهار جي وسعت جيڪا شيڪسپيئر پيدا ڪئي، انهيءَ کان وڌيڪ وسعت پيدا ڪرڻ جو به ڪو امڪان هو يا؟ ٻين لفظن ۾، معيار آهي زبان ۾ زياده کان زياده خيالات جي اظهار لاءِ وسعت پيدا ڪرڻ. سواءِ شيڪسپيئر جي ڪنهن ٻئي شخص جي نه وهم گمان ۾ نڪي امڪان ۾ ئي هو ته هُو ايلزبيٿ جي دؤر واري انگريزي ٻوليءَ ۾ اهي خيالات اظهار ڪري، جي شيڪسپيئر ڪيا. ڊانٽي ۽ گوئٽي جي حالت ۾ به اهو چوڻ صحيح ٿيندو، پر سواءِ شيڪسپيئر جي، ٻوليءَ جي وسعت پيدا ڪرڻ واري جنهن منزل کي هو پهتا، سا نسبتاً گهٽو گهٽ هئي، بمقابله انهيءَ ارڙهين صديءَ واريءَ سنڌي زبان جي، جنهن کي لطيف نباهيو، وڌايو ۽ ويجهايو. ڪنهن جي وهم گمان ۾ ئي نٿو اچي ته لطيف واري زبان ڪا انهيءَ دؤر ۾ سنڌ اندر ڳالهائي ويندي هئي! سنڌي، جا زياده ۾ زياده ته به هڪ صوبائي محاوري جي منزل تي هئي، سا شاهه جي هٿن ۾ هڪ نهايت گرانمايه ۽ وسيع ترين ٻولي بنجي پيئي، ايتري جو اسين نه سڃاڻي ٿا سگهون ۽ نڪي سمجهي ٿا سگهون ته سندس زبان ڪا اها ساڳي سادي صوبائي ٻولي آهي. لهٰذا، انهي ناگزير معيار مطابق پڻ يورپ جي وڏن نقادن آخرين تصور ڪيو آهي، ڪاميابيءَ جو سهرو لطيف جي سر تي ئي آهي.

اِهي ٽي معيار، جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن، سي اسان جا نه پر دنيا جي نهايت ترقي يافته قومن جا تجويز ڪيل آهن ۽ انهن جي ذريعي اهو آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهندو ته سواءِ لطيف جي، دنيا جو ڪوبه شاعر انهن تي هر پهلوءَ کان پورو نٿو اچي سگهي.

هت اسان تصوف جي گهرائي، تخيل جي پرواز، شاعرانه فهم و نظر ۽ فطري نغمه سرائيءَ وارن نُڪتن جو بيان ئي نٿا ڪريون، اهو هڪ جداگانه باب آهي. اسان هت انهيءَ مسئلي کي به ڇڏي ڏيون ٿا ته شاهه جو شعر ڪيتريقدر انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي

روشن ڪري ٿو ۽ نڪي وري اسان انهيءَ پنهنجي عام مروج مسئلي ڪي ٿي چيڙيون ٿا تہ شاهہ جو شعر ڪيتريقدر قرآن کان متاثر آهي ۽ ڪيتريقدر ان جو تفسير، نڪي وري اسان جو مقصد آهي تہ ڪو شاهہ جي پيٽ روميءَ سان ڪريون، جنهن جي ’مثنوي‘ متعلق چيو ويو هو تہ:

’هست قرآن در زبانِ پهلوي.‘

اهي جملي نُڪتا اسان جي محققن جي توجہ جي لائق آهن، انهن تي ڪتابن جا ڪتاب لکي سگهجن ٿا. انهن جي اُپٽار جو نہ هي موقعو آهي ۽ نہ مهل. تنهنڪري اسان انهن ٽن معيارن تي اڪتفا ڪريون ٿا، جي مٿي بيان تي چڪا آهن. پل تہ دنيا پاڻ ڏسي، بشرطيڪ ان ڪي اهي اکيون آهن جن تي تنگ ”قومي“ جذبات جو پردو چڙهيل ناهي!

(هيءُ مضمون مرحوم علامہ آءِ-آءِ قاضيءَ جي شاهہ جي رسالي تي انگريزيءَ ۾ لکيل شرح جو سنڌي ترجمو آهي.)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ڪهڙن عالمي تنقيدي معيارن موجب شاهہ صاحبؒ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ثابت ڪيو آهي؟ تفصيل سان لکو.

(2) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ شاعريءَ ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي ڪهڙي وسعت ڏني؟ بيان ڪريو.

(3) شاهہ عبداللطيفؒ جو شعر انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ڪيتري قدر روشن ڪري ٿو؟ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جا اشتقاق ڪري، انهن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ لکو:

بين الاقوامي - ترقي يافتہ - نقصانڪار

### (ج) شاهہ عبداللطيفؒ جي شاعريءَ بابت علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي ڏنل مضمون تي پنهنجي تنقيدي راءِ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

## (د) هيٺ ڏنل ’فعل بي فاعل‘ يا ’اڪرترڪ فعل‘ بابت جُملا پڙهو ۽ سمجهو:

1. اڄ آءٌ ڪراچيءَ ويندس.
2. اڄ ڪراچيءَ وڃبو.
3. ڪراچيءَ وڃجي ٿو.

متي ڏنل جُملن مان پهرئين جُملي ۾ ’آءٌ‘ فاعل موجود آهي، جنهن جو فعل ’ويندس‘ آهي. جڏهن ته ٻئين ۽ ٽئين جُملي ۾ ’وڃبو ۽ وڃجي ٿو‘ فعل سان ڪوبه فاعل موجود ناهي. يعني اهڙو ’فعل‘ جنهن سان ڪوبه فاعل موجود نه هوندو، ته انهيءَ فعل کي ’اڪر ترڪ فعل‘ چئبو آهي.

اوهان ڪي به پنج جملا ٻڌايو، جن جو فعل اڪر ترڪ هجي.

**سرگرمي:** ناميارين لطيف شناس ۽ محقق ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شاهه لطيف تي لکيل تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب ’شاهه لطيف جي شاعري‘ جو جائزو وٺي ڪلاس ۾ بحث ۽ مباحثو ڪريو.

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



ولادت: 1917ع

وفات: 2011ع

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 1917ع ۾ جنم ورتو، سندس والد جو نالو علي محمد لغاري هو. هن ابتدائي تعليم ڪان پوءِ 1935ع ۾ نوشهري فيروز مدرسي هاءِ اسڪول مان ’مئٽرڪ‘ پاس ڪئي ۽ 1940ع ۾ بي-اي پاس ڪئي. 1945ع ۾ اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا ويو، جتان تعليم جي موضوع تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڪجھ وقت مرڪزي حڪومت ۾ نوڪري ڪرڻ ڪان پوءِ 1952ع ۾ سنڌيونيورسٽيءَ ۾ ’تعليم‘ ۽ ’سنڌي‘ شعبن جو چيئرمين رهيو.

ڊاڪٽر بلوچ جو سنڌي ادب ، ٻولي، تاريخ، لطيفيات، تحقيق، تنقيد، لسانيات، لغات، ثقافت، موسيقي، ڪلاسيڪي ادب، لوڪ ادب ۽ ٻين اڪيچار موضوعن تي تمام گھڻو، منفرد ۽ اعليٰ پايي جو ڪم ٿيل آهي. هُو تمام وڏو عالم، تعليمدان ۽ محقق هو. ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر بلوچ ڏيھ توڙي پرڏيھ ۾ سنڌ جي ثقافت جي پرچار ڪئي. سندس لکيل ۽ سهيڙيل ڪتابن جو تعداد سَوَن ۾ آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي شخصيت ۽ خدمتن تي پڻ ڪيترائي ڪتاب، رسالن جا خاص ايڊيشن انگريزي، اردو ۽ سنڌي زبانن ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

سندس فن ۽ فڪر تي تحقيق لاءِ ڪيس مجتا ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽر اين . اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ماڊل اسڪول حيدرآباد ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ چيئر (سنڌ يونيورسٽي) پڻ قائم ڪيا ويا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 6 اپريل 2011ع ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاھ سنڌ يونيورسٽي جام شوري ۾ آهي.

# عام سنڌي شاعري

**سکيا جي حاصلات**
✪ ڪنھن بہ مضمون کي ان جي جزن، خاصيتن، اصطلاحن ۽ تصورن جي حوالي سان سمجھي پڙھي سگھي. ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻڌائي سگھي.
✪ ڪنھن بہ ادبي، علمي يا سماجي موضوع تي درست لھجي ۽ اُچار سان گھٽ ۾ گھٽ ڏھن منٽن تائين لکيل تقرير ڏسي پڙھي سگھي. ✪ تھذيب ۽ تمدن جي حوالي سان سماجي، ثقافتي ۽ معاشي لکڻين کي سمجھي، پڙھي سگھي.

وڏائي ۽ واکاڻ تنھن واحد کي جڳائي، جنھن اسان جي زبان کي اثر ڏنو ۽ منجھس بيان جو سحر سمايو. قربان سندس نبي ڪريم صَلَّي اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلَيٰ اٰلِهٖ و اَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تان، جن فرمايو تہ ”شعر ۾ حڪمت ۽ دانائي آھي.“

عربي شاعريءَ متعلق خليفو حضرت عمر رضي اللّٰه عنهُ چوندو هو تہ ”ھيءُ عربن جو عام دفتر آھي، ان کي ياد ڪريو ۽ ان جي حفاظت ڪريو!“ خليفي حضرت عمر رضي اللّٰه عنهُ جو قول نھايت وزندار آھي. تحقيق شاعري ھر قوم جو عام دفتر آھي، جنھن ۾ ٻوليءَ جي سٽاءُ کان سواءِ انھيءَ قوم جي اخلاق، عادات، اطوار، ريتن رسمن، تاريخ، فلسفي، سمجھ ۽ عقل جو سرمايو محفوظ آھي. سنڌ جي دھقاني يا نج شاعري خاص سنڌين جي حيات جو آئينو آھي، جنھن تي اک وجھڻ سان اھل سنڌ جي رھڻيءَ ڪھڻيءَ جي اصليت پنھنجي سڄي جوين جنسار، رنگ روپ، خال ۽ خط، خوبين توڙي خامين سميت سربستگيءَ سان نظر اچي.

پر افسوس جو اسان يا تہ رڳو جڙتو وزني شاعريءَ جي دام ۾ گرفتار ٿي، سنڌ جي اصلي ۽ نج شاعري ڏانھن توجہ ئي ڪونہ ڪيو، يا تہ وري پنھنجي اڻڄاڻائيءَ ۽ ناداني سبب انھيءَ ڳُوناٺيءَ شاعريءَ جي جواھر پارن کي مٽيءَ جو ڪوڏ سمجھي ڪٽي ڦٽو ڪيو. اسان جي اونڌي سمجھ ڏسو جو اسان سنڌ جي شاعرن جي سرتاج ۽ سردار سونھاري، سيد عبداللطيف ؒ جي شاعريءَ جو بہ رڳو اڌورو قدر ڪيو. سندس ڳُوڙھن خيالن جا بيشڪ ڳڻ تہ ڳايا، پر سندس شاعريءَ جي فن کي ڪين سُڃاتو. جيستائين اسين سندس فن جو قدر ڪريون ها تہ ھن اُستاد جي حقيقي شاگردن جي ھنر، يعني تہ سنڌ جي عام شاعرن جي شعر تي جيڪر بلڪل پاڻي نہ ڦيري ڇڏيون ها.

سنڌ جي عام شاعري ھڪ اعليٰ ۽ عجيب فن آھي، جنھن کي قابل اُستادن سموھي،

سينگاري، هڪ مستقل علم يا سائنس جي درجي تي وڃي پهچايو آهي. هن فن جون گوناگون شاخون آهن. ترڪيب جي لحاظ سان دوهرو، بيت ۽ ڪافي ٽي مکيہ قسم آهن ۽ معنوي لحاظ کان ڏٺ، معما، ڳجهارت، هنر، ڏور، دراوا. ڏهس نامو ۽ سينگار مڙيئي هن فن جا محاورا آهن. وري هن فن ۽ هنر کي پکيڙڻ ۽ پڌري ڪرڻ لاءِ بہ سمجهہ وارن جو هڪ خاص نظام آهي. هڪڙا شاعر، جي اٽسٽيون ۽ اڻ ڏٺيون ڳالهيون پنهنجي شعرن جي ذريعي نروار ڪن، ٻيا سگهڙ يا انهن شعرن جا راوي جي شاعرن جي گفتن ۽ بيتن کي ياد ڪري ٻين تائين پهچائين. ستڻ ٻڌڻ وارن مان هڪڙا سالڪ، جي ڳالهہ جو سُر سهي ڪن ۽ گفتن جي معنيٰ ۽ مراد ڪن، ٻيا سمجُهو جو ٻڌي سمجهي واهہ واهہ ڪن ۽ ٽيان نالي جا ماٺهو، جي سُٽن پر سمجهن ڪين. اهڙن جاهلن کي عام شاعرن جانورن برابر ڪيو آهي:

رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيہ ٽيا
تان هوءَ گلي گس نہ ڇڏي ۽ جوڙي ڏئي نہ جواب ... الخ

يا جيئن ’ٻيلي جي شاهہ‘ ڪبير شاهہ چيو آهي تہ:

ڳوهہ اڳيان ڳالهاءِ توڙي ڪٽي مرليون محبت جون هٽي،
تان هن موڳيءَ کي مجلس جو ناهي سُر سماءُ ... الخ

لسٻيلي جي شاعري، عام سنڌي شاعريءَ جو هڪ مکيہ ڀاڱو آهي، ۽ ڇٽڪ بهتر ڀاڱو، ڇو تہ لسٻيلي جي شاعري ٻيلي جي سڄاڻ سگهڙن ۽ سمجهو سالڪن جي ذوق سبب پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود ۽ مروج آهي ۽ زماني جي لَٽ ۾ اجا لَتجي نہ ويئي آهي، پر خاص سنڌ جي عام شاعريءَ مان رڳو ٻڌل ٻيڙيءَ واريون هريڙون وڃي رهيون آهن، جن کي ڪو سهيڙڻ ۽ سنڀالڻ وارو ڪونهي. جيئن ٻيلي جي شاعري بہ عام سنڌي شاعريءَ جو جز ۽ جگر آهي. انهيءَ ڪري هن عام شاعريءَ جي اصليت پرکڻ ۽ پروڙڻ ضروري آهي.

’عام سنڌي شاعري‘ مان اسان جي مراد اهو سنڌي شعر آهي، جو سنڌ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهي. اهو شعر جو صرف پڙهيلن تائين محدود ڪونهي، بلڪ سنڌ جي اٽپڙهيل ڪڙمي خواهہ ڪاسبي، هاري توڙي ٻيليءَ جي ذوق جو ورد وظيفو آهي؛ اهو شعر جو سنڌ جي جهر جهنگ، واهڻ وسينءَ، ڳوٺ ۽ ٻنيءَ ۾ جاري ساري آهي ۽ اهو شعر جو

رڳو شهرن جي شهرت کان آجو آهي: اهو شعر جو ٻهراڙيءَ جي عام ٻوليءَ ۽ مضبوط محاورن ۾ چيل آهي ۽ شهر جي بگڙيل ٻوليءَ ۽ ضعيف اصطلاحن کان پاڪ آهي، اهو شعر جنهن جي زبان پڙهيل جي عبارت کان وڌيڪ پختي ۽ جنهن جي سٽا ڪتاب خوانن جي ايجاد ڪيل لفظن ۽ لفظي بناوتن کان وڌيڪ شستہ ۽ بلند آهي.

عام سنڌي شاعر جو خطاب عوام الناس ڏي آهي ۽ نہ خاص پڙهيلن ڏي. انهيءَ ڪري سنڌي شعر علمي پيچيدگين کان آجو آهي. عام شعرن جي وزني سٽا لچڪيدار آهي، انهيءَ ڪري عام شاعري علم عروض جي نپايل موزون شاعريءَ کان مختلف آهي. موزون شاعري بہ عام شاعريءَ جي دائري کان خارج ڪانهي، بشرطيڪ موزون شاعريءَ جو خطاب عام هجي. خليفي گل محمد موزون شاعريءَ ڪي عام محاوري ۽ اصطلاح ۾ نباهڻ جي ابتدائي ڪوشش ڪئي، پر آهستي آهستي موزون شاعريءَ جا مخاطب خاص علم وارا بنجي ويا، جنهنڪري موزون شاعريءَ ۽ عام شاعريءَ ۾ هڪ وڏي گهاري پئجي ويئي. عروضي شاعر بہ پنهنجي عام خطاب سان عوام جو شاعر بنجي سگهي ٿو. بشرطيڪ سندس خطاب عام هجي، انهيءَ معنيٰ ۾ خليفو گل محمد ۽ حافظ حامد عام شاعر هئا، حالانڪ سندن شعر اڪثر عروض جي نپايل موزون شاعريءَ ۾ چيل آهي. انهيءَ معنيٰ ۾ اڄ جي شاعرن مان مولوي ثناءُالله ثنائي ۽ مولوي احمد ملاح عام جا شاعر آهن.

عام شاعريءَ جو مول متو ۽ سٽاءَ نهايت سادو ۽ فطري آهي، جو تہ جهڙي آهي عام شاعرن جي زبان، تهڙو آهي سندن ڪلام. شعر جي واسطي خاص الفاظ بازي يا محاورن جي جڙتو جوڙجڪ وٽن ڪانهي. سندن لفظي ۽ اصطلاحي ڀڃ-گهڙ تہ بلڪل فطري آهي. نيڪ عروضي وزن جي ڪين ضرورت ڪانهي. سندن ساهميءَ جي ترازيءَ ۾ اُٿل جي ڪافي گنجائش آهي. رڳو ايترو لحاظ رکڻو آهي تہ جيئن ٻيو ترازو پٽ سان نہ وڃي لڳي. قافيو عام شاعريءَ ۾ بہ بلڪل ضروري آهي. پر عام شاعريءَ جو قافيو عروضي قافيي جي قيد ۽ بند کان آزاد آهي. ضروري صرف ايترو آهي تہ هر قافيو آواز ۾ لازمي طور مناسبت رکي. ڪن عام شاعرن پنهنجي آزاد طبع سان وزني ڊار خواهہ قافين ۾ نوان نوان رنگ پيدا ڪيا آهن. مثلاً ڊگهي وزن ۽ اندروني قافين جي سلسلي ڪي شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ ڪمال تي پهچايو. جيئن اڳتي بيان ٿيندو.

عام شاعري لغت جي اٽڪت ڪاڻ آهي. عام جو شاعر سر زمين سنڌ جي هر خطي ۽

ماحول جو نيپاج آهي. هو عام فهم زبان ۽ ان جي اصطلاحن جي علاوه پنهنجي تر ۽ جُوءِ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو بہ ماهر آهي، جن کي پنهنجي شعر ۽ فطري طور ان جي اصلي ۽ حقيقي خواهہ اصطلاحي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هر ماحول ۽ پاڳي جي شاعر پنهنجي ٻوليءَ کي شعر جي ماٽيءَ ۾ ولوڙيو آهي. ڪيترن ئي نون ۽ انوکن لفظن کي پنهنجي ڪٽي - مني جَهڻ ڳاڏئون، مکڻ جي ڦٽين مثل پارکن جي آڏو پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن ملڪ جي هر ونهين ولوڙيندڙ شاعر وٽان انهيءَ مهيءَ ۽ جَهڻ جي ورڇ ونجي تہ هوند لفظن ۽ لغت جي گِهہ مکڻ جا ڍڳ لڳي وڃن ۽ اسان جي سنڌي زبان سائي سرهي ۽ سٽيي ٿي پوي. پر ويچارا نازڪ مزاج پڙهيل شهري، بدقسمتيءَ سان اڄ اسان جي سنڌي ٻوليءَ جا وارث بڻجي وينا! جن جو ذائقو رڳو چپن جي چس تائين محدود آهي. سي ڪٽي ٽا هنن پاڳوند - پاڳين ۽ ولوڙيندڙن جو قدر سڃاڻن: هي ويچارا ڳاڏڙ ڪير پيئندڙ ڪٽي ٽا پلر پي سگهن: هي ڏيک ۽ صفائيءَ جا ستايل ڪٽي ٽا پٽ تي ويهي جهڻ کي جُهڳي سگهن: هي تہ انهيءَ سٽيي جهڻ ڪٽي لسي سمجهي ان کي ويجهو ئي ڪين ويا آهن: ويچارن ابوجهن کي اها ڪل ئي ڪانہ آهي، تہ ڪو مکڻ انهيءَ جَهڻ جُهڳڻ سان هٿ ايندو: هنن رڳو بيڪار هيستائين پئي پاڻي ولوڙيو آهي.

عام شاعر اصلي نج سنڌيءَ ٻوليءَ جا ابا آهن! هنن جي اردگرد روزمرهہ جي گفتگوءَ ۾ لفظن جي وڏ تڪ ۽ اصطلاحن جي فطري پيچ گهڙ لڳي پيئي آهي. نوان نوان محاورا ۽ الفاظ برجستہ زبانن مان نڪري عام ڪچهرين ۾ پچي پختا ٿي پيا رواج ۾ اچن. ٻوليءَ جي اصلي لفظن جو قديم ذخيرو بہ نج ٻهراڙين ۾، جن کي شهري هوا اجا گندو نہ ڪيو آهي، محفوظ ۽ سلامت آهي ۽ وڏڙن جي صدري دفتر ۾ سمايل آهي ۽ پشت بہ پشت موروثي طور هلندو اچي. هر ڪنهن فن ۽ ڌنڌي جي اطوارن، اوزارن، محاورن ۽ معنائن جا نج سنڌي نالا، اصلي ڪاريگرن وٽ محفوظ ۽ مروج آهن. لوهارن، واڍن، ڪورين، ڪنيارن ۽ ملاحن وٽ انهن فني نالن جون فهرستون موجود آهن. درحقيقت سنڌ ۾ لوهارن، واڍن، ڪورين، موچين، ڪنيارن ۽ ٻين اهڙن ڪاسبين جا دڪان مارکن ۽ ڪچهرين جا اڏا ٿي رهيا آهن، جتي هميشہ محفل ۽ مجلس، رس ۽ رهاڻ جا رات ڏينهن رنگ لڳل هئا ۽ گفتي جي ملوڪت ۽ پيچ گهڙ جا مندل متل هئا. اجا تائين بہ انهن ماڳن مڪانن تي، هُرلن ۽ نارن تي يا پاڳين جي پاڻن تي انهيءَ جهوني وندر ۽ وروندهہ جا اهڃاڻ نظر ايندا. عام سنڌي سگهڙ ۽ شاعر لاءِ وکر ونڻ توڙي پنهنجي وکر وندڻ جي لاءِ اِهيئي

ياڻ دڪاڻ ۽ ماڳ مڪان رهيا آهن جنهنڪري عام شاعريءَ جو سرمايو نهايت عجيب لفظن ۽ انوکن محاورن سان مالا مال آهي؛ بلڪ عام شاعري هڪ بي بها بڻي آهي، جنهن جي ذريعي نوان لفظ ۽ نوان محاورا زبان زد عام تي پڇي راس ٿين ۽ رائج ٿين ٿا.

عام شاعري پنهنجي آزاد بوليءَ ۽ آزاد خياليءَ سبب نهايت پختي ۽ زوردار آهي. اسان چيو ته جا عام شاعرن جي زبان سو سندن ڪلام. جڙتو ناهه نوهه ڪان عام شاعر جو ڪلام آجو آهي. ڪيس جيڪي زبان تي چڙهي آيو سو چئي ڏنائين. هنن سنئين سڌي ڳالهه ڪري پنهنجو حال اوريو آهي ۽ پنهنجي صاف ساديءَ زبان ۾ پنهنجي اندر جو احوال ۽ بيان پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري، جو لاهو چاڙهو سندس زبان ۾ آهي، سوئي سندس ڪلام ۽ بيان ۾ آهي. عام شاعر پنهنجي بئي عام غير شاعر ياڻرن وانگر ٺلهو ڪائيندڙ، ٺلهو هندائيندڙ ۽ ٺلهو ڳالهائيندڙ آهي. سندس ٺلهو ۽ کهرو ڳالهاءُ سندس ڪلام مان ظاهر آهي، پر خوبي ٻه انهيءَ ٺلهي ۽ سادي ڪلام جي اصلي صورت ۾ آهي. سندس ڪلام انهيءَ ڪنوار جي مثل آهي، جنهن جون خاميون توڙي خوبيون سندس صورت ۾ ڪليل ۽ پڌريون آهن؛ پر هڪ ته پاڪيزگي ۽ سادگيءَ سبب ٻيو وري اَٺاهه جوانيءَ جي زور سبب سندس حسن ڀڪي پيو. جواني موٽڻ بعد ٻه نج نسل ۽ صاف خون سبب سندس رونق ۽ ڏيا باقي رهي آهي. ان عام شاعريءَ جي برعڪس علمي ۽ عقلي شاعريءَ جي صورت ۾ انهيءَ سالخورده، عيار ۽ نازڪ مزاج عورت جي مثل آهي، جنهن صابڻ جي صفائي، مُساڳ جي لالائي، وڳن جي سينگار، ڳهن جي جنسار سان پنهنجي حُسن کي ڀڪايو آهي ۽ آواز جي لطافت سان ياڻ وڻايو آهي، پر حقيقت ۾ سندس اها سوپيا رڳو انهن جڙتو ٽيڪن تي بيٺل آهي ۽ سندس رنگ ۽ لالائي رڳو پائوڊر جي مهٽ سهٽ ۽ مسي مساڳ جي آهي ۽ نه جواني ۽ جوين جي. اهڙيءَ طرح علمي ۽ عقلي شاعريءَ جو چٽڪو ۽ چسڪو رڳو وقتي آهي. سندس دلچسپ نزاڪت ۽ دلچسپ رنگت، زبان جي لهس ليپٽ، لوڏ ڏوڏ ۽ اُٿل پٿل بعد جُهڪي جهمِي تي وڃي. پر ان جي برعڪس عام شاعري فطري ۽ پائيدار آهي. جيئن ڳاءِ تيئن مِني، جيئن مهٽ تيئن سُرهي.

عام شاعر، ڳوٺ ۽ ٻهراڙيءَ جو پليل ۽ جهنگ جهر جو نپايل آهي. صاف پاڻي، صاف هوا، سادي ڪاڌي، سادي ڪپڙي ۽ سادي رهڻيءَ ڪهڻيءَ سبب سندس طبع ۾ ٻه سادگي ۽ صفائي سمايل آهي. انهيءَ سادگيءَ سبب جيترو سندس جسم پهلوان آهي، اوترو سندس ذهن جوان آهي. سندس طبع جي صفائي ۽ ذهن جي قوت سبب سندس

ڪلام ۾ بہ زور پيدا ٿئي ٿو. جڏهن هو شعر چوي ٿو، تڏهن پنهنجي طبع جي زور ۽ رواني ۽ سبب ڪلام جي اُٿل ڪري، بات بيان جون موڪون لائي ڇڏي ٿو، نہ آهي وٽس الفاظ جي ڪمي، نہ بيان جي گهٽتائي، نہ محاورن جي ڪوٽ ۽ نہ معنائن جي ڪوتاهي، جڏهن زبان چوري ٿو تہ پلتجي پوي ٿو، جڏهن ٻولي ٿو، ڇڻ ٻوڙي ٿو. انهيءَ زور ۽ برجستگيءَ سبب، انهي اوچتي ٻول ۽ نهہ پهہ گفتي سبب، عام شاعر جو ڪلام کهرو پر ڪرو آهي.

عام شاعر عام وڪر جو وهائو آهي، انهيءَ ڪري سندس سٿاءَ ۾ لوهہ توڙي سون ٻيئي نظر ايندا، ڪوڏ ۽ سپون توڙي موتي ۽ ماڻڪ ٻئي ملندا، سُڪا ڪڙا توڙي ساوا سَلا ٻئي گڏوگڏ نظر ايندا. هن پنهنجي پارس زبان سان لوهہ مان سون پيدا ڪيو آهي، پر پنهنجي لوهہ واري سامان کي لڄ وچان لڪايو ڪونہ آهي. هن لوهہ وارو سرمايو ۽ ان مان پيدا ڪيل سون جا داٽا گڏي پيش ڪيا آهن. هن ٻنهي هٿي ڪوڏ ۽ سپون ڪنا ڪري ان مان موتي ۽ ماڻڪ ڪڍيا آهن، پر ڪوڏن ۽ سپن جا ڪرڪٽا لڪايا ڪين آهن، بلڪ انهن کي بہ موتين ماڻڪن سان لڳولڳ پيش ڪيو آهي. هن سُڪيءَ زمين کي پاڻي ڏيئي، ٻج ڇٽي سلا اُپايا آهن، پر انهن ساون سلن کي فطري طور ڪيڙيءَ ۾ ٻينل ڏيکاريو اٿس، اها عام شاعر جي سادگيءَ ۽ ايمانداريءَ جي حد ڪمال آهي. جو مخاطب کي ٻيئي جنسون گڏوگڏ پيش ڪري، ذهن نشين ڪرايو اٿس تہ هي لوهُہ، ڪوڏ، سِپون ۽ سڪا ڪڙا ٻي ڪما نہ آهن، بلڪ هي سون، موتي، ماڻڪ پيدا ڪندڙ ۽ ساوا سلا اُپائيندڙ آهن. انهيءَ طور وڪر وندڻ تي سندس لياقت ۾ ڪمي نٿي اچي، بلڪ سندس مرتبو، سندس ايمانداري ۽ اخلاق ۽ سندس هنر اڳئين ڪان اڳرو نظر اچي ٿو. جو تہ هر ڪو سالڪ ۽ پارکو سمجهندو تہ شاعر پارس آهي، جنهن لوهہ کي هٿي سون ڪيو، بلڪ ٽوٻو آهي، جنهن اونهي عميق مان ڪوڏ ۽ سپون ڪڍي موتي ۽ ماڻڪ پڌرا ڪيا، بلڪ اُستاد هاري آهي، جنهن سُڪيءَ زمين کي سرسبز ۽ سائو بنايو. مطلب تہ عام شاعرن جهڻ مڪڻ گڏي پيش ڪيا آهن. ممڪن آهي تہ اڻجاڻ جَهڻ ڏسي منهن موڙي، پر عاقل خوب سمجهي سگهي ٿو تہ مڪڻ جهڻ مان ئي ملندو. عام شاعري اهو هار آهي، جنهن ۾ لعلون، مرجان ۽ پٽريون توڙي موتي، ماڻڪ ۽ ڪرڪٽا گڏ پوتل آهن، پر جنسون ٻيئي حقيقي ۽ اصلي آهن ۽ نہ بناوتي. نقلي مٽين ۽ موتين خواهہ ڪوڙي ڪچ ۽ ڪائي جو عام شاعريءَ ۾ نالو ئي ڪونهي.

عام شاعري اصل ۾ سنڌ جي حيات جو آئينو آهي. عام شاعر سنڌ جي سرزمين جو اُپايل آهي. هن جي نظر تيز ۽ ذهن سليم آهي. هو پنهنجي ملڪ جي حال احوال ۽ ريتن

رسمن کان واقف آهي. هو راج جي اُٺڻ ويهڻ کان واقف آهي. هو مال متاع جي ٻَڌڻ ڇوڙڻ کي سمجهي ٿو ۽ جهنگ جهر جي وڻن ٻوٽن کي پروڙي ٿو. هو زمين جي ننڍي وڏي پيچري کي ڄاڻي ٿو ۽ آسمان جي کٽ نکٽ کي سُڃاڻي ٿو. جيتوڻيڪ سندس خيال جو پرواز هڪ علم واري شهريءَ کان گهٽ آهي. پر سندس نظر ۽ حافظو زياده تيز آهن. هن جي عام زندگيءَ جي جملي شعبن ۽ طرفن تي هڪ گهري نظر آهي، جا سندس روزمره جي فطري طبيعت جو نتيجو آهي. سندس ڪلام جو واسطو به عام زندگيءَ جي عام شعبن ۽ شغلن سان آهي. جن تي گهري نظر ۽ ٻوليءَ تي مَلڪي هئڻ سبب ڪيس وصف ۽ بيان جي بي انتها طاقت آهي. جيئن ته رهڻي ڪهڻيءَ جي جملي اطوارن جو ”جزئياتي تفصيل“ ڪيس اَزبر آهي، انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڳالهه ڪندو ته ذري پُرزي بيان ڪندو، ۽ انهيءَ بيان ۾ سُئي سڳي سوڌا پار پتا ڏيندو.

اسان چيو ته سندس نظر حياتيءَ جي سيني شعبن، شغلن ۽ شين تي آهي: اُٺ، گهوڙا، مينهون، رڍون، ٻڪريون ۽ ٻيو سڀ مال متاع، جهنگ جهر، گاهه گلزار، ٽر ٻر، رڻ رائو، اهي سڀ سندس شعر جا اعليٰ عنوان ۽ سُنا مضمون آهن. انهيءَ کان سواءِ عزت، غيرت، مردانگي، سيرت، صورت، سورهيائي، سچائي، سخا ۽ ٻين سيني سهڻن ڳڻن کي، جي مرد خواهه عورت ۾ سونهن ٿا، تن کي خوب ڳايو اٿس! وري زندگيءَ جا جذباتي پهلو مثلاً حُسن ۽ عشق، ڏک ۽ درد، جهيڙا ۽ جهڳڙا به پوريءَ طرح بيان ڪيا اٿس. ان کان سواءِ سنڌي زندگيءَ جا تمدني پهلو ۽ پاسا مثلاً نسب ۽ ذاتيون، ريتون ۽ رسمون، پليون خواهه لايون پنهنجي شعر ۾ شايع ڪيون اٿس. مطلب ته عام سنڌي شاعر اهل سنڌ جي رهڻي ڪهڻي ۽ راڄ ڀاڳ جي تمدن ۽ تهذيب کي پنهنجي شعر ۾ پوريءَ طرح محفوظ ڪيو آهي، ۽ بقول حضرت عمر رضي الله عنهُ جيڪڏهن ”عربي شعر عربن جو علم دفتر آهي“، ته عام سنڌي شاعري اهل سنڌ جو عام دفتر آهي. انهي عربي ’ديوان‘ وانگر سنڌي شعر جو دفتر ۽ ’ديوان‘ به نهايت مڪمل آهي، جنهن ۾ ٻيو ته خير، پر وڻ ٽڻ، گاهه ڏٿ ۽ رڍ ٻڪريءَ جو ذڪر به پوريءَ طرح ڏنل آهي. شايد سواءِ عربن جي، دنيا ۾ ٻيءَ ڪنهن قوم جيڪڏهن حياتيءَ جي انهن ننڍڙن شعبن ۽ شغلن، ٻابن ۽ ڀاڱن کي به ايتريقدر چٽي ۽ گهري طرح ۽ پوري ”جزئياتي تفصيل“ سان بيان ڪيو آهي ته هي سنڌ جا سُگهڙ ۽ شاعر آهن، جن پنهنجي عام سنڌي مقولن ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي وقت جي چال چلت ۽ حال حقيقت متعلق ڄڻ سيڪجهه چئي ڇڏيو ڪيو، بمصداق، ”جُف القَلمِ بِما هُو ڪائِنُ.“

(’ٻيلاين جا ٻول‘ تان ورتل)

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) عام سنڌي شاعريءَ مان ڇا مُراد آهي؟

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، عام شاعريءَ ۽ عروضي شاعريءَ جي ڪهڙيءَ ريت پيٽ ڪئي آهي؟ بيان ڪريو.

(3) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پنهنجي مضمون ۾ سنڌ جي ثقافت کي ڪهڙيءَ ريت بيان ڪيو آهي؟

## (ب) هيٺ ڏنل لوڪ شاعريءَ جون صنفون مثالن سان سمجهايو:

ڏِٺ - مُعما - ڳجهارت - هنر - ڏور - ڊُراهو - ڏهس نامو

## (ج) لوڪ شاعريءَ جون صنفون لولي، ڳيچ، سهرو يا لاڏو ڪهڙن ڪهڙن موقعن تي ڳايا وينداآهن؟ بيان ڪريو.

## (د) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پنهنجي مضمون ’عام سنڌي شاعري‘ ۾ جيڪي اصطلاح ۽ محاورا ڪم آندا آهن، اهي چونڊي لکو.

## (هه) ’لوڪ ادب: ثقافت جو ترجمان‘ جي عنوان تي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن منٽن تي مشتمل تقرير درست اچار لهجي سان ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

# محمد ابراهيم جويو



ولادت: 1915ع

وفات: 2017ع

سنڌ ۾ تعليمي ترقي، روشن خيال ۽ ترقي پسند ادب جي واڌ ويجهه لاءِ جن عالمن ڏينهن رات ڪم ڪيو، انهن ۾ محمد ابراهيم جويو سرفهرست آهي. جويي صاحب جو جنم 1915ع تي ’آباد‘ ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو محمد خان جويو هو. ننڍپڻ ۾ سندس والدين گذاري ويا. جنهن ڪان پوءِ ڪيس پنهنجي ڏاڏي پاليو. سندس ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ٿي. 1930ع ڌاري ڪراچي جي سنڌ مدرسي ۾ داخلا ورتائين. ميٽرڪ اتان پاس ڪري، ڊي جي سنڌ ڪاليج مان 1938ع ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪيائين. 1940ع ۾ سنڌ مدرسي طرفان بيچلر آف ٽيچنگ (بِي ٽِي) ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ جي، ’ايس-ٽِي ڪاليج‘ پڙهڻ ويو. شروع ۾ سنڌ مدرسي ۾ استاد مقرر ٿيو، پوءِ 1954ع ڌاري سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ (موجوده سنڌي ادبي بورڊ) قائم ٿيو ته اتي ڪيس سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. جتي هن سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ ڪيئي ڪوششون ورتيون. ان ڪان پوءِ ڪيس سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو پهريون سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ان حيثيت ۾، جويي صاحب سنڌي پرائمري تعليم جي بنياد ۽ اوسر لاءِ لاثاني ڪم ڪيو.

سندس ترجمي جي ڪتابن ۾ ’اسلام جو تاريخي ڪارنامو‘، ’ايملي عرف تعليم‘، ’ٻارن جي تعليم‘، ’وحشي جيوت جا نشان‘، ’گيليلو-ڊرامو‘، ’فڪر جي آزادي‘، ’ٻارن جو مسيح‘، ’فلسفي جو ابتدائي ڪورس‘، ’علم تدريس مظلومن لاءِ‘، ’فرينچ انقلاب‘ وغيره آهن. ان ڪان علاوه هن تعليم، تدريس، انقلاب، انساني سماجڪي ۽ پائيچاري بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا. سندس نالي پٺيان سنڌ حڪومت ثقافت کاتي پاران ’محمد ابراهيم جويو ٽرانسليشن بيورو‘ پڻ قائم ڪيو ويو آهي.

محمد ابراهيم جويي 2017ع ۾ وفات ڪئي.

# انسان شين جي دنيا ۾

**سکيا جي حاصلات**
✪ ڪنهن به ادب پاري جي مرڪزي خيال، بنيادي نُڪتن، ڪردارن، واقعن، منظرن ۽ نتيجن بابت تنقيدي اصولن موجب لکي سگهي ۽ چوٽين توڙي شعرن جا حوالا ڏئي لکي سگهي. ✪ عبارت جي اسلوبن کان آگاهه ٿي سگهي. ✪ فعلن جا پريوگ ڄاڻي سگهي ۽ انهن کي استعمال ڪري سگهي. ✪ مختلف قسم جا بل (بجلي، گئس، پاڻي ۽ ٻيا) پڙهي سگهي.

وڏنڊڙ ضرورتون ڇڻ تہ هڪ چڙهندڙ ڏاڪڻ مثل آهن. ان ڏاڪڻ جي هيٺين ڏاڪن تي بنيادي يا حياتياتي ضرورتون آهن، جيڪي ماڻهوءَ جي طبعياتي فطرت جي ڪري پيدا ٿينديون آهن. انهن کان مٿي جا ڏاڪا سني ڪپڙي لٽي، سني کاڌي پيتي، گهرو آسائش ۽ صحت جي سارسنڀال جا هوندا آهن. انهن کان بہ مٿانهان ڏاڪا اعليٰ ضرورتن، جهڙوڪ ذهني خوراڪ، تخليقي ڪمن، انساني عظمت جي تسليميءَ سان لاڳاپيل فرد جي هر طرفيءَ تهذيبي اوسر ۽ سماجي انصاف ۽ اخلاق جي سلسلي جا هوندا آهن.

ضرورتن جي اهڙيءَ ريت ئي اوسر ٿي آهي، پر ان جو سلسلو ڏاڍو منجهيل ۽ متضاد آهي.

دستور آهي تہ ماڻهو نندي هوندي جيڪي قدر قبولي ٿو، انهن مطابق ئي سندس هلت چلت نهي ٿي ۽ رهي ٿي. هو پوءِ اهي ئي بيٺل ۽ قائم ٿيل رسمون يا رهت سهت جا نمونا پنهنجي نئين نسل لاءِ ڇڏي ويندو آهي، ۽ ائين هڪ نسل نہ پر ڪيترن نسلن کان پوءِ اهڙين عادتن ۾ ڪنهن قدر ٿورو يا ڪڏهن ڪو بنيادي ڦيرو ٿيڻ ممڪن ٿي سگهندو آهي، مثال طور، کاڌي جي عادت کي ڏسو، صديون اڳ صورت هيءَ هئي تہ روايت، مذهب ۽ مجبوري جي اثر هيٺ ڪافي کي ڏينهن کاڌي کان پرهيز ٿيندي هئي ۽ ٿورائي ٻيا کي ڏينهن دعوتن، جشنن ۽ خوب کاڌن پيتن ۾ گذرندا هئا. ٻيو تہ سڀ خلق جي وڏي اڪثريت صبح کان شام تائين جسماني پورهئي ۾ رڌل رهندي پئي آئي مطلب تہ گهٽ کاڌو يا وڌيڪ کائڻ هڪ سماجي مسئلو نہ هو. اڄ جي ان نئين اصطلاح ’گهٽ کاڌو‘ ’وڌيڪ کاڌو‘ جو تصور بہ ڪونہ هوندو هو. ضروت کان وڌيڪ کائڻ جي ڪري جيڪي خوفناڪ ۽ هاڃيڪار نتيجا نڪرن ٿا. اهي هن زماني ۾ ئي ظاهر ٿيا آهن.

اڄ سخت ۽ گهٽي جسماني پورهئي جي گهاٽي کان جيئن پوءِ ٿيئن انسان آجو ٿيندو ٿو وڃي. ۽ هر هنڌ دنيا ۾، ڪوششون ڪيون پيون وڃن تہ هن تان اهو ڳهُ ڳهان جو

بار وڏ ۾ وڏ هلڪو ٿئي ۽ وڏ ۾ وڏ هن کي فرصت جو موقعو ملي ته جيئن هو سوچي سگهي، پڙهي لکي سگهي، زندگيءَ جو سچو لطف ماڻي سگهي ۽ پنهنجي انسانيت جا قدر سڃاڻي ۽ وڌيڪ اوچا ڪري سگهي.

اسان وٽ به شهرن توڙي ٻهراڙيءَ ۾ ڪي سڪيا ستابا ۽ شاهوڪار ماڻهو گهڻو وقت واندو ويهي گذارين ٿا ۽ نڪمٽائيءَ ۾ بسترن، ڪرسين ۽ ڪوچن تي ليٽي ليٽي ۽ پاسا ورائي فضول وقت ڪاٽين ٿا، پر اها مفت جي فرصت، ائين بيڪار ۽ بيسود وڃائي ڇڏڻ هڪ غير فطري ڳالهه آهي. انهن مان تمام ٿورا ڪي ماڻهو آهن جيڪي رڳو پنڌ ڪري، ڊوڙون پائي رانديون روندين ڪري به بت جي ان سستيءَ مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، ۽ ساڳئي وقت اهي ئي ماڻهو ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا صبح، ٻپهر ۽ شام ۽ پڻ وچ وچ ۾ ايترو ته کائي پيٽ کي ڏيندا آهن. جو پيا اوڳرايون ۽ ڏڪارون ڏيندا آهن. پوءِ اهڙن ماڻهن ۾ ٿولهه به وڌي ويندي آهي ۽ پنهنجو ڳرو بت پاڻ سان کڻي هلڻ به هنن لاءِ مشڪل بڻجي ويندو آهي.

دنيا ۾ هيءُ ٿولهه جو پهريون حملو آباديءَ جي ويهين حصي تي (جيئن اسان وٽ ۽ ٻين غريب ۽ پوئتي پيل ملڪن ۾). ۽ پوءِ (جيئن اسان جي خاص طرح وڏن شهرن يا ٻين شاهوڪار ملڪن ۽ سماجن ۾) ڏهين حصي تي، پنجين حصي تي ۽ پوءِ سڄي ساري چوٿين يا ان کان به وڌيڪ حصي تي ٿئي ٿو جنهن جو دارومدار گهٽيءَ هوند تي ۽ گهٽ ڪم يا بلڪل نڪمٽائيءَ ۾ ويهي گهٽي کائڻ تي هوندو آهي. ان حصي ۽ حساب سان، مالدارن جي ٻارن کي به گهرن ۾ سندن جسماني ضرورت کان وڌيڪ کاڌو ملي ٿو. جو ته هو جيئن ٻين ڳالهين ۾ تيئن کاڌي کائڻ ۾ به، پنهنجن گهڻ کائو ۽ ٿوٽي وڏن جي مثال تي هلن ٿا. گهٽي کاڌي ۽ گهٽ ڪم ڪري اها ٿولهه وچينءَ عمر ۽ خاص ڪري وڏيءَ عمر جي ماڻهن ۾ خوفناڪ بيمارين جو ڪارڻ ٿئي ٿي، جن جي ڪري اهي پنهنجي وقت کان اڳ گذاريو وڃن. ٻي ڳالهه ته اها ٿولهه پوءِ موروثي آزار به بڻجي ٿي.

هاڻي وري هڪ ٻئي رسمي طريقي کي وٺو. اهو هيءُ ته ماڻهوءَ لاءِ هڪ وقت هڪ وڳي کان وڌيڪ وڳا پائڻ واقعي هڪ ڏکيو ڪم آهي! ساڳيءَ طرح هڪ وقت ماڻهوءَ لاءِ هڪ جوڙي جتيءَ کان وڌيڪ پائڻ ته بلڪل اڻٿيڻي ڳالهه آهي! انهيءَ هوندي به ماڻهن ۾ ضرورت کان وڌيڪ ڪپڙن ۽ بوٽن جي جوڙن جي وڏي تانگهه ۽ وڏو قدر پئي رهيو آهي. هن گهڻ پوشاڪيءَ ۽ خوش پوشاڪيءَ جي اوسر ۾ به صدين جو عرصو گذريو آهي ۽ اها عادت

انسانن جي خود پسند حصي ۾ ۽ خاص طرح وري ٻه هوند وارن ماڻهن ۾، ائين هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين پهچندي ۽ وڌندي رهي آهي ۽ اڄ انهن مان شايد ئي ڪو فرد هجي، جو هر هفتي ان طرح جي پهرڻ ۽ واپرائڻ لاءِ ڪا نئين شيءِ خريد نه ڪندو هجي! ائين هو هڪٻئي پنيان پنهنجا ڪٻٽ، پيٽيون ۽ واردروب شين سان پريندا ۽ سٽيندا ويندا آهن، هن قسم جي ماڻهن وٽ رڳو سندن بوٽن جا جوڙا، ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ ٽائيون ۽ ڪن وٽ رڳو هلڻ مهل هٿ ۾ ڪٽڻ لاءِ لڪڻ گڏ ٿيل، سوَن جي تعداد ۾ ڏسبا آهن ته حيرت وٺي ويندي آهي ته واري سان ڪنهن وڳي پهرڻ، ڪنهن جوڙي بوٽن کي پائڻ، ڪنهن ٽاءِ ٻڌڻ يا ڪنهن هڪ لڪڻ کي هٿ ۾ ڪٽڻ جو وجهه گهٽن ڏينهن، هفتن يا مهينن کان پوءِ هنن کي ملندو هوندو!

وري شهرن ۾ گهرن (فليٽن ۽ بنگلن) کي جهڙيءَ طرح ماڻهو ناهين ۽ سينگارين ٿا ۽ سامان سان پرين ٿا، ان کي ڏسي، لڳندو آهي ته اهي گهر ناهيا ئي سامان لاءِ ويا هئا. يعني ان لاءِ ته ماڻهو اتي نه رهن. پر سندن سامان ئي فقط اتي رهي ۽ سامان جا ئي اهي گدام هجن! ڳالهه رڳي نماءُ يا ڏيکاءَ يا گهرن سينگارڻ کان به مٿي چڙهي وڃي ٿي. ٻين جي ريس تي، بلڪ هڪٻئي جي سلسلي ۾، عام سهپ کان، گهرن ۾ غير ضروري ۽ اجاين شين جا ائين ڍيرن تي ڍير ڪيا وڃن ٿا ۽ ائين سمجهيو وڃي ٿو ته انهن مان سندن ترقيءَ، ڪاميابيءَ ۽ وڏ ماڻهپ جي خبر پوي ٿي.

پڪ آهي ته وقت گذرڻ سان جيڪا انسان پسند سوچ پيدا ٿيندي ۽ جيڪي اجتماعي سک ۽ سهوليت ڏيندڙ سماجي تبديليون اينديون، انهن جي اثر هيٺ غير ضروري گهرجون (جن کي نلهو حرص ۽ ٽرڙائپ ئي چئجي ته چڱو) آهستي آهستي گهٽبيون ويندیون ۽ ٿورن نسلن کان پوءِ مهذب سماج ۽ مهذب گهرن ۾ انهن جو نالو نشان به باقي نه هوندو. مهانگي ۽ جهجهي ڪاڌي ۽ هڪ ئي وقت قسمن قسمن جي ڪاڌن ۽ نئين پوشاڪ ۽ پوشاڪن مٿان پوشاڪ، فضول کان فضول قيمتي سينگاريل ۽ سامانن مٿان سامان سان پريل گهر وغيره کي پوءِ ڪا خاص ڳالهه نه سمجهيو ويندو، بلڪ اهي ڳالهيون سکڻن ماڻهن، تنگدل ۽ حرص سان پريل ماڻهن ۽ خسيس ۽ خالي ماڻهن جون ئي فقط نشانيون شمار ٿينديون ۽ ان جي بدران ماڻهو عام صحت تي ڌيان ڏيندا، ماڻهن سان ماڻهو ٿي هلندا ۽ هڪٻئي کان مٿيرائي ۽ هڪٻئي سان سينه ڪشيءَ کي غير انساني روش سمجهندا، پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ خوشي ۽ فخر محسوس ڪندا، موڪلون ماڻيندا، پاڻ وندرائيندا،

پنهنجي انسانيت کي اپاريندڙ ڳالهين ٻڌڻ ٻڌائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا، پاڻ سجاڻندا، ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي انسانيت جو شرف ۽ منصب سمجهي، سيني کي ۽ سيني جي انسانيت جي شرف ۽ شان کي سڃاڻندا ۽ ان جو ئي احترام ڪندا.

دراصل گهڻ خرچائو مالدار ۽ خوشحال گهرن ۾ ڏنو ويو آهي تہ اهي رڳو خريداريءَ جي شوق ۾ ئي هڃندا رهن ٿا، ايتري قدر جو هو پنهنجي زندگيءَ جي عام گهرجن ۽ اصلي ضرورتن کي بہ اڪثر وساري ويهن ٿا. ان مان تہ بيوقوفيءَ جي حد تائين سندن شين جي چاهت ئي ظاهر ٿئي ٿي ۽ معلوم ٿئي ٿو تہ هو شين کي ئي زندگي سمجهن ٿا! خريداريءَ جي هن غير معقول شوق جي تهہ ۾ نئلهي فيشن جي ڪشش ئي موجود ڏسجي ٿي. سرمائيداري سماج، جنهن ۾ دولت جا انبار آباديءَ جي اڻڪمائيندڙ حصي وٽ ئي وڃي جمع ٿين ٿا ۽ ان ڪري ئي، انهيءَ ئي دولت کي ”اڻ ڪمايل دولت“ سڏجي ٿو. فيشن جي ان اُڃ کي ئي شين جي لاڳيتي ۽ اڻ کٽ گهرج جو هڪ ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي جو تہ آباديءَ جو اهو حصو محض ڪپتڪار حصو آهي ۽ ان جو سواءِ ڪپتڪاريءَ جي ٻيو سماج ۾ ڪو مثبت ڪارج يا رول ڪونهي. آباديءَ جو اپتڪار حصو، ڪمائيندڙ حصو، پنهنجي ’ڪمايل دولت‘ کان محروم ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي اها ’ڪمايل دولت‘ ئي آباديءَ جي ڪپتڪار حصي جي ’اڻ ڪمايل دولت‘ بڻجي ٿي. جيڪا ئي هو پوءِ خريداريءَ جو فيشن قائم ڪرڻ ۾ صرف ڪن ٿا، ۽ ان سان ئي سرمائيداري سماج ۾ پوءِ شين جي دائمي گهرج، رڃ مثل ماڻهوءَ يا ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي ۽ ڊوڙائيندي رهي ٿي ۽ ائين سڄو سماج ڪپتڪاريت جي اڻ پرجندڙ خلا ۾، جيڪا هڪ ڏٻڻ بہ آهي، پڇندو ۽ غار ٿيندو وڃي ٿو. حرص، هوس ۽ لامحدود ٻک جي خلا ۾، حيوانيت جي ڏٻڻ ۾!

بنيادي، حياتياتي، فطري انساني گهرجن جي ڀيٽ ۾، نئلهي شين جي چاهت، محض خريداريءَ جو شوق، ڪڏهن بہ پورو ٿي نٿو سگهي. جيئن جيئن شيون حاصل ڪبيون ٿيئن ٿيئن نين فيشني، ۽ حد کان وڌيڪ فيشني، شين حاصل ڪرڻ خاطر، ’اڻ ڪمايل دولت‘ کي پاڻ ڏانهن ريڙهڻ خاطر، ڪپتڪاريت جو پوت ڪاپي لاءِ اپاريندو رهندو. مارڪيٽ ۾ هڪبئي پنيان سامان پيو ايندو. نيون موٽر ڪارون، ٽِي وِيُون، ريفريجريٽر، بجليءَ جون جوجائون، ڪپڙن ڌوئڻ جون مشينون، فرش صفا ڪرڻ جا پائوڊر ۽ پالشون، ڪاڏي جا ۽ پيتي جا قسمين قسمين نمونا ۽ چسڪولا وغيره وغيره. آخر ايتري ساري سامان کي، ايترين سارين شين کي، خريد ڪري ڳڏ ڪري، اکين آڏو رکي، بلڪ اڄ خريد ڪري سڀاڻي

اڇلائي، اسٽورن ۾، گهرن جي ڇتين تي، بالڪنين ۾، سيڙهين جي هيٺيان خالي جاين ۾ ڦٽي ڪري ڇڏڻ مان ڇا ورتو آهي؟

غير سرمائيدار سماج ۾، سني سماج ۾، انساني سماج ۾، گهٽيءَ اپت جي ڪري اهي پاڻ پرائيءَ جا غير معقول مظاهرا رونما نه ٿيندا آهن. ڇو ته اتي فيشن کي، نلهيءَ ڪپتڪاريت کي، اقتصادي ترقيءَ جي عوض طور استعمال ڪونه ڪيو ويندو آهي. ان جو مطلب اهو ڪونهي ته اتي ماڻهو ڪائڻ پائڻ، رهڻ ۽ پنهنجي فرصت ۽ واندڪائيءَ کي سڦلي بنائڻ ۾ دلچسپي ڪانه ٿا رکن. يا انهن لاءِ ڪن مڙهيل اصولن تي يا ڪن عائد ڪيل احڪامن ۽ فرمانن تي، مجبور ٿي، عمل ڪندا آهن. فطري ڳالهه آهي ته اتي به رڌ پچاءَ جي سٺن طريقن، دسترخوان جي سينگارڻ، فضليت وارين ۽ وڻندڙ پوشاڪن پائڻ، گهرو آسائش ۽ سونهن صفائيءَ وغيره کي خاص اهميت ڏني وڃي ٿي. انسان دوست سماجن ۾ وڏي ڳالهه هيءَ هجي ٿي ته اتي نري خريداريءَ جي چاهه کي، ڪپتڪاريت جي حيواني شوق کي، هرگز زندگيءَ جو مقصد ڪري نٿو ليکيو وڃي ۽ نه ڪڏهن ليکيو ويندو. آءٌ جيڪو فلسفيماديت کي مجيندڙ آهيان ۽ روحانيت وارن جي طرفان مون تي الزام آهي ته رڳو ڪائڻ پيئڻ ۽ چوڙڻ ماڙڻ ئي مون لاءِ زندگيءَ جو مقصد آهي، اهي ڳالهيون ڪري دنيا کي ترڪ ڪرڻ جي صلاح ڪونه ٿو ڏيان. آءٌ رڳو ان هڪ نقطي تي زور ٿو ڏيڻ گهران ته اڄ جي هڪ مهذب انسان جو اعليٰ تصور اهو آهي ته هن جي انساني شخصيت جو اظهار ٿئي، هن جي خالص ۽ خاص اها خواهش هوندي آهي ته عقل جي قانونن مطابق سڀ جي فائدي ۾ زندگي ڪارائتي، صالح، صحيح ۽ سادي بسر ٿئي.

هڪ شخص جيڪو پنهنجي سموري ڄمار فيشن جي پنيان ڊوڙندي وڃائي ڇڏي ٿو. جيڪو ڏيان جي ڇڪائيندڙ پوشاڪ جي ذريعي خودنمائيءَ جي ڪوشش ڪري ٿو، اهو اصل ۾ ڪل جهڙو ۽ رحم جوڳو شخص هوندو آهي.

خريداريءَ جي چاهت، محض ڪپتڪاري، سماجي اخلاقي اصولن جو ضد هوندو آهي. ان جي ڪري انيڪ خرابيون ۽ حيواني بدعتون پيدا ٿينديون آهن. ان سان انسان بدعمل، بي نفسو ۽ امنش بڻجي ٿو، ان کي ڪهڙيءَ طرح بنجو ڏيئي سگهجي ٿو؟

روشن خياليءَ سان، ڪشاده دليءَ ۽ خنده پيشانيءَ سان، ڏيکاءَ، ڪوڙ ۽ منافقت جي پردي کولِ سان، شين جي معقول استعمال ۽ مناسب ڪاپي ڪان همٿائڻ سان، اجاين ضرورتن جي پيٽ ۾ معياريءَ ۽ فضيلت پرين ضرورتن جي ماپن ۽ ماڻ قائم ڪرڻ سان.

اڄ جي پنهنجي سماج جي حالتن جي چند ڇاڻ مان پڌرو ٿئي ٿو تہ اهڙيون اجايون ضرورتون جهڙوڪ تماڪ ڇڪڻ، بوتلون پيئڻ، گهٽو ڪاڏو ڪائڻ، گهرج کان وڌيڪ ڪپڙا ۽ جتيون ۽ ٻيون شيون خريد ڪرڻ، گهرن جي گهٽي ناهہ نوهہ ڪرڻ ۽ انهن جي نامعقول نوع سان سينگارڻ فطري نہ پر غير فطري ضرورتون آهن. ۽ اهي ضرورتون فقط بي انصافيءَ تي ٻيٺل ۽ بي انصافيءَ سان هلندڙ سماج ۾ پيدا ٿين ٿيون ۽ موجود رهن ٿيون. بي انصاف سماج کي بقا ۽ دائميت جو پروانو انساني تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ ميسر نہ رهيو آهي. اهو بدلجندو آيو آهي. بدلجڻ لاءِ آهي، ۽ بدلجڻو ئي آهي. بيماري رهي پر بيماريءَ جي علامتن کان آجائي ٿئي ائين نہ ٿيندو آهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو.

(ڪتاب ’ماڻهوءَ جو ڀاڳ‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) انساني زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون ڪهڙيون ڪهڙيون ٿين ٿيون؟ بيان ڪريو.
(2) ڪپتڪاريءَ جو پوت سماج تي ڪهڙا اثر وجهي ٿو؟ بيان ڪريو.
(3) اڻڪمايل دولت مان ڇا مراد آهي؟ اها حرص ۽ لالچ ۾ ڪيئن اضافو ڪري ٿي؟ بيان ڪريو.
(4) انسان دوست سماج لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون درڪار آهن؟ مثالن سان بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

نڪمٽائي - ڪپتڪاري - امنش - هجڻ - ڇوڙڻ ماڻڻ - چنڊچاڻ - ڳهہ ڳهان

### (ج) مضمون ’انسان، شين جي دنيا ۾‘ جي مرڪزي خيال، بنيادي نڪتن ۽ نتيجن بابت پنهنجي راءِ لکو.

### (د) محمد ابراهيم جويي جي ڏنل مضمون ’انسان شين جي دنيا ۾‘ جي اسلوب بابت ٻڌايو.

## (ھ) ’پريوڳ‘ کي ذھن ۾ رکي، ھيٺ ڏنل جملا پڙھو.

1. ڇوڪرو لِکي ٿو.　　　ڇوڪرا لِکن ٿا. (عدد)
2. ڇوڪرا لِکن ٿا.　　　ڇوڪريون لِکن ٿيون.(جنس)
3. آءٌ لِکان ٿو.　　　اسين لِکون ٿا. (ضمير)

مٿين جملن ۾ فعل، فاعل سبب، عدد، جنس ۽ ضمير پٽاندر تبديل ٿئي ٿو. ھتي اھو ڏسڻو ھوندو آھي تہ ’فعل‘ ڪھڙي سبب تبديل ٿئي ٿو. جيڪڏھن فعل، فاعل جي لاڳاپي سبب تبديل ٿئي ٿو تہ ان جو پريوڳ ڪرتري ٿيندو. مٿيان جملا پريوڳ ڪرتريءَ جا مثال آھن.

جيڪڏھن فعل، مفعول جي لاڳاپي سبب تبديل ٿئي ٿو تہ ان جو پريوڳ ڪرمڻي سڏبو،
جيئن:

1. نانگ مارجي ويو.　　　نانگَ مارجي ويا. (عدد)
2. نانگ مارجي ويندو.　　　نانگڻ مارجي ويندي. (جنس)
3. آءٌ مارجان ٿو.　　　ھو مارجي ٿو. (ضمير)

ايئن ئي جيڪڏھن فعل، فاعل يا مفعول سبب تبديل نہ ٿو ٿئي، ان جو پريوڳ ڀاوي سڏبو، جيئن:

1. ڇوڪري چورَ/ چورَن کي پڪڙيو.　　　ڇوڪرن چورَ/ چورن کي پڪڙيو. (عدد)
2. ڇوڪريءَ چورَ/ چورَن کي پڪڙيو.　　　ڇوڪرِيُن چورَ/ چورَن کي پڪڙيو. (جنس)
3. مون چورَ/ چورَن کي پڪڙيو.　　　اسان چورَ/ چورَن کي پڪڙيو. (ضمير)

جملن ۾ فعل جو فاعل يا مفعول سان لاڳاپي سبب، تبديل ٿيڻ يا نہ ٿيڻ واري صورت، کي ’پريوڳ‘ چئبو آھي.

پريوڳ لفظ جي معنىٰ آھي: ويجھو لاڳاپو يا ميلاپ.اوھان مٿي ڏنل ھرھڪ پريوڳ جھڙا ڪي ٻيا مثال ڏيئي، پريوڳَ واضح ڪريو.

**سرگرمي:** اُستاد ٻارن کي بجلي، گئس ۽ پاڻيءَ جا بِلَ پڙھڻ لاءِ چئي ۽ انھن بابت ڳالھ ٻولھ ڪرائي تہ انھن جو دُرست استعمال ڪيئن ڪجي؟

# ڊاڪٽر غلام علي الانا



ولادت: 1930ع

وفات: 2020ع

ڊاڪٽر غلام علي الانا، 15 مارچ 1930ع تي، ڳوٺ ٽڙ خواجا، تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ غريب هاريءَ الهڏني جي گهر ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون پي. ايڇ. ڊي ڊاڪٽر هو، جنهن 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' جي موضوع تي علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي رهنمائي ۾، سال 1971ع ۾ پي- ايڇ- ڊي ڪئي. سنڌس رهنمائيءَ ۾ ڪيترن ئي محققن ڊاڪٽريٽ جون ڊگريون ورتيون آهن. هن شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ 'ٽڙ خواجا' ۾ ورتي. ثانوي تعليم ميرپور بٺوري ۽ ٺٽي محمد خان مان ورتي ۽ اين. جي. وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. بي.اي آنرس سنڌي ادب ۾، 1953ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. ايم. اي سنڌي ادب 1955ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. ڊاڪٽر غلام علي الانا لسانيات ۽ علم صوتيات ۾ لنڊن يونيورسٽيءَ مان 1963ع ۾ ايم. اي ڪئي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور چونڊيو ويو. جتان ترقي ڪندو، 1976ع ۾ ساڳئي شعبي ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر، سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو چيئرمين پڻ رهيو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا، تن ۾ 'چور'، 'لاش'، 'سنڌي صورتخطي'، 'سنڌي نثر جي تاريخ'، 'سنڌي صوتيات'، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد'، 'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر'، 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ'، 'سنڌ جي لساني جاگرافي'، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس'، 'سنڌي زبان جي بنيادي لغت'، 'ڳنان شناسي' ۽ ٻيا آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪيترائي قومي ۽ صوبائي ايوارڊ حاصل ڪيا. هُن 28 نومبر 2020ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.

# سنڌ جو ثقافتي ورثو

**سکيا جي حاصلات**

✪ تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان سماجي، ثقافتي ۽ معاشي لکڻين کي سمجهي، پڙهي سگهي. ✪ درسي ڪتابن کان سواءِ ٻين ادبي ۽ علمي ڪتابن پڙهڻ جو شوق رکي سگهي ۽ مطالعي لاءِ لائبريرين مان ڪتاب چونڊڻ جو شوق ۽ ذوق پيدا ڪري سگهي.
✪ جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي، گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽس تان معلومات حاصل ڪري، ان جي اهم نُڪتن تي پنهنجن لفظن ۾ تبصرو ڪري ٻڌائي سگهي. ✪ خاص علمن ۽ ڏنڌن جي اصلاحن بابت لغت جو استعمال سکي سگهي. ✪ ڪنهن بہ قسم جي لکڻيءَ کي پيشہ وراڻ يا ٽيڪنيڪي حوالن سان سمجهي پڙهي سگهي.

سنڌ جي سرزمين سونهن، سُر، ساز ۽ سخن جي زمين آهي. اڄ کان هزارها سال اڳ بہ هن زمين جي سونهن، سر ۽ ساز جي ساک هوندي هئي. هن ڌرتي ۾ تاريخ جا ورق سنڌ جي سڀيتا جي ثبوتن سان ڀريل آهن. ڪارونجھر ٽڪري، آمريءَ جا دڙا، ڪوٽڏيجي، موهن جو دڙو، رني ڪوٽ، ڀنڀور، برهمڻ آباد، ٻڌڪن جا ٽڪر، روپا ماڙي، امراڻي جا پڊ ۽ پونا پنهنجن سينن ۾ سنڌ جي سڀيتا جا داستان سانديو اچن.

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ تہ دنيا جي ماهرن کي حيران ڪري وڌو آهي. هنن کنڊرن جي کوٽائي مان مليل معلومات، اڳ جي لکيل تهذيب جي تاريخ کي رد ڪري ڇڏيو آهي، ۽ تاريخ کي نئين سر لکڻ لاءِ نيون راهون، نوان گهاٽ ۽ گس گهڙيا آهن. اڄ ڏار ڏار ملڪ ۽ ماهر موهن جي دڙي جي ڏار ڏار موضوعن تي ڪم ڪري رهيا آهن. هڪڙا ماهر هتان نين لڌل مورتين جي مطالعي جي مدد سان اڄ کان پنج هزار سال اڳ جي رهاڪن جي مذهب، مذهبي اصولن ۽ رسم رواج تي کوجنا ڪري رهيا آهن. ٻيا ڪمپيوٽرن ذريعي هتي جي مهرن کي پڙهي رهيا آهن ۽ ان ڏس ۾ ڪافي قدر ڪامياب بہ ٿيا آهن. هو هن راءِ جا آهن تہ هنن مهرن تي لکيل زبان دراوڙي زبانن جي ماءُ هئي. انهيءَ لحاظ کان اهي ماهر موهن جي دڙي جي زبان کي دراوڙي جي موجوده لهجن سان ڀيٽي، ان جو لسانياتي تجزيو ڪري رهيا آهن.

ماهرن جو ٽيون گروهہ موهن جي دڙي وارن کنڊرن، گهرو اڏاوت جي نموني، عمارت سازيءَ جي فن، روزانہ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ سامان جهڙوڪ ٿانو، مختلف ڌاتن جي زيورن، ٽامي ۽ پٽر جي اوزارن، ڪپڙي سازيءَ جي فن، آڏاڻن، مورت سازيءَ جي فن، ڪنڀارڪي ڪم، ٿانون تي نڪتل چٽن، گلن ۽ ٻين مورتين ۽ شڪلين کي سامهون رکي هن سرزمين جي پنج هزار سال پراڻي فنون لطيفہ جو مطالعو ڪري رهيا آهن.

جان مارشل، مارٽيمر وهيلر، پگٽ، روس ۽ ڪوپن هيگن جي ماهرن جون رپورٽون

مطالعي ڪرڻ سان حيرت وٺيو وڃي ۽ سوچجي ٿو تہ واديءِ سنڌ جا رهاڪو اڄ کان پنج هزار سال اڳ عمارت سازيءَ، مورتي سازيءَ، مصوري، نقش نگاري، چٽساليءَ، ڪپڙي سازيءَ، ڪنڀارڪي، سونارڪي، واڍڪي ۽ حڪمت جي ڏنڌن ۾ ماهر هوندا هئا. ٻيڙين ذريعي وڻج واپار هلندو هو. نہ فقط ايترو پر هي خطو زراعت ۾ بہ اڳيرو هو. جان مارشل دعويٰ ڪئي آهي تہ ڪپهہ جي پيداوار پهرين پهرين سنڌو ماتري ۾ ٿي. يعني دنيا ۾ ڪپهہ پهرين پهرين سنڌ ۾ پيدا ڪئي ويئي. ڪپهہ تاڻڻ ۽ ڪپڙي اُڻڻ ۽ ڪپڙيءَ سازيءَ جو هنر سنڌ کان شروع ٿيو. چرخي ڪتڻ جو رواج عام هو، گهر گهر ۾ چرخو موجود هوندو هو. هتي سنڌڻ جي نالي سان هڪ قسم جو بهترين ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو، جيڪو مغرب طرف ميسو پوٽيما ڏانهن روانو ڪيو ويندو هو ۽ ماهرن اها بہ دعويٰ ڪئي آهي تہ مصر جي بادشاهن جون مميون (لاش) ’سنڌڻ‘ ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪيون ويندين هيون. اڳتي هلي هن ڏس ۾ عرب سياحن جي سفرنامن مان مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. هتان ’ڇيٽ‘ جو ڪپڙو، ’بافتو‘ ۽ ’پٽ‘ مغرب توڙي مشرق طرف روانو ڪيو ويندو هو.

جان مارشل جي رپورٽ مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هت ڄُر ۽ رڱاوت جو ڪم بہ ٿيندو هو.

موهن جي دڙي مان لڌل مورتين ڪي جاچي ڏسڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ ان زماني ۾ پٿر مان هٿيارن، ٿانون، مورتين ۽ وٽن، تورن ناهڻ کان سواءِ پٿر تي اکر جو ڪم بہ ڪيو ويندو هو.

مون اڳ ۾ عرض ڪيو آهي، سنڌ جي سرزمين سونهن، سر ۽ ساز جي زمين آهي، نزاڪت، نفاست، سونهن، ساز ۽ سر اسان کي ورثي ۾ مليا آهن. انهيءَ ورثي جو ثبوت گهٽ ۾ گهٽ پنجن هزارن سالن واري عرصي تائين تہ ڏيئي سگهجي ٿو. موهن جي دڙي مان لڌل ناچو ڇوڪريءَ جي مورتيءَ جي مدد سان اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ ناچ هن خطي ۾ پنج هزار سال اڳ بہ رائج هو. ناچ سر ۽ ساز کان سواءِ ناممڪن آهي. انهيءَ ڪري اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ ساز سُر، رس ۽ رهاڻ سنڌ جي سرزمين کي پيدا ٿيڻ سان ئي ورثي ۾ مليا آهن.

علامہ آءِ آءِ قاضي مرحوم هڪ دفعي عبرت اخبار کي خط ذريعي لکي موڪليو تہ ”سنڌي ٻوليءَ ۾ موسيقي آهي. يقيناً اها موسيقي يا موسيقيت هزارين سالن کان هلندي، جيئندي ۽ اسان مان هرهڪ ۾ سنڌوءَ جي لهرن، مٽي جي ريٽ سان گڏ سمائجي ويئي آهي.“

هي ڳالهيون قديم تهذيب ۽ تمدن طرف توجهه ڇڪائين ٿيون. آءٌ ”پدرم سلطان بود“ واري نظريي جو حامي نہ آهيان. اسان جي شاندار ماضيءَ جي ذڪر ڪرڻ مان منهنجو مقصد هي آهي تہ قديم سنڌ ۽ موجوده دور جي ثقافت، رهڻي ڪهڻي، لباس،ڪاڌي خوراڪ ۽ هار سينگار جي سامان جو مطالعو ڪجي ۽ انهن جو تقابلي اڀياس ڪجي. اڄ جن جن شين جو استعمال اسين ڪريون ٿا، انهن جو اڀياس ٻڌائي ٿو تہ سنڌ وارن پنهنجي قديم تهذيب ۽ تمدن کي ضايع نہ ڪيو آهي، بلڪ ان کي سانديو آهي ۽ دانستہ يا نادانستہ ان کي هنئين سان هنڊايو آهي. هزارين سالن جي گذرڻ جي باوجود، اسان جو چوڙيگر عاج مان ساڳئي قسم جا چوڙا يا چوڙيون پيو ناهي. ڪنيار جي چڪ ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ آيو آهي. ڪنيار اڄ بہ ٿانون تي ساڳيا چٽ ٺو چٽي. اوهين پاڻ موهن جي دڙي مان لڌل مٽيءَ جي سادن ٿانون تي نڪتل چٽ، موجوده وقت ۾ نهيل مٽيءَ جي ٿانون تي نڪتل چٽن سان ڀيٽي ڏسو. ٿانون تي ٺيل نقش نگاري، نڪتل چٽن، گلن، شڪلين، مورتين ڪان سواءِ خود ٿانون جي ساخت ۽ نمونن کي بہ جاچي ڏسو، اڄ بہ دڪيون، پاٽيون، ڪوزا، مٽ، دلا وغيره نهن ٿا، جيڪي موهن جي دڙي مان هوبهو نموني جا لڌا ويا آهن. اهڙيءَ طرح هڏيءَ عاج ۽ ڪوڏ مان نهيل سامان، ٽامي مان نهيل پيالا، چڙا، چاقو، کهاڙيون ۽ ڇيٽيون وغيره وغيره عام جام لڌيون ويون آهن. جيڪي اڄ جي پيالن، چرن، چاقوئن، کهاڙين ۽ ڇيٽين کان مختلف نہ آهن.

اڄ سنڌ علم الانسان (Anthropology) جي علوم جي ماهرن جي نظر جو مرڪز بڻيل آهي. اڄ واشنگٽن جي سمٿ سونين انسٽيٽيوٽ، نيويارڪ جي نيچرل هسٽريءَ جي ميوزيم، پئرس جي موزي دي لاهه، لنڊن جي برٽش ميوزيم ۽ آسٽريا توڙي آسٽريليا ۽ ڪوپن هيگن جا ائٿنولاجي ۽ اينٿراپالاجي (Ethnology and Anthropology) جا ماهر سنڌ تي ڪم ڪري رهيا آهن. ڪي سنڌ جي لباس ۽ رهڻي ڪهڻيءَ تي تحقيق ڪري هيا آهن تہ ڪن سنڌ جي ڀرت، ڄُر ۽ رنگاوت جي ڪم تي ڪتاب لکيا آهن، تہ ڪي اسان جي گهرن، گهرو سامان تي گهري ڦولا ڪري رهيا آهن. ڪي ماهر سنڌ جي قديم قومن ۽ قبيلن، جهڙوڪ جتن، نومڙين ۽ منچري ميربحرن تي تحقيق ڪري رهيا آهن. ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ درياهہ جي ڪنڌين، ڍنڍن جي ڪنارن، ساموندي ساحل، جبلن، جوڏن ۽ مڙهن ۾ رهندڙ ماڻهن جو مطالعو ڪجي.

سنڌ ۾ بي بها خزانو آهي. پٿر تي اُڪر جو ڪم، گلڪاري، چٽ ۽ تصويرون حيرت ۾ وجهيو ڇڏين. مڪلي ٽڪري، چوکنڊيءَ وارو قبرستان، پليجن جون ڇٽيون،

لاکي لطيف الله وارو قبرستان، شيخ ترابيءَ وارو قبرستان، ميين ونهين جو قبرستان، جوهيءَ طرف بلوچن جون قبرون، مانجوند (مانجهند) جي سامهون شاهه اويس جو قبرستان، منگهي پير وٽ برفتن جون قبرون، جوکين جو قبرستان ڏسي ۽ انهن قبرن تي مختلف نمونن جا چٽيل چٽ ڏسي، حيرت وٺيو وڃي. هن قسم جي فن تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. رنگين تصويرن، رنگين ٽرانسپيئرنٽ سلائيڊن ذريعي هيءُ هنر محفوظ ڪري، هتي جي ڪاريگرن جي ڪاريگري، فنڪارانه انداز ۽ سوچ ڪان دنيا وارن کي واقف ڪري سگهجي ٿو.

پٿر تي ٿيل اُڪر جي ڪم کان سواءِ ڪاٺ تي ٿيل رَنبيءَ جو ڪم ۽ گلڪاري به پنهنجي ليکي هڪ اهم ڪم آهي سنڌ ۾ درويشن جي درگاهن ۽ پڄرن تي ٿيل ڪاٺ تي اُڪر جي ڪم جا بهترين نمونا موجود آهن. انهن کان سواءِ گهرن جي شهتيرن، چتين، درين ۽ دروازن تي ٿيل ڪم ته ڏسڻ وٽان آهي. هن ڪم ۾ خدا آباد، ٺٽي، نصرپور ۽ شڪارپور جا واڍا برک ليکبا هئا. شڪارپور، ٺٽي ۽ نصرپور ۾ ڪي نمونا باقي وڃي بچيا آهن، جن کي بچائڻو آهي، ورنه هي هنر هاڻ ذري گهٽ ختم ٿي چڪو آهي.

هيءَ حقيقت اجا تحقيق طلب آهي ته اُڪر جو ڪم پهرين ڪاٺ تي ڪيو ويو يا پٿر تي؟ موهن جي دڙي مان لڌل پٿر جي مورتين تي هن ڪم جو رواج هوندو هو.

سنڌ جي هنرن ۾ چر ۽ رڱاوت جو هنر به هڪ اهم فن آهي. درحقيقت پٿر ۽ ڪاٺ تي چٽيل يا اڪيل گل، نقش يا چٽ جا ڪيترائي نمونا اجرڪ، چادر وغيره تي چريل گل يا چٽ سان گهڻي قدر مشابهت رکن ٿا. مڪلي ٽڪريءَ تي مرزا جان بابا جي مزار جي اندرئين حصي تي چٽيل گل نقش، ٽنڊي محمد خان ۽ ٽنڊي جان محمد ۾ چريل چادر تي گل ۽ نقش سان هڪجهڙائي رکن ٿا. هن هنر جي مختلف نمونن ۽ انهن ۾ آيل تبديلين کي سلائيڊ يا رنگين تصويرن ذريعي محفوظ ڪرڻو آهي ته جيئن گذريل دور جي فنڪارن جو هلندڙ زماني ۾ ۽ هلندڙ زماني جي فنڪارن جي فن جو ايندڙ زماني ۾ مطالعو ڪري سگهجي. موهن جي دڙي مان لڌل مرداني مورتيءَ کي اوڍيل چادر تي گل اڄ به سنڌ ۾ چُريو وڃي ٿو.

واديءِ سنڌ پرت جي هنر ۾ به قديم زماني کان مشهور رهي آهي. ٿري، بلوچي، ڪوهستاني ۽ سنڌي پرت جا ڌار ڌار نمونا پنهنجي ڌار ڌار خصوصيتن جي ڪري ڄاتا سڃاتا ويندا آهن. سنڌي پرت جو 'هرمچ' وارو نمونو، ٿر ۽ ڪوهستان ۾ ٽڪن تي ٿيندڙ پرت، دنيا ۾ شهرت حاصل ڪري چڪا آهن. ڌار ڌار نمونن ۾ ڌار ڌار رنگن جي بيهڪ،

جاميٽريءَ جون ڊزائنون، سئيءَ جي ڪُڻ ۾ نفاست، باريڪي ۽ دلڪشي مختلف گلن پرڻ ۾ سونهن، سوپيا ۽ سندرتا، ڪاريگر جي اک جي ڪوملتا ۽ نرملتا، مطلب ته پرت ڏسڻ سان ئي پرڻ واري جي دانائي، چاڻ، رنگن جي بيهڪ ۽ ورهاست، پسند ۽ سليقي ۽ نفاست لاءِ واڪاڻ ڪرڻ ڪان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. پرت جي نمونن ڏسڻ سان سهي ڪري سگهبو ته هي کهڙي خطي ۾ پريل آهي، کهڙي قوم جو پريل آهي. هندن جو پريل آهي يا مسلمانن جو؟ ڇاڻو هي به ٻڌائي سگهندا آهن ته جيڪڏهن هندن جو پريل آهي ته انهن ۾ کهڙيءَ ذات جو؟ مينگهواڙن جو وغيره. اهڙيءَ طرح مسلمانن ۾ به پرت پرڻ جو فرق ٿيندو آهي.

سنڌ ۾ هاڻ ڏار ڏار ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڏار ڏار ڪم ٿئي ٿو. ساڳئي شهر ۾ ساڳيو ڪم مشڪل سان ٿيندو هوندو. مثال طور رلي ته هر هنڌ نهي ٿي، پر سانگهڙ، عمرڪوٽ ۽ ڪاڇي ۾ ميل واري حصي ۾ سبيل رليءَ جو مٽ ئي ڪونهي.

اهڙيءَ طرح چُر جي ڪم ۾، خاص ڪري اجرڪ جي مختلف نمونن چرڻ ۾ اڄ سيڪاٽ، مٽياري، ماتلي ۽ ٽنڊو محمد خان مرڪز ليکيا ويندا آهن. بستري يا پلنگ جي چادرن چرڻ ۾ ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو جان محمد خاص شهر آهن. بگ، هندڪي ۽ مسلمانڪي پڙي، سوڙ، ٻانڌڻي ملير جي چرڻ ۾ عمرڪوٽ، غلام نبي شاهه، هٿونگو ۽ مٺي مشهور شهر آهن. اوهان کي معلوم هوندو ته مٽيءَ جي سادن ٿانون تي به چر جو ڪم ٿيندو آهي. هن هنر ڪان بلڙي ۽ گرهوڙ مشهور آهن.

سنڌ اوچي ۽ ڪپڙي اٽڻ ڪان قديم زماني ڪان ساڪائتي آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي گهر گهر مان چرخو لڌو ويو آهي. اڳتي هلي هر دور ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ آڏاٽن جو ثبوت ملي ٿو. ڪلهوڙن جي زماني ۾ ٺٽو ۽ ٻيا شهر ڪپڙي سازيءَ جي فن ۾ ناميارا هئا. سنڌ هن فن کي قديم زماني ڪان جاري رکندي اچي. اڄ به هٿ لونگيون، کيس، گربي، سوسي، مونڙو، ڪتا، گيگم، فراسيون، ڪرڙيون حاجم، گلم، غاليچا، توبرا ۽ نود اٽيا ويندا آهن. ٺٽو لونگي اٽڻ ۾، نصرپور ۽ گمبٽ کيسن اُٽڻ ۾، ننگرپارڪر ۽ ڇاڇرو ڪَٽن ناهڻ ۾، هالا گربي، سوسي ۽ مونڙو اٽڻ ۾، ڪپرو، ڪورواهه، بوبڪ، مٺي، حيدرآباد ۽ ڪوهستان گِلمن، غاليچن، فَراسين ۽ ڪرڙين وغيره ناهڻ ۾ مشهور آهن.

ڪاشيءَ جي ڪم جو رواج به موهن جي دڙي واريءَ تهذيب واري دور ڪان هلندو اچي. هن ڏس ۾ جان مارشل ڪان سواءِ مارينمر وهيلر ”اندس سِولائيزيشن“ ڪتاب ۾ لکي ٿو ته موهن جي دڙي مان لڌل ڪاشيءَ جي برتنن تي هلڪي سليٽي رنگ تي گهري واڱڻائي

رنگ جو ته چڙهيل آهي. آويءَ ۾ وجهڻ کان اڳ، برتنن تي ٺپي سان ڪاشيءَ جو مصالحو هڻايو ويندو هو، انهيءَ لاءِ ته سڌيون ۽ لهريدار ليڪون نهن ته جيئن انهن تي سونهن پيدا ڪندڙ ڊزائين نهي پوي. بهرحال ڪمانگر اڄ به پنهنجي ڪم ۾ مشهور آهن. اڄ به هالا، سيوهڻ ۽ نصرپور ۾ سرون، صراحيون، دڪيون، پاٽيون، نيلون، ماٽيون، ڪونڊا، پيالا، منجا، ڍاڪون ۽ رانديڪا ناهيا وڃن ٿا، جي پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا جي ڪري سينگار جي سامان طور رکيا ويندا آهن.

ڪاشيءَ جي سامان کان سواءِ جنديءَ جا سامان به سنڌ جي سوکڙيءَ طور ڏبا آهن. هالا، ڪاٽوٽ ۽ ڪشمور هن سامان جي ڪري مشهور آهن.

سنڌ ۾ مردن توڙي زالن جو لباس به اڄڪلهه ملڪي توڙي غير ملڪين جو سامان استعمال ٿيڻ لڳو آهي. سنڌي گج، گگهو، گاجرو، پهراڻ، پڙو، چني، پوتي، چولو، ساڻ، ٿئونر واري جتي، پٽڪو، صدري، گندلو اسان جي لباس جا نمونا آهن. لباس کان سواءِ سنڌي زيور به تعريف جي لائق آهن. موهن جي دڙي مان لڌل چوڙا، هار، مٽڪا، موتي ۽ منڊيون اڄ به ساڳئي نموني وارا سنڌ مان ملن ٿا. ناچو چوڪريءَ جي مورتيءَ ڪي پيل هار، بانهين، چوڙا، ڪنگڻ ۽ بانهوننا اڄ به عام طور استعمال ڪيا ويندا آهن. موجوده زماني ۾ نٿ، ويندو، ڪنمال، چندن هار، هسي، نسبيون، تائيٿ، ڪڙيون، نورا، چير، ورٽا، منڊيون، به ڪير، بانهوننا ۽ چوٽيءَ ڦل سنڌي عورتن جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ سرسي پيدا ڪن ٿا.

جيئن پشم، ڏاڪي، ڏاس، ملس ۽ ريشم ڪي اُٽي مختلف شيون ناهيون وينديون آهن، تيئن سنڌ وارا ڪکن ۽ ڪانن وغيره ڪي به ضايع ٿيڻ نه ڏيندا آهن. درياءَ جي ڪنڌين تي، ڍنڍن جي ڪنارن تي، واهن جي ورن تي، ڪاني، ڪاني ۽ تيليءَ مان گهرو استعمال جون شيون ناهيندا آهن. ڪاني مان پکا، موڙا، چڄ ۽ ڪارا ناهين، ڏير مان تڏا ۽ ٿئونريون ناهين، سَرن مان ٿوئا ۽ پليون ناهين. ڪانيءَ مان ڊبڪيون، سونگا ۽ ٽبڪڙا ناهين، اهڙي طرح ڪانيءَ مان سونڊا ۽ ڏنها ناهين. سنڌ جا غريب مهاڻا، ميربحر، بالا، شڪاري ۽ پارهيڙي قومن جا ماڻهو هن طرح سان پنهنجو پيٽ گذر ڪن.

سنڌ ۾ مختلف خطن ۾ رهندڙ مختلف قومن جي مردن توڙي عورتن جي روايتي لباس، ڏڻ وار تي پهريل پوشاڪ جو مطالعو معلومات افزا آهي. هتي جا ڪولهي، پيل، ڪوڪڙي، گرگلا، جوڳي، ڪوچڙا، اوڏ، مگٺهار، لنگها، ميراثي ۽ مينگهواڙ ۽ ان کان سواءِ پالاري، جوکيا، جاکرا، نومڙيا، شودا، منورا، گندرا ۽ ونگرا پنهنجي روايتي لباس جي

ڪري تاريخ جي انوکي باب مثل آهن. هتي جا واڍا، موچي، سوچي، ڪوري، ڪتي، رنگريز، چاڪي، رازا، چوڙيگر، ماري، سرهيا ۽ شيدي سنڌي ثقافت جا سونها آهن.

اسان جي روزانہ زندگي ۾ ڪم ايندڙ سامان بہ ڏاڍو دلچسپ آهي، حالانڪ وقت سان گڏ ان ۾ بہ تبديليون آيون آهن. اسان جو هندورو، پينگهو، ڪٽ، منجي، دٻڪي، مانڌاڻي، جهرڻو، چاڏي، سونکي ڇڄ، وجٽي، تڏو، تئونري، ويلڻ ۽ پاٽيو، اڪري ۽ مهرلو، مهري، سينهوڙي، ڦٽي، چڪو، سرميداڻي، اڳٺ وجهٽي، ڏندن ڪوٽٽي، سڳيون، ڪندلو، ڏوئي ۽ سياري ۾ آڳٽي سنڌ جي ثقافت ۽ روزانہ زندگيءَ جي نمائندگي ڪندڙ آهن. انهن ۾ هاڻي تبديلي ايندي وڃي. ڪير ڏهڻ، ڪير ولوڙڻ، وهراج ۽ لابارو، پريون ڪٽڻ، ڪوهہ تان پاڻي ڀرڻ، ٻيڙين تي رهڻ، مڇي ۽ پَلي مارڻ جا طريقا، چاڪيءَ جو گهاڻو، ڪوريءَ جو آڏاڻو، هاريءَ جو هرلو، پيهي تي ٻيهي پڪي هڪلڻ، لڳڻ جو نڪاءُ، مچ تي ميڙو، راڄن چڱن مڙسن جون اوطاقون. مطلب تہ اهي منظر اسان جي ثقافت جي نمائندگي ڪندڙ آهن. انهن کي محفوظ ڪرڻو آهي. جيڪڏهن انهن منظرن کي هينئر تصويرن ذريعي رنگين سلائيڊن ذريعي محفوظ نہ ڪيو ويو تہ اسان وڏي غلطي ڪنداسين. دنيا تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي، انهيءَ ترقي جو اثر سنڌ تي بہ ٿيندو رهيو آهي. اڄ ٽرانسسٽر، بجليءَ ۽ پڪين سڙڪن اسان جي روزانہ زندگيءَ ۾ انقلابي تبديليون آنديون آهن. ٻئراج ۽ واهن اسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ اقتصادي حالت ۾ وڏو ڦيرو آندو آهي. اڄ فجر جو لاچار ڪنهن گهر مان جنڊ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. اناج جي چڪين جنڊ جي استعمال کي موڪل ڏيئي ڇڏي آهي. اڄ مائرن کي ڪوڏاڻا ڏيڻ نہ ٿا اچن. مائرن کي لولي ڏيڻ وسرندي وڃي. اڄ ڇيڄ ۽ جهمر جو رواج گهٽبو وڃي. اڄ شادين تي دهل ۽ شرناءِ جي بدران بئنڊ گهرائڻ جو رواج شروع ٿي ويو آهي.

هي ئي وقت آهي، جنهن ۾ اسين پنهنجي روايتي زندگيءَ جي طور طريقي کي ۽ سنڌي ثقافت کي بچائي سگهون ٿا. خالي سنڌي ٽوپي پائي هلڻ يا اجرڪ ڪلهي تي رکڻ سان سنڌي ثقافت جو تحفظ ٿي نہ سگهندو. اسان کي پنهنجي ورثي کي سنڀالڻ لاءِ ان کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ميوزيم ۽ آرٽ گئلرين جي ناهڻ جي ضرورت آهي. انهن ۾ تصويرن ذريعي، مادل سنڌي ثقافت جي مختلف پهلوئن جي نمائش ڪرڻي آهي.

اچو تہ پنهنجي ورثي کي سنڀاليون، اچو تہ پنهنجي ثقافت کي محفوظ ڪريون، اچو تہ پنهنجي ثقافت جي خوبين کي ڏورانهن ملڪن سان روشناس ڪريون.

(’غلام علي الانا جا مضمون ۽ مقالا‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي مضمون ’سنڌ جو ثقافتي ورثو‘ ۾ سنڌ جي ڪهڙن ڪهڙن تاريخي ماڳن ۽ مڪانن جو ذڪر ڪيو آهي؟ بيان ڪريو.

(2) موجوده دور ۾ سنڌ جي ثقافت ۾ ڪهڙي تبديلي آئي آهي؟ بيان ڪريو.

(3) سنڌ جو ڀرت وارو هُنر ڪيترو قديم آهي ۽ اُن جا ڪهڙا ڪهڙا نمونا آهن؟

(4) اسين پنهنجي ثقافتي ورثي کي ڪيئن محفوظ ڪري سگهون ٿا؟ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

ساک - ڪنڌر - رڱاوت - نفاست - بي بها - گُلڪاري - مُشابهت - سليقو - ساڪائتو - رنگريز - روشناس

### (ج) متي، پٿر، ڏاڪي، ڪاٺ ۽ لوهه مان ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ٺهنديون آهن؟ انهن بابت تفصيل سان لکو.

### (د) هيٺ ڏنل هنرن بابت لکو.

(1) جنڊيءَ جو هنر (2) ڪاشيءَ جو ڪم (3) ڀرت جو هنر (4) پٿر تي اُڪر

### (هه) اوهان درسي ڪتابن کان سواءِ سنڌي ثقافت بابت جيڪي ڪتاب پڙهيا آهن، انهن مان ڪنهن به هڪ ڪتاب تي تبصرو لکي ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

**سرگرمي:** گوگل، يوٽيوب يا ڪنهن ٻيءَ ويب سائيٽ تان سنڌي ثقافت بابت ڪا به هڪ دستاويزي فلم ڏسو ۽ ان بابت ڪلاس ۾ تبصرو ڪريو.

# ڊاڪٽر نور افروز خواجه



ولادت: 1953

ڊاڪٽر نور افروز خواجه 5 جولاءِ 1953 ع ۾ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ جو نالو سيٺ احمد علي آهي. هُن 1969 ع ۾ مئٽرڪ، 1973 ع ۾ بي-اي فرسٽ ڪلاس ۾ ڪئي. 1976 ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم-اي سنڌي ادب ۾ ڪيائين. هُوءَ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آرٽس فئڪلٽيءَ جي ڊين ۽ سنڌي شعبي جي چيئرپرسن پڻ رهي چڪي آهي. 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر' جي عنوان تي علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي رهنمائيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي ڪيائين. ڊاڪٽر نور افروز خواجه سنڌي ادب جي مختلف موضوعن تي تحقيقي ۽ تنقيدي حوالي سان لکندي رهي آهي. سندس ڪيترائي مقالا ۽ مضمون لکيل آهن، جيڪي نئين زندگي، مهراڻ، پرک، ڪينجهر، سرتيون، سنڌي ادب، پيغام ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿي چُڪا آهن.

موجوده دور ۾ تنقيد ۽ تحقيق جي حوالي سان ڊاڪٽر نُور افروز خواجه جو نالو پڻ اهميت جوڳو آهي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه جا ڪيترائي علمي ۽ ادبي تحقيقي مقالا ڇپيل آهن، سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'پرڏيهي آڪاٽيون'، 'ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر'، 'پائي پٽ ڪٽا'، 'مشڪ ڪٿوري مڻ' شامل آهن.

# سنڌي ناول نويسي

**سکيا جي حاصلات**
✪ ڪنهن بہ مضمون لکڻ وقت علمي حاصلات ۽ بين نڪتن تي پنهنجي راءِ لکي سگهي. ✪ معنيٰ جي لحاظ کان، لفظن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ۾ فرق ڪري سگهي. ✪ طويل متن جو خلاصو /تت لکي سگهي ۽ سوالن جا جواب لکي سگهي.
✪ مرڪب جملن جو درست استعمال ڪري سگهي.

ناول انگريزي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’نئون‘ يا ’نئين شيءِ‘ يعني ’نئين صنف‘. علم ادب جون گهڻيون ئي صنفون آهن، ناول انهن مان هڪ اهڙي نثري صنف آهي جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي ويچارن، خيالن، جذبن، احساسن، قولن، فعلن ۽ حالتن کي ظاهر ڪيو ويندو آهي. ناول جو مقصد ئي اهو آهي تہ انسان جي روزمره زندگيءَ جي واقعن تي روشني وجهڻ ۽ ان جي رازن کي کولڻ . ناولن جي موضوعن ۾ زندگيءَ جو وسيع، گهرو ۽ پرپور احوال اچي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري علم ادب جي سيني نثري صنفن ۾ مقبول ترين ناول جي صنف رهي آهي.

ناول جي شروعات ارڙهين صديءَ ۾ ’رچرڊسن‘ جي ناول ’پاميلا‘ سان 1740ع کان ٿي. ان ڪانپوءِ پوري دنيا جي ادب ۾ ڪيترائي ناول نگار، مختلف ٻولين ۾ ناول لکندا رهيا. فرانس جي انقلاب، فرائيڊ جي انساني حياتيءَ جي رابطن جي تشريح ۽ ڪارل مارڪس جي نظرين جتي دنيا جي ادب ۾ انقلاب آندو، اُتي ناول جي صنف کي حياتيءَ جي حقيقتن جي قريب پهچايو.

سنڌي ناول جي باقاعده شروعات ڊاڪٽر جانسن جي لکيل ناول ’راسيلاس‘ جي ترجمي سان ٿي، جيڪو ساڌو نولراءِ ۽ منشي اُڌارام ٿانورداس 1870ع ۾، انگريزي ٻوليءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو. جنهن ۾ خوشي ۽ زندگيءَ جي هر منزل بيان ڪيل آهي. هن شروعاتي دور کي وندر ۽ سکيا وارو دور چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ ڪيترا ئي ناول ترجمو ڪيا ويا ۽ طبعزاد بہ لکيا ويا. هن دور ۾ سنڌي زبان ۾ لکيل پهريون ناول ’دلا رام‘ هو، جيڪو مرزا قليچ بيگ 1887ع ۾ لکيو هو.

سنڌي ناول جو ٻيو دور حقيقت نگاريءَ وارو دور هو. هن دور جي ناول نگارن اها ڪوشش ڪئي آهي تہ پنهنجي معاشري کي اڻنگين رسمن رواجن، اخلاقي بُراين کان صاف ڪن، تنهنڪري هنن پنهنجن ناولن ۾ اخلاقي ۽ اصلاحي پهلوئن وارن موضوعن

ڪي اهميت ڏني. حقيقت نگاريءَ واري موضوع تي مرزا قليچ بيگ جو طبعزاد ناول ’زينت‘ 1890ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول هُن ناول نويسيءَ جي جديد ٽيڪنڪ مطابق لکيو. هن ناول جي ڪهاڻي پنهنجي ئي سنڌي معاشري ۽ ماحول جي آهي. هن ۾ گهريلو ماحول مطابق ريتون رسمون، تعليم ۽ تربيت، نياڻين جي، سليقي مند عورتن جي تعليم حاصل ڪرڻ جهڙا موضوع پيش ڪيل آهن. ان ڪانپوءِ ديوان پريتمداس حڪمت راءِ 1892ع ۾ ’عجيب پيٽ‘ جي نالي سان طبعزاد ناول لکيو. هن ناول ۾ بہ روزمره جي زندگيءَ جي عڪاسي ڪيل آهي. ان ڪانپوءِ ويهين صديءَ جي شروع ۾ هڪ طرف تہ ناول جي ڇپائيءَ جو سلسلو گهڻي تيزيءَ سان شروع ٿي ويو، ٻئي طرف ماڻهن ۾ ناول پڙهڻ جو بہ گهڻو شوق پيدا ٿيو تہ وري ٽئين طرف سنڌي اديبن ۾ سنڌي ادب کي ترقي وٺائڻ جو جذبو گهڻو وڌي ويو. هن دور ۾ قوميت جو زور وڌڻ لڳو.

ان ڪانسواءِ هن دور ۾ بنگال جو ورهاڱو پڻ ٿيو ۽ قوميت جي تحريڪ جو اثر سنڌي ناولن تي بہ ٿيو. ڪيترائي بنگالي زبان جا اصلاحي ۽ قومي موضوعن تي لکيل ناول سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيڻ لڳا، انهيءَ جي ڪري سنڌي ناولن جا قومي بيداري ۽ معاشري جي اخلاقي اصلاح وغيره موضوع بڻجي ويا.

1914ع کان سنڌي ادب ۾ جاسوسي ناولن جو دور شروع ٿيو. هن قسم جي ناولن ۾ انگريزي زبان تان ڪيترائي جاسوسي ناول ترجمو ڪيا ويا. هن دور جو پهريون ناول خوشي رام، ’رينالڊ‘ جو ترجمو ڪيو. ان ڪانپوءِ مختلف ٻولين مان بہ ڪيترائي جاسوسي ناول سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. مرزا قليچ بيگ ’گونگو دوست‘، شرلاڪ هومز جا عجيب و غريب ڪم وغيره لکيا. سنڌيءَ ۾ پڙهيل لکيل طبقو جاسوسي ناولن کي گهڻو پسند ڪرڻ لڳو هو، انهيءَ ڪري هنن ناولن جو تعداد ٻين ناولن جي ڀيٽ ۾ گهڻو آهي. جيئن ’غيبي خزانو‘، ’خوني داستان‘، ’چورن مٿان مور‘ وغيره ان ڪانسواءِ ڪي ٿورا طبعزاد ناول بہ اهڙا آهن، جيڪي سنڌ جي جرائم پيشي ماڻهن ۾ ديسي ماحول ۽ ڌوهن جي وارداتن ۽ ٻين موضوعن تي ٻڌل آهن جيئن ’وريل نعمت‘ قابل ذڪر آهي.

پهرين ۽ ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي ڪري بہ سنڌي ناول نگارن انهن موضوعن تي، انساني همدرديءَ لاءِ قلم کنيو. هن دور جي سيني مسئلن کي ناول نگارن پنهنجي ناولن ۾ شايع ڪيو. ان ڪانپوءِ هندي، گجراتي، بنگالي، مرهٽي ٻولين تان ڪيترائي ناول ترجمو ڪيا ويا. جيئن مرزا قليچ بيگ جا ناول ’گلن جي ٽوڪري‘، ’ٽي گهر‘، امر ڏني مل

جو ’پوتنات جي جيوني‘ (26 ياڱا)، نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو ’پاپ ۽ پاڪيزگي‘ وغيره جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ويا.

اُن ڪانپوءِ سنڌيءَ ۾ تاريخي ناولن جو دور شروع ٿيو. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ناول لکيا ويا، جن ۾ گذريل زماني جي ماڻهن جي حالتن، واقعن، تاريخي شخصيتن وغيره تي ناول لکيا ويا. هن دور ۾ ڪيترائي ڪامياب ناول لکيا ويا. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ’نورجهان‘ ناول، غلام احمد نظاميءَ جو ترجمو ڪيل ناول ’حور دمشق‘ ان ڪانسواءِ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جا ناول هن دور ۾ گهڻا ملن ٿا. جيئن ’سانگهڙ‘، ’مينا بازار‘، ’ڏاهري رنگ محل‘، ’شير ايران‘، ’ٽيپو سلطان‘ وغيره ۽ خليق مورائيءَ جو ’سندري‘ ناول وغيره.

هن سڄي دور ۾ سنڌي سماج تي مختلف تحريڪن جي اثر ڪري، سنڌي ناولن جا موضوع به بدلجندا رهيا. مثلاً بنگال جو ورهاڱو، آزاديءَ جي جنگ، هوم رول تحريڪ، ٿيا سافيڪل سوسائٽي جي تحريڪ، خلافت جي تحريڪ ۽ ڪئٽ انڊيا تحريڪ جي ڪري جيئن سماج اثرانداز ٿيو تيئن ملڪ جي معاشرتي، معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتن جي ڪري سنڌي اديبن جا خيال ۽ نظريا به بدلجندا ويا، جنهن ڪري سنڌي ناولن ۾ به ڪيترائي نوان موضوع شامل ڪيا ويا. رام پنجواڻيءَ جو ناول ’قيدي‘، ديو سياڻيءَ جو ناول ’انقلابي‘ وغيره هن دور جا اهم ناول آهن. هن دور ۾ نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جا ناول ’غريبن جو ورثو‘، ’مالهڻ‘، ’وڌوا‘ ۽ پيرومل جا ناول ’موهني‘ ۽ ’آنند سندريڪا‘ جيناننَد جو ’ڳوناٺو سماج‘ ۽ گلي سدار نگاڻي جو ناول ’اتحاد‘ اهم ناول ليکيا وڃن ٿا. هن دور جي ناولن ۾ گهريلو ناول، سماجي ناول، نفسياتي ناول، تاريخي ناول، جاسوسي ناول وغيره هر موضوع تي شامل ڪيا ويا. هن دور ۾ ناول نويسيءَ ايتري ترقي ڪئي جو هن دور کي سنڌي ناول جو سونهري دور چئي سگهجي ٿو.

1947ع کان اڳ ناول جو عروج هو، جنهن ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ هڪدم ڪمي اچي وئي، جنهن جا ڪيترائي سبب هئا. هندو ناول نگار، جن جي ناولن لکڻ جو تعداد گهڻو هو، اهي هندستان لڏي ويا، انهيءَ کان علاوه ڪيترائي اشاعتي ادارا جيڪي هندن جا هئا، اهي بند ٿي ويا. ٻيو ته ناول جي جاءِ تي افساني جي صنف گهڻي مقبول ٿي وئي جو ته اهي جلد لکجڻ، جلد ڇپجڻ ۽ پڙهندڙن تائين پهچائڻ سبب ناول جي پڙهندڙ ۾ ڪمي اچڻ لڳي ۽ ناول جي ڇپائي تي وڌيڪ خرچ ٿيڻ جي ڪري مسئلا درپيش آيا پر پوءِ آهستي

آهستي پريسون ۽ ٻيا ادارا شروع ٿي ويا، جن ۾ ناول شايع ٿيڻ لڳا. اُن دور ۾ ناول ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. هڪڙا ناول سنڌ ۾ ۽ ٻيا پارت ۾ لکجڻ ۽ شايع ٿيڻ لڳا.

برصغير جي آزادي ماڻهن جي سمجهه، سوچ ۽ ويچار ۾ نئون موڙ آندو. ملڪي معاملن سان گڏ، معاشرتي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن ۾ ڦيرو آيو. اها حقيقت آهي ته هر دور جو ادب، ان دور جو جديد ادب هوندو آهي. سنڌ جي ماڻهن خصوصاً نئين نسل جدت کي هميشه پنهنجو ڪيو آهي. پراڻين ۽ فرسوده ڳالهين، رسمن ۽ روايتن جو مقابلو ڪيو آهي.

## ناول جا جُزا:

**پلاٽ:** پلاٽ، ڪنهن به ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سوچيل سمجهيل رٿا هوندي آهي. اها رٿا جيڪا ڪهاڻيءَ جي بيان جي سلسلي کي قائم رکندي آهي. هڪ طرف اها ناول نگار جي مقصد کي ڪامياب بنائيندي آهي ته ٻئي طرف ڪهاڻيءَ جي سلسلي کي رٿيل دائري اندر بيان ڪندي آهي. اها رٿا، ناول نگار پنهنجي ذهن ۾ ناول لکڻ کان اڳ ۾ ئي تيار ڪندو آهي ۽ ناول لکڻ وقت هو رڳو انهن سوچيل واقعن کي سلسليوار بيان يا ان جي تسلسل، ڪردارن جي چرپر يا تحريڪ ۽ عمل تي مدار رکندو آهي. اهڙيءَ طرح پلاٽ، هڪ رٿيل منصوبي يا سوچ جو بيان يا وضاحت آهي. جنهن جو عمل ڪردارن کان ڪرايو ويندو آهي.

**پلاٽ جا قسم:** سادو پلاٽ، جنهن ۾ ڪنهن هڪ راز تي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ جوڙيل هجي، جنهن تي پوري ڪهاڻي ٻڌل هجي. هڪ سورمو، هڪ سورمي هجي ٻيا ڪردار انهن جي مدد لاءِ هجن، جيئن سنڌيءَ ۾ 'حليمان' ناول ۽ 'ٻُولي' ناول سادي پلاٽ وارا ناول آهن.

**مرڪب پلاٽ:** مرڪب پلاٽ ان کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ راز رکيل هجن ۽ اُهي هڪٻئي سان لاڳاپيل هجن ۽ مرڪزي راز جي اهميت کي ظاهر ڪن ۽ مرڪزي ڪهاڻيءَ سان چڱي طرح واسطو رکندا هجن يا انهن سان جُڙيل هجن، جيئن گوبند مالهيءَ جو ناول 'جيون ساٿي' وغيره هن قسم تي لکيل آهي.

**مربوط يا پختو پلاٽ:** مربوط پلاٽ ان کي چئبو آهي، جنهن جي رٿا ڪهاڻيءَ سان نهي اچي ۽ آخر تائين سڀ جزا ان ۾ هڪ نظر اچن ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي به جهول نظر نه اچي، نڪي ڪردارن جي عمل ۾. اهڙي ناول کي پختي پلاٽ وارا ناول چيا وڃن ٿا. جيئن نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جا ۽ موهن ڪلپنا جا ناول وغيره.

بنا پلاٽ يا رٿا کان سواءِ لکيل ناول، ويهين صديءَ جي ناول ۾ وڏي تبديلي اِها آئي جو يورپ جي هڪ گروپ، رٿا کان سواءِ (Plotless Novel) ناول لکيا. هنن اهو سوچيو ته انساني زندگيءَ ۾ ڪوبه سسٽم يا ڪابه رٿا نه آهي جنهن تي انسان به بنا ڪنهن سوچڻ جي عمل ڪندو رهي ٿو. انهن ناولن جي شروعات، ورجينا وولف، ڪافڪا، البرٽ ڪامئو ۽ جيمس جوائس ڪئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم جو ناول ’زوال‘، رام پنجواڻيءَ جو ناول ’آهي نه آهي‘ ۽ ولي رام ولڀ جو ترجمو ڪيل ناول ’ڏاريو‘ وغيره هن طرز تي لکيل ناول آهن.

**ڪهاڻي** : ڪهاڻيءَ کي ناول جي فني سٽاءَ ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ناول جو دارومدار ڪهاڻيءَ تي ئي آهي، ڪهاڻيءَ کي ناول جي پنيءَ جو ڪندو چئي سگهجي ٿو. سنڌي ناولن ۾ ڪهاڻيون مختلف طريقن سان پيش ڪيون وجن ٿيون. هڪ طريقو، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ئي ڳالهه ابتدا کان وٺي آخر تائين بيان ڪئي وڃي ٿي، انهيءَ ۾ ناول نگار هڪ ئي واقعي کي پوري ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪندو آهي. جنهن ۾ واقعو هڪ ئي هوندو آهي پر ان سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي پهلوئن کي ملائي هڪ ڪهاڻي تيار ڪندو آهي. جيئن ’حليمان‘ ناول، ’نوران‘ ناول ۽ ’ٻُولي‘ ناول وغيره.

ناول جي ٻئي قسم ۾، ناول ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ ڳالهيون ۽ واقعا پيش ڪيل هوندا آهن، انهن جو تعلق مرڪزي خيال سان گهڻو هوندو آهي، جيئن موهن ڪلپنا ۽ گوبند مالهي جا ناول.

ٽيون قسم: ٽئين قسم جي ڪهاڻيءَ ۾ صرف بيان ئي بيان هوندو آهي، جيڪو جديد ناولن ۾ خاص طور تي استعمال ڪيو پيو وڃي. انهن ۾ ماڻڪ ۽ ٻيا نئين پيڙهيءَ جا سنڌي ليکڪ جيڪي جديد ادب جا علمبردار آهن، انهن پنهنجي ناول پڙهندڙ نسل ۾، سنڌ جي انهيءَ نسل جي ئي ڪهاڻي پيش ڪئي، اهڙيءَ ريت ٻين ناول نگارن جا ناول به ملن ٿا.

**مڪالما نگاري** :ناول جي فني سٽاءَ ۾ مڪالما نگاري يا گفتگو کي به تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ناول ۾ انساني ڪردارن کي هڪٻئي سان ڳالهائڻ يا گفتگو جي لکڻ واري انداز کي مڪالما نگاري چيو ويندو آهي. ڪهاڻيءَ کي شروع کان پڄاڻيءَ تائين گفتگو جي ذريعي ئي ٻُڌائي سگهجي ٿو. سنڌي ناولن ۾ مڪالمي يا گفتگوءَ ۾، پُر معنيٰ وزندار ۽ موقعي جي مناسبت سان مختلف ڪردارن جي واتان، مختلف وقتن تي دلچسپ جملا چورايا ويا آهن. جيئن آغا سليم جي ناول ’روشنيءَ جي تلاش‘، امر جليل جي ناول

’نيٺ گونگي ڳالهايو‘، سراج الحق ميمڻ جي ناول ’پياسي ڌرتي رمندا بادل‘ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ناول ’لاش‘ وغيره ۾ ناول نگارن گفتگو جي مدد سان ئي سماج جو تجزيو پيش ڪيو آهي.

**ڪردار نگاري**: ناول نويسيءَ جي فني سٽاءَ ۾ ڪردار نگاري به هڪ اهم خوبي آهي. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ انساني عملن کي پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي. اُهي انسان جيڪي ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ حصو وٺن ٿا، انهن کي ناول جا ڪردار چيو ويندو آهي. ڪردار ٻن قسمن جا هوندا آهن، هڪڙا مزاحيه ڪردار ۽ ٻيا اهي ڪردار آهن، جن جي شخصيت جا سڀ پهلو سامهون ايندا آهن، اهي حقيقي انسانن وانگر نظر ايندا آهن. ناول نگار جيڪي ڪردار پيش ڪري ٿو، انهن ۾ ڪي صرف اهي هوندا آهن، جيڪي اوترو وقت ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ موجود هوندا جيترو وقت هنن جو عمل هوندو آهي. ۽ ٻيا ڪردار اهڙا هوندا آهن جيڪي ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ اهم ڪم سرانجام ڏيندا آهن. هو همت وارا ۽ بهادر هوندا آهن ۽ هر مشڪل کي منهن ڏيئي سگهندا آهن. اهي سڄي ناول تي ڇانيل رهندا آهن. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن کي ٻن طريقن سان پيش ڪندا، پهرئين طريقي ۾ ڪهاڻيءَ ۾ رڳو سورمو ۽ سورمي هوندا آهن. ٻئي طريقي ۾ اهم ڪردار هڪ هوندو آهي پر ٻيا ڪردار، مرڪزيِ ڪردار جي چوطرف ڦرندا نظر ايندا آهن، جن جو ڪم مرڪزي ڪردار جي شخصيت کي اُڀارڻ ۽ نمايان ڪرڻ هوندو آهي. سنڌي ناولن ۾ به ڪيترائي اهم ڪردار پيش ڪيا ويا آهن، جن جي ڪري ناولن ۾ جان پيدا ٿئي ٿي ۽ اهي ڪامياب ناول مڃيا وڃن ٿا. جيئن مرزا قليچ بيگ جو ناول ’زينت‘ نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جا ناول ’مالهڻ‘ ۽ ’وڏوا‘ وغيره.

**منظر نگاري**: ناول جي بنيادي عنصرن ۾ منظرنگاري به اهميت رکي ٿي. ناول ۾ ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن جاءِ، ڪنهن هنڌ ۽ ڪنهن شيءِ ڏيکارڻ جو مقصد هوندو آهي ته اتي ڪنهن ڪردار جو عمل ڏيکارجي ته جيئن اهو واقعو ۽ اهو عمل حقيقي ثابت ٿئي. انهيءَ کي ناول جي منظرنگاري سڏجي ٿو. ڪامياب ناول نگار جڏهن به ڪنهن مقام يا منظر جو بيان ڪري ٿو، تڏهن پڙهندڙ اهو منظر هوبهو اکين سان محسوس ڪري ٿو. ڪنهن به منظر کي ڪردارن جي فطرت، انهن جي جذبات ۽ سيرت سان اهڙي انداز سان پيش ڪجي جو ناول جا واقعا، ڪردار ۽ منظر حقيقي ۽ سچا معلوم ٿين. ناول جي منظر ۾ محل محلات، ميدان، بيابان، جبل، سمنڊ، درياهه وغيره هر جاءِ جو منظر بيان ڪجي. سنڌيءَ ۾ زينت، نورجهان، موهن جو دڙو، وغيره ناولن ۾ منظرنگاريءَ موجود آهي.

**حقيقت نگاري** : ناول ۾ حقيقت نگاري ﮬﻪ ﮬڪ اهم خوبي آهي. هن خوبيءَ جو واسطو ﮬﻪ طرز بيان يا طرز تحرير سان آهي. حقيقت جو بيان ئي ڪنهن ادبي تخليق لاءِ زنده جاويد مواد هوندو آهي. حقيقتون اهي آهن، جيڪي ڏسي سگهجن ٿيون، ٻُڌي سگهجن ٿيون يا جيڪي محسوس ڪري سگهجن ٿيون.ويهين صديءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جو نئون دور شروع ٿيو. هيءَ دور حقيقت نگاريءَ جو تخليقي ۽ سماجي دور هو. هن دور ۾ حياتيءَ جو نئون نظريو پيدا ٿيو. حياتيءَ جو اهو نئون نظريو، سماجي شعور جي پيداوار آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جي نظريي تي ڪيترائي ناول لکيا ويا آهن.

1947ع کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول لکندڙن ۾ خاص طور تي آغا سليم، الله بخش ٽالپر، ڪلا پرڪاش، امرجليل، انجم هالائي، سراج الحق ميمڻ، شيخ محمد حسن، طارق اشرف، ڊاڪٽر غلام علي الانا، غلام نبي مغل، قبول ابڙو، گل نصرپوري، محمد عثمان ڏيپلائي، ماهتاب محبوب، ڊاڪٽر قاضي خادم، نجم عباسي، فاروق سولنگي، پرويز ابڙو، سليم جمالي، حليم بروهي، اسحاق انصاري، ج-ع منگهاڻي، ڪزبانو، عائشہ پناڻ، بادام ناتوان، شگفتہ شاهہ، غلام صغران پٽي، ريٽا شهاڻي، سندري اتم چنداڻي، پوپٽي هيرانندڻي وغيره شامل آهن جن جا ناول لکيل آهن.

اڄ ﮬﻪ سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول جي صنف تي شاندار ڪم ٿي رهيو آهي. موجوده دور ۾ ڪيترائي ليکڪ مختلف موضوعن تي ناول لکي رهيا آهن، جيڪي مختلف اشاعتي ادارا پڻ ڇپائي رهيا آهن.

(ڪتاب 'سنڌي ناول جي ارتقا' مان کنيل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ناول ڇا آهي؟ ناول جو تاريخي پسِ منظر پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

(2) ناول جا ڪهڙا اهم جُزا آهن؟ بيان ڪريو.

(3) ناول جا ڪهڙا موضوع ٿين ٿا؟ بيان ڪريو.

(4) موجوده دور ۾ سنڌي ناول ڪيتري ترقي ڪئي آهي؟ تفصيل سان لکو.

### (ب) 'سنڌي ناول نويسي' مضمون تي پنهنجي تنقيدي راءِ پيش ڪريو.

**(ج)** اوهان ڪهڙا ڪهڙا ناول پڙهيا آهن؟ انهن مان پنهنجي پسند جي ڪنهن به هڪ ناول جو تفصيلي جائزو پيش ڪريو.

**(د)** هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ترجمو ٿيل ناول آهي:

(1) ٻلو ڪوڪر (2) راسيلاس

(3) سچي محبت (4) وريل ۽ نعمت

(2) 'سانگهڙ' ناول لکيل آهي:

(1) ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو

(2) محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو

(3) غلام احمد نظاميءَ جو

(4) رام پنجواڻيءَ جو

(3) پهريون طبعزاد سنڌي ناول آهي:

(1) مالهڻ (2) زينت

(3) دلا رام (4) عجيب پيٽ

(4) ناول جي لغوي معنيٰ آهي:

(1) ننڍل شيءِ (2) پراڻي شيءِ

(3) ڪٽل شيءِ (4) نئين شيءِ

**(هه)** دلشير گهر وينو آهي ۽ دلاور ٻاهر ويو آهي.

مٿي ڏنل جملو مرڪب جملو آهي. اوهين اهڙا ڪي به پنج ٻيا جملا لکو.

# جمال ابڙو



ولادت: 1924ع

وفات: 2004ع

جمال الدين ولد علي خان ابڙو 2 مئي 1924ع تي ڳوٺ سانگيءَ، تعلقي ميھڙ، ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس والد علي خان ابڙو ناميارو عالم، اديب ۽ تعليمي ماهر هو. جمال ابڙي قانون جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ وڪالت شروع ڪئي ۽ بعد ۾ جج مقرر ٿيو.

جمال ابڙو سنڌي افساني جو اهم ليکڪ آهي. هُن ڪيترن ئي سچن واقعن کي صحيح معنيٰ ۾ ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو، سندس ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقتن جي چٽيءَ ريت اپٽار ٿيل آهي. هُن جي ڪهاڻين جا ڪردار سنڌي سماج جي ڏتڙيل طبقي مان آهن. جمال ابڙي جو شمار سنڌي ادب جي انهن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو، جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي جدت بخشي. سندس بهترين ڪهاڻين جو مجموعو ’پشو پاشا‘ تمام گهڻو مشهور ٿيو. سنڌي ادب ۾ سندس پهرين ڪهاڻي ’هُو حُر هو‘ آهي. سندس مشهور ڪهاڻين ۾ ’خميسي جو ڪوٽ‘، ’بدتمير‘، ’پيراڻي‘، ’سينڌ‘، ’ڪارو پاڻي‘ ۽ ٻيون شامل آهن. جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي تبصرو ڪندي ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته ”هُن جو اسلوب بيان ننڍن جملن، خالص سنڌي محاورن، تشبيهن توڙي استعارن تي مشتمل آهي. هُن سماج جي رسمن خلاف آواز اُٿاريو آهي.“ سندس ڪهاڻين جا ترجما اردو، انگريزي ۽ جرمن ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. سندس آتم ڪهاڻيءَ جا پنج جلد پڻ ڇپيل آهن.

جمال ابڙو 30 جون 2004ع تي وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه ڪراچيءَ جي ڳِزري قبرستان ۾ آهي.

# لاٽ

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪنهن به تحرير تي تنقيدي گفتگو ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ مثالن سان گڏ منظرنگاري، مڪالمانگاري، ڪردارنگاري، ڪهاڻيءَ يا مضمون وغيره جي صورت ۾ لکي سگهي. ✪ ڪنهن به ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو بيان ڪري سگهي. ✪ سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ پيشه وراڻه تحرين ۽ عبارتن ڪي سمجهي پڙهي سگهي.

اکين مان وهندڙ نشو، ڪارا هڙپاٽيون لڳ، ڦڏيون ٿنگون، چِبو مُنهن ۽ گُهٽو آواز، بچان وڻيو وڃي. هيءَ ڪاري نوٽ جهڙي زندگي، توبه!

جڏهن انهي ساڳيءَ دونهاٽيل ۽ ڪاراٽيل انسان جي پونگيءَ اڳيان روز شام جو، ٽن مارنگن وچ ۾ باهه جي لاٽ ڏسبي هئي ته ائين محسوس ڪبو هو، ڄڻ نج زندگيءَ جي لاٽ جرڪي اٿي. ان زندگيءَ جي لاٽ ڪي جرڪائڻ لاءِ هُن چا چا نه ڪيو هو.

لاڙ جي ڏِير ۽ پَنِ مان پريل تلاوَن ۾ تڙڳندي، هي به ڄڻ هڪ ڪارو ڪُم پيدا ٿي پيو هو. ساوا، ڪني پاٽيءَ جا پريل تلاوَ تن ۾ زندگيءَ جو هيءُ ڦهلاءُ! ڄڻ ڪوٽيسر جو نسرجڻ. ننڍڙو ئي هو ته پڪي رستي تان لارين جي تيز رفتاريءَ سندس ذهن ڪي مائٽاڻي ذهن تي فوقيت ڏئي ڇڏي. ڪاني جي گهوڙي تي سوار ٿي، وات سان ڊِون!... ڊِون!... ڪري ٻاتيلي ٻولي ۾ سُر سان چوندو، ’جاٽي دوس!‘... ۽ زندگي ’جاٽي دوس‘ جو مظهر بڻجي وئي.

هو ڪُنڊيون ۽ چار چڏي ڪلينر ٿيو. خاڪي پراٽي سوٽ جا وٽيل پاچا، هِپ تي چتي لڳل، ٻيڙيءَ جو اڌڙ وات ۾، هينڊل هٽي هن زندگيءَ ۾ ’جاٽي دوس!‘ جو نعرو شروع ڪيو ۽ سندس رڳ رڳ ۾ ڪاميابي ۽ اميد جو ترورو چمڪي ويو. بنا پگهار، صرف پيٽ تي، استاد کي زور ڏيندي، لاريءَ جي چِت تي سمهندي، تنهن اُس ۽ وِيندڙ پاري ۾، لاريءَ جي در تي لڙڪندي لڙڪندي هن ڪي اسٽيئرنگ جهلڻ اچي ويو ۽ خود استاد بنجي ويو. چا ته زندگيءَ جي برق ڊوڙي هئي، هن جي ڪاٺ جهڙن هڏن ۾! استاد بڻجڻ سان گڏو گڏ ’جاٽي دوس‘ جو نعرو بين جي هٿ لڳي ويو. جڏهن ڏڏڙ جي طوفانن ۾ ٻيڙيءَ جي خوراڪ تي، سندس ڦِقڙ دق سان کنئون ڪنئون ڪرڻ لڳا، تڏهن دنيا ئي متجڻ لڳي. سندس ٻالڪو شيرُو، جو سؤ سؤ دفعا ڪيس ’استاد! استاد!‘ چوندو هو، سو به چوي ته ”استاد آرام ڪر!... ڪميٽو رڳو مطلبي، منهنجا ٻچا وري پٽس پاليندو!“ يارن چيس: ”هيچ نه ڪر، پئسا ڪم نه ايندءِ!... باقي هي ڪم ايندا!“ ۽ سندس منهن تي زهر آلود مرڪ اچي ويندي هئي ... ۽

وڏي ڪشادي دل سان چوندو هو، ’جاڙي دوس!‘ ائين چوڻ سان جڻ تہ سيني مخالف قوتن کي معاف ۽ مات ڪري ڇڏيندو هو. سندس پنهنجي زندگيءَ لاءِ تڙپ ٻين جي تڙپ ڏسڻ کان انڌي هئي ۽ پنهنجي مات ڏسڻ کان قطعي انڪاري.

پوءِ جڏهن سندس ڳل پيهي ويا، پريل ٻانهون ڏاندين جهڙيون ٿي ويون، دم گُهٽجڻ لڳو، تڏهن هن سمجهيو تہ علاج ڪرڻو ئي پوندو... ۽ ويچاري چا چا نہ ڪيو... چڪاس، فوٽو، سئي. پهرئين ڏينهن پنجاهہ رپيا ڏئي موٽيو تہ هٿ ۾ نسخي وارو خالي پنو. هڪ واري دل لاهي وينو، پر زال ۽ ٻارڙن جون ٻوليون ٻُڌي سندس زندگيءَ لاءِ پيار تازو ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن جڏهن نسخي موجب دوائن جون مجموعي قيمتون ٻڌائين تہ سُن ٿي ويو. ڪا گهڙي تہ بازار ۾ بُت ٻڌيو بيٺو رهيو. سندس اکيون ٻُوٽبيون ويون، منهن گنيير ٿيندو ويو ۽ هوريان هوريان سندس وجود تي انسانيت جي لاٿ تجلا ڏيڻ لڳي، چيائين: ’جاڙي دوس!‘ اها تياڳ ۽ قربانيءَ جي ’جاڙي دوس‘ هئي.

بنا علاج سندس زندگي لاريءَ جي تيل سان گڏو گڏ ٻرڻ لڳي. چِتايائونس: ”ميان حياتي آڏو پئسو ڪجهہ ناهي... ٻچن جو اجهو آسرو بہ تون!“ پر هُو انهن سيني کان سياڻو ٿي چڪو هو، ’زندگيءَ کي زندگيءَ جو تيل ڪتو ٿي. يا ڪيس ٻرڻو هئو يا ٻارن کي.‘!

جڏهن ڪيس بيڪار سمجهي جواب ڏنو ويو تہ هن لارين، مسترين، استادن، ڪلينرن جي سموري برادريءَ کي پري کان ڏنو. اها ئي گهما گهمي، تيزي، وٺ ونان ۽ ’جاڙي دوس‘... پاڻ هڪ ڪٽيل، گرگهلو تيل، اجليل نَٽُ هو پنهنجي سموري گرگهلائي ڪٽي اچي چُلهہ تي وينو.

ساران، جا هڪ ڊليور (ڊرائيور) جي سڪي ستابي زال هئي، بہ ٻچا، جن نائلان جي چڊي ۽ بُشرٽ پائي ڏني هئي، سي گهر جي سُئي ڌاڳي سميت سلامت هئا. هي سڄو مانداڻ جو پاڻ بنايو هئائين. ان ۾ ڪيس حيات ۽ زندگي، زندگي ۽ حيات جو ڏنڌلو جلوو نظر آيو. حيات جي زنجير ۽ سندس جند جي گرگهلي تيل ڪَڙي جنهن ڪَڙيءَ جي جاءِ تي نئين پختي لوهي ڪَڙي پوٽي هئي. سندس هيٺن هڏن هي نئون سَڏ ٻُڌو. جندڙي جرڪڻ لڳي، تن مان تاؤ آيو. سندس ساهہ جي سگهہ ڏسڻ وٽان هئي. هن انقلاب جو نعرو هنيو. چا تہ نعرو هو، ”مَربو پر پورهيو ڪبو!“ هُو ڊرائيور مان هاري ٿي ويو. چڊي بشرٽ مان گوڏ ٿي وئي ۽ ساران گاهہ جون پنارڪون ڍوئڻ لڳي. عجيب منظر هو، انساني همت ۽ محنت جو، زندگيءَ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ، حيات کي قائم رکڻ لاءِ، صدين کان ساڳيو.

دق ورتل هيٺن هڏن پگهر وَهايو. زمين پنهنجي مادري شفقت سان ڇاتي ڇلهيارائي رت جي خوراڪ پهچائي، سڄ پنهنجي پوري قوت سان هڏي جهڙي ٻج ۾ ساهه پريو ۽ پلاري مهراڻ پنهنجي رڳ ڪولي پاڻي پهچايو. ڇا ته قوتون ڪنيون ٿيون هيون! حيات ۽ زندگيءَ جي اوسر ۽ اوپر واسطي. ڪٽي مان ڪاسو ۽ ڪاسي مان انبار ٿيو. ساران ۽ هن اهڙو آنند محسوس ڪيو ڄڻ هنن ٿيون ٻچو تخليق ڪيو هو. ڌرتي، سڄ، سنڌو ۽ ساران جي مڙس ڪان سواءِ ٻيو ٻه هڪ پيدا ٿيو جو انبار جو انبار ڪٽي، ٻه ڳوٽيون ڇڏي ويو. ساران مڙس ڪي چوڪون ڏنيون، ”وڏيرن ڪي ڪجهه چئو، منٿ ڪرين!“ هُو خاموش رهيو. گهڙيءَ لاءِ خيال آيس ته ’جيئن وڏيرو پنيرو پيو وجي، ڪياڙيءَ واري لٺ وهائي ڪڍانس!‘... ’ڪيڏو نه بيهودو خيال! مان جيل ۾، ٻچا ٻکن ۾ ...‘ ۽ وري ٻه هُو غيرت جو ذخيرو سلامت سنياري واپس وريو.

پنهنجا پڪا ڦٽا ڪري، ڪرٽا ئي پيس، اڃي جَرَ جي پيٽ مان رزق جي تلاش ڪيائين. شفاف پاڻيءَ ۾ چرندڙ متاري مڇي، فطرت جو انعام، لاڙ جي ٻُڪئي ۽ ڏڪئي عوام لاءِ! پکي، بدڪون ۽ تتر هن ويچاري پورهيت لاءِ هي ٻه چند ڏينهن جو چٽڪو. مڇي نيڪيدار ڦري رکي ڇڏي ۽ ڦاسايل بدڪون شڪار جي محافظ ضبط ڪيون. جڏهن ڪيس چيلهه ۾ رسو وجهي ڪورٽ ونيون ٿي ويا ته پر واري ڏنڊ ۾ سوين پڪي بندوقن سان ڏير ڪيا پي ويا.

هڪ ڏينهن جيل ڪاٽي، اوسيئڙي ۾ وينل ساران وٽ موٽي آيو. بدن نبل، ساهه نپوڙيل، رڳو پساهه پيو ڪٽي. ساران جي هٿ ۾ هٿ ڏنائين. ڄڻ ته پورهئي، اميد ۽ محنت جي امانت سپرد ڪيائينس. ساران جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. اها چمڪ جنهن جي تحت انساني عزم جي قوت هوندي آهي.

ڇا ڪمزور جِيو، ڇا آفتون ۽ ڇا مقابلو! هر وقت اميد جي ڏياتي هٿ ۾، اڳيرو! زندگي لوچ پوچ ۽ ڳولهه جو ڪُن! نا اميديءَ جو دونهون ۽ ڪوهيڙو ور ور ڪيو ويڙهيو وجي ۽ هي بار بار خالي هٿن سان دونهين ۽ ڪوهيڙي جا ڪڪر دور ڪريو ڇڏي. ڇا ته زور هو ڪمزور هٿن ۾، ”جڏهن هٿ هٿن ۾ ملندا تڏهن اهي دونهان ۽ ڪوهيڙا، هميشه هميشه لاءِ لهي ويندا!“ هن سوچيو.

پر ۾ نهندڙ رستي تي مٽيءَ جو ڪم پئي هليو. لاڙ ملڪ ۾ ڄٽ چوري ۽ پنگ جي عام ۽ کلم کلا بازار لڳندي هئي، اتي چند غيرتمند انسان تغاريون ڍوئي مزدوري ڪري رهيا هئا.

ساران ۾ هُو ساڻن شامل ٿي ويا. ڪوڏر جي هڻ هٽان، تغاريءَ جي ڊوءِ ڊوئان، مڙس ڇَلِ ٿي رهيا هئا. نيڪيدار صاحب ڪٽ تي ويهي، حقي جي گڙ گڙ ۾، ”شاباس! شاباس!“ جي اهم سخاوت نڇاور ڪري رهيو هو.

هڪ شام جو تغاري ڪٽي وئيندي ڊوئيندي هُو مري ويو. مزورن ڪم ڪٽي بند ڪيو. ڪٽي ڪيس پونگيءَ پيڙو ڪيائون.

سندس لاش جڻ خاموش نياپو ڏئي رهيو هو تہ، ”مون حياتيءَ جو مقصد ڄاتو ۽ پاتو ... جو ڪجهہ تو ۾ بهترين آهي، ان کي اُجار ۾ سپ خرچي ڇڏ!“ زندگيءَ جي ڳجهارت جي ڪيڏي نہ سولي پيچٽي. جم ڪان موت تائين هڪ واٽ هڪ ڇلانگ، بيو سپ، ’ڄاڻي دوس‘!

صبح جا حيات آفرين ڪرڻا، گاهہ جي هر تيلي کي پورو راشن ڏيندا، گمنام انسان جي قبر کي منور ڪندا، تلاوَ جي پيٽ کي قوت جا پندار ڏيندا، هلندا ويا. اهو ئي ڪيچڙ پريل تلاءُ جتي اڏ صدي اڳ هڪ ڪمزور ميرانجهڙو ڪوٽيسر اُپريو هو. اڄ اُتي بہ سفيد ڪنول ڪِڙيا بيٺا هئا.

(’پِشُو پاشا‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ’لاٽ‘ ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار روزي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙيءَ ريت محنت ڪئي؟ بيان ڪريو.

(2) ’لاٽ‘ ڪهاڻيءَ ۾ جمال ابڙي، زندگيءَ جي ڪهڙيءَ ريت منظرنگاري ڪئي آهي؟

(3) جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻيءَ ’لاٽ‘ ۾ ڪهڙن سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي؟

(4) جمال ابڙي جي ’لاٽ‘ ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙو پيغام ملي ٿو؟ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

### (ب) ڪهاڻي ’لاٽ‘ جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

(ج) اسان جي سماج ۾ اهڙا ڪيترا ئي ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجن ٻچن جي روزيءَ لاءِ تمام گهڻو پورهيو ڪندا آهن پر ڪين سندن سخت محنت عيوض ٿورو اجورو ڏنو ويندو آهي.

اوهان جي آسپاس ۾ اهڙو ڪو ڪردار هُجي تہ اُن بابت پنهنجن لفظن ۾ هڪ ڪهاڻي لکو.

(د) سائنسي ترقيءَ جا انساني زندگيءَ تي ڪهڙا مثبت ۽ منفي اثر پئجي رهيا آهن؟

سرگرمي: جمال ابڙي جي ڪتاب 'پشو پاشا' ۾ ڏنل مختلف ڪهاڻين ڪي پڙهو ۽ انهن تي ڪلاس ۾ بحث ۽ مباحثو ڪري، سندس ڪهاڻين تي پنهنجي تنقيدي راءِ ڏيو.

# ڊاڪٽر اياز قادري



ولادت: 1927ع

وفات: 1997ع

سنڌ جو مشهور محقق، ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ صحافي ڊاڪٽر اياز حسين قادري 19 جنوري 1927ع تي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو فقير غلام سرور قادري هو، جيڪو پڻ غزل جو سُٺو شاعر هو. ڊاڪٽر اياز قادري بي-اي،ايل-ايل-بي ۽ ايم-اي، سنڌي ۽ فارسيءَ جون ڊگريون ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. ’سنڌي غزل جي اوسر‘ جي موضوع تي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ استاد ۽ چيئرمين رهيو.

ڊاڪٽر اياز قادري شاهه لطيف چيئر جو باني ڊائريڪٽر رهيو. سندس افسانن ۾ ’بلو دادا‘ افسانن کي سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل آهي. اياز قادري پنهنجي افسانن ۾ مقصديت واري پهلوءَ کي نمايان رکي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ سماجي بدحالي ۽ اڻ برابري جو واضح ذڪر ملي ٿو. اياز قادريءَ جون ڪهاڻيون زندگيءَ جون زنده حقيقتون آهن. سندس ڪهاڻين جا پلاٽ ۽ ڪردار روزاني زندگيءَ مان کنيل آهن.

شاهه لطيف جي ڪلام جو نثري اردو ترجمو اڪادمي ادبيات پاڪستان طرفان ٽئن جلدن ۾ ڇپيل اٿس. ’بلو دادا‘ کان علاوه ’متيءَ لڌو مان‘، ’عشقيه داستان‘، ’مون مطالع سُپرين‘ ۽ ’اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ‘ سندس مشهور ڪتاب آهن. سندس پي ايچ ڊي جو تحقيقي مقالو ’سنڌي غزل جي اوسر‘ جي نالي سان ٻن جلدن ۾ ڇپيل آهي.

ڊاڪٽر اياز قادري 15 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪئي.

# امڙ مان نہ ڪندس

**سکيا جي حاصلات**
ڪابہ ڳالهہ، آکاڻي، مڪالموءِ نظم ٻڌي ترتيب سان ورجائيندي، ان ۾ پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري سگهي. ✪ ڪنهن علمي، ادبي يا سماجي موضوع تي پنهنجي مطالعي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ دليلن سان درست اُچار ۽ بهتر لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن منٽن تائين زباني تقرير ڪري سگهي. ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻڌائي سگهي.

بسين جو ڪڙڪو ٿيو، ڪي بسيون تختي تان پٽ تي ڪري ٽڪر ٽڪر ٿي ويون. ’رمون!‘ رحيما، جا اڱڻ ڪي ٻهاري رهي هئي، رڙ ڪئي، ”نيٺ بسين جي بيڙي ٻوڙيئہ؟“ رمون ائين ڪُڇي جيئن پٿ. چور جان چُپ ڪيون بيٺو رهيو. ”جيڪڏهن تون پنهنجون حرڪتون بند نہ ڪندين تہ آءٌ توسان آئنده ڪونہ ڳالهائينديس، بس گهر ڇڏي هلي ويندس.“ رمون آهستي آهستي ٻليءَ وانگر پيرُ پير ۾ پائي ماءُ کي پنيان اچي ڳراٽڙي وڌي. ماڻس جي سموري ڪاوڙ ڪافور ٿي ويئي. ”امڙ تون مون کي سچ پچ ڇڏي ويندينءَ؟ امڙ تون مون سان ڪونہ ڳالهائيندينءَ؟“

جڏهن بہ ماڻس ڪيس نہ ڳالهائڻ جو ۽ گهر ڇڏي وڃڻ جو دڙڪو ڏيندي هئي تہ سندس منهن جو پنو ئي لهي ويندو هو ۽ دل مايوس ٿي ويندي هيس. يڪدم ماءُ کي ڀاڪر پائي مِنٿُون ڪندو هو، ”امڙ ائين نہ ڪجانءِ.“ ماڻس جو بہ منجهس ساهہ هو. سِڪي سِڪي تہ ڄائو هو. مرحوم مڙس جي نشاني. پيرن فقيرن کان پني پني تہ مليو هيو. صبح سانجهيءَ نماز پڙهڻ کان پوءِ ٻئي زال مڙس ڏٽيءَ کان پٽ جي دعا گهرندا هئا. پيرن فقيرن تي پٽ لاءِ سڪائون باسيندا هئا. يوسف شاهہ بخاريءَ جو پڙ، ميان شاهل محمد ڪلهوڙي تي جهنڊ، سائين حاڪم شاهہ پٽ واري جي ديڳ، هاجن شاهہ جو گهنڊ، امامن جو نياز ۽ پيران پير جي يارهين. رحيما، جڏهن ساهيڙين سان ويهندي هئي تہ چوندي هئي، ”ادي پيرن ڏنو آهي.“ جڏهن رمون پيٽ ۾ تيو تہ امام ضامن جا منيا ورهايا ويا ۽ پنجن مهينن کانپوءِ اڌ ڳپ ڪيو ويو. جڏهن چوڪر ڄائو تہ پٽس ڪين گهٽايو، جيڪي هيس ان کان زياده خوشيون ڪيائين. اجا چوڪر ٻن سالن جو ٿيو تہ چوڪر جو طوهر بہ ڪرائي ڇڏيائين، طوهر تي وڏي ڌام ڌوم ڪيائين. مگر پٽ جو سُک ڏسي نہ سگهيو. طوهر کان جلد ئي پوءِ رمون، الله ۽ رحيما جي سپرد ڪري پاڻ الله واهي ڪيائين. مرڻ وقت پٽ کي ڳلي لائي نرڙ تي چمي ڏنائين. اکين ۾ آب آڻي زال کي چيائين ”رحيما! منهنجو رمون هينئر توکي

پهتل آهي. هن کي متان ڏکيو ڪرين. هن کي پنهنجي ساهه کان وڌيڪ پيارو رکج.“ ائين چئي اشهد ڪلمو پڙهيائين.

مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ رحيما، رمونءَ لاءِ پيءُ به هئي ماءُ به. جيڪو لهندي هئي اهو اول پٽ جي حوالي ڪندي هئي. پهريان رمونءَ کي کارائيندي هئي پوءِ پاڻ گرهه ڪٽندي هئي. جيڪڏهن رمونءَ کي ڪجهه ٿيندو هيو ته سندس ساهه ئي هيٺ مٿي ٿي ويندو هو. جڳ ۾ ڪا پياري شيءِ هيس ته رمون. ڪڏهن به پٽ تي هٿ سڌو نه ڪيائين. ڪهڙي به شرارت ڪندو هو ته وڌ ۾ وڌ چوندي هيس ”آءٌ توسان نه ڳالهائيندس. گهر ڇڏي هلي ويندس...“ رمونءَ لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي ڪابه ڏکي ڳالهه ڪانه هوندي هئي. جيستائين ماڻس مرڪندي نه هئي تيستيائين ماٺ نه ڪندو هو.

گهٽيءَ ۾ ٻار راند ڪيڏي رهيا هئا. ڪيڏندي ڪيڏندي ڳالهه وڃي تون چا تون چا تي پهتي. رمون هڪڙي ڇوڪر کي ڪنج ڪڍي وني گهر ڀڳو. ماءُ جي نظر بچائي ڪٽ هيٺ لڪي ويهي رهيو. ڇوڪر اچي ماڻس کي دانهن ڏني. ماڻس ڪاوڙ ۾ چيو ”اچڻ ڏيوس، آءٌ ٿي لپري لاهيانس. بس پٽ آئنده توسان نه وڙهندو.“ ڇوڪر روئندو سڏڪا ڀريندو گهر هليو ويو. رمون آهستي آهستي ڪٽ هيٺان نڪري چپ چپ ڪري اچي ماءُ کي ڀاڪر وڌو، ماڻس ٺڏي ٿي ويئي. ”نه، نه، آءٌ توسان ڪين ڳالهائيندس، آءٌ گهر ڇڏي هلي ٿي وڃان... تون جو ڪنن ڇوڪرن سان گهمين ٿو ۽ وڙهين ٿو.“

سج لهي ويو، اوندهه ٿي وئي، رمون گهر نه موٽيو. ماءُ جي من ۾ هورا ڪورا اچي لڳي. ”الائي ڇو اوير ڪئي اٿائين؟ ضرور ٻارن سان ڪيڏندو هوندو. شل ڏٽي ڪوسو واءُ نه لائيس.“ مگر ماءُ جي من کي آرام ڪٿ، ايلاز ڪري پاڙي جي ڇوڪر کي موڪليائين ته وڃي وني اچيس. اجا رمونءَ گهر ۾ پير پاتو ته ماٺ ڪري ويهي رهي. ”امڙ“ رمونءَ هوريان چيو. ’ڇانور‘ جيڪا تنهنجي ماءُ هجي وڃي ان کان گُهر. آءٌ توسان ڪين ڳالهائيندس. آءٌ هينئر گهر ڇڏي هلي ٿي وڃان. تون اڌ اڌ رات تائين وتندين رُلندو.“ رمونءَ ماءُ کي اچي ڀاڪر وڌو.

رمون اسڪول مان ڦرهي ۽ سليٽ ڳوٽريءَ ۾ وجهي ڪسڪي هليو، اسڪول جا ڇوڪر به شڪارين جيان اچي سندس پنيان پيا. سهڪندو سهڪندو اچي گهر پهتو. رمون اڳيان ڇوڪر پنيان، رمون وڃي ماءُ جي پر ۾ ٻينو. ڇوڪر در تان سڏ ڪيو. ماڻس رمونءَ ڏانهن نهاريو، رمونءَ جي منهن جو پنو لهي ويو. ”بس جي تون اسڪول کان ڀڄي ٿو اچين ۽ پڙهڻ نه ٿو وڃين ته پوءِ منهنجو هن گهر ۾ رهڻ جو ڪهڙو ضرور آهي، آءٌ هينئر ئي هلي ٿي وڃان.“

رمونءَ جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا، ڳوٽري ڪنيائين، ائين ٿي ويو،

جيئن ٻڪري ڪسڻ ويندي هجي.

رحيما پٽ جي اسڪول وڃڻ ڪان پوءِ هن جي آئندي تي سوچڻ لڳي. رمونءَ جي شادي سندس ماروٽ سان ڪرائيندس. ڇوڪري پنهنجي به آهي ۽ سهڻي به آهي. اهڙيءَ ريت اسان ڀاءُ ڀيڻ هميشه لاءِ ڳنڍجي ويندا سين. رمونءَ جي ئي خيالن ۾ ويني هئي ته سندس بت گرم ٿي ويو. اٿي کٽ تي آهلي پئي. بخار جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو. رمون اسڪول کان موٽي آيو. اچڻ سان ماءُ کي ياکر پاتائين، ”امڙ تنهنجو بت گرم آهي. امڙ توکي بخار آهي.“ ڊاڪٽر آيو رحيما کي ڏسي چيائين ”مائيءَ کي گردن توڙ بخار آهي.“ سيني جا طاق لڳي ويا. پرڀات ويل رحيما موڪلاڻي ڪئي. گهر ۾ مانداڻ مچي ويو. رمون ننڍ مان ڇرڪ ڀري اٿيو. يڪدم ڊوڙي ماءُ وٽ ويو، ”امڙ... امڙ...“ مگر ڪيس جواب نه مليو. ”امڙ... امڙ... ڇو تون مون سان ڳالهائين نه ٿي. تون مون سان ڪاوڙي آهين ڇا؟ امڙ جواب ته ڏي......، مامل امڙ مون سان رُٺي آهي..... امڙ اڳتي آءٌ اسڪول کان ڪونه گُسائيندس..... امڙ تنهنجو چيو ڪندس. دير سان گهر نه ايندس..... امڙ ڪنن ڇوڪرن سان نه ڪيڏندس ۽ نه وڙهندس، نه وري شرارت ڪندس. امڙ جيئن تون چوندينءَ تيئن ڪندس.....“ رمونءَ جا اهي لفظ ٻُڌي سڀ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳا. رمون وائڙو ٿي ويو. ”هي روئن ڇو ٿا؟“ ”اوهين روئو ڇو ٿا؟ هي روئن ڇو ٿا؟“ ”پُٽ اچ ته ٻاهر هلون، تنهنجي ماءُ کي بخار هو نه..... ان کي هينئر ننڊ آئي آهي.“

رحيما کي وهنجاري سهنجاري آخري پيرو رمونءَ کي ماءُ جو منهن ڏيکاريائون. رمونءَ ماءُ کي ياکر وجهي ڳلن کي چمڻ لڳو. ”منڙي امڙ... جيجل امڙ... اکيون ته کول ڇو مون سان ڳالهائين نه ٿي ؟“

رمونءَ کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي ته امڙ گذاري وئي آهي. کيس ريجهائي وٺي ويا. رحيما جو جنازو کڻي ويا. رمون جڏهن گهر آيو ته ماءُ کي سڏڻ لڳو ”امڙ!... او امڙ!...“ ”پُٽ تنهنجي ماءُ حج تي ويئي آهي.“ نانهنس چيو. ”نه نه. امڙ مون کي اڪيلو ڇڏي نه ويندي، ضرور هوءَ مون کان ڪاوڙجي وئي آهي.“ ”امڙ! خدا جو قسم اڳتي اسڪول کان ڪين گسائيندس، ڪڏهن به دير ڪري گهر نه ايندس، ڪڏهن به ڪنن ڇوڪرن سان نه ڪيڏندس ۽ نه وڙهندس، ڪڏهن به شرارت نه ڪندس، امڙ مون کي هيڪلو ڇڏي نه وڃ، امڙ مون کي پاڻ سان وٺي وڃ.“

”امڙ!... او امڙ...!“

(’بلو دادا‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’امڙ مان نہ ڪندس‘ ۾ ڏنل ڪردارن ۽ رشتن جي اهميت تي روشني وجهو.

(2) ڪهاڻي ’امڙ مان نہ ڪندس‘ جو مرڪزي خيال ڪهڙو آهي؟ بيان ڪريو.

(3) ڪهاڻي ’امڙ مان نہ ڪندس‘ ۾ ڪهڙين سماجي برائين جو ذڪر ٿيل آهي؟ تفصيل سان بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل اصطلاحن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ۾ فرق بيان ڪريو.

* اکين ۾ آب آڻڻ * منهن جو پنو لهڻ * ڪوسو واءُ لڳڻ * ليري لاهڻ * طاق لڳڻ

### (ج) اوهان پنهنجي ماءُ، پيءُ جو ڪيترو ادب ۽ احترام ڪندا آهيو ۽ ساڻن ڪيتري محبت ڪندا آهيو؟ پنهنجن لفظن ۾ لکي، ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

### (د) ڪهاڻي ’امڙ مان نہ ڪندس‘ مان ڪنيل حوالن جي سمجهاڻي ڏيو.

(1) ”جيڪڏهن تون پنهنجون حرڪتون بند نہ ڪندين تہ آءٌ توسان آئنده ڪونہ ڳالهائيندس، بس گهر ڇڏي هلي ويندس.“

(2) ”رحيما! منهنجو رمون هينئر توکي پهتل آهي. هن کي متان ڏکيو ڪرين. هن کي پنهنجي ساهہ کان وڌيڪ پيارو رکج.“

(3) ”اڄڻ ڏيوس، آءٌ تي ليري لاهيانس. بس پٽ آئنده توسان نہ وڙهندو.“

### (هہ) ’ڪتابي ميلي جي اهميت ۽ ضرورت‘ جي موضوع تي پنهنجي ڪلاس ۾ درست اچار ۽ بهتر لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن منٽن تائين تقرير ڪريو.

### (و) اوهان ڪنهن ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين جو ڪتاب پڙهيو هجي تہ ان مان پنهنجي پسند جي ڪابہ هڪ ڪهاڻي ٻُڌايو ۽ ان تي پنهنجي راءِ ڏيو.

### (ز) هيٺ ڏنل ادبي صنفن جي وصف لکو.

(1) افسانو (2) مضمون

# نجم عباسي



ولادت: 1927ع

وفات: 1995ع

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نويس، مترجم نجم عباسي ولد الهندو خان عباسي 18 آڪٽوبر 1927ع ۾ خانواهڻ ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو. ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ، سنڌ مان MBBS ڪرڻ کان پوءِ ڇهن سالن تائين سرڪاري ملازمت ۾ رهيو. هن پهرين ڪهاڻي 1944ع ۾ لکي، ان کان اڳ هِن هڪ ناول ’عشق جي راهه اٽانگي‘ جي نالي سان لکيو.

نجم عباسي ڪهاڻين ۾ هر موضوع تي کولي لکيو. تن مان وهم پرستي، غلط عقيدي پرستي، انقلابيت، بين الاقواميت، طبقاتي جدوجهد، جاگيرداري، سرمائيداري نظام ۽ نسلي قدر وغيره اهم موضوع آهن. سندس ڪهاڻين جا موضوع آس پاس جي ماحول منجهان کنيل آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ پيڙا بہ جهجهي محسوس ٿئي ٿي. سندس ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مسئلن ۽ ڏکن جو داستان سمايل آهي.

نجم عباسي سوشلزم جي تحريڪ کان متاثر هو، انهيءَ حساب سان مٿي بيان ڪيل سڀ موضوع سندس سوچ جي عڪاسي ڪن ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ ’چوڏو‘، ’مٺي ڦريل ماڻهو‘، ’للڪار‘، ’دعا ۽ تاڙيون‘ ۽ ٻيون شامل آهن. نجم عباسيءَ سنڌ جي زرعي سماج سان ڳڏوگڏ صنعتي اهميت تي بہ زور ڏنو. هن جي ڪهاڻين جو مقصد هڪ پورهيت کي معاشري ۾ پنهنجو مقام ڏيارڻ آهي. نجم عباسي جي ڇپيل ڪتابن ۾ ’پٿر تي ليڪو‘ (ڪهاڻيون)، ’ناچڻي‘ (ڪهاڻيون)، ’جيڪي منهنجي من ۾ آهي‘(ڪهاڻيون)، ’طوفان جي تمنا‘(ڪهاڻيون)، ’پيار ڪهاڻي‘ (ناول)، ’بلنديون‘ (ناول)، ’ڳاڙهو لالٽين‘ (ترجمو) ۽ ٻيا شامل آهن.

نجم عباسي 25 آڪٽوبر 1995ع تي وفات ڪئي.

# چوڏو

**سکيا جي حاصلات** ✪ تنقيدي گفتگو ۾ حصو وٺي، ان تي پنهنجي راءِ ۾ اضافو ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به موضوع پنهنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ اعليٰ مثالن سان گڏ منظرنگاري، مڪالمانگاري، ڪردارنگاري، ڪهاڻيءَ يا مضمون وغيره جي صورت ۾ لکي سگهي. ✪ عملي زندگيءَ جي مسئلن جي حوالي سان پنهنجن جذبن، خيالن ۽ مافي الضمير جي اظهار لاءِ لکي، پڙهي ڳالهائي سگهي. ✪ ماضي معطوفي بابت ڄاڻي سگهي.

ڳوٺ جي ويجهو پهچي چڪو هوس. سج پهاڙن پٺيان غائب ٿي ويو هو. آءٌ ٿڪل ٽٽل، مٿي تي ڪتابن جي بُجڪي، ڪانچ جا ور مٿي ڪنيل، جُتي ۽ ڳوڏن تائين جنگهون ڏڌڙ سان پريل، گهر ڏانهن جلدي پهچڻ لاءِ تڪڙا تڪڙا قدم پريندو ٿي آيس. اوچتو ياد اچي ويم ته پوڙهيءَ عاربَ ماءُ جي سُتي اڄ به مون ڪان آٽڻ وسري ويئي آهي. ڏاڍو ارمان ٿيم. ارمان ان ڪري ٿيم جو هن وٽان چڱي چوکي خرچي ملٽي هئي.

پوڙهيءَ عاربَ ماءُ کي ٻن - ٽن هفتن کان تيز تپ ٿي آيو. ڳوٺ جي حڪيم کان ٻه - چار دفعا ڦڪيون ورتيون هئائين، پر فرق ڪو نه پيو هو. ڪالهه جنهن وقت آءٌ اسڪول ڏانهن وڃڻ لاءِ سنيري رهيو هوس، ان وقت هوءَ آئي ۽ مون کي چيائين ته ”پُٽڙا، منهنجي واسطي پير سائين جي ڪَنديءَ جو چوڏو آڻجانءِ، هونئن ته تپ ڇڏيندم ئي ڪو نه“!

پوڙهي تپ جي ڪري ڳري ڪندا ٿي ويئي هئي. رنگ پيلو پٽجي ويو هوس، ۽ اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس. ڳالهائيندي ڳالهائيندي به سهڪي پئي. مون هن سان انجام ڪيو ته ضرور آڻيندس، پر اسڪول کان موٽڻ وقت اها ڳالهه ئي وسري ويم. تنهن ڪري اڄ صبح جو وري اچي ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪيائين، ۽ لالچ به ڏنائين ته جي چوڏو آڻيندين ته تمام گهڻي خرچي ڏينديسانءِ. هڪ آنو ته اڳواٽ ئي ڏيئي ڇڏيائين. هيتريءَ تاڪيد جو سبب اهو به هو جو ٻئي ڏينهن پوڙهيءَ جي تپ جو وارو هو، ۽ هن چاهيو ٿي ته چوڏو اڄ ئي ٻانهن ۾ ٻڌي، جيئن سياڻي ان بخار جي بلا کان بچي وڃي.

اسان جي ڳوٺ جا رهاڪو پير سباجهي جي ڪَنديءَ جو چوڏو اڪثر ڪري استعمال ڪندا رهندا هئا. هر بيماريءَ جو ان کي هڪ تڪ علاج سمجهيو ويندو هو. جڏهن ڪا دوا اثر نه ڪندي هئي، تڏهن ماڻهو ان ڪَنديءَ جو چوڏو ڳاڙهيءَ اگڙيءَ ۾ ويڙهي، تعويذ وانگر ٻانهن ۾ ٻڌندا هئا. ڪي ته دوا اصل ڪندا ئي ڪو نه هئا، ۽ بيمار ٿيڻ شرط اهو چوڏو ٻڌندا هئا.

اُن چوڏي جي شفا مُلڪان ملڪ مشهور هئي. چوندا هئا ته ڪيترائي لاعلاج مريض

۽ چوڏي جي ڪرامت سان صحتمند ٿي ويا. ماڻهن جو ان ۾ ڏاڍو ويساهه هو. قصو ته مشهور ائين آهي ته هڪ لڳا پير سڄاجهي ان ڪَنڌيءَ جي وڻ هيٺان اچي منزل ڪئي هئي، ۽ اتي ئي هڪ انڌي کي ڪرامت سان سڄو ڪيو هئائين. ان کان پوءِ ئي ان وڻ کي اهو شرف حاصل ٿيو هو. جنهن وقت جي مان ڳالهه ڪري رهيو آهيان، ان وقت ڪَنڌيءَ جي وڻ جي چوڌاري لوڙهو ڏنل هو. ڪي عقيدتمند اچي وڻ هيٺان ٻهاري ڏيئي صفائي ڪري ويندا هئا. وڻ جي ٽارين ۾ ڏارن ۾ ڪيترين ئي ڳاڙهي رنگ جون اگڙيون ٻڌل هيون.

پير سڄاجهي واري ڪَنڌي اسڪول واري ڳوٺ ڏانهن ويندڙ پيچري تي هئي. جيئن ته آءٌ روزانو ان رستي تان ايندو ويندو هوس، ان ڪري اوڙي پاڙي جا ضرورتمند مون کي چوڏو آڻڻ لاءِ چوندا هئا. جڏهن مان سندن اهو ڪم ڪري ايندو هوس، تڏهن هو مون کي ٽڪو — آنو خرچي ڏيندا هئا. ٻئي ڏينهن ٻه مائيءَ عارب ماءُ لاءِ چوڏو آڻڻ وسري ويو هئم. هاڻي هن کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس! هوءَ منهنجي لاءِ اکيون وجهيو ويٺي هوندي، ڪيترو نه نااميد ٿيندي، ۽ آءٌ پاڻ ٻه ته انعام کان محروم رهجي ويندس! هينئر ڪوهه پنڌ ڪري پوئتي وڃڻ ٻه مون لاءِ مشڪل هو.

آءٌ هڪ هنڌ بيهي رهيو هوس، ۽ دماغ ۾ اهي ئي ڳالهيون پئي آيون ويون، اتي ئي منهنجي ذهن ۾ هڪ نئون خيال اڀريو. ان خيال اچڻ ڪري مون اطمينان جو ساهه کنيو، ۽ خود بخود مرڪڻ لڳس. پر وري خيال آيم ته ائين ڪرڻ نيڪ نه آهي. اهو گناهه آهي. اها آنڌ مانڌ ٻه — چار گهڙيون منهنجي اندر ۾ چالو رهي. سامهون، وک پنڌ تي هڪڙو ڪنڌيءَ جو وڻ موجود هو. آءٌ فيصلو ڪري ان ڏانهن وڌيس. چوطرف نظر ڊوڙايم، مون کي ڪو ٻه ڏسڻ وارو ڪو نه هو. منهنجي دل ڌڙڪي رهي هئي، چوڏو پٽيندي منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا.

پوڙهي عارب ماءُ اسان جي گهر ۾ ويٺي منهنجي واٽ نهاري رهي هئي. مون کي ڏسندي ئي رڙ ڪيائين، ”پٽ، منهنجو ڪم ڪري آئين نه؟“ مون ٻه ڪجهه ڪڇڻ کان سواءِ چوڏو هن جي طرف وڌايو. هن وٺي ان کي چميو، پائلي ڪدي منهنجي تريءَ تي رکيائين، ۽ دعائون ڪندي پنهنجي گهر ڏانهن رواني ٿي. پر مون کي هن جون دعائون پٽ جا تير ٻڻجي پئي چُڀيون. آءٌ ته سڄو هراس ۽ ڊپ ۾ پرجي ويو هوس. خيالي خوف مون کي گهيرو ڪندا ٿي ويا.

پير سڄاجهي جي ان ڪَنڌيءَ جي باري ۾ ڪيترين ئي روايتون مشهور هيون.

چوندا هئا تہ جن بہ ماڻهن ان وڻ جي بيحرمتي ڪئي هئي، يا ڪاٺ لاءِ سگريون پٽڻ يا ٻڪرين لاءِ ٽاريون ڪپڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، سي يا تہ انڌا ٿي پيا هئا، يا ڳاتو ڀڄي پيو هئن، يا عضوا سُڪي پيا هئن، يا ٻين مصيبتن ۾ مبتلا ٿيا هئا! ان ڪان سواءِ سندس ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڪرامتون ننڍي وڏي جي وات هيون.

آءٌ رواجي ڪَنديءَ جي وڻ جي چوڏي کي پير سباجهي واري ڪنديءَ جو چوڏو ڪوني، پڇتائي رهيو هوس، ان ڊپ کان ڪنبي رهيو هوس تہ مون تي ضرور ڪا مصيبت نازل ٿيندي. ان رات مون کي مشڪل سان ٿوري ننڊ آئي. ننڊ ۾ بہ ڊيڄاريندڙ خواب ڏسندو رهيس. صبح جو اسڪول ويندي جڏهن ان ڪنديءَ جي ويجهو پهتس، تڏهن اهو پيچرو مٽائي، وڪڙ ڪري، ٻئي پاسي کان ويس تہ متان ان جي ويجهو لنگهڻ وقت ڪا آفت نہ اچي ڪڙڪي! چار ڏينهن ان ڳڻتيءَ ۾ گذري ويا. مون کي پڪ هئي تہ مصيبت ضرور ايندي. ڪيترائي انديشا پئي اندر ۾ پيدا ٿيا. هڪڙو انديشو تہ اهو بہ هو تہ آءٌ امتحان ۾ ناپاس ٿيندس! ڪلاس جا سبق تہ هونئن بہ پوريءَ طرح ياد ڪو نہ ٻيهندا هئم.

هڪ ڏينهن، هلندي هلندي ٿابو اچي ويم. هڪدم خيال پيدا ٿيو تہ اچي ويئي پير سباجهي جي موڪليل آفت، ۽ اجهو ٿو ڪو عضوو ڀڄيم! پر پاڻ جهلي ويس ۽ ڏنم تہ ٻي خياليءَ ڪري رستي ۾ پيل پٿر ۾ پير اٽڪڻ ڪري ٿاٻڙجي پيو هوس.

ان وچ ۾ عاربَ ماءُ بہ نظر نہ آئي. خيال ٿيم تہ شايد منهنجي ٻي ايمانيءَ ڪري ويچاري وڏيڪ بيمار ٿي پئي آهي، ۽ سزا ڀيئي ڀوڳي. آخر پنجين ڏينهن پهہ پچايم تہ اچ پير سباجهي واريءَ ڪَنديءَ مان چوڏو پٽي ايندس، ۽ اهو اچي عاربَ ماءُ کي ڏيندس ۽ حقيقت ٻڌائي معافي وٺندس.

ان ڏينهن صبح جو وڃڻ کان اڳ، جڏهن امان مکڻ ۽ ماني زوري ڪارائيندي چئي رهي هئي تہ ٻن— چئن ڏينهن کان توکي چا ٿي ويو آهي، جو پوري ماني ڪونہ ٿو ڪائين، تہ ان وقت مائي عاربَ ماءُ بہ اچي اسان جي گهر نڪتي، بلڪل تازي تواني ۽ تندرست! مون کي ڏسندي ئي چيائين، ”پُٽ، شابس هجي توکي! مون ان وقت ئي چوڏو اگڙيءَ ۾ وجهي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو. تَپ وري منهنجو نالو بہ نہ ورتو. صدقي وڃان پير سائينءَ سباجهي جي نانءَ تان!“

آءٌ وائڙو ٿي، هن ڏانهن نهارڻ لڳس.

(’سؤ سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون‘ تان ورتل)

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ’چوڏو‘ ڪهاڻيءَ ۾ نجم عباسيءَ سماجي مسئلن کي ڪهڙي ريت اُجاگر ڪيو آهي؟

(2) ڪهاڻي ’چوڏو‘ موجب سماج ۾ اهڙي سوچ پيدا ٿيڻ جا ڪهڙا سبب آهن؟

(3) ’چوڏو‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڏنل ڪردارن مان اوهان کي ڪهڙو ڪردار پسند آهي ۽ ڇو؟

(4) ’چوڏو‘ ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙو پيغام ملي ٿو؟

## (ب) ڪهاڻي ’چوڏو‘ ۾ ڏنل ڪردارن بابت مختصر نوٽ لکو.

## (ج) ڪهاڻيءَ مان ڪنيل حوالن جي سمجهاڻي لکو:

(1) ”پُٽڙا، منهنجي واسطي پير سائين جي ڪَنديءَ جو چوڏو آڻجانءِ،هونئن ته تپ ڇڏيندم ئي ڪو نه“!

(2) ”مون کي پڪ هئي ته مصيبت ضرور ايندي. ڪيترائي انديشا پئي اندر ۾ پيدا ٿيا. هڪڙو انديشو ته اهو به هو ته آءٌ امتحان ۾ ناپاس ٿيندس! ڪلاس جا سبق ته هونئن به پوريءَ طرح ياد ڪو نه بيهندا هئم.“

(3) ”پُٽ، شابس هجي توکي! مون ان وقت ئي چوڏو اِگڙيءَ ۾ وجهي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو. تَپ وري منهنجو نالو به نه ورتو.“

## (د) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) نجم عباسيءَ جي ’چوڏو‘ نالي تحرير آهي:

(1) مضمون (2) ڪهاڻي (3) ڊرامو (4) ناول

(2) ”سج پهاڙن پٺيان غائب ٿي ويو هو.“ ڏنل سٽ مان ڪهاڻيڪار جي مراد آهي ته:

(1) صبح ٿي ويو (2) جُهڙ ٿي ويو (3) رات ٿي وئي (4) سج لِڪي ويو

(3) ’اکيون ڏرا ڏيڻ‘ جي اصطلاحي معنيٰ آهي:

(1) اکين ۾ ڪَڏون پوڻ (2) نظر ختم ٿيڻ (3) نظر سُست ٿيڻ (4) تمام ضعيف ٿيڻ

(4) نجم عباسيءَ جي ’چوڏو‘ ڪهاڻي، موضوع جي لحاظ کان آهي:

(1) سماجي (2) سياسي

(3) تاريخي (4) مزاحيه

(ھ) اوهان کي ٻي ڪا سماجي اصلاحي ڪهاڻي ياد هجي ته ان کي مڪالمن جي صورت ۾ لکو.

(و) ڪهاڻيءَ جي فني جُزن کي آڏو رکي ’چوڏو‘ ڪهاڻيءَ تي پنهنجي تنقيدي راءِ لکو.

(ز) سماج جي ڪنهن ٻه هڪ اهم مسئلي بابت ڪهاڻي يا مضمون لکو ۽ ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌايو.

(ح) هيٺ ڏنل زمان ماضي معطوفي جا جملا پڙهو.

1. اڪبر مضمون لکي، گهر ويو.
2. اصغر راند ڪيڏي، ماني کاڌي.

مٿيان مرڪب جملا، ماضيءَ جي صورت ۾ آهن. انهن جملن مان هرهڪ جي پهرئين حصي واري (لکي ۽ ڪيڏي) فعل ماضيءَ کي ماضي معطوفي چئبو آهي. اهو ان لاءِ ته اهي فعل ماضيءَ جا لفظ جملن جي ٻن حصن کي ڳنڍڻ جو ڪردار ادا ڪن ٿا. ياد رهي ته ’معطوفي‘، ’عطف‘ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ڳنڍڻ‘.

اوهان مٿي ڏنل مثالن وانگر، ماضي معطوفيءَ جا ڪي ٻه ٻيا پنج جُملا لکو.

# نسيم کرل



ولادت: 1939ع

وفات: 1978ع

نسيم احمد کرل 29 جُون 1939ع تي ڳوٺ ’کرل‘، تعلقي گمبٽ، ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حاجي عبدالڪريم ڪرل هو. نسيم ڪرل جو شمار مشهور سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ بي-اي ۽ ايل-ايل-بي به ڪيائين. هن سنڌي افسانن کي نئون اسلوب ڏنو.

نسيم کرل جي ڪهاڻين جي سڀ کان اهم خوبي نج سنڌي ٻولي، پهاڪا، محاورا ۽ نيٺ سنڌي ماحول آهي. سندس ڪهاڻين جي اِها به خوبي آهي ته جهڙو ڪردار تهڙو ماحول ۽ ان جي ٻولي هوندي آهي. هُن جي ڪهاڻين ۾ روزاني زندگيءَ جي حالتن ۽ مختلف طبقن جي ماڻهن جي عڪاسي ٿيل آهي. ان کان علاوه ماڻهن جي عام گهرجن، نفسياتي لاڙن، اندر جي تضادن ۽ متضاد سماجي روين متعلق پڻ سندس ڪهاڻين جا موضوع آهن. سندس مشهور ڪهاڻين ۾ ’پهرين مراد‘، ’چوٿيهون در‘، ’ڪافر‘، ’ڊمي‘، ’ڪرنٽ‘، ’شبنم شبنم، ڪنول ڪنول‘ ۽ ٻيون شامل آهن.

ناميارو عالم تاج جويو، نسيم کرل جي فن بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو ته ”نسيم ڪرل جي ڪهاڻين ۾ رچاءُ، نياءُ ۽ فني اوچائي ڪمال جي آهي. هو ڪهاڻيءَ جي پلاٽ، تاڃي پيٽي، ڪردارن، مڪالمن، لفظن جي چونڊ، جزئيات جي بيان ۽ پڄاڻيءَ ۾ ڪمال جي مهارت رکندو هو. هُو زندگيءَ جي رنگن ۽ رنگينين سان گڏ جيوَن جي قيامتن، ڪوڙاين ۽ ڪوجهاين کان به واقف هو. هُن جي نظر سطحي ۽ متاثري نه هُئي.“ نسيم کرل 14 جولاءِ 1978ع تي وفات ڪئي.

# چوٿيھون در

**سکيا جي حاصلات** ✪ ڪنھن بہ ادب پاري بابت اصولي تنقيدي راءِ ڏئي سگهي ۽ ان جي خوبين ۽ خامين جو اندازو لڳائي، ادبي درجہ بندي ڪري سگهي. ✪ ادبي ۽ علمي لکڻيون پڙهي، خود بہ ان قسم جون لکڻيون لکي سگهي. ✪ اسم استقبال جو مفهوم ۽ استعمال ڄاڻي سگهي. ✪ ٿاڻي جي رپورٽن، عدالتي فيصلن، وڪالت نامن ۽ قانوني دستاويزن کي سمجهي، پڙهي سگهي.

باڪ مھل پاڻيءَ جي ماپ وٺندي، ھن جي اوچتي نظر وڃي ھڪ لاش تي پئي، جو بئراج جي در ۾ ڦاٿو پيو ھو. لاش جي ڳچي آروپار ڪپيل ھئي ۽ سسي باقي وڃي ڪل جي ٽڪريءَ سان ڳنڍيل ھئي. لاش ڏسي ھو ھراسجي ويو ۽ ڪي گھڙيون پت ڪي ھٿ وجھيون چپ چاپ بيٺو رھيو. ڳپل مھل ڪان پوءِ ھن تان ٿورو ھراس لٿو تہ وري لاش کي غور سان ڏسڻ لڳو. لاش ڪنھن زائفان جو ھو، جنھن کي ڳاڙھو گھگھو پيل ھو، جنھن جا ڏگھا وار پاڻيءَ ۾ لڙھڻ ڪري ڪلي پيا ھئا ۽ جنھن جو پورو باھ جھڙو رنگ ان لڙئي پاڻيءَ ۾ بہ ڪوڏ جيان پئي جرڪيو. ھن جي ھڪ دل گھريو تہ جيڪر ان ڦڏي ۾ ئي نہ پوي ۽ در ڪولي لاش کي ھيٺ لوڙھي ڇڏي، پر وري بيءَ دل ھن کي ائين ڪرڻ کان جھليو ۽ ڪيس رب جي ڏاڍي سرڪار ياد ڏياري، جا اھڙين ڳالھين ۾ راضي ڪانہ ھئي. ھن دل ئي دل ۾ پڪو پھہ ڪيو تہ ھو پاڻ وڃي ٿاڻي تي فريادي ٿيندو ۽ صوبيدار کان ڪرڙي جانچ ڪرائي، خونين کي سوگھو ڪرائيندو. اھو ارادو ڪري پنھنجي ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ ڪلف ڪٽي در بند ڪرڻ لڳو. در بند ڪري اوچتو ھن کي پور پيو تہ جيڪر پنھنجي ترتي عملدار، سرويئر کي اھو سمورو مذڪور ٻڌائيندو وڃي. ان پور تي ھن وڃي سرويئر جي ڪوارٽر جو ڪڙو ڪڙڪايو. پر سرويئر جو سڄي رات سکر گھمي ۽ فلم ڏسي اسر موٽيو ھو، سو ڪيئن پيو اھي اٺين ٻارھين آنين وارا ڪڙڪا ٻڌي. پر ھن در کي ايستائين نہ ڇڏيو، جيستائين سرويئر اچي در نہ کوليو. اکيون مھٽيندي ڪانئس پڇيائين: ”چو ڙي کو ڪنڌ پيو آ چا؟“

”نہ سائين، ڪنڌ ڪونھي پيو، پر ھڪ لاش اچي در ۾ ڦاٿو آ“.

”پوءِ مون کي چو جاڳايئہ، مان کو صوبيدار آھيان؟“

”سائين، ٿاڻي تي وڃان ٿو، پر توکي اطلاع ڏيڻ آيم جو متان دير ٿي وڃي“.

”دير، شام تائين موٽي آئين جڻ لک ڪٽيئہ. پوءِ تہ روز حاضريون ڪارائيندءِ“.

”ھا سائين، متئون جو اچي پئي، منھن تہ ڏبو نہ“.

”ڀلي وڃي منھن ڏي، پر بي ڳالھ ٻڌ، متان فرياد ۾ منھنجو بہ نالو شاھديءَ ۾ لکائين“.

”نہ سائين، تنھنجو نالو ڪونہ ايندو. چوندس تہ لاش ڏسي، سڌو ٿاڻي تي آيو آھيان“.
”نيڪ آ، ائين چئجانءِ.“ سرويئر در بند ڪيو.

ھو وري بئراج تي آيو ۽ سکر طرف ھلڻ لڳو. ھن اچا سڌ کن پنڌ ڪيو ھو جو پوئتان ڪيس ٽرڪ جون بتيون نظر آيون. ٽرڪ ڊرائيورن جي وڏائيءَ جي ڪيس چڱيءَ طرح خبر ھئي. ھو ھڙي تھڙي کي تہ سگنل بہ ڪونہ ڏيندا آھن، پر ھن کي بہ سکر جو پنڌ سُجھيو تہ ھن بہ ڪٽي ھٿ ڏنو. ڊرائيور بہ ڪو اشراف جو پٽ ھو، جو ڪٽي ٽرڪ جھليائين. ھو خوشيءَ ۾ پر ٽي ويو ۽ دل ئي دل ۾ ڊرائيور جو ٿورو مڃڻ لڳو، جنھن ٽرڪ جھلي ڪيس جنگھن ھڻڻ کان بچايو ھو. ان ٽرڪ کي بيھارڻ ۾ ڪيس پنڌ کان بچائڻ ۾ مرضي بہ مولا جي ھئي، جو سندس ان ڪم ۾ راضي ھو. ٿاڻي جي در کان ٿورو پرتي ھو ٽرڪ جھلائي لٿو ۽ گيٽ اندر ٿيو. سامھون بينل سپاھيءَ کان صوبيدار جي پڇا ڪيائين.

”صاحب جانچ ۾ ويل آ.“ سپاھي ڪيس ڪياڙيءَ سان ورندي ڏني.
”جمعدار، مون کي صوبيدار وڏي سان ضرور ملڻو آھي. اھي ڳالھيون ڇڏ ميان“!
”چو، ڪا فرياد آ چا؟“
”ھا ميان، فرياد آ“.
”ھينئر فرياد داخل نہ ٿيندو. بہ ٽي ڏينھن رکي پوءِ اچجانءِ، سال جي پڇاڙي آھي، ڏوھ اڳ ۾ ئي وڌيل آھن“.
”ميان، ڪا چوريءَ ڪاٽ جي ڳالھ ٿوري آھي. خون ٿيل آ خون“!
”تو ڪيو آ چا خون؟ ڪٿي آھن ھٿيار؟“
”ھٿيار صوبيدار ئي وٺندو، مون کي ڇڙو ساڻس ملاءِ“.
”اھي سنھا ڪم بہ صوبيدار وڏو ڪندو تہ باقي مان ھي مڃون اس ۾ اچيون ڪيون آھن؟ جلد پيروي ٻڌاءِ“.
”جمعدار، تڪڙ گھٽ ڪر، مان بہ ڏٺڪو آھيان ۽ تو جھڙو ئي سرڪاري ملازم آھيان“.
”ڪٿي آسمان تان اڏري لٿو ھجين، توکي حقيقت ٻڌائڻي ئي پوندي“.
”جمعدار، ھرويرو تو ضد ڪرين. صوبيدار وٽ تون بہ ٻڌجانءِ“.

سپاھي ھن مان ڪو چاڙھو نہ ڏنو تہ لاچار ڪيس صوبيدار جي ڪوارٽر ڏانھن وني ھليو. صوبيدار بہ ھينئر تازو اٿيو ھو ۽ چانھ پئي پيتائين. سپاھيءَ سلوٽ ھڻي صوبيدار کي چيو:”سائين، ھي فريادي آيو آ“.
صوبيدار ڪرڙي اک ڪٽي پنھنجي سپاھيءَ ڏي ڏنو ۽ خار مان ڪانئس پڇيائين: ”اڙي عقل

جا دشمن، ٿاڻي تي منهنجي آمد آهي جو مون ڏي وني آئينس“!
”سائين، مان نہ هن کي ٻڌايو تہ صاحب گناہ نمبر 224 جي جانچ ۾ مصروف آهي، پر هن جو ڳوري ڳالھ ٻڌائي تہ لاچار کيس وني آيس. پاڻ بہ سرڪاري ملازم آ“.
”ڇا تو ٻڌائي؟“
”سائين، ڇئي ٿو تہ خون ٿيل آ“.
”اڙي ميان، ويجهو اچي صاحب کي سموري حقيقت ٻڌاءِ. ڏچ ڏپ نہ، سچ ٻڌائيندين تہ فائدو پوندءِ.“ سپاهيءَ هن کي سڏي چيو.
هو اڳتي وڌي صوبيدار جي پرسان آيو تہ صوبيدار کائنس پڇيو: ”ميان، تون ڪهڙي ڪاتي ۾ آهين؟“
”سائين مان گيج ريڊر آهيان سکر بئراج تي“.
”ها، حقيقت ڪر“.
”سائين، مان صبح جو دستور موجب پاڻيءَ جي ماپ پئي ورتي تہ هڪ لاش ڏٺم، جو بئراج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ڳچي آروپار ڪپيل آهي ۽ سسي باقي وجي ڪل جي ٽڪريءَ سان ڳنڍيل آ“.
”لاش مرد جو آ يا عورت جو؟“
”عورت جو“.
”لاش پڪ مڇيون کائي ويون هونديون ۽ شناخت ڪان زور هوندو“.
”نہ سائين، اجا سلامت آ“.
”هون، ڪا خبر چار؟ ڪو آيو، ڪو ويو؟“
”نہ سائين، اسان وٽ تہ ڪو ڪونہ آيو“.
”ڪوڙا خان، ٿاڻي تي تہ ڪو وارث وصي ڪونہ آيو؟“ صوبيدار پنهنجي سپاهيءَ کان پڇيو.
”نہ سائين، هتي بہ نہ جن نہ ڪن“.
صوبيدار وري ڏانهنس ڪنڌ ڦيرايو: ”ها ميان، ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺئہ؟“
”سائين، باک پئي ڦٽي“.
”اتي ٻيو ڪير هو؟“
”ڪوئي ڪونہ، مان اڪيلو هوس“.
”پوءِ ڪنهن کي ٻڌايئہ؟“

”ڪنهن ڪي ڪونہ، سڌو ٿاڻي تي آيو آهيان“.
”تون پاڻ ڪٿي رهندو آهين؟“
”سائين، سکر بئراج تي ڪوارٽر مليل آ“.
”اڪيلو رهندو آهين يا ٻارين ٻچين؟“
”سائين اڪيلو“.
”چڱو لاش جو حليو تہ ٻڌاءِ“.
”سائين، مان هيٺ لهي تہ ڪونہ ڏٺو جو هراس پئي ٿيو. باقي فوٽڻ رنگ جي پوري، ڏگهن ڪارن وارن سان، ڳاڙهو گهگهو پرت سان“......
”وئي، وئي!“ صوبيدار ڳوٺ پڳي.
”ڪيئن وئي سائين؟“
”سائين، هڪ پيرو جانچ شروع ٿي تہ پاڙهي دڳ ٿيندو ويندو. خون ۾ ڪٿوريون ٿورو ئي لڪنديون آهن“.
”ميان، هھڙي خون جي مولا نہ جانچ ڪرائي. هيءَ جانچ تہ رهندو گهر جا ٿپڙ بہ گهلينديِ“.
”ڪيئن، سائين؟“
”بابا، لاوارث لاشن جون جانچون ڪي سوليون آهن. پهريون لاش ڪڍائڻ تي مزوري، پوسٽ مارٽم جو خرچ، فوٽو گرافر، جيپن جا ڀاڙا ڪرايا، لاش جو دفن ڪفن، ان ڪان پوءِ بالا آفيسرن جا سهما، روز پيا پڇائون ڪندا، جيستائين بہ ڏوڪڙ سندن منهن ۾ نہ هڻبا. ميان، در ڪولي، لاش لوڙهي چو نہ پئي چڏيئي؟“
”سائين، اهڙو پاپ مون ڪان ڪيئن پئي پڳو. مولا الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي، شل حقؤن بہ رکي ناحقؤن بہ“.
”پر هاڻي تو ڳناه ڪيو يا مان، جو ٻئي پيا رولڙا پسون. ميان، خون جو فرياد ڪا چرچي جي ڳالهہ ڪانهي. روز روز حاضريون ڪائي تڪين تہ پاڙهي بان ڪندين“.
”سائين، مون ڪي اهي حاضريون چڱيون آهن، پر اهڙو ڪڏو ڪم مون ڪان نہ ٿيندو، منهنجي فرياد وٺ“.
”ڪوڙا خان، منشيءَ وڏي ڪي سڏ ڪر تہ هي فرياد ونون.“ صوبيدار پنهنجي سپاهيءَ ڪي چيو.
منشي وڏو پنا، ڪاربان، رول، پينسلون ڪڍي آيو ۽ اچي صوبيدار جي پرسان موڙي تي ويهي، رول سان پني تي ليڪا ڪيدي، صوبيدار ڪان پڇيائين: ”سائين، پهريون ڪچي پني

تي ناهيون تہ پوءِ ٿا 154 تي آٽيون”.
”وڏا، مڙيئي ڏوڙ وجهينس، يا جيئن وٽئي تيئن ڪر، پلي پهريون ڪچي ناهہ“.
منشي وڏي بنا ڪاربان ناهي پينسل هٿ ۾ ڪٽي، صوبيدار ڏانهن ڏنو.
”وڏا لک فريادي ۽ جو نالو، ڇا تي نالو؟“
”سائين، غلام محمد پٽ نور محمد“.
”وڏا، لک — فريادي غلام محمد پٽ نور محمد، گيج ريڊبر سڪر بئراج، ڏوهہ قلم 302 وقت اطلاع صبوح جو ڇهہ بجي، وقت رپورٽ...... وڏا، بيهہ تہ، روزنامچو ڪيستائين لکيو اٿئي؟ هينئر تہ ڏهہ ٿيا آهن“.
”روزنامچو رات ڪان بند آ، هينئر وجي لکندس“.
”نيڪ آ تہ پوءِ لک — وقت رپورٽ داخلا جو سوا ڇهہ بجا، وقت جانچ جو، بروقت پوليس طرفان ڪا دير ڪونہ. ها بابا، لاش ڪٿي قاتل آ؟“
”سائين، سڪر بئراج جي چوٿيهين در ۾“.
”وڏا، وارو ڪر، ڏس تہ اسان جي ٿاڻي جي حد ڪهڙي در تائين آهي؟“
منشي وڏو تڪڙو ڪونيءَ ۾ ويو ۽ پري ڪان رجسٽر ڪنيون ٻهڪندو آيو ۽ چوڻ لڳو:
”سائين، اسان جي ٿاڻي جي حد ڪانهي“.
”واه قلندر! ميان، وڃ روهڙي ٿاڻي. ان حد ۾ نہ اسان جو اڏ نہ ٿهائي.“ صوبيدار مرڪندي چيو.
”سائين، ائين ڪيئن ٿا ڪيو؟“
”ميان، اعتبار نٿو اچيئي تہ ڪٽي پاڻ رجسٽر ڏس“.
”سائين، فرق تہ رڳو هڪ در جو آهي“.
”بادشاه، هڪ در جو فرق تہ وڏي ڳالهہ آ، پر هڪ تِر جو هجئي تہ بہ وڪ نہ هلانءِ. مان آخر پرائو سور پنهنجي مٿي ۾ ڇو وجهان؟“
”مڙئي سائين مهر ڪر“.
”اڙي ڪو ڇريو ڇٻين. ليلهڙات تہ ائين ٿو ڪرين، جڻ ڪا پنهنجي سڳي هجئي. ميان، تنهنجو ڇا؟“
”پوءِ سائين، مان ڇا ڪيان؟“
”بابا، تون روهڙي ٿاڻي تي وڃ، اتي وجي اها رپورٽ ڏي“.
”اهو جو رپورٽ نہ وني؟“

”ڪيئن نہ وڻندو؟ سندس حد آ“.
گيج ريڊر وري روهڙيءَ ڏانهن ڪُڙي ڪئي ۽ ذري گهٽ منجهند اچي ٺاڻي تي پهتو. ڪلاڪ ڏيڍ جي انتظار کان پوءِ مس مس صوبيدار سان ملاقات ڪيائين ۽ ڪيس خون ٿيل لاش جي لڙهي اچڻ جي خبر ٻڌايائين.
”لاش ڪٿي قاتل آ؟“
”سائين، سکر بئراج جي ڇوٽيهين در ۾“.
”منشي وڏا، اهو ڇوٽيهون در اسان جي حد آ يا سکر جي؟“
”اسان جي.“ منشيءَ وڏي منهن پيلو ڪري ٻڌايو.
”ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺو هيئي؟“
”سائين، باک مهل“.
”پوءِ ايتري دير ڪاٿي هئين؟ هينئر تہ ذري گهٽ منجهند اچي ٿي آهي“!
گيج ريڊر چپ.
”ميان، جواب ڏي نہ تہ اها دير توکي ڏکي پوندي“.
اتي گيج ريڊر ٺاٺ ڪاڙهي، پرائيءَ عزت کان نيٺ پنهنجي عزت پياري هئي. ”سائين، مان تہ پنهنجي سر ڪا دير ڪانہ ڪئي. مان تہ ان مهل ئي سکر ٺاڻي تي ويو هوس، پر ان صوبيدار مون کي ويهاري ويهاري نيٺ پوءِ جواب ڏنو“.
”ڇو جواب ڏنائين؟“
”چيائين تہ منهنجي حد ڪانهي“.
”هن جي حد هجي يا منهنجي هجي. جهڙو هو گورنمينٽ جو نوڪر، تهڙو مان نوڪر. هن کي پهريون خون جي خبر پئي هئي. قانون مطابق هن کي رپورٽ وٺي هئي ۽ مشير نامو ناهي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ موڪلڻو هو. ان کان پوءِ مون ڏي ڪاغذ موڪلڻا هئس“.
ها سائين، مان تہ ڪيس گهڻا ئي ايلاز ڪيا، پر اصل ڪونہ مڙيو“.
”چا پئي چيائين؟“
”سائين، چيائين پئي تہ هتڙي جانچ ڪير ڪري. هيءَ جانچ تہ رهندو گهر جا ٽپڙ گِهليندي“.
”ها، پر جي منو ڪائبو آ تہ ڦڪو بہ ڪائبو آ. جي ان لاش جا وارث پئدا ٿين ٿا تہ پوءِ اهو لاش ڪيس ڏاڍو منو لڳي ها. پوءِ انهن حدن بدن جو خيال ئي ڪونہ اچيس ها“.
”الائي، سائين“.
”الائي وري ڇو؟ توکي اها خبر نٿي پوي؟“

گيج ريبدر چا ڪچي.
”چڱو ڀلا، هاڻي هي ٻڌاءِ تہ توکي ڪيئن خبر پئي تہ لاش چوٿيهين در ۾ آ؟“
”مان پاڻ ڏٺو هو“.
”تو لاش ڏٺو هو يا در ڳڻيا هيئي؟“
”در ڳڻڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي سائين، درن جا نمبر تہ منهنجي دل تي لکيل پيا آهن“.
”پر ميان، ڀل چڪ تہ ٿي سگهي ٿي“.
”نہ سائين، اهڙو اندو مان بہ ڪونهيان“.
”ڀلا، هينئر جو هن ٿاڻي تي آئين تہ وري لاش ڏٺئي؟“
”هن ڀيري تہ اهو رستو آيس ئي ڪونہ. مان تہ سڌو اچي روهڙي واري پل ٽپيس“.
”اوڏانهن اچين ها تہ گهٽ ۾ گهٽ پڪ تہ ٿئي ها. الائي وري لاش لڙهي ڪنهن ٻئي در ۾ تہ نہ ڦاٽو“.
”اها الله کي خبر، پر ائين وري ڪيئن ٿيندو؟“
”چڱو، اها وري ٿا ڪٽي جانچ رکون...... وڏا، او منشي وڏا“!
”جي سائين!“ منشيءَ وڏي جواب ڏنو ۽ اچي صوبيدار جي سامهون بيٺو.
”يار، لاوارث لاش جي فرياد آهي تہ ڏکي، پر هن مڙس کي هرويرو ڪونہ رلائبو. تون هن کان فرياد وٺڻ جي تياري ڪر. پر ان وچ ۾ پنهنجو ڪو ماڻهو موڪلي اها تہ خاطري ڪر، متان لاش اسان جي حد ۾ ئي نہ هجي ۽ اسين وينا اجايا خفا ڪيون“.
”اهي خفا اجايا ٿا ڪيو سائين، لاش چوٿيهين در ۾ آ.“ گيج ريبدر صوبيدار کي وري پڪ ڏني.
”ميان، اسان کي پڪ تہ ڪرڻ ڏي. متان درياهہ جي وهڪري تي لاش لڙهي ڪنهن ٻئي در ۾ نہ ڦاٽو هجي“.
”ڀلي سائين“.
”منشي وڏا، تو بہ ڳالهہ سمجهي نہ؟“
”ها سائين، خاطري ڪيو“.
”پر ڪنهن ٻني ٻشر کي خبر نہ پوي! مهاڻي کي بہ جهلجانءِ تہ ان ڳالهہ جو پڙهو نہ ڏي، رڳو ماڻ ميٺ ۾ لاش ڏسي، در ڳڻي اچي“.
”ها سائين، بس نہ؟“
”بس، پر هن همراهہ کي پاڻ سان ورتيون وڃو. هن ويچاري ماني بہ ڪاڏي آهي الائي ڪونہ“.

”سائين، مون کي طلب ڪانهي“.
”ميان حجاب نہ ڪر، ماني مولا جي آ. وڏا، منهنجي ڪنڌي هوٽل مان گهرائي ڪارائينس. هي مڙس ماٺهو اٿئي، پرائي خون تي ڪنهن پاڙي پتي کي کهڪاءُ ڪونہ ايندو آ. وڏا، ههڙن مڙسن جو شل ڪال نہ پوي“.
”بيشڪ سائين، مڙساٺا اکر اٿس. هل ادا، اتي ڪو ڳيو ڪاءُ“.
صوبيدار ۽ وڏي منشي جي ان تعريف گيج ريڊر جا مڙئي تڪ لاهي ڇڏيا. هن کي سکر واري صوبيدار تي وڏي خار هئي، جنهن کيس اجايو رلايو هو ۽ ساڻس خوديءَ سان ڳالهايو هئائين. هو منشي وڏي جي ڪونيءَ ۾ آيو ۽ ماني کائي، جنگهون ڏکهيون ڪيائين تہ کيس ننڊ ڪٽي وئي. ٽپهريءَ مهل منشيءَ وڏي ٽنگ لوڏي جاڳايس ۽ صوبيدار وٽ هلڻ لاءِ چيائينس. هو صوبيدار جي ڪونيءَ ۾ گهڙيو تہ صوبيدار کيس چيو: ”ميان، لاش تہ ٽيٽيهين در ۾ آ، اها اسان جي حد ڪانهي“.
”اهو وري ڪيئن سائين؟ مان پاڻ چوٽيهين در ۾ ڏٺو هو“!
”ميان، يا تہ تون ڀُلو آن يا لاش پوءِ وري لڙهي وڃي ٻئي در ۾ ڦاٿو آ“.
”سائين، مان تہ رُلي مري ويس!“ گيج ريڊر کي رلڻ جو جيڪو خيال هو، سو تہ ڪٽي ڇڏيو، پر کيس سکر واري صوبيدار جا سور بہ پئي سجهيا“.
”ميان، پرائيءَ حد ۾ مان ڪيئن دخل ڏيندس؟“
”پر سائين، در ۾ ڦاتل لاش ڪيئن وري لڙهندو. منهنجو تہ مغز ئي نٿو ڪم ڪري“.
”ميان، پر تون وري ڪٽي ٻئراج ڏانهن ٿيندو وڃ. چڱيءَ طرح در ڳڻجانءِ. جي چوٽيهون در هجي تہ مون کي ڪٽي نياپو موڪليندين تہ مان اچي نهڪو ڪندس“.
گيج ريڊر آگ قبولي، وري سکر طرف هليو ۽ سڌو رستو ڇڏي سکر ٻئراج ڏانهن ڦريو. هن پيري هن پڪو پهہ ڪيو تہ لاش چڱيءَ طرح خاطري سان ڏسي، پوءِ سکر واري صوبيدار سان ملندو. هو هلندو هلندو چوٽيهين در وٽ پهتو تہ ڏنائين تہ ڪاريءَ وارا ڪک هٿا ۽ وري اڳتي وڏي ٽيٽيهين در ۾ جهاتي پاتائين تہ اتي لاش برابر ڦاٿل هو. اها خاطري ڪري هو سکر ٿاٽي پهتو تہ صوبيدار پري کان کيس ڏسي پڇيو: ”پٽيا خدا جا، وري ڇو آيو آهين؟“
”سائين، لاش ٽيٽيهين در ۾ آ، اها اوهان جي حد آ“.
”اڙي، اهو وري ڪيئن؟“
”سائين، صوبيدار روهڙي واري جو لاش ڏسڻ لاءِ مهاڻو موڪليو تہ اهو ٽيٽيهين در ۾ ڦاٿو پيو هو، سو توهان ڏي موڪليائون“.

”هتي ويھ گيج ريڊر جا پٽ.“ صوبيدار گجگوڙ ڪندي چيو: ”تنھنجي حد ۾، تنھنجي ڊيوٽي ۾ خون جو ڏوھ ٿيل آھي. ان ڪان پوءِ تون لاش کي ھڪ جاءِ تان ٽيڙائي ورِي ٻي جاءِ واردات ناھي آھي. اھو ڏوھ بہ خون جيترو ئي آھي. وڏا، ڏيکارينس ان ڏوھ جو قلم“.

”هيڏي آميان تہ قلم ڏيکاريانءِ.“ منشي وڏي ڪيس سڏ ڪيو.

”ڇڏ منشي وڏا، مان برابر گناھي آھيان.“ گيج ريڊر روئڻھارڪو ٿي ويو.

”بلڪل تون گناھي آھين. ان ڪان سواءِ تون ٻن ٽاٽن، ٻن عملدارن کي تو پاڻ ۾ ويڙھائين. ان ويڙھ ۾ تون ائين پيسجي ويندين جيئن اَن سان گڏ گُھڻو“.

”سائين، اعتبار ڪر. مان توھان کي ڪونہ ٿو ويڙھايان ۽ نہ مون کو لاش ئي ٽيڙيو آھي“.

”پوءِ لاش ٽيٽيھين در ۾ ڪيئن آيو؟“

”سائين، خدا جو قسم، مون کي ڪا خبر ڪانھي. منھنجون تہ پاڻ وايون بتال ٿي ويون آھن. صبح جو مان ھن گنھگار اکين سان لاش چوٽيھين در ۾ ڏٺو ھو، پر وري روھڙي کان موٽندي ڏٺم تہ ٽيٽيھين در ۾ پيو ھو“.

”پوءِ لاش جن ٽيڙيو پوت ٽيڙيو؟“

”سائين، روھڙي واري صوبيدار تہ چيو پئي تہ لاش درياہ شاھ ٽيڙيو آھي“.

صوبيدار سوچ ۾ پئجي ويو ۽ ڪي گھڙيون ٽپيءَ ۾ پئجي، ڪنڌ مٿي ڪنيائين: ”ھا اھا ڳالھ ٿي سگھي ٿي، درياہ بادشاھ آھي“.

”يلا سائين، ھاڻي رپورٽ ونو، دير ٿي ٿئي“.

”ضرور ونبي، پر ھينئر تہ سانجھي ٿي وئي آھي. ھن مھل لاشو ڪير ڪيندو؟“

”پوءِ چا ڪيان؟“

”تون ساجھر اچجانءِ، رپورٽ مان رات ئي ناھي ڇڏيندس. صبح جو چڙي تنھنجي صحي پوندي“.

”پر سائين، لاش کي ٻي بہ رات پوندي تہ شناخت کان زور ٿي ويندو“.

”ميان، رات ۾ ڪجھ ڪونہ ٿيندس. تون باڪ مھل اچي پھچجانءِ“.

رات جو تہ نہ، البتہ باڪ مھل ھو وري سڪر ڏانھن پئي آيو تہ ٽيٽيھين در جي سامھون پھچي، ھن کي دل ۾ خيال آيو تہ جيڪر ھو لاش کي وري ھڪ نظر ڏسندو وڃي. ھن کي پڪ ھئي تہ لاش شناخت کان زور ٿي ويو ھوندو. ھن پت کي ھٿ وجھي جو ھيٺ نھاريو تہ ھن جي اکين ۾ ترورا اچي ويا. لاش ٽيٽيھين در ۾ ڪونہ ھو. ھن وري ڊڪي وڃي چوٽيھين در ۾ جھاتي پاتي تہ لاش اتي ڦاٽو پيو ھو.

ھو ڪي گھڙيون فٺ ـ پاٽ تي ٻيھي رھيو. ھن نہ سڪر طرف قدم وڌايو ۽ نہ روھڙي طرف

موت ڪاڏي. ٻئي پاسا ڳورا هئا. اڳيان باهه هئي ته پنيان پاڻي هو. ڪا مهل سوچي سوچي هن هيڏي هوڏي نهاريو، پرتي اورتي ڪوئي ڪونه هو. هن پٽ تي چڙهي در جي چاٻيءَ ۾ وجي هٿ وڌو.

نيرن مهل گيج ريڊر پنهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن پئي ويو ته سرويئر ڪانئس پڇيو: "غلامو، لاش ڪهڙي صوبيدار جي حوالي ڪيئي؟"

"بابل، پنهي صوبيدارن لاوارث لاش ڪونه ورتو، سو ان کي ان بادشاهه جي حوالي ڪيم، جنهن جون حدون تمام وڏيون آهن. هيڏانهن سکر بئراج ته هوڏانهن عربي سمنڊ".

('نسيم کرل جون ڪهاڻيون' تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) 'چوٽيهون در' ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙي سماجي مسئلي طرف ڌيان ڇڪايو ويو آهي؟ بيان ڪريو.

(2) 'چوٽيهون در' ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟ انهن ڪردارن مان ڪنهن به هڪ ڪردار جو تنقيدي جائزو لکو.

(3) 'چوٽيهون در' ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين توهان کي وڌيڪ متاثر ڪيو ۽ ڇو؟

(4) 'چوٽيهون در' ڪهاڻيءَ ۾ جيڪڏهن گيج ريڊر جي جاءِ تي اوهان هجو ها ته ڇا ڪريو ها؟

(5) نسيم کرل پنهنجي ڪهاڻيءَ 'چوٽيهون در' ۾ ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لغت مان ڏسي لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

ٻاڪ - عملدار - شناخت - ڪٽوري - ايلاز - واردات - لاوارث - جهاتي - اورتي - ڏٽڪو - ڪنڊ

### (ج) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) 'ڦهرين مُراد' ڪهاڻي لکيل آهي:

(1) ماهتاب محبوب جي (2) نورالهديٰ شاهه جي (3) نسيم کرل جي (4) نجم عباسي جي

(2) "ٻاڪ مهل هُو وري سکر ڏانهن پئي آيو" ڏنل سِٽ ۾ لفظ 'ٻاڪ مهل' مان مراد آهي:

(1) پرهه ڦٽيءَ جو وقت (2) سج اُبرڻ جو وقت (3) ٻيپهريءَ جو وقت (4) سج لهڻ جو وقت

(3) 'چوٽيهون دَرُ' ڪهاڻيءَ ۾ سکر بئراج جو ذڪر آهي. 'بئراج' ناهيا ويندا آهن:

(1) سُڌ سماءَ جي نظام لاءِ (2) آبپاشيءَ جي نظام لاءِ (3) شين جي درآمد ۽ برآمد لاءِ (4) ماڻهن جي اچ وڃ لاءِ

(4) ڪهاڻي ’چوٽيهون در‘ ۾ ليکڪ جو انداز بيان آهي:

(1) مزاحيه (2) جاسوسي (3) اصلاحي (4) تاريخي

(5) ’چوٽيهون در‘ ڪهاڻيءَ ۾ گيج ريڊر جو ڪردار آهي:

(1) ذميوار (2) غير ذميوار (3) فرمانبردار (4) نافرمان

(د) هيٺ ڏنل اصطلاحن جي معنيٰ لکو ۽ پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو.

دل تي لکيل هجڻ - منهن پيلو ڪرڻ - اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ - ڪَرڙي اک سان ڏسڻ - اکين آڏو ترِورا اچڻ

(هه) ڪنهن به سماجي مسئلي تي پنهنجن احساسن، جذبن ۽ خيالن کي ترتيب ڏئي ڪا ڪهاڻي لکو ۽ ان ڪهاڻيءَ کي ڪنهن ادبي رسالي ۾ ڇپائڻ لاءِ موڪليو.

(و) نسيم کرل پنهنجي ڪهاڻي ’چوٽيهون در‘ ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، ان بابت پنهنجي راءِ لکو.

(ز) ڪهاڻيءَ مان ڪنيل حوالن جي سمجهاڻي لکو:

(1) ”بابا، تون روهڙي ٽاڻي تي وڃ، اتي وڃي اها رپورٽ ڏي“.

(2) ”ميان، لاش ته ٽيٽيهين در ۾ آ، اها اسان جي حد کان ٻاهر آهي“.

(3) ”پر سائين، لاش کي ٻِي به رات پوندي ته شناخت ڪان زور تي ويندو“.

(ح) نثر جي صنفن مان اوهان کي ڪهڙي صنف وڌيڪ پسند آهي؟ انهيءَ بابت پنهنجي راءِ ڏيو.

(ط) فعل جي اهڙي صورت جيڪا اسم طور ڪم اچي ۽ اينڌڙ وقت (مستقبل) جي معنيٰ ظاهر ڪري ته ان کي اسم استقبال چئبو آهي، جيئن:

1. مون کي حيدرآباد وڃڻو آهي. 2. دانش کي اجا وڌيڪ ڪم ڪرڻو آهي.

مٿين جملن ۾ ’وڃڻو‘، ’ڪرڻو‘ اسم استقبال آهن. اوهان اهڙا ڪي به ٻيا پنج مثال لکو، جن ۾ اسم استقبال ڪم آندل هجي.

سرگرمي: ڪهاڻي ’چوٽيهون در‘ جي مواد تحت ٻن شاگردن کان ڪردار ادا ڪرايو وڃي، جنهن ۾ انهن شاگردن مان هڪ کي ٿاڻي تي لکيل رپورٽ پڙهڻ لاءِ چيو وڃي، جڏهن ته ٻئي کي ان رپورٽ جي اهم نڪتن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ چيو وڃي.

# علي بابا



ولادت: 1938ع

وفات: 2016ع

علي بابا جو اصل نالو علي محمد ولد محمد رمضان بلوچ هو. هو ڪوٽڙي، ضلعي دادو (هاڻي ضلعو ڄام شورو) ۾ 1938ع ۾ ڄائو. علي بابا بنيادي تعليم ڪوٽڙيءَ ۾ حاصل ڪئي.

علي بابا سنڌي ٻوليءَ جو اهم ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻين ۾ نج ۽ عام سنڌي ٻولي استعمال ٿيل آهي ۽ ڪردار بہ عام سماج جا اٿس. ڪهاڻين ۾ سنڌ جي تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ جهڙا موضوع هوندا اٿس.علي بابا ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊراما نگار جي حيثيت سان مشهور آهي. علي بابا جي ڊرامن ۾ فڪري طور هڪ گهرائي آهي. هُن ڪيترن ئي موضوعن تي ڊراما لکيا، جهڙوڪ تاريخي، رومانوي داستان، سماجي مسئلا، گهريلو زندگي، طبقاتي ڪشمڪش وغيره. سندس ڊرامن جي خوبي اها آهي تہ هُو نهڪندڙ مڪالما، انساني زندگيءَ جي اوچ نيچ ۽ معاشي ناهمواري جو نقش ڊرامي ۾ چٽي ٿو. ڊرامي ۾ سندس ڪتب آيل ٻولي نهايت نِجُ ۽ خوبصورت آهي. ’دنگي منجهہ درياهہ‘ سندس مقبول ڊرامو آهي.

علي بابا جي ٽي.وي ناٽڪ ’دنگي منجهہ درياءُ‘ کي جرمنيءَ ۾ ٽيون نمبر ايوارڊ مليو. علي بابا جي ڊرامي ’عڪس ۽ اولڙا‘ کي پاڪستان ٽيليويزن جو ايوارڊ ملي چڪو آهي. سندس ٻين ڊرامن ۾ ’چند ۽ ماني‘، ’رڻ جا راهي‘، ’ٻاليشاهي‘، ’موڪي ۽ متارا‘ ۽ ٻيا مشهور ڊراما آهن.

علي بابا ڪيترائي ڪتاب لکيا جن ۾ ’موهن جو دڙو‘، ’سنڌ باد جو سفر‘، ’ڌرتيءَ ڌڪاڻا‘، ’آيل ڙي اولاڻا‘ ۽ ٻيا مشهور آهن. علي بابا 8 آگسٽ 2016ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ ڪوٽڙيءَ ۾ آهي.

# دنگي منجھ درياھ (ڊرامو)

## ڏيک - 7

## (آئوٽ ڊور ڏينھن)

**سکيا جي حاصلات**
✪ ريڊيو ۽ ٽي وي ۽ تان خبرون، تجزيا، ڊراما، فيچر، موسيقي ۽ ٻيا معلوماتي پروگرام ڏسي ۽ ٻڌي، انھن جي اهم نڪتن کي بيان ڪري سگھي.
✪جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي، گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽس تان معلومات ٻُڌي، سمجھي ان تي پنھنجي راءِ ڏئي سگھي. ✪ ڪنھن بہ موضوع تي پنھنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ اعليٰ مثالن سان گڏ منظرنگاري، مڪالمانگاري، ڪردارنگاري، ڪهاڻيءَ يا مضمون وغيره جي صورت ۾ لکي سگھي. ✪ فعل متعدي باالواسطہ جي وصف ۽ استعمال ڄاڻي سگھي، ۽ ان کي عبارت ۾ ڳولي سگھي.

ڪئمرا مڏيءَ جو منظر ڏيکاري ٿي. ڍانڍيءَ جي ناءُ مڏيءَ ڏانھن گھوماٽيون کائيندي ورندي ٿي نظر اچي. سِڙھ ڊرو ٿي، ڦڙ ڦڙ ڪندو ٿو رھي.

ڪئمرا منشيءَ تي اچي ٿي، جو ڪناري تي، ساھميءَ جي پر ۾ رسيد بوڪ کنيو بيٺل آھي.

سندس ساٿي ڪُرڙو کنيو پنيان پنيان اچي ٿو. ڪُرڙو ڏيکاريندي.

**ساٿي:** سائين، ھي ڏس متان چئين تہ انڌا ٿيو پيا ھلون. خدا سون، ھي رستي ۾ تا مال نيڪال ڪن. ھي ڏس.

[ڪُرڙو ڏسي ڪاوڙ مان]

**منشي:** تہ اھا ڳالھ آھي.

**ساٿي:** ھوءَ نانني واري انڌي آھي نہ، انھيءَ رستي تا مال نيڪال ڪن.

منشي ائين تہ خانو خراب ٿي ويندو.

[جوش مان ڪاوڙ دٻائيندي]

**منشي:** نيڪ آ، اچڻ ڏينِ، اچڻ ڏينِ. اھي اٽڪلون سٽڪلون، مون سان ڪين ھلنديون. آءٌ پاڻھين ٿو مُنھن ڏيان.

[ڍانڍيءَ جي ناءُ گھوماٽيون ڪائيندي ڪپر سان اچي لڳي ٿي. ڏاڏو آڳي تي پير لتڪايو ويٺل ٿي نظر اچي. جڻ ھاڻ ڪم سان سندس ڪو واسطو ئي ڪونھي. ڍانڍي ۽ ساماڻو

مڇيءَ پريل ڪارا ڪٽي، ساهميءَ تي رکن ٿا. ڏانديءَ ڏانهن نهاري]

منشي: ميان، مون کي خبر پئي آهي تہ اوهين رستي ۾ ٿا مال نيڪال ڪريو.

[ڏاٽو جي نظر ان ڳالهہ تي منشي ڏي وڃي ٿي، چوٽ کائي]

ڏاندي: سائين اِهو نسورو ڪوڙ آهي. اسان جو ڏنڌو سچ جو آهي. پاڪ درياهہ شاهہ جيان.

منشي: پر جي سڳ سوڏو شاهد ڏيان تہ پوءِ؟

ڏاندي: اهڙي شاهدي ڪوبہ ڪونہ ڏيندو.

[ڪئمرا ساٿيءَ تي اچي ٿي جو ڏانديءَ اڳيان کُرڙو پٽ تي اُڇلائي ٿو]

[ساٿيءَ ڏانهن اشارو ڪندي]

منشي: تہ پوءِ هي ڇا آهي؟ هي شاهد بينو آ. ڇا، هي کُرڙو اوهان انڌڙيءَ آڌو نہ اُڇلايو هو؟

[ڪئمرا فاسٽ بُلر ڪري ڏاٽوءَ تي اچي ٿي. ڏاٽوءَ جي تن بدن ۾ جڻ باهہ لڳي ٿي وڃي. اچانڪ ڏئي اٿندي]

ڏاٽو: هن رن مُنهين ڪان ڇا تو پُڇين؟ اهو کُرڙو مون اُڇلايو هو ... مون ...

منشي: ڇو؟

ڏاٽو: ڇو وري ڇو؟ ڇا درياهہ کي موڪا ڏيڻ ڏوهہ آهي؟ منشي، ان انڌڙي پوڙهيءَ ساري ڄمار درياهہ کي پنهنجو رت ست، نور سُور ڏنو آهي. ڇا هاڻ هوءَ درياهہ کان هڪ ڪِڪي بہ نہ لهٽي؟

[ڪن لاءِ سڀ جڻ سن ۾ اچي وڃن ٿا]

ڏاٽو: اڙي منشي، هانوَ تي هٿ هٽي ڳال ڪر، هوءَ درياهہ کان ايترو بہ نہ لهٽين ڇا؟ اوهان جي اک جو پاڻي ڇو مري ويو آهي؟

منشي: پر مائي، پهرين مڇي مڏيءَ تي اچڻ گهرجي.

ڏاٽو: نہ پهرين درياهہ شاهہ جو قرض، پوءِ مڏي. ڪن ڪولي ٻُڏي ڇڏ ڪڳا، ڄاڙهہ هٽڻ جي ضرورت ڪانهين. توکي حساب ڪاٽو آهي ڪاٽ.

منشي: نيڪ آ. تہ پوءِ سياڻ ڪان اوهان جي بيڙي سِير تي ڪانہ چڙهندي.

[ڇبرا ڏيندي]

ڏاٽو: اڙي وهہ ڙي واهہ، سِير تي ڪانہ چڙهندي، تہ بيو ڇا سُڪيءَ تي چڙهندي. او ڪڳا، سياڻ منهنجي بيڙي سِير تي چڙهندي، جيڪا ڪاهٽي ٿئي ڪاهجانءِ.

[ڏاندي وڏي رسيد وني ٿو]

ڏاندي: منشي، اسان تہ تنهنجي رشيد ڪڏهن ڪانہ پڙهي، پوءِ ڪيئن تو اسان کي بي ايمان ناهين.

[مڙس کي هڪل ڪندي]

ڏاڏو: هاڻ مُنهن جا تو ڏسينس، نِڳ کي سڀ نِڳ نظر ايندا آهن، تون ٻيڙي اُڪلاءِ.

[ڏاندي ٻيڙيءَ جو ڪِلو ڪڍي ٿو ۽ ست ڏئي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ٿو. ٻيڙي ڳنڀيرتا سان وڃي ٿي]

ساتي: منشي، هاڻ هنن جو پيٽ پريو اٿئي. سياڻ ئي حساب چڪتو ڪرين.

[ٻيڙيءَ ڏانهن نهاريندي وڏيءَ سوچ سان]

منشي: ميان، درياهه جا حال ڏسين پيو. اها انهن جي دل آهي جو سِير تي ٻيڙي چاڙهيو، چار مچيون آٽين ٿا. ٻيو ڪنهن کي موت ڪنيو آهي، جو انهيءَ مچريل درياهه ۾ ٻيڙي لاهي. جڏهوڪا مينهن تڏهوڪا پاٽي. باقي ٻيلي ماڻهو دل جا سچا اٿئي.

[ساتي منشيءَ ڏانهن نهاريندو رهجي ٿو وڃي]

(’دنگي منجهه درياهه‘ ڊرامي تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ’دنگي منجهه درياهه‘ ڊرامي جا ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟ انهن مان اوهان کي ڪهڙو ڪردار پسند آهي ۽ ڇو؟

(2) ’دنگي منجهه درياهه‘ ڊرامي ۾ مهاڻن جي درياهه سان محبت کي ڪهڙي ريت پيش ڪيو ويو آهي؟

(3) ’دنگي منجهه درياهه‘ ڊرامي جي ڏنل ٽُڪري ۾ ليکڪ ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟

(4) ’دنگي منجهه درياهه‘ ڊرامي کي پڙهڻ کان پوءِ اوهان جي ذهن ۾ جيڪو تاثر اُڀري ٿو، اهو بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لغت مان ڏسي، پڙهي لکو.

گهوماٽي - موڪا - اچانڪ - سِڙهه - نانئيون - ڪڪي - دنگي

### (ج) اوهان ٽيليويزن تي ڪهڙا ڪهڙا سنڌي ڊراما ڏٺا آهن؟ انهن مان ڪنهن به هڪ بابت پنهنجي راءِ ڏيو.

**(د)** علي بابا جي ڊرامي ’ڏنگي منجھ درياھ‘ ۾ استعمال ٿيل مهاڻن جي ٻوليءَ بابت مختصر جائزو پيش ڪريو.

**(ھ)** ٻن مهاڻن جي پاڻ ۾ گفتگو، مڪالمن جي صورت ۾ لکو، جنهن ۾ اهي پنهنجن سماجي مسئلن کي اُجاگر ڪن.

## (و) فعل متعدي باالواسطہ

فعل متعديءَ جو لاڳاپو فاعل توڙي مفعول ٻنهي سان هوندو آهي. يعني اهڙو فعل جنهن سان امڪاني طور ڪو مفعول لڳندو هجي.
جيئن: سرواڻ خط لکي ٿو.

فعل متعدي باالواسطہ موجب، فاعل، فعل وارو ڪم، پنهنجي بدران، ڪنهن ٻئي فاعل کان ڪرائيندو هجي تہ ان جو فعل، متعدي باالواسطہ سڏبو. جيئن: سرواڻ خط لکائي ٿو.
ايئن ئي فعل متعدي ٻٽو باالواسطہ بہ ٿيندو.

جيئن: سرواڻ خط لکرائي ٿو.

اوهان هيٺ ڏنل عبارت مان فعل متعدي باالواسطہ وارا لفظ ڳوليو ۽ انهن کي واضح ڪرڻ لاءِ هينان ليڪ ڏيو:

”اسان جي استاد، انٽرميڊيٽ جي امتحان جِي تياريءَ لاءِ اهم ڪتاب وٺرايا.مون ڪافي محنت ڪئي. امتحان ٿيو، مون سٺيون مارڪون حاصل ڪري ورتيون. ان بعد گهر وارن مون کي اڳتي پڙهايو. ماسٽرس جي ڊگري بہ ملي ويئي. هاڻي نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ورتم، پر ڪٿي بہ ڪو رستو نہ ٿي نڪتو. نيٺ، هڪ محسن استاد منهنجي مدد ڪئي ۽ مون کي ڪميشن جي تياري ڪرائي. ڪميشن جي امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ٿي ۽ مون کي نوڪري بہ ملي ويئي. سچ پچ تہ مون کي اها ڪاميابي منهنجي استاد ڏياري.“

**سرگرمي:** گوگل، يوٽيوب تي علي بابا جو ڪو بہ ڊرامو ڏسو ۽ ان بابت ڪلاس ۾ گفتگو ڪريو.

# غلام رباني آگرو



ولادت: 1933ع

وفات: 2010ع

سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ برک ڪھاڻيڪار ۽ نثر نويس غلام رباني آگرو 05 نومبر 1933ع تي ڳوٺ محمد خان آگرو، تعلقي ڪنڊياري ۽ ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو. هن 1953ع ۾ نوشهري فيروز مان مئٽرڪ ڪئي ۽ اڳتي گورنمينٽ ڪاليج قليلي، حيدرآباد ۾ پڙهيو.

غلام رباني آگرو سنڌي ٻوليءَ جي مثالي نثرنگارن مان هڪ آهي. سندس شمار سنڌ جي مشهور ڪھاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. غلام رباني ڪھاڻيڪار هئڻ سان گڏوگڏ سنو مضمون نويس به آهي. سوانحي خاڪن تي مشتمل ’جهڙا گُل گلاب جا‘ (ٻه جلد) پڻ سندس نثر جو بهترين شاهڪار آهي. سندس لکڻين ۾ اسلوب معياري ۽ اعليٰ پيماني جو هڪ شاندار مثال آهي. زبان توڙي لهجي جي لحاظ کان معياري ساهتيءَ واري لهجي ۾ ڳوناڻو عڪس نظر اچي ٿو. هُو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري، سنڌ يونيورسٽي جو پرو وائس چانسلر، اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جو چيئرمين ۽ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو پڻ ميمبر رهيو.

غلام رباني آگري جا ’چونڊ آمريڪي افسانا‘ سراج سان گڏ، ’آبِ حيات‘ (ڪهاڻيون)، ’جهڙا گل گلاب جا‘، ’سڏ پڙاڏو‘ (آتم ڪٿا) ۽ ’سنڌ جا ٻر، بحر ۽ پهاڙ‘ مشهور ڪتاب آهن. آگري صاحب 18 جنوري 2010ع تي وفات ڪئي.

# مولانا غلام محمد گرامي

**سکيا جي حاصلات**

✪ روزمره زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جي حوالي سان عام مضمون، تفصيلي روئداد، آتم ڪهاڻي ۽ اکين ڏٺا احوال تفصيل سان لکي سگهي.
✪ طويل ڳالهه کي پنهنجي حافظي موجب تسلسل ۽ مثالن سان بيان ڪري سگهي. ✪ درسي ڪتابن کان سواءِ بين ادبي ۽ علمي ڪتابن پڙهڻ جو شوق رکي سگهي ۽ مطالعي لاءِ لائبريرين مان ڪتابٰ چونڊڻ جو شوق ۽ ذوق پيدا ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به ادب پاري بابت اصولي تنقيدي راءِ ڏئي سگهي ۽ ان جي خوبين ۽ خامين جو اندازو لڳائي، ادبي درجه بندي ڪري سگهي.



قدرت سنڌ کي هن ڌرتيءَ تي بهشت جو هڪ نمونو ڪري خلقيو آهي. منڇهس وهندڙ پاڻي آهي، جنهن جي پاسن کان وڏن ساوڻ وٽن وارا باغ آهن، ۽ منجهس سرسبز کيت آهن، جن ۾ وسندڙ ڳوٺن ۾، کير ۽ ماکيءَ سان گڏ زندگيءَ جون بيون به ڪيتريون ئي نعمتون آهن. بهشت برين وانگر، سنڌ ۾ هر قسم جي مند موجود آهي، ڏکڻ ۾ ڪِهميل آبهوا، وچولي ۾ خشڪ ۽ موافق، ته اُتر ۾ سخت سرد ۽ گرم، سنڌ ۾ سمنڊ، درياءَ، ترَ ۽ بر آهن. ان جي اُڀرندي ۾ ڪارا ڪارا رڻ آهن، رڳي رڃ ئي رڃ آهي، ته الهندي ۾ هماليه جبل کان به پراڻا پهاڙ آهن، جن جي سخت پٿريلي سيني مان گرم گرم پاڻيءَ جا چشما ڦاٽي نڪرن ٿا. سنڌ ۾ گجگاهه ٻيلا آهن، جن ۾ قسم قسم جا جانور رهن ٿا. ساڳئي وقت سنڌ دنيا جي خوبصورت ترين پرندن جو مسڪن به آهي، طائران جنت وانگر سنڌ ۾ چَتُن، چيهن، چانهن، هد هد، هيڙن، من موسڙن، ڪاٺ ڪٽن، ڪبوترن، ڳيرن ۽ پٽ ڳيرين جون لاتيون ۽ ٻاتيون آهن. مينهوڳيءَ جي مند ۾، ترجي پٽن تي جڏهن مور موج ۽ مستيءَ ۾ پنهنجا رنگ برنگي پر پکيڙي ناچ ڪندا آهن، تڏهن جنسي ائين محسوس ٿيندو آهي، ته بهشت آسمان مان ڪجهي ڌرتيءَ تي آيو آهي. سنڌ نه رڳو انهن پر اهڙن پکين جي به دلپسند وسندي آهي، جن جي من کي آشياني بدران آب ۾ قرار اچي. انهن مان کي ايامن کان سنڌ ۾ گهر ڪري وينا آهن ته ڪي سيلاني آهن ۽ مند مٽجڻ تي هر سال دور دراز علائقن مان اُڏامندا، ملڪن پنيان ملڪ پوئتي ڇڏيندا، سون هزارن ميلن جو مفاصلو طئي ڪندا، اُڪير سان

اڇي منڇر جي ڪنڌيءَ تي لهندا آهن، سنڌ جي زمين زرخيز ۽ آسمان حسين آهي. ڏنڊ ۽ ڪوهيڙي ڪان سدائين پاڪ ۽ صاف، اڪثر شفاف نيرو، پر ڪڏهن ڪڏهن منجهس ڪڪرن جا ڪارونيار! ڏينهن جو نيري سمنڊ وانگر جهاڳ ۽ بي انت؛ پر رات جو اهڙو جنسار، جو پورب توڙي پڇم ۾ هر هنڌ تارن جا ڏيئا ٻيار ٻرن.

قدرت سنڌ کي اجهو ائين هن ڌرتيءَ تي بهشت جو نمونو ڪري خلقيو آهي. پر سنڌ جي رهاڪن جي زندگيءَ ۾ ايڏو تہ ڏک آهي. جو سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ائين چوڻو پيو تہ ”پينر هن پنيور ۾ دوزخ جو دونهون.“ اٺويهينءَ صديءَ جي هاڪاري انگريز سيلاني سر رچرڊ برٽن بہ ساڳئي قسم جي راءِ ظاهر ڪئي. هن سنڌ جي ظاهر ۽ باطن جو سير ڪرڻ بعد فتويٰ ڏني تہ ”سنڌ هڪ ڏکويل ماتري آهي“.

غلام محمد گراميءَ ويهين صديءَ جي اوائل ۾، انهيءَ سنڌي معاشري ۾ اکيون کوليون. هو ميهڙ ۾ هڪ غريب گهر ۾ پيدا ٿيو. مڪتبن ۾ پڙهيو، ملن ۽ مولوين کان تربيت ورتائين. جڏهن وڏو ٿيو تہ غمِ روزگار جي لذت سان آشنا ٿيو. قدرت کيس روشن دماغ ۽ حساس دل جي نعمتن سان نوازيو هو. جيڪي شخص گرامي صاحب جي قريب رهي چڪا آهن، تن کي معلوم آهي تہ هو صاحب فڪر هو. ’انسان جو هن ڌرتيءَ تي وجود‘، ’انسان جو هن ڪائنات ۾ مقام‘، ’انساني زندگي جو مقصد‘ - سندس سوچ ويچار جا مکيہ موضوع هئا، کيس انهن عنوانن تي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ ڳالهہ ڪرڻ جو شوق هو.

منهنجي گرامي صاحب سان واقفيت بہ هڪ اهڙيءَ ئي مجلس ۾ ٿي. ويهہ - پنجويهہ ورهيہ اڳ جي ڳالهہ آهي، آءٌ سنہ 1953ع ڌاران نوشهري فيروز جي مدرسي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، حيدرآباد جي ڦليليءَ واري گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخل ٿيو هوس. تنوير عباسي منهنجو هم ڪلاسي هو. حيدرآباد جي صدر ۾ سندس گهر هو، جتي روزانو رات جو اسان ڪاليج جا ڪتاب گڏ پڙهندا هئاسين ۽ جڏهن ٿڪبا هئاسين، تڏهن سندس گهرجي پرسان ’ڪراچي هوٽل‘ تي چانهہ پيئڻ ويندا هئاسين. تن ڏينهن ۾ ڪراچي هوٽل حيدرآباد جي پڙهيل لکيل ماڻهن جي بيٺڪ هوندي هئي. رات جو دير دير تائين هِتي هُتي انهن جي ميزن جي چوڌاري ماڻهن جا ٽولا ڪچهريون ڪندا رهندا هئا.

گرامي صاحب ۽ سندس دوستن جو هڪ گروهہ بہ ڪراچي هوٽل جي هڪ ڪنڊ ۾، گول پٿر جي ميز جي چوڌاري، روزانو پنهنجو ديرو دمائيندو هو. گرامي صاحب، مرحوم سرائي اميد علي، چاچو ايوب، يوسف سرحدي، ڏنل شاهہ ۽ شيخ علي محمد انهيءَ گروپ

جا مکيہ ميمبر هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪراچي هوٽل جو مالڪ (مرحوم) ۽ ڪي ٻيا شخص بہ ان ڪچهريءَ ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. اُتي هڪ اهڙي ڪچهريءَ ۾ منهنجي ۽ تنوير جي گرامي صاحب سان واقفيت ٿي. انهيءَ زماني ۾ شايد گرامي صاحب ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد هوندو هو، جتي ڊاڪٽر جعفري پرنسپال هو ۽ جويو صاحب وائيس پرنسپال. جويو صاحب بعد ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو، تہ گرامي صاحب ڪي بہ پاڻ سان وٺي ويو. 1957ع ۾ آءٌ بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيس تہ گرامي صاحب سماهي ”مهراڻ“ رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر هو. اسان جي مهيني ماسي ملاقات ٿيندي رهندي هئي. بورڊ جي مکيہ آفيس ڪراچيءَ ۾ هئي. 1962ع ۾ جويو صاحب اسان ڪي ڇڏي، سرڪاري نوڪريءَ ۾ پنهنجي اصلوڪي تعليم کاتي ۾ واپس هليو ويو ۽ بورڊ جي آفيس ڪراچيءَ مان حيدرآباد ڪجي آئي. پوءِ تہ گرامي صاحب ۽ مان رات ڏينهن گڏ هئاسين. بورڊ ۾ تڪڙيون تڪڙيون انتظامي تبديليون ٿيون. نوان نوان سيڪريٽري آيا، اول مرحوم عثمان علي انصاري اعزازي سيڪريٽري ٿي آيو: ان کان پوءِ جناب شاهہ محمد شاهہ آيو، تنهن کانپوءِ ڪجهہ وقت مرحوم ميران محمد شاهہ هو. دوباره جويو صاحب آيو، جنهن کان وري ڊاڪٽر اسد الله شاهہ حسينيءَ چارج ورتي. اهو سڄو وقت 1962ع کان وٺي ويندي 1972ع تائين بورڊ ۾ سيڪريٽرين جي تبادلي ۽ ٻين سببن ڪري گهٽائي اندروني انقلاب آيا، جن ڪي مون ۽ گرامي صاحب گڏجي منهن ڏنو.

گرامي صاحب ۽ مان پراڻيون يادگيريون تازيون ڪندا هئاسين. جڏهن ڊاڪٽر حسيني بورڊ ۾ سيڪريٽري ٿي آيو، تڏهن تہ اسان جون ڏکيون ڏکيون ڪچهريون ٿينديون هيون. ڊاڪٽر حسيني جي وڃڻ کان پوءِ جڏهن مان سيڪريٽري ٿيس، تڏهن بہ اهو سلسلو قائم رهيو. اسان پهرن جا پهر روح رهاڻ ڪندا هئاسون: انهن ڪچهرين جي ڳالهين مان مون اهو تجزيو ڪيو تہ گرامي صاحب بنيادي طرح سخت مذهبي ماڻهو هو. تصوف ۽ روحانيت سان سندس روح واسيل هو. ان کان علاوه هو صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جو عاشق هو، ۽ سنڌ جي عظمت جو ثنا خوان هو. پراڻي جڳ جا مذهبي ماڻهو، جن انگريزن جي خلاف آزادي جي تحريڪ ۾ حصو ورتو هو، خاص ڪري مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا عبيدالله سنڌي، سي گرامي صاحب جي دل ڪي ويجها هئا. مولانا سنڌيءَ سان تہ هن ڪي بيحد عقيدت ۽ محبت هوندي هئي ۽ پاڻ ڪي روحاني طرح مولانا سنڌيءَ جي مڪتب فڪر سان ملحق سمجهندو هو ۽ نشست برخاست ۽ آداب اطوار ۾ مولانا سنڌي ۽ مولانا آزاد جو طور طريقو اختيار ڪندو هو.

گرامي صاحب پنهنجي نجي زندگيءَ ۾ بيحد دلچسپ ماڻهو هو. خوش مزاج، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ مجلس جو مور. جنهن مجلس ۾ هوندو هو، اتي رنگ لايو وينو هوندو هو. وڏو زيرڪ ۽ ڏاهو ماڻهو هو. سندس طبيعت جي خلاف ڪا ڳالهه هوندي هئي ته ڪوشش ڪندو هو ته ان ڪي ڪل خوشيءَ ۾ درگذر ڪري ڇڏي. بنيادي طرح سان جيڪا ڳالهه سندس پوريءَ زندگيءَ ۾ شخصيت تي حاوي رهي، سا هيءَ هئي ته هو مسڪين ماڻهو هو، ان ڪري هن جون تمنائون، حسرتون ۽ اميدون سڀ مسڪينيءَ ۽ مجبوريءَ جي تابع هونديون هيون. ان ڪري آءٌ گرامي صاحب جو اهو وڏي ۾ وڏو ڪمال ٿو سمجهان ته هن بي انتها مسڪينيءَ جي باوجود پنهنجي سڄي ڄمار هڪ شانائتي نهج ۽ طريقي سان گذاري. هن علم سان محبت ڪئي، ادب سان دل لاتي ۽ جيئڻ هڪ سچي پچي عالم جي شايان شان هوندو آهي، تيئن انهن ڳالهين ۾ ڀرپور دلچسپي ورتي. هر ماڻهوءَ ڪي سٺي لٽي پائڻ ۽ عيش آرام جي تمنا ٿئي ٿي. لازمي طرح، گراميءَ صاحب غريب وٽ ڪڏهن ايترو پئسو ڪونه ٿيو، جو سياري ۾ ڪو گرم ڪپڙو وٺي يا رڳو هڪ نئون ڪوٽ سبائي سگهي. هر سال جڏهن سيارو ايندو هو، ته پاڻ حيدرآباد جي بازار مان ولائتي نيلامي ڪوٽ خريد ڪري وقت ٽپائيندو هو. گهر ۾ سندس رهڻ جو جدا ڪمرو هوندو هو، ان ۾ هڪ پراڻو مٽ رکيو هوندو هو. اهو ايترو پراڻو هو، جيترو گرامي صاحب جي عمر. پاڻ سڄي عمر ان مٽ مان پاڻي پيتائين. مون ڪڏهن ڪونه ڏٺو ته هن سانوڻ جي مند ۾ اهو مٽ اڇلائي، نئون ڪورو مٽ وٺي، ٿڌي پاڻيءَ جي لذت ورتي هجي. جنهن جاءِ ۾ سندس رهائش هئي، سا ڪيس هالن جي مخدوم صاحب جي مهربانيءَ سان ملي هئي، سڄيءَ عمر ۾ ڪيس ڪڏهن به اها سگهه ڪانه ٿي سگهي، جو پنهنجي ڪمري ۾ ڪتابن رکڻ لاءِ ڪي چڱا ڪٻاٽ خريد ڪري سگهي. پٽين تي ڪوڪا هڻائي، ڪاٺ جا تختا رکي، انهن جي مٿان ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون ڍڳ ڪندو ويندو هو. هو صحيح معنيٰ ۾ مسڪين ماڻهو هو ۽ مسڪيني حال ۾ پوري زندگي گذاريائين. ريڊيو تان تقريرن جي معاوضي طور يا ڪڏهن ڪنهن ڪتاب لکڻ مان يا ڪنهن دوست احباب وٽان، جيڪڏهن ڪيس چار پئسا ملندا هئا، ته اهي ٻچن ٻارن جي ضرورت تي صرف ڪندو هو، يا وري ڪتابن ۽ رسالن جي خريداريءَ تي. ڪيس راڳ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. مون سان جيڪي سندس ڪچهريون ٿينديون هيون، تن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ راڳ جي موضوع تي ڳالهائيندو هو. سنڌ جي اڳوڻن ڳوين ۽ ڳتن جي ڳائڪيءَ جي باري ۾ پهرن جا پهر ڳالهائيندو هو. ڪيس راڳ سان گڏ ڪاڏي جو شوق به هوندو هو. انهيءَ باري ۾ سندس يار دوست ڪيس گهڻو پٽائيندا هئا.

سندس ڪاڏي ڪاڻ جا ڪيئي نقل نظير آهن، پر سڀ ڪان عمدا يا جناب مخدوم صاحب جن ڪان ٻڌي سگهبا، يا مرحوم نواب نور احمد لغاري ٻڌائيندو هو.

غريب ماڻهوءَ جي زندگي پٽ ڪوهه ۾ گذري ٿي. پر جيڏي پٽ ڪوهه سنڌي اديب ڪي ڪرڻي پوي ٿي، اوتري آءٌ پانيان ٿو ته مشڪل سان ٻين ٻولين جي اديبن کي ڪرڻي پوندي هوندي. پر انهيءَ ساريءَ پٽ ڪوهه جي باوجود گرامي صاحب هر ڪنهن سان ياري نڀائي، ۽ سڀ ڪان وڌيڪ سنڌي علم ۽ ادب سان نڀائي. جنهن ڏينهن پاڻ وفات ڪيائين، ان جي گذريل رات آڌيءَ تائين رسالي 'مهراڻ' جا پروف پڙهيائين، جي ناشاد سان گڏ پنهنجيءَ جاءِ تي ڏنا هئائين. پوءِ پنهنجن دوستن سان گڏ وڃي هڪ هوٽل تي ويٺو، جتي ڪباب جي ڇهر ۽ ڪچهري هلندي رهي. رات جو دير دير سان دستور موجب پنهنجي گهر پهتو ۽ ڪمري ۾ وڃي سمهي رهيو. صبح جو سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽاف جا ماڻهو دستور موجب گاڏي ڪاهي وٺس ويا، جن سان گڏ آفيس هلڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو. پر ارادو بدلائي ساڻن شڪايت ڪيائين ته پيٽ ۾ ٿورو سور آهي، سو اوهان هلو ته آءٌ پنيان اچان ٿو. پنهنجي پٽيوالي کي البت روڪي ڇڏيائين. اسٽاف جا ماڻهو هليا ويا. پٽيوالي کي پنهنجيءَ ڪنهن تقرير جي چيڪ وٺڻ لاءِ ريڊيو تي موڪليائين. پاڻ سوڊا جي بوتل پي ۽ نند جي دوا کائي ليٽي پيو. ڪجهه دير ڪان پوءِ پٽيوالو اچي ڏسي ته ڪمري جي اڳيان صحن ۾ گرامي صاحب پٽ تي ڪريو پيو آهي. ڪيس ڪٽي کٽ تي سمهاريائين ۽ ڊوڙي وڃي پاڙي مان ڊاڪٽر کي وٺي آيو، جنهن چيو ته شيءِ مالڪن کي پهچي ويئي.

دعا آهي ته خدا اهو ڏينهن به آڻي، جڏهن سنڌ پنهنجن محسنن کي سڃاڻڻ ۽ ياد ڪرڻ جي پاڻ ۾ شناس پيدا ڪري.

('جهڙا گل گلاب جا' تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) غلام رباني آگري، ادبي خاڪي ۾ مولانا غلام محمد گراميءَ جون ڪهڙيون خوبيون بيان ڪيون آهن؟

(2) غلام رباني آگري سنڌ جي آبهوا ۽ موسم بابت ادبي خاڪي ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن؟

(3) غلام ربانيءَ جي ڏنل ادبي خاڪي ۾ ٻوليءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

(4) خاڪي نويسيءَ جي فن بابت اوهان کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟ وضاحت سان لکو.

(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪارونيار - جنسار - جهاڳ - برخاست - ڪوڏيو - شناس

(ج) اوهان ڪو ٻيو ادبي خاڪو پڙهو ۽ ان بابت پنهنجي تنقيدي راءِ ڏيو.

(د) لائبريريءَ مان پنهنجي پسند جو ڪو به هڪ علمي ادبي ڪتاب وٺي پڙهي، ان بابت پنهنجي راءِ ڪلاس ۾ ٻڌايو.

(هـ) خاڪي نويسيءَ جي فن کي نظر ۾ رکندي، اوهان پنهنجي پسند جي ڪنهن به هڪ شخصيت تي سوانحي خاڪو لکو ۽ ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌايو.

## ادبي خاڪو:

خاڪي جي لغوي معنيٰ آهي، نقشو، ڍانچو، شڪل يا تصوير. ڪنهن ماڻهوءَ جي ذات، طبيعت ۽ شخصيت بابت مختصر مضمون کي 'خاڪو' چئبو آهي. انهيءَ ۾ ڄاڻايل شخصيتن جي تفصيلي سوانح حيات بيان نہ ڪبي آهي. خاڪي جو انداز بيان سنجيدو بہ ٿئي تہ وري شگفتہ بيانيءَ وارو بہ! خاڪو هميشہ انهيءَ ماڻهوءَ بابت لکيو ويندو آهي، جيڪو ڏٺل وائٺل، دوست ۽ ويجهو ساٿي هجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ خاڪا نويسي ٿيل آهي. اُهي خاڪا تاريخي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ ٻين شخصيتن تي ٻڌل آهن. ڪيترائي خاڪا نويسيءَ تي ڪتاب پڻ ڇپيل آهن.

# پير حسام الدين راشدي



ولادت: 1911ع

وفات: 1982ع

پير حسام الدين راشديءَ جو جنم 20 سيپٽمبر 1911ع تي ٻهمڻ ڳوٺ، تعلقي نئين ديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو سيد محمد حامد شاهه هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پرائي. هن پنهنجي محنت، جستجو ۽ تحقيق سان سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو. خاص طور سنڌ جي قديم تاريخ تي هن نهايت شاندار ڪم ڪيو آهي.

پير حسام الدين راشديءَ عملي زندگيءَ جي شروعات صحافت سان ڪئي، 'جاڳڻ'، ماهوار 'المنار'، ماهوار 'پيغام' ۾ مضمون لکندو هو، ان کان پوءِ سنڌ جي مشهور اخبار 'الوحيد' ۽ 'قرباني' ۾ مسلسل لکندو رهيو. سندس مضمونن جا موضوع هوندا هئا: تعليم، قديم آثار، تاريخ، مسلمانن ۾ سياسي سجاڳي وغيره. سندس اعليٰ ادبي ۽ علمي خدمتن عيوض، حڪومت پاڪستان کيس 1964ع ۾ 'تمغہ امتياز' ڏنو. پير حسام الدين جا ڪيئي ڪتاب شايع ٿيا، جيڪي اڄ بہ سنڌي ادب جو اَملهہ ورثو آهن. 1965ع ۾ ايران حڪومت کيس ايران جو سڀ کان وڏو اعزاز 'نشان سپاس اول' عطا ڪيو. سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب آهن جن مان مکيہ ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا:

'هُو ڏوٿي هُو ڏينهن'، 'ڳالهيون ڳوٺ وطن جون'، 'تذڪره اميرخاني'، 'مڪلي نامہ'، 'مرزا غازي بيگ ترخان'، 'تحفة الڪرام'، 'تاريخ مظهر شاهجهاني' وغيره.

فارسي زبان تي عبور حاصل هئڻ ۽ فارسيءَ ۾ ڪيترن اهم ڪتابن جي اشاعت سبب پير صاحب کي ايران ۽ افغانستان ۾ وڏي اهميت ڏني ويندي هئي.

پير حسام الدين راشدي پهرين اپريل 1982ع ۾ وفات ڪئي.

# هُو ڏوٿي هُو ڏينهن

**سکيا جي حاصلات**

✪ روزمره زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جي حوالي سان عام مضمون، تفصيلي روئداد، آتم ڪهاڻي ۽ اکين ڏٺا احوال تفصيل سان لکي سگهي. ✪ اسڪول/ ڪاليج يا ان کان ٻاهر ڪنهن رسالي، ڪتاب ۽ ويب سائيٽ وغيره ۾ پنهنجون لکڻيون پيش ڪري سگهي يا ٻين جي لکڻين کي مرتب ڪري سگهي. ✪ ڪنهن علمي، ادبي يا سماجي موضوع تي پنهنجي مطالعي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ دليلن سان درست اچارڻ بهتر لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن منٽن تائين زباني تقرير ڪري سگهي. ✪ مختلف قسمن جا فارم جيئن: داخلا فارم، سڃاڻپ ڪارڊ فارم، رسيد وغيره پڙهي ۽ لکي سگهي.

اهي زمانا ويا، اهي ڏينهن لنگهي ويا، اهي ڳائيندڙ ۽ سچ پڇو ته اهي ٻڌندڙ به وڻاڻ ويران ڪري ويا. ڳوٺڙن جي اوطاقي مڙسن وٽ رات ڏينهن لئي هوندي هئي. سانوڻ جون نور پريون ڏيون ۽ چٽيون چانڊوڪيون، هئي! هئي!! ڏکڻ گهلي پوندا، وڻ ٽڻ ۾ جڻ ساهه پئجي ويو، سرنهن ۽ ٽارن جون ٽاميون مستن وانگر پيون نچنديون، ائين پيو معلوم ٿيندو جڻ دهقانن جون ننڍڙيون نينگريون پينگهن ۾ پيون جهوٽا کائن، پَن هڪبئي سان نهڪي، ٽالهيون ۽ طبل وڄائي، ڳوٺڙي جي سڄيءَ ڪائنات کي مٽي تي ڪٽي ڏيندا، انهيءَ سَمي ۾ نه فقط غريب غربو راڳن جون رهاڻيون پيو ڪندو، پر خود ڪيترن زميندارن الغرض جون مئل دليون به اڌما کائي اٿنديون هيون، ۽ وٺن به ڪچهريون لڳي وينديون هيون.

شام ٿيندي، اگڻ تي چٽڪار ڪبا، گلم وڇائجي ويندا، آرام ڪرسيون زميندار ۽ ان جي مٿن مائٽن لاءِ، ۽ چگن مڙسن لاءِ موڙا پوندا، باقي راڄ چوڏاري گلمن تي ويهجي ويندو. ماني ٽڪي کائي، ”الو ميان“! ٿيندي، راڳي يڪتارو ڪٽي وچ ۾ پوندو، پاسي ۾ گهڙي وارو ۽ سرندائي هوندو ته ٻئي پاسي ڪان پر اچي ونندو. اهڙيءَ طرح ڪافي شروع ٿيندي. هر مصرع پنيان ساڱئي مطلب جو ڏوهيڙو پيو ايندو، راڳي وَرَ وَرَ ڪيو پيو مصرع ۽ ڏوهيڙي کي دهرائيندو. هيڏانهن ڪچهري پئي ڪندي، ’واهه ميان! واهه!‘ ’واهه فقير، واهه!‘ ’لک آفرين!‘ ’جس ٿئي يار، جس!‘ ’بلي سائين، بلي!‘ ’واهه جو لڳي دوست! واهه جو لڳي!‘ داد جا به اهڙا دل گهريا نمونا هوندا هئا- هيانءَ جي هينان نڪتل ملمعي ۽ تصنع کان بلڪل عاري ۽ خالي. مارئي، سهڻي، سارنگ، پيروي سُر ڳائبا، انهيءَ وچ ۾ جوڳ کي به جوٽبو، اڌ رات ٿيندي ۽ راڳو لڳندو... ۽ ’وه واهه!‘ تي ويندي. پيچ پئي پڄندي ۽

سورٺ تي تارَ ايندي. اهڙيءَ طرح سيني سُرن جو مزو ماڻي، ڪتيون ڪر موڙينديون ۽ ڪڪڙ پيا پويان دس هٽندا، ان وقت محفل منتشر ٿيندي. هرڪو ڪر پيچي، اوباسيون ڏئي، ائين پيو اٿڻ جي ڪندو، ڄڻ مست ميخاني ۾ سڄي رات گذاري هاڻي هوش ۾ ايندا وڃن ٿا.

انهيءَ زماني ۾ اڃا سئنيمائون ڪونہ نڪتيون هيون، پارسين جون ٿئٽريڪل ڪمپنيون زنده ايڪٽرن جي ذريعي ڊراما اسٽيج ڪرائينديون هيون، ليڪن اهي ڊراما بہ انهن چند ماڻهن کي نصيب ٿيندا هئا، جيڪي ڪراچيءَ يا بمبئي پهچي سگهيا ٿي. ڪراچيءَ جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ ڪيپيٽل نالي جيڪو هاڻي سئنيما هال آهي، سو ابتدا ۾ ٿئيٽريڪل هال هو. مان پهريون ڊرامو 1925ع ۾ اُتي ڏٺو. سالن بعد مووي فلمون شروع ٿيون. پهريون خاموش ۽ گهٽي گهٽي ڪان پوءِ ٽاڪِي. غالباً ٽاڪِي 30-1931ع کان پوءِ آيون، ۽ انهيءَ بعد ئي آهستي آهستي اهي گانا ريڪارڊن جي ذريعي مشهور ٿيا، جن مذاق کي مائوف ڪري ڇڏيو ۽ ذوق جي صحت کي ختم ڪري، خود ڪردار ۽ گفتار کي بہ پست ڪري ڇڏيو.

پهريون ٿينَ جي توتاري وارا ڪاٺ جا هز ماسٽرس وائس فونا، ڪِن ڪِن اميرن جي اوطاقن ۾ ڏسبا هئا. بنا توتاري جي گراموفون گهٽو پوءِ پهتا، جيڪي پڻ پيسي وارن ورتا. مان اُهو بہ ايڊيسن جو ناهيل فونو ڏٺو، جنهن تي ٿالهي قسم جي رڪارڊن جي بجاءِ ڪنگڻيءَ وانگر گول رڪارڊ چڙهندا هئا، ۽ انهن تان هڪ گانو لاهي پيو پنهنجو ڳاتل گانو چاڙهي سگهبو هو. چنانچہ جڏهن اسان ننڍا هئاسين، تڏهن وڏن جي غير حاضريءَ ۾ اسان جو اهوئي مشغلو هوندو هو، يعني هڪ گانو لاهي پيو پاڻ ڳائي چاڙهڻ. هڪ دفعي هڪ خاص ڪافيءَ کي لاهي اسان پنهنجو گانو چاڙهيو، جڏهن والد مرحوم ان ڪافيءَ جي تلاش ڪئي ۽ رڪارڊ تي اسان جو آواز ٻڌائين تڏهن ڏاڍي تنبيهہ تي ۽ فونو هميشہ لاءِ اسان جي دسترس کان نڪري، مقفل ٿي ويو.

محمد حسين نگيني واري جا پڪا گانا ۽ گوهر جان آگري واريءَ جا غزل توتاري واري فوني جي دور ۾، ۽ گراموفون جي ابتدائي عهد ۾ ڀائي فيض امرتسري، ڀائي چيلي پٽيالي والا، ۽ ماسٽر ليوءَ جا رڪارڊ رائج هئا، ليڪن اهي سيئي گانا هرچند شريفانہ ۽ ڪلاسيڪل سُر ۽ تال ۾ هئا، پر سنڌين فونا عام طرح ان وقت خريد ڪيا، جڏهن ڀائي ڪنور رام جا رڪارڊ بازار ۾ آيا، ۽ مائي جيوٽيءَ آلاپ ڪري چيو تہ:

او!...

ڪنهن نہ جهليا، ڪنهن نہ پليا، هتئون ويم هاڻِ...
ويراڳي وطن لئي!

انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ بنيادي طرح سنڌين کي پرائو راڳ پسند ڪونہ هو. وٽن پنهنجا راڳ، پنهنجا سُرَ، پنهنجا ساز، پنهنجا خيال، پنهنجون تشبيهون ۽ استعارا، محاورا ۽ مثال، جن سان سينگاريل پنهنجون ڪافيون ۽ ڪلام، ڏوهيڙا ۽ بيت هئا. يڪتاري جي تار وڳي، گهڙي کي ڏڪ لڳو، ڪاٺ جي چپڙين هٿ ۾ واجٽ ڪيو، ۽ پيرن جي چير چمڪو ڪيو- هوڏنهن ڪن تي هٿ ويندو، ۽ هوڏنهن 'الو الان' ٿي ويندي. بس پوءِ تہ هر ڪو مست ۽ مدهوش، چوڌاري "واهہ ميان! واهہ!" پئي پوندي. حقيقت ۾ اسان سنڌين ۽ اسان مارن ماڻهن جي روح جي راحت اِهي ئي راڳ هئا، اسان جي زندگي پنهنجين انهن ڪچهرين ۽ مجلسن ۾ هئي، ليڪن هاڻي چا ڪجي! هتئون جو هاج وئي، واءُ جو اهڙو وريو، سر مٿان جو بارَ ۽ بوجھہ اهڙا اچي پيا تہ انهن کي سَهڻو تہ آهي.

('هُو ڏوتي هُو ڏينهن' تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) پير حسام الدين راشديءَ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڳوناڻي ماحول جي منظرنگاري ڪهڙيءَ ريت پيش ڪئي آهي؟ بيان ڪريو.

(2) 'هو ڏوتي هو ڏينهن' ڪتاب ۾ اڳ واري زماني جي ريتن ۽ روايتن جو عڪس ڪهڙي نموني چٽيل آهي؟ پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.

(3) راڳ، سُر ۽ ساز بابت پير حسام الدين راشديءَ ڪهڙيون ڳالهيون بيان ڪيون آهن؟

(4) هيءَ آتم ڪهاڻي پڙهي اوهان جي ذهن ۾ ڪهڙو تاثر اُڀري ٿو؟ بيان ڪريو.

### (ب) آتم ڪهاڻيءَ مان ڇا مراد آهي؟ آتم ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪهڙن اصولن کي آڏو رکڻ گهرجي؟

### (ج) پير حسام الدين راشديءَ جي ڏنل تحرير جون ڪي خاص خوبيون ٻُڌايو.

### (د) اوهان ٻيون ڪهڙيون آتم ڪهاڻيون پڙهيون آهن، تن بابت ٻڌايو.

(ھ) اوھان پنھنجي مختصر آتم ڪھاڻي لکو ۽ ڪاليج مئگزين ۾ ڇپائڻ لاءِ ڏيو.

(و) ’منھنجي پسنديده راند‘ جي عنوان تي ڪلاس ۾ پنج منٽ تقرير ڪريو.

(ز) رَسيد ڪنھن شيءِ يا ڪنھن رقم وغيره جي وصول ڪرڻ جي باضابط لِکت کي چوندا آھن، جنھن ۾ رقم وصول ڪندڙ جي باضابط صحي ٿيل ھجي.

ھيٺ ڏنل نموني طور ھڪ رسيد لکجي ٿي:

مبلغ ٿيھہ ھزار رپيا، ديدار علي ولد منٺار علي، رھائش ڪوٽڙي، ڄام شورو، کي موبائيل فون جي قيمت جي رَسيد ڏني وڃي ٿي، تہ جيئن وقت سِر اھا سَند طور ڪم اچي سگھي.

لکندڙ

انتظار احمد

تاريخ: 19 سيپٽمبر2024ع

رھندڙ: حيدرآباد

خريدار جي صحيح

**شاھد:**

(1) نور احمد ولد ھدايت الله (صحيح)

(2) شريف ولد شاھد علي (صحيح)

اوھان مٿي ڄاڻايل رَسيد جي نموني کي آڏو رکي موٽرسائيڪل خريد ڪرڻ جي رَسيد لکو.

## آتم ڪھاڻي

ڪنھن بہ شخص جو پنھنجي بابت سچي حياتيءَ جي تفصيلي احوال يا سوانح عمري کي ’آتم ڪھاڻي‘ سڏبو آھي. آتم ڪٿا ياداگيرين، سوانح عُمري، ڊائري وغيره جي صورت ۾ پڻ لکي ويندي آھي. آتم ڪھاڻي ڪنھن بہ شخصيت يا ليکڪ جو قلمبند ٿيل اھو دستاويز آھي، جنھن ۾ ليکڪ پنھنجي حياتيءَ جي ساري ڪٿا محفوظ ڪري ٿو ۽ ٻيو مقصد اھو بہ آھي تہ ليکڪ جي زندگيءَ جي آزمودن مان ٻيا بہ فيض حاصل ڪري سگھن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي عالمن، اديبن، شاعرن، سماجي ۽ سياسي اڳواڻن/ڪارڪنن پنھنجي سموري حياتيءَ جو احوال ’آتم ڪھاڻي‘ جي صورت ۾ لکيو آھي، جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آھي.

# الطاف شيخ



ولادت: 1944ع

الطاف شيخ ولد گل محمد شيخ جو جنم 14 نومبر 1944ع تي هالا نوان ۾ ٿيو. الطاف شيخ جي سنڌي ادب ۾ سُڄاڻپ هڪ سفرناما نگار طور آهي، انهيءَ ڪري کيس ’سنڌ جو ابن بطوطه‘ چيو ويندو آهي. الطاف شيخ شروعاتي تعليم ’مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول‘ هالا مان ورتي. انٽر ڪلاس کان پارهين ڪلاس تائين ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهيو. پوسٽ گريجوئيشن سئيڊن مان ڪيائين. هُو مئرين انجنيئر طور سامونڊي جهازن ۾ نوڪري ڪئي. هن سڄي دنيا جو سير ۽ سفر ڪري پنهنجي سفرن جي روئداد لکي جيڪا ڪتابي شڪل ۾ آندائين. انهيءَ ڪري سندس سفرنامن تي آڌاريل ڪتابن جو ڳاڻيٽو سَو کان مٿي آهي. سندس سفرنامن وارين لکڻين جي اهم خوبي اها آهي ته هُو ٻاهرين معاشرن جي سنڌ جي معاشري سان ڀيٽ ڪري ٿو. الطاف شيخ جنهن به ملڪ ڏانهن سفر ڪري ٿو، اتي جي ماڻهن جي ٻولي، ثقافت، تهذيب، کاڌي پيتي ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو جائزو وٺي پنهنجي سفرنامن ۾ پلٽي ٿو. سندس سفرنامن جي ٻولي نهايت ئي سهنجي آهي، جنهن ۾ استعارا، پهاڪا، چوڻيون ۽ تشبيهون پڻ استعمال ٿيل آهن. سندس سفرناما هر حوالي سان دلچسپ آهن.

الطاف شيخ جي چيل ڪتابن ۾ ’منهنجو ساگر منهنجو ساحل‘، ’وايون وڻجارن جون‘، ’بندر بازاريون‘، ’ٻلي پار تان پيرو‘، ’موج نه سهي مڪڙي‘، ’ڳالهيون آهن ڳچ‘ ۽ ٻيا آهن.

# هڪ عجيب ايڊوينچر

## (سفرنامو)

**سکيا جي حاصلات** ✪ مختلف صنفن جي طرز بيان کان آگاھ ٿي سگھي. ✪ روزمره زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جي حوالي سان عام مضمون، تفصيلي روئداد، آتم ڪهاڻي ۽ اکين ڏٺا احوال تفصيل سان لکي سگھي. ✪ جديد ٽيڪنالاجي ۽ ذريعي ، گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽس تان معلومات پڙهي سمجهي ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگھي.

آفريڪا جي مختلف ملڪن ۾ گهاريل ڏينهن جون ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن، جيڪي ذهن تان نٿيون ميسارجن. هيءَ ڳالهه به شروع جي ڏينهن جي آهي، جڏهن اسان ساموندي‌ءَ زندگي ۾ اجا نوان آيا هئاسين ۽ اسان دنيا کي يڪو هڪ جهڙو سمجهيو ٿي. جڻ دنيا جي سيني بندرگاهن تي هڪ جهڙو قاعدو قانون ۽ امن امان هجي.

تن ڏينهن ۾ اسان جو اهو جهاز يورپ، بيلجم، فرانس، جرمني ۽ انگلينڊ جهڙن سڌريل ۽ ترقي يافته ملڪن مان ٿي اولهه آفريڪا جي ملڪن: سينيگال، گني بسائو، لئانڊا ۽ گئمبيا وغيره ۾ ايندو هو. اسان انهن آفريڪا جي بندرگاهن ۾ به ايئن بي فڪر ٿي ڦرندا هئاسين، جيئن يورپ جي بندرگاهن ۾. يعني نه ڏس ڏينهن نه رات، جيڏانهن ڏيان ۾ ايندو هو اوڏانهن رخ رکندا هئاسين. گاڏين جي اچڻ جو، نه وڃڻ جو وقت پڇندا هئاسين ۽ نه وري ائڊريس يا نقشو پتو ڌيان ۾ رکندا هئاسين. نه ان ملڪ جي سماجي حالت جي ڄاڻ نه سياسي سڌسماءُ. شروع ۾ ته ڪڏهن اهو به خيال نه آيو ته هيءَ آفريڪا آهي، جتي جانورن، زهريلن جيتن، ٽيتزي جهڙين مکين ۽ وهندڙ پاڻيءَ ۾ لڳل بلحار ظيا جهڙين بيمارين کان پاڻ بچائي هلڻ کپي. بس مستن وانگر جيڏانهن ايندو هو، اوڏانهن شهرن ۽ ڳوٺن جون گهٽيون گهمندا وتندا هئاسين. اسان لاءِ فقط اها ڳالهه اهم هوندي هئي ته جهاز جي لوهي چارديواريءَ کان ٻاهر رهجي.

هڪ دفعي اسان جو جهاز شايد گئمبيا ۾، يا ان جي ڀرپاسي واري آفريڪي بندرگاهه ۾ لنگرانداز ٿيو. ان ملڪ جو نالو هن وقت ڌيان ۾ نه پيو اچي. اهو بندرگاهه ڇا هو، اسان جي نيم واراياسي سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جيان هو. بلڪ ان کان به ويران حالت ۾! چوڌاري ريگستان، ٽپندڙ سج ۽ پاڻيءَ جي اڻاٺ. بس بندرگاهه وٽ ڪچي مٽيءَ جي ٿُلهين پٽين وارا گهر، جن مان به ڪيترا ته ڪڪائن ڇتين جا هئا. ڪي چند پڪيون، فرينچن يا

شايد پورچوگالين جون، سامراجي دور جون عمارتون ۽ آفيسون هيون. هي ملڪ ڪو گئمبيا يا گني بسائو جهڙو هو، جيڪو سنهي پٽيءَ وانگر، اندر ٻئي ملڪ سينيگال يا فرينچ گنيءَ ۾ اندر گهڙيل هو، جنهن جا خشڪيءَ وارا رستا پڻ هڪ ٻئي مان لنگهيا ٿي.

هڪ ڏينهن شام جو، جهاز جي ٿرڊ انجنيئر سان گڏ ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪتس. ٿوري دير بندرگاهه جي هڪڙي ئي بازار مان چڪر ڏيئي هڪ ڪچي هوٽل ۾ اچي، قهوي جهڙي ڪاري ڪافي پيتيسين. ڪنهن پر واري شهر يا ملڪ ڪان مسافرن جو ڪو تازو قافلو آيو هو، سو چوڌاري اُنن جي چڙن ۽ هوٽل تان وجندڙ آفريڪي ٻوليءَ جي گانن جو آواز هو. آيل مسافر مسلمان ٿي لڳا جو سندن زالن کي آفريڪي نموني جو ڪارو برقعو هو ۽ ڪپڙي گنديءَ مان پئي لڳو تہ امير ملڪ جا آهن. آيل مسافر پنهنجو پنهنجو ڪُنڙو ٺاهي ڪافي پي رهيا هئا. ڪي وچئينءَ جي نماز اوپر اُتر ڪنڌ ڏي منهن ڪري پڙهي رهيا هئا، جو اتان ڪعبو ان طرف ٿئي ٿو.

ٿرڊ انجنيئر چيو هل تہ ٿورو ٻهراڙيءَ جو بہ چڪر هڻي اچون. سو اسان واڪ ڪندا شهر کان ٻاهر نڪري وياسين. پري کان هڪ ڪتارو بس، جنهن جهڙيون عجيب ٻوٿ واريون بسون، پاڻ وٽ سنڌ ۾ بہ نئون ڪوٽ، عمرڪوٽ، مني، چاچري پاسي اجان هلن ٿيون، وجي رهي هئي. تنهن کي دانهون ڪوڪون ڪري ٻيهاريوسين. يا شايد هوءَ پاڻهي ئي بيهي رهي جو اسان جي ويهڻ کانپوءِ بہ ڪنڊيڪٽر ڊبا پاڻيءَ جا ڀري انجڻ جي ريڊيئٽر ۾ وجهي ٿڌو ڪندو رهيو. اها مشق هر ميل اڌ بعد ٿيندي رهي. اسان اهو سوچي بس ۾ ويناسين تہ ٻي بس ۾ موٽي ايندا سين يا تہ آخري اسٽاپ تائين وجي ساڳي بس ۾ موٽنداسين، جيئن يورپ جي ملڪن ۾ اڄ بہ سياح ۽ واندا ماڻهو ڪن ٿا.

اها بس چار پنج ميل اڳتي هلي نيٺ صفا خراب ٿي پيئي. ڊرائيور ڪلاڪ گهٽو ئي زور لاتو پر نيڪ نہ ٿي. نيڪ بہ ڪيئن ٿئي. ريڊيئيٽر بنهہ ڦاٽي پيس. هونءَ بہ ان کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ وڏيڪ پاڻيءَ جي بوند بہ نہ هئي.

بس ۾ ٻيا جيڪي مسافر هئا سي ڳوٺن يا جهنگلي وستين جا هئا، سو لهڻ سان ئي ٽڙي پکڙي ويا. ڊرائيور کي ڀاڙي جا پئسا بہ نہ ڏنائون. اسان کان ڊرائيور اڌ ڀاڙو ورتي ’جنرل ايوريج‘ ڊڪليئر ڪري، پوءِ ڏسُ ڏنو تہ اسان ميل بہ اڳيان هليا وڃون. اتي ٻئي ملڪ جو رستو اچي ٿو ملي ۽ ڪا نہ ڪا سواري ملي ويندي.

(جنرل ايوريج ساموندي اصطلاح آهي. جهاز جا ڪي مالڪ سمنڊ تي سندن جهاز

ڪي قدرتي يا انساني رسيل مصيبت جو نقصان پورو ڪرڻ لاءِ انهن ماڻهن ڪان قوڙي ڪري وٺندا آهن، جن جو سامان ان وقت جهاز تي هوندو آهي. ان ڪي جنرل ايوريج سڏجي ٿو. جنرل ايوريج يا ڏيوالپڻي جو اعلان ڪرڻ ڪا سني ڳالهہ ناهي، جو ان سان ڪمپنيءَ جي ساک ڪي ڇيهو رسي ٿو ۽ آئيندي ماڻهو ان ڪمپنيءَ ڪي ڪارگو (سامان) ڏيڻ ڪان گهبرائين ٿا).

”۽ هتان ڪا بس واپس بندرگاهہ ڏي وڃڻي آ؟“ اسان ڊرائيور ڪان پڇيو.

”هي ئي تہ هڪ بس آهي، جيڪا سپاٽي هتان موٽڻي آهي. پر هاڻ تہ خراب ٿي پئي آ. ٽي چار ڏينهن تہ نهڻ ۾ لڳي ويندس.“ هن جواب ڏنو.

”پلا اڳيان اسان ڪي ڪهڙي سواري ملندي؟“ اسان وري ڊرائيور ڪان پڇيو.

ڊرائيور جيڪو شروع ڪان ڳاٽ اوچو ڪري پئي هليو تہ هن ڪي انگريزي سني ٿي اچي جو ٻہ سال گهانا ۾ هن هڪ انگريز سفاريءَ جي گهوڙي ڪي ڪرڪرو ڪيو هو، تنهن اسان جي سوال جو مختصر جواب ڏنو. ’اي ڪئمل‘ يعني اُٺ!

اسان ڪي پنهنجي غلطيءَ جو وڏو احساس ٿيو تہ واهہ جو گهمڻ نڪتاسين، سو بہ آخري ڏينهن تي! ٻئي ڏينهن جهاز ڪي هن ملڪ مان لنگر ڪڻڻو هو.

ٿرڊ انجنيئر صلاح ڏني تہ اڳتي هلڻ بدران چو نہ پنيان پير ڪڄن. ”سڄي عمر صدر ڪان ڪياماڙيءَ تائين بس ۾ ايندي مون ڪي آئيڊيا ٿي وئي آهي تہ پاڻ هي جيڪو پنڌ ڪيو آهي اهو اوترو ئي آهي، جيترو سعيد منزل ڪان ٽاور تائين. يعني پورا پنج ميل“. ٿرڊ انجنيئر عقل جي ڊوڙ ڪئي. ويتر هن شارٽ ڪٽ بہ ڳولهي ورتي، جيڪا هئي تہ ڪا نہ پر اسان اها بہ غلطي ڪئي ۽ سنئون سڌو پڪو رستو ڇڏي ڪچي تي لهي پياسين، يعني واريءَ تي، ريتي يا واريءَ تي هلڻ بہ ڏکيو! سچ لهڻ وارو هو. نظر تہ گهٽي وقت ڪان نہ پئي آيو جو مٽيءَ جي رَءُ ۽ جهَڪ ڪري سڄي آسمان تي مٽيءَ جو تهہ چڙهيل هو. ويتر رکي رکي گرم هوا جو واچوڙو ٿي لڳو تہ چوڌاري ملڪ اوندهہ ٿي ٿي ويو. چوڌاري واري ئي واري نظر آئي ٿي. ٿوري دير ڪانپوءِ پري ڪان ڏسون تہ واچوڙي وانگر اڏامندڙ ڪا شيءِ اسان ڏي ڏوڪيندي اچي- جڻ ڪي گهوڙي سوار مٽي اڏائيندا اچن. جڏهن بلڪل ويجهو لنگهي ويا تہ خبر پئي تہ اهي چار پنج شتر مرغن (اٺ پکين) جهڙا جانور هئا. ٿرڊ انجنيئر ٻُڌايو تہ اهي انٽيلوپ آهن، جيڪي سامبر (ٻارهن سنڱي) هرڻن جهڙا ٿين ٿا. بهرحال ڏوڙ جي طوفان ۾ چٽيءَ طرح نظر نہ آيا. جيتوڻيڪ اهي ڇيرڻ ڦاڙڻ وارا جانور نہ هئا پر اسان

ٻنهي کي ٿورو ٿورو ڊپ ٿيڻ لڳو ۽ احساس ٿيو تہ هي آفريڪا جو اهو حصو آهي جتي اڃان بہ ماڻهو جهنگلي صورت ۾ آهن. ڪيترا تہ آدمخور بہ آهن. ويتر انهن ڏينهن ۾ آفريڪا جا اڃا ڪيترا ملڪ آزاد نہ ٿيا هئا سو مڪاني شيدين جون يورپين سان گڏ اسان ايشين تي بہ خارون هيون.

هاڻي ٿوري ٿوري اوندهہ بہ ٿيڻ لڳي. پر سپ ڪان وڏيڪ ڏڪوئيندڙ ڳالهہ اُج هئي. ڏينهن جي تتل واريءَ جا ذرڙا جڻ تہ نڙگهٽ ۾ چپيا ٿي. ايتري ۾ اسان کي پري کان ڪجهہ ڪچا گهرڙا نظر آيا، جن مان لالٽين جي روشني اچي رهي هئي. سهڪي سهڪي اتي پهتاسين. ڪچن گهرن اڳيان پيٽ اپاميل ڏٻرا ٻار ۽ رول ڪتا بيٺا هئا. ڪجهہ وڏي عمر جا ٻار بہ هئا جن جي هٿن ۾ ٻاننا هئا. آلي متي سندن ٽنگن ۽ نونين تي چنبڙيل هئي. هڪ ٻن ڪتن پونڪار ڪئي پر اسان جي ٻُچڪار تي ماٺ ٿي ويا. ڪنڊ واري گهر کان هڪ شيدياڻي در کان ٻاهر نڪتي. گهر کي در تہ ڪونہ هو پر ايئن سمجهو تہ پٽ ۾ ڏار هو. هيءَ شيدياڻي، عورت گهٽ پر مرد وڌيڪ لڳي رهي هئي. هن کي پاڻيءَ جو اشارو ڪيوسين تہ اُج تا مرون، پاڻي ڪپي. هن پنهنجي آفريڪي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي اندر اچڻ جو اشارو ڪيو. اسان اندر وڃڻ کان اڃان گهٻرائي رهيا هئاسين تہ ترڊ انجيئر منهنجي پيرن ڏي اشارو ڪري ونهي رڙ ڪئي. آئون ڏڪي ويس.چُنجهي هلڪي روشنيءَ ۾ ڏسان تہ هٿ جيڏو ڪارو وڇون منهنجي بوٽ جي پٻ تي چڙهڻ جي ڪوشش پيو ڪري. مون کان بہ رڙ نڪري وئي. اڳيان پيرن اگهاڙا ٻار، اسان جي ان حرڪت تي کلي کلي اونڌا ٿي ويا. هڪڙي ٻئي کي سڏ ڪيو جو پري دڙي تي وينو هو. سندس هٿ ۾ شيشو ۽ ڏگهو لوهہ جو سوئو هو. هن سُوئو وڇونءَ جي پيٽ ۾ هڻي، ان کي متي ڪٽي شيشي ۾ اندر وڌو، جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي هيڊي ۽ ناسي رنگ جا وڇون ڦٿڪي رهيا هئا. پر ڪارو پٽون هي پهريون هوس. اسان هڪدم گهر اندر گهڙي وياسين. اندر ڪنڊ ۾ نِڪَر جو ڊِيئو ڪپهہ جي وَٽِ وارو، ٻري رهيو هو.

گهر جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ ڪو تازو ڪنل جانور لڙڪي رهيو هو، جنهن جي کَل لٿل هئي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪا ٻڪري هئي يا وڇ گابو- يا اڃا بہ ڪو گڏهہ خچر، اهو سڃاڻي نہ سگهياسين جو سندس کل وانگر منڍي بہ غائب هئي. ڪيترن هنڌن تان گوشت روڙيل هو. تازو ڪنل ان ڪري چئي سگهجي ٿو جو پر ۾ رکيل نڪر جي پاٽ رت سان ڀري پيئي هئي. اسان سان گڏ، گهٽيءَ ۾ ٻينل ٻاننن وارا ٻار پڻ اندر آيا. هو بہ ذري ذري ان لڙڪيل

ڪنل جانور ڏي اشارا ڪندا رهيا. جنهن مان لڳو ٿي تہ هيءَ ڪا نئين ڳالهہ ٿي آهي ۽ تمام ڪا وڏي ڳالهہ آهي. اهو جانور يا شڪار ڪيو ويو آهي يا ڪو ڏينهن ملهائڻ لاءِ قرباني ڏني وئي آهي. ٿرڊ انجنيئر آهستي چيو ڪتي پاڻ ڪي فرائي ڪري ڪائي نہ ڇڏين. ٿوري دير بعد اسان وري پاڻيءَ جي ڳالهہ، ايئن ڏجي ڏجي ڪئي جڻ ڪنهن لاءِ سگ گهرڻ آيا هجون ۽ انڪار جو بہ انديشو هجي. ٻاهر بينل هڪ عورت هڪدم رسو ۽ جست جي باردي ڪنئي ۽ ٿرڊ انجنيئر ڪي پنيان اچڻ جو اشارو ڪيو. مون ڪي اشاري سان چيائين تہ تون اتي ئي ترس. ٿرڊ انجنيئر چيو: ”لالا ڪوهہ تي پاڻي پرڻ ٿي هلي“. چيومانس تہ ترس تہ آئون بہ هلانءِ، مَرون تہ، گڏ تہ مرون. هن لڙڪيل جانور ڪي ڏسي آءٌ ڪتي برقعو نہ متي وجان.

بهرحال اهي سڀ ڳالهيون هينئر جون آهن. ان وقت اسان ٻنهي ڏڪندي ڏڪندي اشاري ۾ چيو تہ گڏ گڏ رهنداسين. سو ٻئي ٻاهر نڪتاسين. پنيان ٻاننن سان ٻار، اگهاڙا پيٽ نڪتل ٻار، وچونءَ جي شيشي وارو ٻار ۽ بيمار رول ڪتا اسان سان گڏ هلڻ لڳا. ٿورو پري هڪ ڪوهہ هو يا ڪو چشمو يا ڪڏو جنهن ۾ وينل ڏيڏرن جون رڙيون آسمان تائين ٿي پهتيون. حبشياڻيءَ ان مان باردي پاڻيءَ سان پري ڪدي. ايئن ٿي لڳو تہ اهو پاڻي ايترو هائيجينڪ نہ هو پر ان وقت سخت اڃ ۾ وٽيو پئي. ۽ هونءَ بہ اها پڪ اٿم تہ نتي جي ٻاڙي پاڻيءَ ڪان وري بہ وڌيڪ ٽيستي ۽ هائيجينڪ هو. پاڻي ڊؤ تي پي پوءِ اسان هن کي جهاز ناهي ٻُڌايو تہ اسان ايڏانهن ويندا سين. گس ٻڌاءِ. توکي پئسا بہ ڏِينداسين. يعني اسان جي مدد ڪرڻ جو اجورو ڏينداسين. پاڻ اسان کي وري بہ گهر وٺي آئي، جتي ٻارن وري اشاري سان ٽنگيل جانور ڏيکاريو. اسان کي گهر ۾ ويهاري پاڻ وئي سو هڪ شيدي پوڙهو مڙس ۽ بہ مرزيل خچر ڪاهي آئي. هڪ تي ٿرڊ انجنيئر وينو ۽ ٻئي تي آءٌ. ٻئي خچر ڪجهہ پنهنجي مڙسيءَ تي هليا، ڪجهہ شيديءَ جي چڪڻ ۽ ڏنڊين جي زور تي. اڌ مُني ڪلاڪ جي پنڌ ڪانپوءِ ساڳي پڪي رستي تي اچي چڙهياسين، جتي پيٽرول پمپ بہ هو. رات جا نوَ ڪن اچي ٿيا هئا، پر آفريڪا جي گرم لُڪَ ڪپڙن مٿان بہ ساڙيو ٿي. چاندوڪي رات هئي سو ڪجهہ نہ ڪجهہ نظر اچي رهيو هو. پيٽرول پمپ تي هڪ ٽئڪسي بيني هئي. جيڪا شايد ان بندرگاهہ ۾ واحد ٽئڪسي هجي. ڊرائيور ڪجهہ پيسا وٺي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پاڪستان جي ڪنهن بين الاقوامي ريڊيو اسٽيشن تان-تن ڏينهن ۾ ڊاڪا ۽ راولپنڊي پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندون هيون، يا ٿي سگهي ٿو اها اسٽيشن ايران يا ڪويت جي هجي، جن تان هر روز ڪجهہ وقت لاءِ پاڪستان جا ڳانا ايندا هئا ۽ ولايت ۾ رهندڙ اسان جي

ماڻهن جون اهي دل پسند ريڊيو اسٽيشنون هونديون هيون. بهرحال انهن مان ڪنهن تان نورجهان جو اردو گانو هلي رهيو هو.

پيٽرول پمپ جي مالڪ ان گاني ڏي ڌيان ڇڪائيندي ڀڳل انگريزيءَ ۾ پڇيو ته ”توهان ان ملڪ جا آهيو؟“ اسان ٽڙي خوش ٿياسين. ڪجهه اسان جا هاڻ خوف به ڍرا ٿي چڪا هئا. جيسين ڊرائيور قهوو پي پورو ڪري، تيسين اسان ’آفريڪن ڊيزرٽ‘ ۾ نورجهان جي گاني مان محظوظ ٿيڻ لڳاسين. جڻ گذريل چند ڪلاڪ جيڪا اسان سان جٽ ٿي، سا ٻئي ڪنهن سان ٿي.

ڊرائيور ٽئڪسيءَ کي پهرين اسان کان ڏکو ڏياري انجڻ اسٽارٽ ڪئي، پوءِ اسان کي ويهاري پنهنجي ٽئڪسي هلائي. چوڏاري ريتي ئي ريتيءَ ڪري رستي جو رڳو وچيون پٽو نظر اچي رهيو هو. باقي ٻئي پاسا جاگرافيءَ جي پروفيسر ۽ سنڌ جي اديب ظفر حسن جي زباني، واريءَ جي ’ٽرانسپورٽيشن ۽ ڊينيوڊيشن‘ ڪري ڍڪجي ويا هئا. اهڙي ريتيءَ هاٽي رستي تان، حبشي ڊرائيور پنهنجي ٽئڪسي ڪيئن پئي هلائي، اهو سنڌس مٿي جو سور! اسان کي اڌ ڪلاڪ کن بعد، جڏهن بندرگاهه ۾ جهاز سامهون اچي لاٿائين ته يقين ئي نه پئي آيو ته خواب ۾ آهيون يا حقيقي زندگيءَ ۾!

بهرحال زندگيءَ ۾ اهو پهريون دفعو هو جو سچيءَ دل سان جهاز وٽي رهيو هو. جهاز کو ماڻهو هجي ها ته ڀاڪر پائي ڪٽي چمي ڏجيس ها، ان ڏينهن!

(’سانباهو سمونڊ جو‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) الطاف شيخ جي ڏنل سفرنامي جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

(2) الطاف شيخ پنهنجي ڏنل سفرنامي ۾ ڪهڙيون اهم ڳالهيون بيان ڪيون آهن؟ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

(3) الطاف شيخ ڏنل سفرنامي ۾ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت ڪهڙي ڄاڻ ڏني آهي؟

(4) الطاف شيخ پنهنجي سفرنامي ۾ منظرنگاري ڪندي جيڪا آفريڪا ۽ سنڌ جي ڀيٽ ڪئي آهي، اها بيان ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.**

(1) الطاف شيخ جي ادبي حوالي سان خاص طور تي سڃاڻپ آهي:

(1) ڪهاڻيڪار (2) طنز و مزاح نگار (3) ناول نگار (4) سفرناما نگار

(2) هيٺ ڏنل ڪهڙي لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’ڳاهه‘ لفظ لڳائي، نئون لفظ ٺهندو:

(1) بندر (2) چندر (3) منڌر (4) مُندر

(3) ”ٻئي ڏينهن جهاز ڪي هن ملڪ مان لنگر کڻڻو هو.“ ڏنل جُملي ۾ ’لنگر کڻڻ‘ مان مراد آهي:

(1) جهاز کي بيهارڻ (2) جهاز هلڻ لاءِ تيار ڪرڻ

(3) جهاز جو سامان کڻڻ (4) جهاز جي مسافرن جي ماني کڻڻ

(4) ’منهنجو ساگر، منهنجو ساحل‘ سفرنامو لکيل آهي:

(1) عبدالحئي پليجي جو (2) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو

(3) سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو (4) الطاف شيخ جو

**(ج) الطاف شيخ جو اوهان ڪو ٻيو سفرنامو پڙهيو هجي ته ان بابت ٻُڌايو.**

**(د) سفرنامي جي وصف پنهنجن لفظن ۾ ٻُڌايو.**

**(هه) آفريڪا جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ رسم رواج بابت انٽرنيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري ان تي پنهنجي راءِ ڏيو.**

**(و) اوهان جيڪڏهن ڪو ڏيهه يا پرڏيهه جو سفر ڪيو هُجي ته ان جي روئداد سفرنامي جي شڪل ۾ پنهنجن لفظن ۾ لکو ۽ بيان ڪريو.**

# علي احمد بروهي



ولادت: 1920ع

وفات: 2003ع

علي احمد بروهي ولد ڪريم بخش بروهي 11 نومبر 1920ع تي ڳوٺ ڪنيڙا، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ انڊين نيوي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين.

علي احمد بروهيءَ جو شمار سنڌي ادب جي چوٽيءَ جي مزاح نگارن ۾ ٿئي ٿو. هن پنهنجي ڪهاڻين ۽ خاڪن ۾ ڪِل ڀوڳ سان ڳڻ سماج جي برائين ڏانهن اشارو ڪيو آهي. سنڌس مزاحيہ ڪهاڻين جي خوبي اها آهي تہ سنڌس ڪردار خالص سنڌي ماحول سان تعلق رکن ٿا. علائقي جي حوالي سان هو پنهنجي لکڻين ۾ منفرد لَهجو ڪتب آڻي ٿو. علي احمد بروهي مزاح نگاريءَ کي ان دور ۾ رائج ڪيو، جڏهن کي ٿورا نالا ان ڏِس ۾ ملندا هئا. هن سنڌي ادب ۾ مزاح نگاريءَ کي نئون رنگ ڏنو. هُو مختلف رسالن ۽ اخبار جو ايڊيٽر رهيو.

علي احمد بروهيءَ جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن جن ۾ 'جام، جاموٽ، جامڙا'، 'ڏيئا تيل قليل'، 'وات وينديءَ' ۽ 'ڪِڪ پڻ' مشهور آهن. تحقيق جي موضوع تي بہ سنڌس ڪم ٿيل آهي. هن ٻهرين ڊسمبر 2003ع تي وفات ڪئي.

# عثمان حجم جو ڏند ڪڍائڻ

**سکيا جي حاصلات**
✪ نئين متن کي سمجهي، اعليٰ تخليقي ۽ تنقيدي سوالن جا جامع جواب لکي سگهي ۽ عبارت جو مناسب عنوان لکي سگهي. ✪ روزمره جي ڪاروهنوار ۾ ڪم ايندڙ لفظن، ترڪيبن، محاورن، پهاڪن ۽ چوڻين وغيره کي بدِي ۽ علم بيان جي گهرجن کي پڻ سمجهي سگهي. * ڪنهن به تحرير کي ان جي ادبي خوبين ۽ علم بيان جي حوالي سان سمجهي پڙهي سگهي، ته جيئن عام ۽ ادبي لکڻين ۾ فرق ڪري سگهي. * ڪنهن به علمي مضمون ۾ استعمال ٿيل لفظ ۽ اصطلاح سمجهي ۽ مضمون جي مواد کي سمجهي سگهي.

روئڻ، گهٽڻ ماڻهن جي عادت ٿيندي آهي. ٿوري گهٽي آفت آئي ته وينا رنن جيان روڄ راڙو ڪندا ۽ پار ڪيندا. اسان جي پاڙي جو پريو مڙس ته ايتري قدر ”قرڙي ڏڪويو“ آهي، جو زڪام ٿيندس ته وينو وصيتون ڪندو ۽ سيني کي سڏي پُٽڻ جون پارتون ڪندو. ليڪن اسان جي محترم دوست عثمان حجم جي فطرت ان جي بلڪل برعڪس آهي. سوئو اک ۾ هٽينس پر گوڙهو ڪين ڳڙندس. هي سندس زندگيءَ جو رڪارڊ رڪيل آهي، ته سموري عمر ۾ فقط ٻن موقعن تي روئيندو ڏٺو ويو آهي. پهريون دفعو جڏهن سکر جي دهلي هوٽل ۾ ”سنگل سالنا“ تناول ڪندي ٻوڙ ۾ پيل گوگائيءَ مرچن وجي هنياءُ ورتس، ۽ اکين کان نير وهائيندي بنا بل ادا ڪرڻ جي، وٺي ڪڙين تي زور ڏنائين. ٻيو ٻيرو تازو جڏهن ڪنڊ پُڳڙا ڪائيندي اچي ڏاڻ ۾ سور پيس.

ڏک سور دنيا اندر سوين آهن، پر ڏند جو سور هڪ اهڙو ٻي گرو ۽ ٻي پيرو سور آهي جو خدا شل دشمن کي به پناه ۾ رکي. عثمان جهڙو سخت طبع انسان جو سمورو وقت پُڇ ڪندي تي ڪري هڪ اڦرُ وهڙي جيان ٽاڏيون ڏيندو رهندو هو، تنهن کي ڏاڻ جي سور اهڙو اچي هلاڪ ڪيو جو مڙس مورڳو هٿان تي ويو. به دفعا ته خودڪشيءَ لاءِ پڪو ارادو ڪري درياهه ۾ پڻ ٽپو ڏنائين. پر بعد ۾ ٿڌي پاڻي هيٺڻ ڪري ٻاهر تري ڪنڌيءَ تي آيو ۽ في الحال اهڙو ارادو ملتوي ڪيائين.

سومر نانوائي، اوستو عظيم ۽ آءٌ ٽيئي گڏجي جڏهن وٽس مزاج پرسيءَ لاءِ پهتاسين ته پهرين ته ڪيس سُڃاڻي ئي نه ٿي سگهياسون. ٽوٽي جو سامهون وينل هو. تڏهن به ائين سمجهوسين ته شايد پنيرو وينو باران نماز پڙهي رهيو هو. سندس منهن جو هڪ پاسو ته ائين سڄي ويل هو جو اسان کي خاطري ٿي ته يا اخروٽ پيجي رهيو آهي يا وري پل چڪ ۾ پاڪين تکي ڪرڻ واري روهي اڳري ويو آهي.

گگ وهائيندي ۽ ڪنجهندي قسطن ۾ حال احوال ڏنائين ته ڪيئن نه تن ڏينهن کان لڳاتار ڏند جي سور سبب سندس ننڊ حرام ۽ کاڌو پاڻي زهر ٿي چڪو هو. اسان دوستن عثمان حجم جي حالت زار تي ساڃس دستوري همدرديءَ جو اظهار ڪيو ۽ واري وٽيءَ تي هر هڪ پنهنجي مٿن مائٽن ۽ يارن دوستن (جن کي ڪڏهن نه ڪڏهن ڏند جي سور پوڻ جو شرف حاصل ٿيو هو) جي هسٽري شيٽ دهرائي ۽ آخر ۾ سڀيئي متفق ٿي هن راءِ جا ٿياسون ته سور جو ترت تدارڪ ڪيو وڃي ۽ مناسب علاج شروع ڪيو وڃي.

سومر نانوائيءَ هي بيان جاري ڪيو ته عثمان جي گردن ۽ پنيءَ واري ڪنڌي درميان جيڪڏهن لوهي سيخ يا ڏاتو باهه ۾ ڳاڙهو ڪري اڌ درجن کن ڏنپ ڏنا وڃن ته ڏند جي سور لاءِ اڪسير علاج ثابت ٿيندو. ليڪن عثمان حجم ڪنڌ ڌوڻيندي اهڙي مفيد علاج جي وڏيڪ تفصيل ٻڌڻ کان ئي نابري واري. ۽ سومر نانوائي لاچار ٿي پنهنجي راءِ واپس ورتي. اوستي عظيم البت هي رايو ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن گندڪ جي تيزاب ۾ چونو ۽ ڳاڙها مرچ ملائي ڏند جي چوگرد مالش ڪئي وڃي ته ترت فائدو ٿيندو. عثمان حجم اهڙي علاج ڪرڻ کان انڪار ڪندي ڪجهه ڳالهائڻ ٿي چاهيو، ليڪن ڏکندڙ ڏند مٿان ڏاٺ اچڻ ڪري، هڪ فلڪ شگاف رڙ ڪيائين، جو هيبت ۾ سومر نانوائي پنهنجي چڱل موڙي تان مورچا ٿي هيٺ ڪري پيو. ماحول مانيٽي ٿيڻ بعد مون مشورو پيش ڪيو ته يوناني يا گهرو علاج ڪجي، ڇاڪاڻ ته اڄ ڪلهه جي ڊاڪٽرن ۾ ايمان گهٽ اٿم ۽ اسپتال منهنجي نقطي نظر کان اها جڳهه آهي جتي مريض پنهنجي خوش قسمت هئڻ سبب ٻاهر بچي نڪتا ٿي ورنه ڊاڪٽرن طرفان کين اڳين جهان هجرت ڪرائڻ لاءِ ڪا ڪسر ڇڏي نه ٿي ويئي. عثمان جواب ۾ وهاٽو مٿي ڪيو، جنهن هينان جيڪڏهن دهلي دوا خانو نه، ته، تڏهن به هڪ چڱي شفاخاني جيترو پسار پيل هو. هريڙان، نوشادر، ڦٽڪي توتيو ۽ ڪٿي کان علاوه شيشيءَ ۾ پيل بيبي جادل جو پڙهيل پاڻي، ۽ دادا بچل جا تعويذ! مطلب ته ويچاري وسان ڪين گهٽايو هو.

ويچارو ڪري سو ڪري ڇا؟ هاڻ ته سندس گهرواري پڙيون پساوڙا پسائيندي ۽ لپريون ناهيندي تنگ اچي چڪي هئي، سا به هاڻ پيڪي وڃڻ جي تيارين ۾ هئي. آخر اوستي عظيم پنهنجي 37 سالن جي تجربي جو حوالو ڏيندي چيو ته ڏند جي پاڙ پٽي وڃي ته ”نه رهي بانس ۽ نه وڃي بانسري.“ ان سلسلي ۾ هن اُٿي بيهي هڪ زوردار تقرير ڪئي، جنهن ۾ حضرت اويس قرنيءَ جي ڏندن جي شهادت کان، ون يونٽ جي اليڪشن تائين تاريخي ثبوت پيش ڪيائين. سلسلہ ڪلام جاري رکندي هي به ٻڌايائين، ته خوش

قسمتيءَ سان سندس پاڙي ۾ عدو نالي هڪ موچي رهندو آهي، جو ستن پيڙهين کان پشت بہ پشت ڏندڻ ڪڍڻ جو ڪرنو ڪندو آهي ۽ هزارها ماڻهن جا ڏند ڪڍي سندن وات ليڊيز هئنڊ بئگ (ٻٽون) جيان قدا ڪري ڇڏيا هئائين.

پر عثمان حجم، جو سور ۾ اڌ مئو ٿيو وينو هو، سو ڪتي تو ڏند ڪڍرائڻ لاءِ آماده ٿئي. آخر ۾ چئو چوائت ۽ منٿ ميڙ ڪندي، هن شرط تي ڏند ڪڍرائڻ لاءِ راضي ٿيو، تہ جيئن ڪيس سور بلڪل نہ ٿئي. چارئي ڄڻا اُٿي عدو موچي جي دولتخاني ڏانهن روانا ٿياسون. جو خوش قسمتيءَ سان، پڻ رستي تي مُنهن پئجي ويو . جو ڪنهن تازو مئل جانور جو چمڙو لاهي واپس گهر ڏانهن موٽيو ٿي آيو. عدو اسان کي پنهنجي اوطاق ۾ ويهاري حالي حوالي ٿيڻ بعد عثمان جي ڏندن جو معائنو ڪيو. چپٽي وجائيندي ظاهر ڪيائين تہ هڪ سيڪنڊ جو ڪم آهي ۽ عثمان کي هي بہ پتو نہ پوندو تہ سندس ڏند نڪتو بہ آهي يا نہ!

چيائين تہ ”جي دستگير ۾ ويساهہ ڪرين، تہ پائو مون لاءِ ڏند ڪڍڻ ايترو آسان آهي جو پير مان ڪنڊو نڪرندي بہ وڌيڪ ايذاءُ ايندو آهي.“ ائين چوندي عدو گهر وجي ڳوٺي ڪٽي آيو جنهن ۾ سندس ڏندن ڪڍڻ جا مختصر اوزار، جهڙوڪ بہ چار وڏا جنبور، هڪ واهولو، بہ هٿوڙا ۽ هڪ وڏاڻ ۽ ڪجهہ انداز ڪليون، ڪوڪا، چيٽيون ۽ سنبا پيل هئا. ۽ بس. هٿيار رکي عدو ٻاهر وڃي پاڙي مان ڏهاڪو کن ٻيا ماڻهو وٺي آيو جي سندس نقطہ نظر، ڏند ڪڍڻ جي آپريشن لاءِ لاچار ڪافي هئا. ٻين ماڻهن جي پهچڻ بعد عدوءَ اسان کي بہ انهن جي جمع ڪيل فوج ۾ داخل ڪيو. پوءِ سموري لشڪر کي هڪ ڪمانڊر جيان لڙائي جو نقشو سمجهائي هر هڪ کي حڪم ڏيندو ويو.

”تي اوهين ۽ چوٿون صابو، اوهين چار ڄڻا عثمان کي سمهاري سندس ٽنگون ۽ ٻانهون پختيون جهليو. ڪمال ۽ ڏنو، توهين هيڏانهن تي، سندس مٿو جهلي بيهو. علو تون جنبوري ڪٽي منهنجي پاسي ۾ بيهہ، نهال او نهال! اڙي نهال ڪيڏانهن مري وئين ؟چڱو ڇڏ نهال کي. اڙي هَبو تون ۽ تاجو ٻئي، مون کي چيٽيون ۽ ڪليون واري وٽيءَ تي هٿ ۾ ڏيندا وجو. نيباهو تون وج حافظ جليل جي گهر ۽ منهنجا سلام ڏينس ۽ چوينس تہ پنهنجو حمام دستو ڪلاڪ ٻن لاءِ ڏي متان منهنجا هٿوڙا ڪافي نہ ٿين.“

اهڙي طور هدايتون جاري ڪندي عدو موچي اسان سيني کي مڙس ماڻهو ٿي بيهڻ لاءِ چئي، عثمان جو چوڪنيو وڪوڙيل ۽ ليٽيل هو، تنهنجي سيني تي چڙهي وينو ۽ اوزارن جي ڳوڻ مان گهوڙي وارو ڪانديارو لغام ڪڍي عثمان جي وات ۾ زوري وڌائين جيئن

سندس وات ڪليل رهي ۽ چڪ نہ وجهي سگهي. پوءِ بسم الله ڪري پير مرشد ڪي سنيالي ڏند جون پاڙون ڪوٽڻ شروع ڪيائين.

عثمان حجم جنهن اڳ ۾ ئي دانهون ڪوڪون ڪري اُپ تي ڦاڙيو. تنهن لغام وات ۾ پوڻ شرط ڪنوانن جيان گرڙات شروع ڪيا. ليڪن خوامخواه رڙيون ڪرڻ عثمان حجم جي جهوني عادت آهي ورنہ حقيقت آهي تہ عدو موچي هڪ ڪاريگر اُستاد جيان ڪوڪن ڪلين ۽ ڪاتين سان ڏند ڪي مهارن کان اهڙي هوشياري سان الڳ تي ڪيو، جو ان سموري ڪم ۾ ڪيس بہ ڪلاڪ بہ مشڪل لڳا هوندا. عثمان گهٽو ئي ليلهڙات ڪيا، پر اڳيون بہ ست اٺ ڄڻا سندس عضون سان جورن جيان چهٽيل ۽ سيني تي عدو موچي عزرائيل جيان چڙهيل! آخر ڪري سو ڪري ڇا تي سگهيو؟

مهارن جي ڪوٽائين بعد ڏند ڪڍڻ جو وارو آيو، ليڪن ڇاڪاڻ تہ عثمان بيهوش تي ويل هو ۽ سندس اکين جا تارا ڦوٽارجي ويل هئا، ان ڪري ڪلاڪ اڌ جو انترويل ڪيو ويو جيستائين سامت ۾ اچي. عدوءَ ڄاڻايو تہ عثمان مڪر تي ڪيو، ورنہ اها هڪ معمولي ڳالهہ هئي. ۽ سندس ڏند جي پاڙ ۾ هٿوڙن جا ڏڪ ميڙن جي چڪ کان بہ گهٽ ايذاءُ ڏيندڙ هئا.

عثمان هوش ۾ ايندي ئي چرڪ ڀري اُٿي وينو ۽ رت جا ڳرڙا هيٺ اُڇليندي عدوءَ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ کيس قسم ڏيندي آزيون ڪندي چيائين تہ سندس ڏند نہ ڪڍيو وڃي ۽ جو ڪجهہ ساڻس تي چڪو هو سو ڪافي هو. پاڻ اگر پنهنجي پيءُ جو پٽ هوندو تہ وري ڪڏهن ڏند نہ ڪڍائيندو. عدو، عثمان حجم ڪي آٿت ڏيندي چيو تہ سمورو علاج تي چڪو هو ۽ هاڻ فقط ست ڏيٺي هئي. ۽ باقي تر جيتري ڳالهہ تي ياڙي ٿيڻ هڪ مڙس جي شان وٽان هرگز نہ هو.

سومر نانوائيءَ پڻ عدوءَ ڪي ٿيڪو ڏيندي رايو ظاهر ڪيو تہ روز روز جي ريڙهہ پيڙهہ کان تہ هڪ دفعي ”هول سيل“ عذاب سهڻ هزار بار بهتر هو. ائين چوندي عدوءَ موچي ڪي ميچ ڏنائين تہ وارو ڪر ورنہ عثمان هاٺي ”گيدي تو ٿيئي“ پوءِ تہ وٺ پڪڙ شروع تي وئي. ليڪن هن دفعي عثمان ڪي قابو جهلڻ جي نموني ۾ تبديلي آندي وئي. سمورن چوڏهن ڄڻن جي پارٽي ٻن حصن ۾ ورهاست ڪئي وئي. ستن ڄڻن عثمان ڪي ياڪر ۾ سوگهو ڪيو ۽ جڏهن عدوءَ پنهنجو وڏو جنبور عثمان جي ڏند ۾ اٽڪايو تہ بقايا ستن ڄڻن عدوءَ ڪي چيلهہ کان جهليو، ۽ عدو کان آرڊر ملڻ تي ٻنهي طرفان باجماعت چڪ چڪان جي زور آزمائي شروع ڪئي وئي. بس منٽن جي صفائي هئي. آخر بہ آدم سرالاهي آهي ۽ شل نہ

ڪارو متو ڪنهن جي ڪڍ پوي. جنهن مهل ٻنهي پارٽين نعره هڻي هڪٻئي جي مخالف طرفن ۾ زور ڏنو، ته خبر تڏهن پئي جڏهن نڪاءُ ڏيئي عثمان جو ڏند، (عدو واري جنبور ۾ قاتل) ٻاهر نڪري آيو. پوءِ ته مبارڪان ۽ واه واه شروع ٿي ويئي. ليڪن عثمان وري ٻه مورچان تي هيٺ ڪري پيو. عدوءَ ڇاٽايو ته فڪر ڪرڻ جو ڪو سبب نه آهي ۽ ڏند نڪرڻ کان پوءِ ڏندڻ پوڻ هڪ لازمي امر آهي ۽ يڪدم عثمان جون ٽريون پاڻ سان مهٽڻ لاءِ چيائين. ڪلاڪ جي مالش ۽ اڌ درجن ڪن ٽڏي ٻالٽين جي هارڻ بعد عثمان اکيون پٽيون ۽ هوش ۾ آيو. لوڻ گڏيل پاڻي جو ڪمرو ڪيس ڏنو ويو جو عثمان سستي غالب ٿيڻ ڪري پي نه سگهيو.

عدو هڪ فاتح جي حيثيت ۾ ڀهڪيو ٿي ۽ ڪڍيل ڏند جي عام نمائش بعد عثمان جي هٿ ۾ ڏنائين جنهن ڏند ڏسندي ئي رڙ ڪئي ۽ وري ساعت پنڪيءَ ۾ پئجي ويو. سجاڳ ٿيڻ تي ڊنڊڪر ڏيندي روئي ٻڌايائين ته اهو سندس غلط ڏند ڪڍيو ويو هو ڇاڪاڻ ته ڪيس هينين ڄاڙي واري ڏاڙ ۾ سور هو جا ماڪوڙي کاڌل ۽ اڌ پڳل هئي ۽ هي ڏند مٿين ڄاڙيءَ وارو هو جو ڏند بلڪل پختو ۽ سڄو سارو سالم هو.

عدو سمورو الزام عثمان تي هنيو ته هن ڏند جو پورو ڏس ڪونه ڏنو هو. دراصل حقيقت هيءَ هئي ته شروعات ۾ سور وارو ڏند پڇڻ ئي عدوءَ کان وسري ويو هو ۽ ائين ئي بسم الله ڪئي هئائين. عدوءَ ظاهر ڪيو ته اهو الزام سندس ڏنڊي تي ڪارو داغ هو جو سور واري ڏاڙ بجاءِ ٻيو ڏند ڪڍڻ جي غلطي ڪائنس سرزد ٿي هجي.

ائين چئي همراهن کي وري عثمان کي جهلڻ لاءِ چئي جنبور هٿ ۾ کنيائين. پوءِ ته قيامت برپا ٿي وئي. عثمان اُٿي ٻيهي وڏي واڪي اعلان ڪيو ته ڪيس ڏند ڪڍائڻو ئي نه آهي ۽ نه ڪيس ڪو ڪنهن ڏند ۾ سور ئي آهي. ليڪن عدو موچي ۽ سومر نانوائي ضد تي ٻينا ته عثمان ڊڄي ٿو ورنه هي سندس فائدي ۾ هو ته سور وارو ڏند ڪڍيو وڃي. انهي سومر نانوائي ماڻهن کي عثمان کي دسڻ لاءِ دردمندانه اپيل ڪري هڪل ڪئي. عثمان جنهن هيل سوڌو قيامت ڪاٽي هئي، سو هاڻ ڪيئن ٿو ڪنهن کي ويجهو اچڻ ڏي. مچي مڙس تي ٻينو. پرسان پيل پنگ وارو ڏندو ڦيرائيندي ٿي ڇتا جي سندس نزديڪ هئا هيٺ ڊاهي وڌائين. گاريون ٻه اهڙيون ٿي ڪڍيائين جو جملي پاڙي جي ماڻهن جن اهي ٻُڌيون تن اُٿيون ڪري ٻاهر ڪييون ٿي.

عدو پنهنجو شڪار هٿن مان ويندو ڏسي ٻاهر نڪري ٻين واتهڙو ماڻهن کي ڪوٺ ڪئي ۽ آخر ڏهه ٻارنهن ٻيا ماڻهو جي تازو هڪ جنازو پوري قبرستان کان واپس ٿي رهيا

هئا، تن کي ڳڏ ڪري عثمان تي ٻج ڪيائين. هٽي ڏٽي پڪڙي ڪٽ جي واڏڻ سان ڪيس چوڪنيو جڪڙيو ويو ۽ عدوءَ هڪ پيرو وري وڏو جنبور ڪٽي عثمان جي ڏسيل ڏند وٽ اٽڪايو. ليڪن هن دفعي عثمان کي لانڍيءَ جي وچين ٽوٽيءَ سان سوگهو ٻڌو ويو ۽ ٻيءَ طرف عدو کي ڏهن جٽن ۽ سندس جنبور کي ٻقايا ڇهن جٽن ونبي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. عثمان جي ڳهل گهوڙا جاري رهي ۽ هنن مڙسن جي رسا ڪشي اهڙي تي ڏني جڻ ڪوه ۾ ڪريل هاٿي ٻاهر ڇڪي تي ڪڍيائون. آخر ٻہ تہ ڏند ڪڍڻو هو ڪا مسخري تہ نہ هئي، تن ڇئن ڇڪن ڏيڻ بعد چرڙات ٿيڻ تي ڏنو ويو تہ عثمان جي هڪ ڏند بجاءِ سندس هيٺين جاڙي سمورن ڏندن سميت ٻاهر نڪري رهي هئي. ۽ پوءِ معلوم ٿيو تہ عدوءَ جو جنبور ڏندن جي ننڍي هئڻ ڪري سموري جاڙي ۾ اٽڪيل هو. عدوءَ پنهنجي غلطي تہ سنيالي پر 13 جٽا ڇڪڻ وارا سي ڪيئن تا ڪنٽرول ۾ اچن. جيستائين عدو روڪڻ لاءِ رڙ ڪري تنهن کان اڳي وڏو نڪاءُ ٿيو ۽ عثمان جي جاڙي بجاءِ لانڍي جي ٽوٽي، جنهن سان عثمان کي ٻڌو ويو، عثمان سوڌو ٻاهر نڪري آئي ۽ لانڍي ڌو وجي پٽ تي ڪري. ماڻهو پري ٿين، تنهن کان اڳ ۾ لانڍي اچي ماڻهن مٿان پئي. ڪو گهڻو نقصان تہ نہ ٿيو. پر عدو جي برادري وارا ٿي موچي جي اڳ ۾ وينل هئا تن مان ٻن جون ٽنگون ۽ هڪ جي چيلهہ ڀڳي ۽ ٻقايا مان ڪنهن جو نڪ ۽ ڪنهن جو ڪن ۽ چپ مطلب تہ ٻاڪر ڪٿو مچي ويو.

زخمي ٿيل ماڻهن جي ڳهل گهوڙا، رونشي ڪوڏين جي مار ڌاڙ ۽ موچاٽين جي هل هنبوشيءَ دوران، اسان ٽنهي، عثمان حجم، جو ٽوٽيءَ سان جڪڙيل هو، تنهنجا بند خلاص ڪيا ۽ ڪيس ٽنگوٽالي ڪري ٻاهر ڀڄڻ شروع ڪيوسين. پاڙي جي هڪ ٻن موچين اسان کي روڪڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي تہ جيئن عثمان حجم کي جاءِ واردات تي موجود رهڻ ڏنو وڃي. ليڪن اسان ٻڌو اٽبڌو ڪري وڪ وڌائيندا رهياسون. اوستي عظيم ظاهر ڪيو تہ لانڍي ڪرڻ جي شامت نازل ٿيڻ جو الزام عثمان حجم تي مڙهيو ويندو ۽ اسان کي پڻ همراهيءَ ۾ جوابدار جهليو ويندو، انهي ڪري پيرا ڌاهڻ ئي بهتر طريقو هو.

عثمان حجم جي پنهنجي حالت پڻ خطري کان خالي نہ هئي. سندس هيٺين جاڙي گهڻي قدر شهيد ٿي چڪي هئي. ازانسواءِ مٿين سالم ڏند جي اڌ مان ڀڄڻ باعث سندس وات مان خون باقاعدي جاري ٿي رهيو هو. عثمان حجم ٽي مهينا مسلسل خيراتي اسپتال ۾ رهيو جتي کي قدر سندس شڪستہ جاڙي درست ٿي ۽ بعد ۾ ٻہ مهينا آچر ڪنير جي زير علاج رهيو. پورن ڇهن مهينن جي دوا درمل ۽ ستين ڦڪين جي استعمال ڪانپوءِ ماڻهن جهڙو ماڻهو ٿيو، ليڪن تڏهن بہ هميشہ لاءِ ڪند ڀڳڙن، لائي، سنگر ۽ ڳنڍيرين کائڻ کان محروم رهيو.

نيڪ تيئڻ بعد عثمان حجم اولين ڪم هي ڪيو جو گهر جا تپڙ ٿاڙي وڪٽي، هڪ ايم ايل اي جي سفارش تي، بندوق جو ليسن ورتائين، ۽ بندوق جي خريديءَ بعد عدو موچيءَ جي تاڙ ۾ رهيو. عدوءَ کي ڪنهن ماڻهوءَ وچي ڪڙڪ ڏني تہ عثمان حجم ڪيس مارڻ لاءِ وجهہ ڳولي رهيو آهي جنهن تي عدو پاڙي جا جملي سيد ۽ نياٽيون گڏ ڪري عثمان حجم وٽ ميڙ ڪئي ۽ معافي گهري جان ڇڏايائين. عثمان حجم عدو سان تہ راضي نامون ڪيو باقي سومر نانوائي ۽ اوستي عظيم سان پٽ برادري بلڪل ٽوڙي ڇڏيائين.

(’ڪِڪ پِنَ‘ تان ورتل)

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

(1) علي احمد بروهيءَ جي عثمان حجم بابت مزاحيہ ڪهاڻي اوهان کي ڪيئن لڳي؟ ان بابت پنهنجي راءِ ڏيو.

(2) علي احمد بروهيءَ جي ڏنل ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟ انهن مان اوهان کي ڪهڙو ڪردار وڌيڪ پسند آهي ۽ ڇو؟

(3) ڪهاڻيءَ ۾ حجم جي ڏند ڪيڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وُرتا ويا؟

(4) اوهان ٻيون ڪهڙيون مزاحيہ لکڻيون پڙهيون آهن؟ تن بابت ٻُڌايو.

**(ب) ’نہ رهي بانس، نہ وڄي بانسري‘ هڪ پهاڪو آهي. اوهان کي بہ ٽي پهاڪا ٻُڌايو.**

**(ج) علي احمد بروهيءَ جي ڏنل مزاحيہ ڪهاڻيءَ جون خوبيون ۽ خاميون بيان ڪريو.**

**(د) هيٺ ڏنل مزاح نگارن جون لکڻيون پڙهو ۽ ڪلاس ۾ ٻڌايو.**

(1) شمس الدين بلبل (2) نور عباسي (3) محمد حسين ڪروڙ پتي (4) حليم بروهي

**(هـ) هيٺ ڏنل اصطلاحن جي معنيٰ لکو ۽ پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو.**

- اُپ ڦاڙڻ
- اڌ مئو ٿيڻ
- ليلڙهاٿ ڪرڻ
- ڏنب ڏيڻ
- ڏند ڪيڻ
- اکين جا تارا ڦوٽارجڻ

# شيخ اياز



ولادت: 1923ع

وفات: 1997ع

شيخ اياز جو اصل نالو مبارڪ علي شيخ ولد غلام حُسين شيخ آهي. هُن شڪارپور ۾ 2 مارچ 1923ع تي جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي. بي.اي ۽ ايم.اي، ڊي.جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان ڪيائين. هُو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پڻ رهيو.

ادبي خط تخليقي طور ادب لطيف جي خاص صنف ۾ شمار ٿين ٿا. ادبي خطن ۾ ليکڪن جي بحث جو دائرو دانشوراڻو هوندو آهي. شيخ اياز جديد شاعريءَ ۾ جتي پنهنجي هڪ اثرائتي حيثيت رکي ٿو، اُتي سنڌس نثر به ڪمال جو آهي. نثر ۾ سنڌس ادبي خط هجن، آتم ڪهاڻي هجي، افسانا هجن يا وري تقريرون. نثر ۾ ڪتب آندل سنڌس ٻولي سهڻي ۽ ميناج سان سرشار آهي. شيخ اياز جي خطن جي مجموعي 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' ۾ ڏنل خط 'مهراڻ' رسالي ۾ ڇپيا هئا. هن هيءُ خط محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيو هو. هي خطَ شيخ اياز جي بئي نثر وانگر پنهنجي اندر لکڻيءَ جي لذت ۽ رس چس سمائين ٿا. هنن خطن ۾ هن جون ملاقاتون، مطالعو، ذاتي رايا، دنيا جي ادب، تاريخ، سنڌي ادب، اردو ادب ۽ اديبن جي ڳالهين سميت ڪوڙ سارين ڳالهين دلڪش انداز ۾ بيان ڪيون آهن.

شيخ اياز پنهنجي خطن ۾ رات جي خاموش پهر ۽ پراسرار شامن جا جڏهن نقش چٽي ٿو، تڏهن تشبيهن ۽ استعارن جا ميڙ ۽ جهرمٽ اچي وٽس گڏ ٿين ٿا. سنڌس خطن ۾ جٽ ته ڪنهن ڪهاڻيءَ جو رومانس ۽ ميناج به آهي.

شيخ اياز 28 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪئي. سنڌس قبر ڀٽ شاهه ۾ ڪراڙ ڍنڍ جي ڪپ تي آهي.

# مان شعر ڇو چوندو آهيان؟

## (ادبي خط)

**سکيا جي حاصلات**
✪ اخبارن، رسالن، خبرن، فيچرن، ادارين، رپورٽن، اشتهارن ۽ ايڊيٽرن ڏانهن لکيل خطن ڪي خاصيتن جي حوالي سان سمجهي پڙهي سگهي ۽ انهن جو تجزيو ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به مضمون لکڻ وقت علمي حاصلات ۽ بين نڪتن تي پنهنجي راءِ لکي سگهي. ✪ ڪنهن به ادبي، علمي يا سماجي موضوع تي درست لهجي ۾ اُچار سان گهٽ ۾ گهٽ ذهن منتن تائين لکيل تقرير ڏسي پڙهي سگهي. ✪ ڪنهن به علمي، ادبي ۽ صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ سهڻن مثالن ذريعي هم معنيٰ لفظن، قولن، اصطلاحن، چوڻين، پهاڪن، شعرن ۽ محاورن ڪي استعمال ڪندي پنج سؤ لفظن تي ٻڌل مضمون لکي سگهي. ✪ روزمره زندگيءَ جي مسئلن جي حوالي سان غير رسمي لکپڙهه وغيره ڪري سگهي.

سکر - 1955ع

ادا،

تنهنجو خط پهتو. تو لکيو آهي ته تون منهنجي نه منهنجي شعر جي شخصي زندگي جاڻڻ تو چاهين. تو پڇيو آهي ته مان گوناگون مصروفيتن هوندي شعر ڪهڙي وقت تو لکان، ۽ هر شعر لکڻ وقت منهنجن جذبن ۽ احساسن جي ڪهڙي حالت آهي؟ عشقيه ڪلام لکڻ وقت منهنجي تصور ۾ ڪي خاص شخصيتون هونديون آهن ڇا؟ مان شعر موقعي تي في البديهه چوندو آهيان. يا پوءِ گذشته حالات جي تصور ڪان متاثر ٿي چوندو آهيان؟ ڪهڙن ڪهڙن شاعرن جي ڪلام منهنجي شاعريءَ تي اثر وڌو آهي؟ منهنجي شاعريءَ ۾، هر صنف سخن سان بيوفائي ڇو آهي؟ ۽ آخري سوال- جو سڀ ڪان ڏکيو آهي- ته مان شعر چوندو ڇو آهيان؟

مان پانيان تو ته پوئين سوال جو جواب اول ڏيان ته بهتر ٿيندو. مان شعر ڇو چوندو آهيان ۽ مان زنده ڇو آهيان: انهن ٻنهي سوالن ۾ ڪوئي خاص فرق نه آهي. ٻيئي لازم ۽ ملزوم آهن. مان زنده آهيان تنهنڪري شعر چوندو آهيان ۽ مان شعر چوندو آهيان تنهنڪري زنده آهيان. هر انسان ڪي پنهنجي معاش مهيا ڪرڻ واسطي محنت لازمي آهي: شعر و ادب جي تخليق تي به محنت ڪئي ٿي وڃي، پر شعر ادب کي هن ماحول ۾ ذريعه معاش بنائڻ ذري گهٽ ناممڪن آهي. ان ڪري مون قانون کي ذريعه معاش بنايو آهي. قانون جو مطالعو پنهنجي جاءِ تي دلچسپيءَ ڪان خالي نه آهي، پر منهنجو فطري لڳاءُ

شاعريءَ سان آهي. مان محسوس ڪندو آهيان تہ قدرت مون کي انساني جامي ۾ آندو ئي ان واسطي آهي تہ مان پنهنجا پراوا انساني ڏکڙا ڳايان. ڳوڙهن کي ڳالهڙين ۾ ڦيرايان، ٻوليءَ جي ڦلواڙيءَ مان رنگ برنگي گل چنان، گلدستا ناهيان، گلدان سجايان! گيت ئي منهنجي جيت آهن: انهن کان سواءِ منهنجي زندگي بي معنيٰ آهي- انهن کان سواءِ مان انهيءَ سوال کان ڪڏهين بہ پيڇو نہ ڇڏائي سگهندس تہ مان زنده ڇو آهيان؟

باقي سوالن جو جواب آسان آهي. مون ڪڏهين بہ پنو پينسل کڻي، شعر لکڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. شايد هاڻي ان واسطي فرصت بہ نہ آهي. مان شعر ڪڏهن ڪڏهن چوندو آهيان. بعضي بعضي تہ ٻہ ٻہ ٽي ٽي سال هڪ سٽ بہ نہ چوندو آهيان، ۽ پوءِ جڏهن طبيعت مائل ٿيندي آهي، تہ منهنجي روح ۾ ڪوئي درياءُ اٿلي ايندو آهي ۽ گهمندي ڦرندي منهنجي ذهن ۾ سوين سٽون جڙي ويندون آهن. لفظ ستارن وانگر منهنجيءَ دل جي اکين اڳيان ايندا آهن، ۽ مان اهي ستارا چوندي، ڪهڪشائون ناهيندو آهيان. ان وقت مان بلڪل وائڙو لڳندو آهيان، ڪيئي واقف رستي تي ملندا آهن، پر مان انهن کي بلڪل سڃاڻڻ کان سواءِ سندن پرسان لنگهي ويندو آهيان. گويا جسماني اکيون کليل هونديون آهن، پر ڏسنديون ڪجهہ بہ نہ آهن؛ باقي منهنجون روحاني اکيون پؤنر وانگر ٻوليءَ جي گلزاريءَ ۾ ڦرنديون وتنديون آهن، ۽ مان مکڙيون ۽ ماڪ ميڙيندو وتندو آهيان. منهنجا ادا، ان طرح رستي ويندي مون ڪيئي بيت، گيت، غزل ۽ نظم جوڙيا آهن، جي مهينن جا مهينا منهنجي حافظي جي خزاني ۾ موتين وانگر جرڪندا رهندا آهن، ۽ فرصت وقت انهن کي لکي ڇڏيندو آهيان. جنهن وقت شعر ڏانهن طبيعت مائل هوندي آهي، تہ مان محسوس ڪندو آهيان تہ منهنجي روح ۾ چانڊوڪي وسي رهي آهي؛ مان خاڪ ۽ خون مان ٺهيل انسان نہ آهيان؛ مون ۾ فطري ڪمزوريون ۽ ڪچايون نہ آهن؛ مون کي ذريعہ معاش لاءِ ڪائي محنت ڪرڻي نہ آهي: مان فقط محسوس ڪندو آهيان تہ مان لفظن جو صراف آهيان؛ مان انهن کي صاف ڪري، چلي، گهڙي، ادبي زيور ٺاهي رهيو آهيان. ان وقت منهنجي جندڙي- جنهن کي هوندئن تہ سازگار ماحول بلڪل نستو ۽ اباڻڪو بنائي ڇڏيندو آهي- اٿاهہ خوشيءَ سان موجون مارينديءَ آهي، ۽ مان پاڻ کي نهايت خوش نصيب انسان سمجهندو آهيان. اهو جنون، اهو شاعريءَ ڏانهن لُونءِ لُونءِ جو لاڙو مهينو بہ هلندو آهي، ۽ پوءِ چانڊوڪيءَ ۾ چڙهيل وير وانگر هٽندو ويندو آهي. تہ مان دنيائي ڪاروبار ۾ مشغول ٿي ويندو آهيان- ايتري قدر جو شايد ڪوئي سمجهي سگهندو هجي تہ هيءُ قانوني مهاڄار ۾ قاتل انسان ڪو شاعر بہ آهي! سو ادڙا، منهنجي روح جو پڪيئڙو تمام ٿورو وقت

انهن ازلي آڪيرن ۾ گهاريندو آهي- سندس باقي سارو وقت پڃري ۾ پلندي گذرندو آهي. شايد هينيان ٻه بيت منهنجي انهيءَ قلبي واردات جو اظهار آهن:

”پڃـري ۾ پـاڇـا پـيـا، چـمـڪـي ٿـي چـوڌس،
پـکـيـئـڙا پـروس، قـتـڪـڻ لـڳـا قـنـد ۾.“

”پڃـري ۾ پـيـهـي، آئـي بـوءِ بـسـنـت جـي،
پـکـي پـرڏيـهـي، پـرڙا پـتـوڙڻ لـڳـا.“

عشقيه ڪلام لکڻ وقت، منهنجي ذهن ۾ ڪي خاص شخصيتون هونديون آهن ڇا؟
اهو سوال منهنجي شخصي زندگيءَ سان تعلق ٿو رکي: پر مان، بنان تفصيل ۾ وڃڻ جي تنهنجي حيرت مٽائي ٿو سگهان. اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي ته ’محبت گناهه نه آهي.‘ منهنجي نظر ۾ عبادت جو درجو رکي ٿي. هر انسان جي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا انسان آيا آهن، ۽ عشقيه ڪلام چوڻ وقت منهنجي روح تي به ڪنهن نه ڪنهن پرينءَ جا پاڇا ضرور پوندا آهن. منهنجي ’محبت‘ سان وفا آهي: ’وفا‘ سان محبت نه آهي. ان جو تفصيل شايد تنهنجي حساس طبيعت کي ڪجهه ڀاري لڳي. ان ڪري ان متعلق ڪجهه زياده نه ٿو لکان.
مان موقعي تي شعر بلڪل ورلي چوندو آهيان. منهنجو ان نظريي سان اتفاق آهي ته ”شعر اطمينان ڀريل خاموشيءَ ۾ ياد آيل جذبات جو اظهار آهي.“ پر مان راتين جو رولاڪ آهيان. چانڊوڪين ۾ ڀٽڪندي ڀٽڪندي، ڪڏهن ڪڏهن منهنجو روح ڇڪورن سان چلولايون ڪندو آهي، ۽ ڪجهه شعر رات جي منظرن متعلق جڙي ويندا آهن.
ڪهڙن ڪهڙن شاعرن جي ڪلام منهنجي شاعريءَ تي اثر وڌو آهي، ان جو جواب ڪافي لمبو آهي ۽ ٻئي خط ۾ ڏيندو سانءِ. باقي اهو سوال ته، ”تو ڪنهن به صنف سخن سان وفا ڇو نه ڪئي آهي-“ ٻيءَ طرح ساڳئي قسم جو سوال آهي ته، ”منهنجي فطرت جيئن آهي تيئن ڇو آهي!“ ان جو جواب ته ڪوئي نفسيات جو ماهر ئي ڏئي سگهندو. باقي اهو صحيح آهي ته مان ڪيئي نظم سانده لکندو آهيان، ته انهن مان دل ڪٽي ٿي پوندي آهي، ۽ ڪيترا سال انهن جو پيڇو ڇڏي ڏيندو آهيان، ۽ پوءِ غزل لکندو آهيان، ۽ نيٺ گيتن مان به ڪَڪ ٿي پوندو آهيان، ۽ ڪيتريءَ مدت تائين شاعريءَ کان ئي روح پلجي ويندو آهي. اڄڪلهه بيت لکي رهيو آهيان. ”بيت“ ۾ اسان جي ذات جي يگانگت آهي. ان ۾ اها تخليقي انفراديت آهي جا گيت، غزل ۽ نظم ۾ نه آهي. بيت پنهنجن مختلف نمونن

۾ سنڌي شاعر جي جذبات، خيالات ۽ احساسات جو بهترين آئينہ دار آهي ۽ سندس موجوده شڪل بہ سرزمين سنڌ جي ئي تخليق آهي.

هاڻي راتڙي پني آهي. آسمان ۾ قطب تارو گهوري رهيو آهي: گويا ڪيس تعجب آهي تہ هي سودائي ابن آدم ڇا ڪري رهيو آهي. ساري ڪائنات ڪنهن راڳ سان گونجي رهي آهي، جنهن کي ستارن جو ساهہ سانت ۾ سُڻي رهيو آهي. مان بہ انهيءَ راڳ جي لهرين ۾ لڙهي رهيو آهيان. اوجاڳو اکڙين کي چميون ڏيئي موڪلائي رهيو آهي. ننڍڙي پنهنجي گودڙيءَ ۾ جذبن ۽ احساسن کي ويڙهي ٿي وڃي. ڇڳو خدا حافظ.

- تنهنجو پنهنجو

(’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) شيخ اياز جي ادبي خط ۾ جيڪا منظرنگاري بيان ٿيل آهي، تنهن بابت ٻُڌايو.

(2) شيخ اياز جي ادبي خط ۾ ڪهڙا اهم نُڪتا آهن؟ بيان ڪريو.

(3) شيخ اياز پنهنجي خط ۾ شعر بابت ڇا ٿو چئي؟ وضاحت ڪريو.

(4) ادبي خط ۽ عام خط ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ بيان ڪريو.

(5) ادبي خط مان ڇا مُراد آهي؟ ادبي خط لکڻ وقت ڪهڙين ڳالهين کي آڏو رکڻ گهرجي؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

قُلواڙي - رنگ برنگي - گُلزاري - سازگار - اوجاڳو - گودڙي - چلولائي - نستو - اباڻڪو

### (ج) اوهان پنهنجي دوست ڏانهن خط لکو، جنهن ۾ ڪيس ڪنهن ادبي ميلي جو احوال ڏيو.

### (د) ڪنهن اخبار جي ايڊيٽر ڏانهن لکيل خطن کي پڙهو ۽ انهن بابت تجزيو ڪريو.

### (هه) ’بوليءَ جي واڌاري ۽ سُڌاري ۾ سنڌي اخبارن جو ڪردار‘ جي موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ پنج سَو لفظن تي آڌاريل هڪ مضمون لکو.

# قاضي قادن

ولادت: 868هه مطابق 1463ع

وفات: 958هه مطابق 1551ع

قاضي قادن ولد قاضي ابو سعيد بکري، 868هه مطابق 1463ع ۾ سکر ۾ ڄائو. هو پنهنجي وقت جو عالم ۽ فاضل شخص ٿي گذريو آهي. قاضي قادن جا بيت پهرين شاهه عبدالڪريم جي ڪلام ’بيان العارفين‘ مان مليا، جنهن ۾ سندس ست بيت ڏنل آهن. ان کان پوءِ سندس بيت هندستان ۾ هيري نَکر ڳولي لڌا، جن جو تعداد 112 آهي.
قاضي قادن جو ڪلام سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. قاضي قادن سنڌي شاعريءَ ۾ نوان تجربا ڪري، سڌارا آندا. هُن شاعريءَ ۾ نوان موضوع پڻ آندا. اڄ جنهن رنگ ۾ سنڌي بيت پهتو آهي، ان ۾ قاضي قادن جو وڏو هٿ آهي.
ناميارو عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، قاضي قادن جي ڪلام جي معيار ۽ معنويت بابت لکي ٿو ته ”پرک جو پهريون معيار قاضي قادن جي ٻولي آهي. جيڪا 16 صدي عيسوي ۾ بکر جي علائقي واري سنڌ جي اُتر ۽ سِري واري سنڌي ٻولي هئي. جنهن سان آڳاٽي دور کان سرائيڪي ٻوليءَ جي آميزش ٿي. قاضي قادن سنڌ ۽ هند جو وڏو صوفي عارف ۽ شاعر آهي. جنهن جي عرفاني ۽ اعليٰ اخلاقي شاعريءَ جو اثر سنڌ جي صوفي درويشن توڙي سنڌ کان ٻاهر هندستان جي سَنتن ساڌُن تي پيو. موجوده ڄاڻ موجب قاضي قادن سنڌ جي صوفياڻه فڪر جو اڳواڻ آهي.“
قاضي قادن جي ڪلام تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هيري نَکُر ۽ ٻين عالمن تحقيقي ڪم ڪيو آهي. قاضي قادن 958هه مطابق 1551ع ۾ وفات ڪئي.

# بيت

**سکيا جي حاصلات** ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻُڌائي سگهي. ✪ ڪنهن بہ علمي، ادبي ۽ صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ سھڻن مثالن ذريعي هم معنیٰ لفظن، قولن، اصطلاحن، چوڻين، پهاڪن، شعرن ۽ محاورن ڪي استعمال ڪندي پنج سؤ لفظن تي ٻڌل مضمون لکي سگهي. ✪ اسمن مان صفتون ٺاهي سگهي ۽ صفتن مان اسم ٺاهي سگهي.

پَهرين پاڻُ وِڃاءِ، پاڻُ وِڃائي سو لَهي،
مَنَ اندر مُهُ پاءِ، تو ئي اَندرِ سُپرِين.

پِريان سندي ڳالِهڙي، مَرِ مَنجهين ئي هوءِ،
ٻڌائين ٻِيَن کي، ڪيهوءَ ڪاجُ سَرِيوءِ.

ڪَنز، قُدُوري، ڪافِيا، ڪِ ڪوه نہ پَڙهِئومِ،
سو پارُ ئي ٻِئو ڪو، جِيان پِرِي لَڌومِ.

لوڪان نَحوَ صَرفُ، مَنَ مُطالِعَ سُپرِين،
سو ئي پَڙهِئو سو پَڙهان، سو ئي سو حَرفُ.

جوڳيءَ جاڳايوسِ، سُتو هُئُس ننڊ ۾،
تِهان پوءِ ٿِيوس، سندي پِريان پيچري.

ڪنز، قدوري، ڪافيا ڪي ڪين پڙهيام،
سو ڏيهوئي ٻيو، جائي پرين لڌام.

ڪنز قدوري ڪافيا، پڙهي پروڙيم سڀ،
ڪر مندي ماڪوڙي ڪوهہ ۾ ڪچي پئي اُپ.

پهرين پاڻ پرک، پرين پرکڻ ساکڙا،
در سو ئي رک، جتان ڏکا نہ لهين.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) قاضي قادن پنهنجي بيتن ۾ اندر اجارڻ جي صلاح ڪهڙيءَ ريت ڏني آهي؟
(2) قاضي قادن پنهنجي بيتن ۾ پرينءَ کي پسڻ جي ڳالهه ڪيئن سمجهائي آهي؟ بيان ڪريو.
(3) قاضي قادن پنهنجي بيتن ۾ غفلت جي ننڊ مان جاڳڻ جي ڳالهه ڪيئن بيان ڪئي آهي؟
(4) قاضي قادن پنهنجي ڪلام ۾ ظاهري علم کي اٽپورو ڇو تو سمجهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

### (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) هيٺ ڏنل صنف ڪلاسيڪي/اساسي شاعريءَ جي صنف آهي:

(1) غزل (2) وائي (3) آزاد نظم (4) رباعي

(2) 'جوڳيءَ جاڳايوس، سُتو هئس ننڊ ۾' ڏنل سٽ ۾ لفظ 'جوڳي' مان قاضي قادن جي مراد آهي:

(1) رشتيدار (2) دوست (3) مرشد (4) جوڳي

(3) 'لوڪان نَحوَ صَرفُ، مَنَ مُطالعَ سُپرين' ڏنل سِٽَ ۾ لفظ 'صرف' مان مراد آهي:

(1) لفظن جو عِلم (2) اکرن جو عِلم (3) جملن جو عِلم (4) عبارتن جو عِلم

(4) قاضي قادن جا پهريان ست بيت ڪتاب ۾ مليا آهن:

(1) تحفة السالڪين (2) بيان العارفين (3) قوت العاشقين (4) راحة المؤمنين

### (ج) قاضي قادن جي ڏنل بيتن کي آڏو رکي گهٽ ۾ گهٽ پنج سَو لفظن تي مشتمل هڪ مضمون لکو، جنهن ۾ سندس بيتن کي حوالي طور ڪم آڻيو.

### (د) هيٺ ڏنل اساسي شاعريءَ جي صنفن جي وصف لکو ۽ مثال ڏيئي سمجهايو.

(1) سورٺو (2) دوهو

### (هه) گرامر جي لحاظ کان 'پلائي' 'اسم ذات' آهي، جنهن جي صفت ٿيندي 'پلو/پلي' اهڙي نموني سان اسمن مان صفتون ناهي سگهجن ٿيون.

ساڳئي نموني لفظ 'ڏکھو' صفت آهي، جنهن جو اسم ٿيندو'ڏکھائي' اهڙي نموني سان صفتن مان اسم ناهي سگهجن ٿا.

اوهان ڪن ٻه پنجن اسمن مان صفتون ناهيو ۽ ڪن ٻه پنجن صفتن مان اسم ناهيو.

# شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو



ولادت : 944 ھ، 1538 ع

وفات : 1032ھ، 1623 ع

شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو 1538ع ۾ مٽياريءَ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو سيدالله هو. شاھ ڪريمؒ شاھ عبداللطيفؒ جو ڏاڏو هو.

شاھ ڪريمؒ جي شاعريءَ بابت ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو لکي ٿو ته ”شاھ ڪريم جو ڪلام هيئت، زبان ۽ جذبي جي لحاظ کان نهايت بُلند معيار جو آهي. سندس هي بيت ماڻهن جي پيچيل ڪجهه سوالن جا جڳ جواب آهن. شاعر ايئن پڇڻ وارن کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انداز بيان کي ڏسو ته شاھ ڪريم ’سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو‘ ۽ شاھ عبداللطيف جو مبشر آهي.“

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته ”شاھ ڪريمؒ جي شعر جي هڪ خوبي اها به آهي ته هن پنهنجا افڪار ۽ الاهي اسرار رومانوي ڪهاڻين جهڙوڪ: سسئي پنهون، عمر مارئي وغيره ذريعي بيان ڪيا آهن. سندس تمثيلي انداز اشاراتي آهي يعني هُو ڪهاڻي بيان نہ ٿو ڪري، پر ان جي ڪنهن واقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. شاھ ڪريمؒ ڪانپوءِ انهيءَ انداز بيان کي شاھ عبداللطيفؒ اختيار ڪيو ۽ ان کي وڌيڪ مؤثر بنايو. ان ڪان پوءِ اها سنڌي شاعريءَ جي روايت بڻجي وئي، جنهن جي پيروي سمورا شاعر ڪندا آيا آهن.“ انهيءَ ڪري شاھ ڪريمؒ پهريون اساسي شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ سُورمين جو ذڪر بہ ملي ٿو. انهن ۾ مارئي، مومل، سسئي، سهڻي ۽ ليلا شامل آهن.

شاھ ڪريمؒ جي شاعريءَ جو موضوع نصيحت ۽ اخلاقي نُڪتا آهن. سندس شاعريءَ ۾ فصاحت ۽ بلاغت پڻ آهي. شاھ ڪريم سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ قدرتي نظارن جي منظرنگاري ڪيل آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انساني قدرن کي اجاگر ڪيو آهي.

شاھ عبدالڪريمؒ جي ڪلام تي مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين محققن نمايان تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

شاھ عبدالڪريمؒ 1623ع ۾ وفات ڪئي.

# بيت

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن بہ موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ اعليٰ مثالن سان گڏ منظرنگاري، مڪالمانگاري، ڪردارنگاري، ڪهاڻيءَ يا مضمون وغيره جي صورت ۾ لکي سگهي.
- ڪابہ ڳالهہ، آکاڻي، مڪالمو ۽ نظم ٻڌي ترتيب سان ورجائيندي، ان ۾ پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري سگهي.
- علم بيان ۽ صنايع بدايع جي جُزن جي وصف ٻڌائي سگهي ۽ انهن جا مثال ڳولي سگهي.

1. مُورکَ مُورُ نہ ٻُجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪَن،
ڪَتَرَ جنين اکين ۾، سي ڪيئن پرين پَسَنِ؟

2. پاڻيون جان نہ ڪَجَن، روئي ڏوئي اکڙيون،
جَرُ ڪَجَرُ جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پَسَنِ؟

3. سَجَڻُ ساعت هڪڙي، جي تئي اکيئيون ڏارَ،
تہ ڪَرَ سَبِ جَمار، ڏنوسين نہ ڪڏهين.

4. هِينيون نہ حاضُر جَنِ، پرين نہ اکڙين ۾،
نلها ڊانديا سڪڻا، هئين جاڙ جِيئنِ.

5. مجازي موهي، ڪڏهن ويندءِ نِڪري،
اکڙيون تو هي، مچڻ وهين وِسهي.

6. ڏَکين ذاتِ پئو، هينئڙو لوهَہ سنداڻ جيئن،
سنياري ڪي سجڻين، وِرچي تان نہ وِئو.

7. مُٺ پيڙيائي پلي، جي اُپتي تہ واءُ،
جي پڌر پئي ڳالهڙي تہ چڏي وجي ساءُ.

8. جي جاڳندي مَنَ ۾، سُتي پڻ سيئي،
مَن پريان نيئي، پڳهِيو پاڻ ڳري.

9. پاڻياريءَ سِرِ ٻَهڙو، جَر تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

10. وَرُ سا سُجي ويڙِ، جتي سَڄَڻُ هيڪڙو،
سو ماڳُوئي ڦير، جتي کوڙِ ڪُماڙوئين.

11. ڇاڇَر ڇُڄِيرَن، گُهور نه اچي گهاتُوئين،
اڪِيئون اُنين سنڌِيون، ڪڏا ڪَروُن پُڇنِ.

12. هَنجُهه تِتئين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهه جو،
اي ڪانيرو ڪوءِ، ڇاڇرِ ۾ ڇيرون ڪري.

## سسئي پنهون

جاڳي جاڳي سسئي، جان هيجان هٿ وڌاءِ،
تان سجي سيج پريءَ ري، پنهون پٽر ناه،
نڪرندي ڇئاءِ، گهوڙا گهر نه سپرين.

## عمر مارئي

ڪاڻياريون ڪيءَ ڪن، عمر اڇا ڪپڙا،
جن جا ٿرن ۾، ور ٿا ويڻ سهن.

## سهڻي ميهار

جيڪي گهران م وڃ، جيڪي موٽ م سهڻي،
هيڪڙيائي هٿ ڪر ٻيون پاڃوءِ جنءِ پيج.

## مومل راڻو

ڪاڪ وڻن ساڻ، اوڻيين نه او رڳي،
جي ڳڻ هون گهڻا، راڻا توءِ روئندا وئا.

## ليلا چنيسر

جوري اتي جن، داغُ تو جو داسڙا،
تُن کِي مٿان تن، چنيسر چت ڪٺين.

## مشق

**(الف)** هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ پرينءَ کي پسڻ لاءِ ڪھڙي صلاح تو ڏئي؟
(2) شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنھنجي بيتن ۾ ھنجھ ۽ ڪانيري جي ڀيٽ ڪري ڇا سمجھايو آھي؟
(3) شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي سنڌي شاعريءَ جو 'وھائو تارو' ڇو تو سڏيو وڃي؟ بيان ڪريو.

**(ب)** هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

مُورڪ - ڪَتَر - ساعت - سڪڻا - پڌر - ماڳوئي - اوڙاھ

**(ج)** پاٽياريءَ سِرِ ٻھڙو، جَر تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رھيو آھي روح ۾ .

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ھن بيت ۾ جيڪي تشبيھون ڏنل آھن، انھن جي وضاحت ڪريو.

**(د)** هيٺ ڏنل بيتن جي سمجھاڻي لکو ۽ اھو واضح ڪريو تہ اھي بيت ڪھڙيءَ ريت چوٽين طور ڪم ايندا آھن؟

1. مُٺ پيڙيائي پلي، جي اُپتي تہ واءُ،
جي پڌر پئي ڳالھڙي تہ چڏي وڃي ساءُ.

2. جي جاڳندي مَنَ ۾، سُتي پڻ سيئي،
مَن پريان نيئي، پڳھيو پاڻَ ڳري.

**(ھ)** شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ بلڙيءَ واري پنھنجن بيتن ۾ جن اخلاقي قدرن جو ذڪر ڪيو آھي، انھن کي عملي زندگيءَ ۾ ڪيئن لاڳو ڪري سگھجي ٿو. انھيءَ موضوع تي ھڪ مضمون لکو.

# ميون شاهه عِناتُ رضوي



وِلادت : 1035/1030 ھ

وفات : 1125/1120 ھ

ميين شاهه عنات جي والد جو نالو سيد نصيرالدين هو. ميين شاهه عنات جي ولادت 1035/1030ھ ڌاري ٿي. هُو ٽنڊي الهيار کان چار ميل اُتر طرف ’شاهه پور‘ جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. شاهه عنات شروع کان ئي آزاد طبيعت جو مالڪ هو. راڳ ۽ محفلون سندس محبوب مشغلا هئا. ميون شاهه عنات، سنڌي اساسي شاعريءَ جو پهريون شاعر هو، جنهن سنڌ جي عام قصن کي وڏ ۾ وڏ شاعريءَ ۾ امر ڪيو. سندس ڪلام ۾ فني پختگي ۽ رنگيني آهي. تصوف جي ذڪر سان گڏوگڏ حُسن، عشق، وصال، سنڌ جون معاشي ۽ معاشرتي حالتون، اخلاق، نيم تاريخي داستان ۽ ثقافتي اهڃاڻ سندس شاعري ۾ ملن ٿا. سندس رسالي ۾ 22 سُر آهن.

ميون شاهه عنات هڪ صوفي شاعر هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سندس ڪلام کي ترتيب ڏئي ’ميين شاهه عنات جو ڪلام‘ جي نالي سان ڇپرايو آهي. هُو هڪ هنڌ لکي ٿو ته ”ميين شاهه عنات قالب گهڙيا ته ڀٽائي صاحب اهي سُوڌي سنواري پريا. ميين شاهه عنات ديوارون کنيون ته ڀٽائي عمارتون اڏيون ۽ ميين شاهه عنات صورتون ايجاد ڪيون ته ڀٽائي صاحب اهي روح ڦوڪي جاڳايون، ميون شاهه عنات جڻ ڀٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواڻ ٻڌجي آيو.“

ميون شاهه عنات پنهنجن موضوعن ۽ ٻوليءَ جي ڪري هڪ شاهوڪار شاعر آهي. وٽس شاعريءَ جي ڪنهن به پهلوءَ ۾ وکر جي ڪمي ناهي. ميون شاهه عنات پهريون شاعر آهي، جنهن ’وائي‘ جو آغاز ڪيو. ميين شاهه عنات جي ڪلام تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين تحقيق ڪئي آهي. هن 1125/1120ھ ڌاري وفات ڪئي. سندس مزار ٽنڊي الهيار کان چار ميل اتر طرف ’شيخ موسيٰ آهيداٽي‘ جي مقام ۾ آهي.

# بيت

**سکيا جي حاصلات** ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻُڌائي سگهي. ✪ ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏيئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي. ✪ ڪنهن بہ تخليقي سطح جي تحرير( ڊائري، اطلاع، اکين ڏٺو احوال، مضمون، ڪهاڻي، افسانو، غزل، نظم وغيره) کي مناسب ترتيب /اصلاح کان پوءِ پيش ڪري سگهي.

(1)

اڻ چُوندَنِ ڪيمَ چؤ، چوندن چيو وسارِ
انئي پهر، عِناتُ چئي، پَرِ اِهائي پارِ
پايو مُنهُن مونن ۾، غربت ساڻ گذارِ
مفتي منجهہ وهارِ، تہ قاضي ڪاٽيارو نہ ٿئين.

(2)

رَهين پاسِ پِريَنِ، تہ ڪوه طَبيبَ طَلبئين
اَندَرِ جا، عِناتُ چئي، ڏيکارِ مَ ڏُڌَنِ
هتئون حَبيبَنِ، دِلِ جو درد دفع ٿئي.

(3)

دارُونءَ لئي ڪارُون، آنءُ نہ ڪَندي ويجَ سين
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجَهہ جِي، نهاري نارون
جن جون سِيڻ لَهَنَ سارُون، تن کان ڏُکندو ڏُورِ ٿئي.

(4)

ڪوءِ سي ويجَ طَبيبَ، دارون درد گهوريان
جن جي ڪل لهن قريب، تن کان ڏکندو نہ ٿئي.

## وائي

هوت هاڙهي ڏاري هوندا، وَانءُ وَهلي ساٿ سين.
نکو پنڌ، نہ پيچرو، سُونهان وَجن رُوندا،
وَانءُ وَهلي ساٿ سين.
اَسُونهِين ”عِناتُ“ چئي، پير پهٽين پُوندا،
وَانءُ وَهلي ساٿ سين.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ميين شاهہ عنات جي سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ ڪهڙي سُڃاڻپ آهي؟ وضاحت سان بيان ڪريو.

(2) ميين شاهہ عنات جي ڪلام جا ڪهڙا ڪهڙا موضوع آهن؟

(3) ميين شاهہ عنات جي بيتن ۾ ڪهڙو پيغام سمايل آهي؟ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) ميين شاهہ عنات جي ڪلام ۾ سُرن جو تعداد آهي:

(1) 21 (2) 22 (3) 23 (4) 24

(2) ’دارون لئي ڪارون، آنءُ نہ ڪندي ويڄ سين‘ ڏنل سِٽَ ۾ لفظ ويڄ جي معنيٰ آهي:

(1) اُستاد (2) علاج (3) دوست (4) حڪيم

(3) ڪوءِ سي ويڄَ طبيبَ، دارون درد گهوريان
جن جي ڪل لهن قريب، تن ڪان ڏڪندو نہ ٿئي.

ڏنل بيت ۾ لفظ ’طبيب‘ ۽ ’قريب‘ آهن:

(1) رديف (2) قافيا (3) تشبيهہ (4) استعارو

(4) ميون شاهہ عنات پهريون اساسي شاعر آهي، جنهن اساسي شاعريءَ جي صنف جو آغاز ڪيو:

(1) وائي (2) دوهو (3) سورٺو (4) گيت

### (ج) ’وائي‘ ڇا کي ٿو چئجي؟ وائي جي فن ۽ موضوعن بابت تفصيل سان بيان ڪريو.

### (د) ميين شاهہ عنات جي ڏنل بيتن جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

### (هـ) ميين شاهہ عِناتُ رضويءَ جي ميلي جو اکين ڏٺو احوال لکو ۽ ٻُڌايو.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ



ولادت: 1102 ھ بمطابق 1690ع

وفات: 1165 ھ بمطابق 1752ع

سنڌ جو ناميارو قومي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ 1102ھ مطابق 1690ع ۾ ڄائو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سيد حبيب شاهه جو فرزند ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو تڙ پوٽو هو. سندس وڏا، امير تيمور جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيا هئا ۽ مٽياري ضلعي جي ڀئين پور ڳوٺ ۾ اچي رهيا. سندس والد جي وفات کان پوءِ پاڻ اچي هڪ واريءَ جي ڀٽ تي رهيو، ان ڪري کيس 'ڀٽائي' چوندا آهن.

ننڍي هوندي کان سندس طبع جو لاڙو فقيريءَ ڏانهن هو. جوانيءَ ۾ عشق جي چوٽ لڳس. جنهن رچائي ريٽو ڪيس. پاڻ جوانيءَ ۾ شادي ڪيائين، پر اولاد ڪونه ٿيس. شاهه صاحب سير ۽ سفر جو ڪوڏيو هو. راڳ سندس روح جي راحت هو ۽ تنبورو سندس ايجاد آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي نئون رنگ ۽ ڍنگ، وسعت ۽ جاذبيت ڏني. هُن پنهنجي رسالي ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي سمايو آهي. شاهه صاحب فطرت جو شاعر آهي. هن پنهنجو پيغام ديسي تشبيهن، استعارن، ڪناين ۽ تمثيلن سان سمجهايو آهي. سندس ٻولي نج سنڌي، عام فهم ۽ سادي آهي پر سندس فڪر آفاقي آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ نه صرف سنڌ جي تاريخي ڪردارن، لوڪ داستانن، واقعن ۽ حالتن جي اپٽار ٿيل آهي پر سندس شاعريءَ ۾ اعليٰ انساني قدرن جو پيغام ڏنل آهي. شاهه لطيف جي شخصيت ۽ ڪلام تي ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي محققن تحقيق ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ سندس ڪلام تي سڀ کان پهرين تحقيق ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ ڪري سندس رسالو 1866ع ۾ ڇپايو. ان کانسواءِ ڊاڪٽر ايڇ ٽي سارلي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين پڻ تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

شاهه صاحب 14 صفر سن 1165ھ مطابق 1752ع تي وفات ڪئي. هر سال انهيءَ تاريخ تي سندس ميلو لڳندو آهي.

# بيت

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي. ✪ ڪنهن بہ فن پاري ۾ تجنيس حرفي، تشبيهہ، استعاري، مجاز مرسل ۽ ڪنايي وغيره جي سڃاڻپ ڪري سگهي. ✪ روزمرهہ جي ڪاروهنوار ۾ ڪم ايندڙ لفظن، ترڪيبن، محاورن، پهاڪن ۽ چوڻين وغيره کي بدڻي ۽ علم بيان جي گهرجن کي پڻ سمجهي سگهي. ✪ درسي ڪتابن ڪان سواءِ بين ادبي ۽ علمي ڪتابن پڙهڻ جو شوق رکي سگهي ۽ مطالعي لاءِ لائبريرين مان ڪتاب چونڊڻ جو شوق ۽ ذوق پيدا ڪري سگهي. ✪ انٽرنيٽ، اي ميل ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽس وغيره تي ڏنل مواد سمجهي، پڙهي سگهي.

## سُر يمن ڪلياڻ

1. تُون حبيب، تُون طبيب، تُون درد جي دوا،
جانب منهنجي جِيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحب! ڏيج شفاء، ميان! مريضن کي.

2. تُون حبيب، توُن طبيب، تُون درد جو دارون،
دوا آهِن دل کي، تُنهنجون تنوارون،
ڪريان تي ڪارون، جئن ڀُڪي ڀئنئون نہ تيي.

3. پڇ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ، خبرون،
آٽئو وجهن آڳ ۾، جي پنهنجو جي،
جيئري جَنين جي، لڳا نيزا نِينهن جا.

4. پتنگ چايين پاڻ کي، تہ اَچي آڳ اُجهاءِ،
پچڻ گهٽا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ،
واقف تي وِساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي.

5. پتنگ چايين پاڻ کي، تہ پسي مچ مَ موٽ،
سهائي سپرين جي، گِهڙ تہ تيين گهوٽ،
اجا تون اَروٽُ! ڪوري خبر نہ لهين.

## سُر مارئي

1. ’اَلَستُ بِرَبِّكُم‘، جَڏهِن كَنِ پيوم،
’قَالُوا بَلٰي‘ قَلبَ سِين، تَڏهِن تِتِّ چيوم،
تَنهِين وِيرَ كَيوم، وَچَنُ ويڙيچَن سِين.

2. جَڏهِن ’كُن فَيَكُونُ‘، مَنُ تَڏهانكُون مارُئين،
تُون كِئَن وِجهين تن كي، سُومِرا! شَكُون؟
هَمِيرَنِ هَكُون، جاڙَ جُسي كي پاتِيُون!

3. اِي نـه مارُن رِيت، جئن سيڻ مَٽائن سونَ تي،
اچي امر كوٽ ۾، كنديس كانـه كُريتِ،
پكن جي پريت، ماڙيءَ سين نـه مَتيان.

4. ٿَرَ تَرَ اَندرِ تاكَ، عُمَرَ! ماروئڙَنِ جا،
لاٿائون لَطِيفُ چئي، مَتان لوئيءَ لاكَ،
عُمَرَ! كَرِيو آكَ، پَهرِيو تي پَنَ چَران.

## سُر كنيات

1. چوڏهينءَ چَندَ! تون اُيرين، سهسين كري سينگار،
پَلَكَ پِريان جي نـه پڙين، جي حِيلَنِ كريين هزار،
جهڙو تون سڀ جمار، تهڙو دم دوست جو.

2. سهسين سجِنِ اُيري، چوراسي چندن،
بالله ري پرِيَن، سڀ اُونداهِي پائيان.

3. چندَ! چٽائي تُنهنجي، سياهيءَ ۾ سُور،
لايان لال لڳِنِ كي، چندن پري بُور،
كوماٽو كَپُورُ، مون واجهائيندي پرينءَ كي.

4. چنڊ! چُئين حق، جي وڙهين جي وچرين،
ٻہ اکيون ٽئو نک، تو ۾ ناهہ پرينءَ جِهو.

5. چنڊ! چُئين سچ، جي مَٿِي مُور نہ پائيين،
ڪڏهن اُيرين سنهڙو، ڪڏهين اُيري ڳچ،
مُنهُن ۾ ٻريئي مچ، تو ۾ ناهِ پيشاني پرينءَ جي.

6. ڪٽي نيڻ خمار مان، جا ڪيائين ناز نَظر،
سورج شاخون جَهڪيون، ڪوماٽو قمر،
تارا ڪَتيون تائب ٿئا، ديکيندي دلبر،
جَهڪو ٿئو جوهَرُ، جانب جي جمال سين.

## لِيلا چنيسر

1. ليلا! حِيلا ڇَڏِ، جي تُون سوپِي سِڪِيين،
پائي پاند ڳِچيءَ ۾، پاڻ غرِيبي ڳَڏِ،
هَڏ نہ چُندءِ لَڏ، جي ڪارون آٽيين ڪانڌ کي.

2. جي ڪارون آٽيين ڪانڌ کي، تہ روئي ريجهائيج،
لِيلا! ليلائيج، اَٿئي ماڳ مِنَٿَ جو.

3. جي ليلائي نہ لَهين، تہ پُڻ ليلائيج،
آسر مَ لاهيج، سَجَڻُ ٻاجِهيندڙ گهٽو.

4. سيپيئي سُهاڳِٽيون، سيپني ڳِچيءَ هارَ،
پَسَڻَ ڪارڻ پرينءَ جي، سَهَسين ڪن سِينگارَ،
ڊولُ تَنِين جي ڊارَ، هيتاهيون هَلَن جي.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سُر يمن ڪلياڻ جي ڏنل بيتن ۾ ڪهڙيءَ ريت الله تعاليٰ کان دعا گُهري آهي؟
(2) سُر ڪنڀات ۾ شاهه سائينءَ ڪهڙي نموني سان پنهنجي محبوب جي حُسن جي ڀيٽ چنڊ سان ڪئي آهي؟
(3) شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سُر ليلا چنيسر وارن بيتن ۾ ’عاجزي‘ ۽ ’انڪساري‘ بابت ڇا ٿو چئي؟
(4) شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ پتنگن جو مثال ڏيئي ڪهڙي ڳالهه سمجهائي ٿو؟
(5) سُر مارئيءَ جي بيتن ۾ شاهه صاحب مارئيءَ جي دلي ڪيفيتن کي ڪيئن بيان ڪيو آهي؟

## (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

دارون - سهسين - ڪوماڻو - ڳچ - خمار - جمال - ڇِيلا - ريجهائيج

## (ج) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي رِسالي مان ڪن بہ پنجن سُرن جا نالا ٻُڌايو.

## (د) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ڏنل بيتن ۾ سج ۽ چنڊ جو ذڪر ٿيل آهي، اوهان انهن بيتن مان ٻين شين جا نالا چونڊي لکو.

## (هه) شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي سُر مارئي جي بيتن جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو بيان ڪريو.

## سرگرميون:

(1) اُستاد، شاگردن کي لائبريريءَ مان شاھ جو رسالو ڪڍي ڏئي ۽ ان مان چوٽين ۽ پھاڪن وارا ڏھ بيت ڳولڻ ۾ مدد ڪري ۽ ڪين بيت ٻُڌائڻ لاءِ چئي.

(2) اُستاد ٻارن کي انٽرنيٽ تي موجود 'ڀٽائي پيڊيا' جي ويب سائيٽ کان آگاھ ڪري، جنھن تي شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ بابت معلومات موجود آھي ۽ ڪين ھدايت ڪري تہ ان ويب سائيٽ تان پنھنجي پسند موجب شاھ سائينءَ جا ڪي بہ پنج بيت لکن ۽ انھن جي معنيٰ ۽ تشريح لکي ڪلاس ۾ ٻُڌائين.

(3) اُستاد، ٻارن کي شاھ لطيف جي بيتن ۾ ڏنل تجنيس حرفيءَ وارن لفظن جي سُڃاڻپ ڪرائي، لکرائڻ ۾ مدد ڪري.

# خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو رح



ولادت: 1125 ھ

وفات: 1188 ھ

خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو سنڌ جي ناميارن بزرگن مان هو. هُو عبداللطيف نقشبنديءَ جو فرزند هو. سندس طريقو نقشبندي هو ۽ بدين ضلعي ۾ لنواري شريف سندس ڳوٺ هو. سندس حياتيءَ جو گهڻو احوال 'مرغوب احباب' نالي ڪتاب ۾ بيان ڪيل آهي. سندس ولادت 21 رمضان 1125ھ تي ٿي. پاڻ گهڻو وقت الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ماڻهن کي فيض ڏيڻ ۾ گذاريندو هو. شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح به ساڻس ملاقات ۽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ لنواريءَ آيو هو.

خواجه محمد زمان جا سنڌي بيتَ، سنڌي شاعري جو اَمُلھ خزانو آهن. هُن جي بيتن ۾ تصوف ۽ وطن سان محبت جو ذڪر آهي. سندس بيتَ بصيرت جو اعليٰ مثال آهن. سندس بيتن جو تعداد 84 آهي. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ، سندس بيتن جي شرح عربي زبان ۾ لکي جنهن جو اختصار سان سنڌي ترجمو، نامياري عالم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ڪيو. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو سندس بيتن بابت لکي ٿو ته ”اهي بيت نه آهن، پر معنيٰ جا موتي آهن. هرهڪ ۾ تصوف جا باريڪ نُڪتا سمايل آهن. سندس بيت پڙهڻ سان گهڻو رَسُ ۽ ميناج ايندو ۽ بيشڪ اهڙي بزرگ هستيءَ جي شان وٽان آهن.“

سندس وفات 4 ذوالقعد، سن 1188ھ تي ٿي.

# بيت

**سکيا جي حاصلات**

✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻڌائي سگهي. ✪ ڪنهن به علمي مضمون ۾ استعمال ٿيل لفظ ۽ اصطلاح سمجهي ۽ مضمون جي مواد کي سمجهي سگهي. ✪ ڪنهن به تحرير کي ان جي ادبي خوبين ۽ علم بيان جي حوالي سان سمجهي پڙهي سگهي، ته جيئن عام ۽ ادبي لکڻين ۾ فرق ڪري سگهي. ✪ علم بيان ۽ صنايع بدايع جي جُزن جي وصف ٻڌائي سگهي ۽ انهن جا مثال ڳولي سگهي.

1. سڄڻ ڏٺو جن، تن ڏسڻ غير گناهه،
جنين لڌي راهَه، وِهَڻ تنين وِهُه ٿِئو.

2. لڳو واءُ وِصالَ، جنين ساعت هيڪڙي،
تن سا لڌي لعلَ، جنهن لئه جڳ خلقيو.

3. عارفَ ۽ عُشاقَ، پسڻ گهرن پِرينءَ جو،
جَنت جا مشتاق، اجا اوراهان ٿئا.

4. تانسين تون نه فقير، جانسين سانگ سِسيءَ جو،
ماٺئو تن مليرِ، جن جُسو مال مباح ڪيو.

5. نڪي اوڏو اک کي، نڪي نظران ڏورِ،
وڃان اِئين وهلور، جيئن ڏٺو ئي اَڻ ڏيٺ ۾.

6. ڇڏيان هي جهان، هُو پڻ گهوري گهوريان،
پلڪ پريان ساڻُ، جي مون سري جيڏيون.

7. سِڪَ روحاني ساميين، جِسمي جاهلن،
ٻِگهن مڇي من، پارس پسن ڪين ڪي.

8. پلپل پوءِ پچار، مُلڪ ۾ ميثاق جي،
ڪِڪ پن ڪَن اِقرار، اسين ٻانها، تون ڌڻي.

9. پريان جي پچار ۾، اچي جن آرام،
دنيا تن ڪي دام، پچن موسم موت جي.

10. ماهيت مينهن نہ پوءِ، قُلزم اندر قطري،
مگر وجي سو، جڳ چڏي جالاڙ ۾.

11. صوفين صاف ڪئو، ڏوئي ورق وجود جو،
تڏهن تن تيو، جِيَري پسڻ پريڻ جو.

12. پاڻي لهر پسڻ ۾، برابر تيا،
ڪي اتيئي اَڙيا، ڪي لنگهي مقصد مڙيا.

13. ڪي جِيَري جَنت ۾، ڪي مُئي مس مڙَنِ،
مثل ڪِين ڪَرِنِ، پسئو جلوو پريان جو.

14. چڏيو جن ڀنيور، چپر تن ڪي چاڙڪي،
هم غم لتن هورَ، وجي ڪيچ قراريون.

15. پرت چڏ پرڏيهہ جي، ساٽيهہ ڪر سنيال،
لڪن سندي لال، مچڻ مفت وڃائيين.

16. ستي ان شراب، جن سري سي سون تيا،
سمهڻ تن ثواب، ڪتڻ تن ڪي ڪيميا.

17. اکر پڙهہ عشق جو، ڪنز قدوري چڏ،
چڙهہ تنين جي مڏ، جي ستي ڏين شراب جي.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) تصوف ۾ ’وجود جو ورق ڏوئڻ‘ مان ڇا مُراد آهي؟ بيان ڪريو.

(2) خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو پنهنجي بيتن ۾ وطن سان محبت ڪرڻ لاءِ ڪهڙو پيغام ٿو ڏئي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

(3) خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جي ڪلام جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

## (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جو گهڻو احوال ملي ٿو ڪتاب:

(1) راحة المؤمنين ۾ (2) بيان العارفين ۾ (3) مرغوب احباب ۾ (4) فرائض الاسلام ۾

(2) خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جي بيتن جو تعداد آهي:

(1) 83 (2) 84 (3) 85 (4) 86

(3) خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جو ڪلام ملي ٿو صنف:

(1) رباعيءَ ۾ (2) بيت ۾ (3) غزل ۾ (4) مسدس ۾

(4) ’پرت ڇڏ پرڏيهه جي، ساڻيهه ڪر سنيال،
لکن سندي لال، مڇڻ مفت وڃائيين.‘
ڏنل بيت ۾ شاعر نصيحت ڪري ٿو:

(1) پرڏيهه وڃڻ جي (2) محنت ڪرڻ جي
(3) قرباني ڏيڻ جي (4) وطن جي حفاظت جي

## (ج) بيت جي وصف لکو، جنهن ۾ بيت جي فن ۽ موضوعن بابت وضاحت ڪيل هجي.

## (د) خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جي ڪلام تي ڪهڙن عالمن تحقيقي ڪم ڪيو آهي؟ تفصيل سان لکو.

# سچل سرمستؒ



ولادت: 1152 ھ

وفات: 1242 ھ

سچل سرمستؒ 1152ھ ۾ خيرپور ضلعي جي درازا شهر ۾ ڄائو. سچل سرمستؒ جو اصل نالو ميان عبدالوهاب آهي. کيس 'سچو' يا 'سچيڏنو' سڏجي ٿو. شعر ۾ به پنهنجو اهو ساڳيو نالو قائم رکيو اٿس. سچل سرمست جي پيءُ ميان صلاح الدين فاروقيءَ جي وفات کان پوءِ، سندس چاچي ميان عبدالحق هن جي سنڀال ڪئي ۽ طريقت جي ڏِڳ تي لاتائينس.

سچل، قرآن شريف جو حافظ، فارسي ۽ عربيءَ جو عالم هو. چون ٿا ته شاهه عبداللطيفؒ هڪ ڀيري درازن ۾ آيو. اتي سچل سرمستؒ کي ڏسي ميان عبدالحق کي مخاطب ٿي چيائين، "جيڪو ڪُنو اسان چاڙهيو آهي، تنهن جو ڍڪڻ هيءُ نينگر لاهيندو".

سچل سرمستؒ ڪلاسيڪل شاعرن وانگر سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن کي اهڙو ته سُهڻي ۽ پائيدار رنگن ۾ رڱيو، جو ان کي صدين تائين وساري ۽ ميساري نه ٿو سگهجي. سندس شاعريءَ ۾ ادبي، فني توڙي فڪري خوبيون موجود آهن. سندس ڪلام ۾ اعليٰ درجي جي منظرنگاري به موجود آهي. سچل سرمستؒ جو سنڌي، سرائيڪي، فارسي ۽ اردو ڪلام ملي ٿو. سچل سرمستؒ بيت ۽ ڪافيءَ جو باڪمال شاعر آهي. ڪافيءَ جي صنف ۾ هن وڏي وسعت پيدا ڪئي. سندس شاعريءَ جي وڏي خوبي اِها آهي ته ان ۾ رندي ۽ بيباڪيءَ وارو لهجو سمايل آهي. سچل سرمستؒ جي ڪلام ۾ انساني ياڀيءَ، سهپ، رواداريءَ ۽ امن جو پيغام ڏنل آهي. سندس ڪلام تي ڪيترن ئي عالمن ۽ محققن، تحقيق ڪئي آهي. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس ۾ سندس نالي پنيان 'سچل چيئر' پڻ قائم ٿيل آهي، جيڪا سندس ڪلام، فن ۽ فڪر تي تحقيقي ڪم سرانجام ڏيئي رهي آهي.

سچل سرمستؒ 14 رمضان 1242 ھ تي وفات ڪئي.

# بيت

سکيا جي حاصلات
- ڪنهن به ادبي يا علمي تحرير جو فني ۽ فڪري لحاظ کان تجزيو ڪري پنهنجي راءِ ڏئي سگهي ۽ لاڳاپيل صنف ۾ ان جي اهميت جو تعين ڪري سگهي.
- روزمره جي تجربن ۽ مشاهدن سان عام مضمون، تفصيلي روئداد، آتم ڪهاڻي ۽ اکين ڏٺا احوال تفصيل سان لکي سگهي.
- انٽرنيٽ، اي ميل ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽس وغيره تي ڏنل مواد سمجهي، پڙهي سگهي.

## سسئي

1. اُٿي ويا اوٺار، ڪٽي سات سويلَ جو؛
هاٺي اديون آئيا، ڏورڻ مون ڏونگار؛
بيا پي هوت هزار، منهنجو پيچ پنهونءَ سان.

2. منهنجو پيچ پنهونءَ سان ازل لاکون آهه؛
هاٺي ويهڻ چاهه، پينر هن پنيور ۾؟

3. ڪريان ڪوه پنيور ۾، پنهونءَ پڄاڻان،
سوز چڪايو ساءُ، ويهڻ مون وِهُه تيو.

4. ڪريان ڪوه پنيور ۾، پڄاڻان پرين؛
وارُ نه سي ويهن، جنِين متي مامرو.

5. شالَ نه وسرين تون، لوڪ سيوئي وسري؛
مطلب اِهو مون، جو پاڻئون پري نه ڪرين.

6. وَرَ مَ وساريج، هيءَ تان سنديَوَ آهِه؛
وجي ڪيچ وٽن ۾، هيءَ سدر ساريج؛
تيستر مَ ماريج، جيستر توکي نه مِڙان.

7. پُنهون پُنهون تي كريان، آءٌ پڻ پنهون پاڻ؛
اَديون تِيس اَجاڻ، جو كين پروڙيم پاڻ كي.

8. پيهي پروڙيوم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان؛
پاڻ ئي منجهان پاڻ كي، هيءُ پَڙلاءُ پيوم؛
صحيح كن كيوم، ته غير گمان اُتي ويا.

## سارنگ

1. مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان؛
بجلي بادل سان، آهي جيئن سُپرينم.

2. سارنگ سدا ساٿَ، سرتيون سانڻ آئيون،
قيريو راڳن ناٿَ، وِڄُن ويس وَس كيا.

3. پورب سندي پار جا، ككر كارونيار،
وڄن ۽ وڄڻ سان، چڙهن تا چوڏار؛
اُيي كي آبيندي، لڏئون سنڌڙيءَ سار؛
ساوا تيا سنگهار، مولٰي سنديءَ مهر سان.

4. هك وسڻ، بيو وڄڻ، تيون لهي پيو سيءُ؛
جهوري وڏئين جهوپيون، چن وڏائين چيءُ؛
رنُن جو رٽن ۾، واه وسيلو تيءُ،
حال جنين جو هيءُ، تن پرور رک پناهه ۾!

5. اَول آنڌي آئي، پويان جُهڙ جهَجهو؛
نكو اولو آسرو، نكو اوٿَ اَجهو؛
ڏهيلين ڏجهو، تَن پروَر رک پناهَ ۾!

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) سچل سرمستؒ جي ڪلام جي فني ۽ فڪري خوبين کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

(2) سچل سرمستؒ سارنگ وارن بيتن ۾ ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟ بيان ڪريو.

(3) سچل سرمستؒ پنهنجي بيتن ۾ سنگهارن لاءِ ڪهڙي دعا گهري آهي؟ مثالن سان سمجهايو.

(4) سچل سرمستؒ جي بيتن موجب 'سارنگ'، سنگهارن جي خوشحاليءَ جو سبب آهي؟ وضاحت ڪريو.

(5) سچل سرمستؒ پنهنجن بيتن ۾ سسئيءَ جي سڪ کي ڪهڙيءَ ريت بيان ڪيو آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

### (ب) سچل سرمستؒ جي ڪلام بابت انٽرنيٽ وسيلي معلومات حاصل ڪري لکو ۽ ڪلاس ۾ ٻُڌايو.

### (ج) اوهان ڪنهن صوفي بزرگ جو ميلو گهميو هجي ته ان جو اکين ڏٺو احوال لکي، بيان ڪريو.

# سامي

جنم: 1743ع

لاڏاڻو: 1850ع

سامي؀ جو اصل نالو ڀائي چين راءِ ولد ٻچو مل لُنڊ هو. پنهنجي گروء سوامي مينگهراج ٻانڀڻ جي نالي کي شرف ڏيڻ لاءِ شاعراڻو تخلص ’سامي‘ کم آندو اٿس. ڀائي چين راءِ 1743ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو.

سامي؀ جي شاعري فڪري حوالي سان تمام گهڻي اعليٰ پائي جي آهي. بنيادي طور تي وٽس ويدانت جو موضوع اهم آهي. هُو ويدانتي شاعري؀ جي حوالي سان سنڌ جو وڏو شاعر آهي. ويدانت جي ذريعي تصوف جا نڪتا ڏنا اٿائين. اهڙا نڪتا سنڌ جي مِڙني صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ پڻ موجود آهن. هن جيڪي بيت چيا آهن تن کي ’سامي؀ جا سلوڪ‘ سڏبو آهي. اهي ڏاڍا سولا ۽ سُپڪ رمزن وارا آهن.

سامي؀ جي شاعري؀ ۾ مَن کي مارڻ، دنيا کي ترڪ ڪري خالقِ حقيقي ڏانهن روح مائل ڪرڻ ۽ مايا جي موهه کان پاسو ڪرڻ جا موضوع ملن ٿا. سامي؀ جي شاعري؀ ۾ سنڌي کان علاوه سنسڪرت، هندي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ استعمال ٿيل آهن. سندس انداز بيان ڏاڍو خوبصورت آهي. تجنيس حرفي؀ جو فن وٽس ڏاڍي پختي انداز سان ملي ٿو. سندس ڪلام تي ديوان ڪوڙو مل، ٻي ايچ ناگراڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمن جي تحقيق ٿيل آهي.

سامي 1850ع ۾ 107 سالن جي عمر ۾ دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

# بيت

سکيا جي حاصلات
- ✪ ڪنهن بہ فن پاري جي علم بيان جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي.
- ✪ ڪنهن بہ علمي، ادبي ۽ صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ سهڻن مثالن ذريعي هم معنيٰ لفظن، قولن، اصطلاحن، چوڻين، پهاڪن، شعرن ۽ محاورن کي استعمال ڪندي پنج سؤ لفظن تي ٻڌل مضمون لکي سگهي.
- ✪ اخبارن ۽ رسالن جي ڪنهن بہ متن تي مختصر، پر جامع تبصرو لکي سگهي.

## مايا

مـايـا مُـنـجـهـائـي، مـوڳـو ڪِـيـو مـاڻُن ڪـي،
پـاڻ پـانـهـنـجـو پـاڻ ۾، ويـنـا وڃـائـي،
سـامِـي لَـڌو ڪَـنـهِـن سُـورمـي، سـاڏوءَ جـي سـايـي،
اَنـدرُ اجـلائـي، مَـاڻـي سُـڪُ سَـرُوپ جـو.

سـاري خَـلِـقَ خُـوارُ، رَهـي مـايـا مـوهَ ۾،
اُتـنـدي وِهـنـدي نـنـدَ ۾، ڪَـري ڪِـيـنَ قَـرارُ،
وِرلـو ڪَـو گُـرمُـکُ بـچـيـو، سـامـي ڇَـئـي سَـچـارُ،
ڏِٺـو جَـنـهِـن ديـدارُ، پـانـهِـنـجـي پـانـهِـنـجو اکـيـن.

جَـنِ سُـجـاتـو سَـچُ، مِـلـي سـاڌَ سَـنـگـت سـان،
سَـدا تَـنِ جِـي مَـنَ ۾، ٻَـري مَـحـبَـتَ مَـچُ،
ڪَـڍِي ڪَـلِـپَـتَ ڪَـچُ، سـامِـي چَـڙهـيـا سِـيـرَ تـي.

مَـورکَ هَـيءِ هَـيءِ ڪَـنِ، مـايـا ڪـارڻ مَـنَ ۾،
سَـت جـاڻـي سَـنـسـارَ کـي، نـانـا ڏُک سَـهـنِ،
ڪـالُ پَـنـهـنـجـي ڪَـنـدَ تـي، اَنـڌا ڪِـيـن ڏِسَـنِ،
سـامـي هَـلِـيـا وَڃَـنِ، رُئـنـدا رَتُ اَکَـنِ مـون.

پَنا کوهُ پَڙهين، اَتِي حَرفُ حَقِيقَتَ هِڪڙو
پائي مُنهُنِ مَهِراڻَ ۾، اَندرِ چو نَہ اڙين؟
ڪَلِپَتَ ڪَدِي جيءَ مون، سامي سِيرَ چَڙهين،
لاحَقُ ڪوهُ گهَڙين، اَڻَ هوندا گهاٽَ اَندَرَ ۾؟

مايا مَنجهہ مغرُورَ، مورَکَ رَهَنِ مَتِ ري،
سَت ڄاڻِي سَنسارَ کي، سامي سَهَنِ سُورَ،
ڪالُ نَہ ڏسن ڪندَ تي، تو ڪري نِتُ ڪَلُورَ،
راڻا، راو، مزُور، ماري جنهن مِٽي ڪيا.

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

(1) ساميءَ جي شاعريءَ جو مکيہ موضوع ڪهڙو آهي؟ وضاحت ڪريو.

(2) ساميءَ موجب 'مايا جي موه' جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ مثالن ذريعي وضاحت ڪريو.

(3) ويدانتي شاعريءَ مان ڇا مُراد آهي؟ ساميءَ جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو بيان ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:**

مايا - موکِو - سَرُوپ - سَنسارَ - سِيرَ - ڪَلِپَتَ - ڪَلُور

**(ج) 'مايا جي موه مان نڪرڻ' جي موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ پنج سؤ لفظن تي مشتمل هڪ مضمون لکو، جنهن ۾ اصطلاحن، محاورن، شعرن، چوٽين ۽ پهاڪن جو استعمال ڪري، مضمون کي خوبصورت بڻايو.**

**سرگرمي:** ساميءَ جي ڏنل بيتن جي موضوعن کي آڌر رکي، ڪنهن اخبار، رسالي يا ڪتاب مان مواد هٿ ڪري، ان تي ڪلاس ۾ تبصرو ڪريو.

# خليفو نبي بخش ’قاسم‘ لغاري

ولادت: 1777ع

وفات: 1863ع

خليفو نبي بخش ولد بالاچ خان لغاري 1777ع ۾ ڄائو. سندس جنم ڳوٺ مني، تعلقي ٽنڊي باگي، ضلعي بدين ۾ ٿيو. خليفو نبي بخش ’قاسم‘ لغاري، سنڌيءَ ڪانسواءِ سرائيڪي ٻوليءَ جو پڻ وڏو شاعر هو. شاعريءَ ۾ سندس تخلص ’قاسم‘ آهي. سندس رسالي ۾ ڪرڙيءَ واري جنگ متعلق لکيل ’سُر ڪيڏارو‘ مشهور آهي.

خليفو نبي بخش هڪ بهترين شاعر آهي. سندس رسالو مختلف سُرن تي مشتمل آهي. خليفو نبي بخش پهريون شاعر آهي، جنهن سُر ڪيڏاري ۾ مقامي واقعن کي پيش ڪيو. ڪرڙي واريءَ جنگ سُر ڪيڏاري ۾ بيان ڪرڻ سبب هن کي منفرد حيثيت حاصل آهي. سندس اندازِ بيان دل لڀائيندڙ آهي. هن جي شاعري جدت ۽ فڪري قوت سان مالا مال آهي. سندس تخيل بلڪل واضح ۽ سهڻي عڪاسي ڪندڙ آهي. سندس شاعريءَ تي پي-ايچ-ڊي پڻ ٿيل آهي. سندس ڪلام کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ترتيب ڏئي ڇپايو آهي. هُو هڪ هنڌ لکي ٿو ته: ”شاهه عبداللطيف“ سنڌي شاعريءَ جي آسمان ۾ سج تي اُڀريو، جنهن جي پرتوِي جي آب ۽ تاب ڪان اڪثر پويان شاعر ذرن مثل چمڪيا، مگر خليفي صاحب جو شمار انهن نامور شاعرن ۾ آهي، جي چنڊ تي اُڀريا. بلڪ خليفو صاحب پنهنجي بلند حوصلي ۽ فڪر جي يگانت سببان چوڏهينءَ جو چنڊ تي چمڪيو.“ پاڻ 1863ع ۾ وفات ڪري ويو.

# بيت

سکيا جي حاصلات ✪ شاعريءَ جي هيئت جي لحاظ کان مطلع، مقطع، قافيه، رديف، سادي وزن ۽ بحر جي سڃاڻپ ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به ادب پاري بابت اصولي تنقيدي راءِ ڏئي سگهي ۽ ان جي خوبين ۽ خامين جو اندازو لڳائي، ادبي درجه بندي ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به فن پاري جي علم بيان جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي.

## سُر ڪيڏارو

1. سويُون سرُ گُهرن، سِر رِي سوپ نه سپجي،
سوپ برابر سِسِيون، توريان تان نه تُرن،
جي هنيڙي منجهه هُرن، سي مُل مهانگا سُپرين.

2. هَلو هَلو مانجهيا! ويريين وَڻُون وير،
جيئڻ تورا ڏينهڙا، پوءِ ڳُٽبا پير،
تيندو سَڌُ سوير، صُبح شهيدن کي.

3. سَوَ سِسِيُن ڏيئي، وِڪَ ونجي هيڪڙي،
جنهن نيزي سِر نيئي، مرڪايو ميدان ۾.

4. متي آرڻَ اَڄ، ڪُونڌَ ڪڌندي آئيا،
پڙ ۾ پهلوانن کي، لُڏڻ ڏي نه لَڄ،
پيتو وجن يَڄ، سائو تين سامهان.

5. ڪرڙي ڪائي رت، يَتُ نه وجهي وات ۾،
پڙ ۾ پهلوانن جي، ويني پرکي پت،
جني نيڻ نست، نينهن نه لائي تن سين.

# سُر سارنگ

1. آءُ سو سارنگ سارِيَان، جو بُکين لاهي بُکَ
آبُ پياري اُجڙيين، ڏُکين سَڄي سُکَ
متان دِلين ڏُکَ، وَسُنِ سَپي ميٿِيا.

2. آءُ سو سارنگ سارِيَان، جنهن ايندي لاٿِي اُڃَّ
پَلُرَ جي پالوٿَ سان، سائِي ٿِيڙِي سُڃَّ
رات منجهارا رُڃَّ، پَلُرُ پِيتو روجَهڙِيين.

3. جُهڙ ڦُڙ جهور جَهکور، سج سَرلي ڍَکِيو
قاسم! اُتر پار ڏي، کَکَرَ کارِيءَ کور
اُپِي سارنگ سامُهَان، کَن ٺَهُوکا مور
وٺو آب اتور، ڍِٺ پٽ کهنبا ڍکئا.

4. وَهِي آيو واهُ، پريَنِ پاڻي موکليو
راضي ٿيو اللهُ، عالَم آسُودو ٿيو.

# وائي

موٺُ وَسَندڙي مِينهن، لالڻ لاءِ مَ ڏينهڙا
جُدا سانوڻ ڏينهَڙا، هاڻ نہ گهرجن هيئن
جيئن پَکي ٽِمَنِ پاندڙا، اکڙيون وسنِ ايئن
پِيءُ پِيءُ پَپيهو کَري، مون تن تولاءِ تيئن
قاسم! مُندَ مَلارَ جي، تو ري گهاريان کيئن.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) خليفي نبي بخش جو لکيل ڪيڏارو ڇو مشهور آهي؟ ان جو پسمنظر بيان ڪريو.

(2) خليفي نبي بخش جي شاعريءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

(3) ”سويُون سِرُ گُهرن“ مان ڇا مُراد آهي؟ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) خليفي نبي بخش قاسم لغاريءَ جو تعلق هو ضلعي:

(1) سانگهڙ سان (2) بدين سان (3) ٺٽي سان (4) دادوءَ سان

(2) سُر ڪيڏاري ۾ مقامي واقعن کي پيش ڪندڙ شاعر آهي:

(1) خليفو گل محمد گُل (2) خليفو نبي بخش ’قاسم‘ لغاري
(3) ميون شاهه عنات رضوي (4) سيد ثابت علي شاهه

(3) لفظ ’ڪيڏارو‘ جي معنيٰ آهي:

(1) لشڪر جو سپهه سالار (2) ميدان (3) جنگ جو ميدان (4) جنگ جا هٿيار

(4) ’قاسم! مُندَ مَلارَ جي، توري گهاريان ڪيئن‘ ڏنل سِٽَ ۾ ’مُند مَلار‘ جو ذڪر آهي، ان جي معنيٰ آهي:

(1) بهار جي مُندَ (2) سياري جي مُندَ (3) سانوڻ جي مُندَ (4) سَرءُ جي مُندَ

(5) ’ڪرڙي ڪائي رت، پت نه وجهي وات ۾‘ ڏنل سِٽَ ۾ ڪرڙيءَ جو ذڪر آهي، ان مان شاعر جي مُراد آهي:

(1) ڪرڙيءَ جا ماٺهو (2) ڪرڙيءَ جي جنگ (3) ڪرڙيءَ جو باغ (4) ڪرڙيءَ جو ميلو

(6) خليفي نبي بخش جي بيتن ۾ ڏنل لفظ ’سوير ءِ پير‘ آهن:

(4) رديف (2) هم معنيٰ (3) قافيا (4) ضد

### (ج) خليفي نبي بخش لغاري سارنگ وارن بيتن ۾ جُهڙ ءِ مِينهن جي منظرنگاري ڪهڙيءَ ريت پيش ڪئي آهي؟

### (د) خليفي نبي بخش ’قاسم‘ لغاريءَ جي ڏنل بيتن مان قافيا چونڊي لکو.

### (هه) خليفي نبي بخش ’قاسم‘ لغاريءَ جي ڏنل وائيءَ ۾ تشبيهن جو استعمال ڪهڙي ريت ڪيو آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

# حمل فقير



ولادت: 1225 ھ

وفات: 1296 ھ

حمل فقير ولد رحيم داد لغاري رياست خيرپور ۾ تقريباً 1225ھ ڌاري جنم ورتو. جتان پوءِ هن لڏي اچي تعلقي سڪرنڊ ۾ ڳوٺ محمود خان لغاريءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. هُو ابتدا ۾ اُستاد جي حيثيت سان درس ۽ تدريس جو ڪم سرانجام ڏيندو هو. هُو لنواريءَ وارن بزرگن جو مريد ۽ عقيدتمند هو.

حمل فقير لغاري ڪافي ۽ بيت جو وڏو شاعر هو. سندس ڪلام سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾ آهي. پيار ۽ محبت حمل فقير جي شاعريءَ جا مکيه موضوع آهن. هُو في البديهه شعر چوڻ ۾ وڏي مهارت رکندو هو. حمل هڪ سُريلي سُگهڙ ۽ مقبول عوامي شاعر طور مڃتا ماڻي آهي. سندس شاعري عوام جي جذبات ۽ احساسات جو آئينو آهي. حمل فقير سرائڪي شاعريءَ جو پڻ وڏو شاعر آهي. حمل فقير پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن فصاحت جي ذريعي ڏگها شعر جوڙيا. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ تشبيهن، استعارن، محاورن، صنعت ۽ تجنيس جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي. سندس ٻول ڳوناڱي ماحول منجهان ڪنيل آهن ۽ ماڻهن کي متاثر ڪن ٿا. رواني، ترنم ۽ موسيقيت سان سرشار آهن. سندس سمورو ڪلام، ’ڪليات حمل‘ ۾ سهيڙيل آهي. جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سهيڙيو آهي. سنڌ جي هن ناميارِي شاعر ڇنڇر رات 2 صفر 1296ھ تي وفات ڪئي. ڳوٺ محمود خان لغاري تعلقي سڪرنڊ ۾ هر سال 2 صفر تي حمل فقير جو ميلو ملهايو ويندو آهي.

# بيت

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪنهن به ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو بيان ڪري سگهي. ✪ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان خبرون، تجزيا، ڊراما، فيچر، موسيقي ۽ ٻيا معلوماتي پروگرام ٻڌي، انهن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. ✪ صنعتن ۾ تجنيس جا قسم ڄاڻي سگهي.

## سِڪ

1. سانديم سدائي، سِڪ توهان جي ساهه ۾،
اندر ۾ اُڌما ڏئي، سا ڪل نه ڪنهن ڪائي،
"حمل" چئي هيءَ دل تو، گهورن سان گهائي،
جا لئون اوهان لائي، سا ڪنهن دم وسري ڪينڪي.

2. سڪندي تيڙم سال، تو سڪ نه لاٿي سپرين!
آڻ ئي پهر اندر ۾، آ تنهنجي سڪ سنيال،
اچين هوند 'حمل' چئي، ڪري پَلايون پال،
ته مِلڪ مڏيون سڀ مال، سر سوڏو صدقو ڪيان.

3. سڪ مڙيئي سور، سور به سرجيا سڪ مُون،
صبر سڪ وڃائيو، ماٺ نه اچي مُور،
دانهون درد فراق جون، ڏيهه ٻُجهن تيون ڏُور،
'حمل'! هيءُ ڪلُور، جو ساجن سٽي ڪينڪي!

4. ساجن تنهنجي سڪ جي، آهه اندر ۾ اُڻ تُڻ،
قوڙائي فراق جا، تا چاڪ ڪرن چُڻ چُڻ،
هيڪر حال 'حمل' جو، ساجن تان سُڻ سُڻ،
تنهنجون ڳالهيون ۽ ڳُڻ ڳُڻ، ڪنهن دم وسرن ڪينڪي.

5. ساجن تنهنجي سڪ، ڪيان اندر آڪيرا،
راتيان ڏينهان روح ۾، ڪيا وَهمن واهيرا،
اچين هوند 'حمل' چئي، ڏينهان ڏهه پيرا،
تان جان جگر جيرا، توکي دوست دعا ڪرن.

6. سورن سَوَ هزار، لکڻ ليکو ناهه ڪو،
وَهمن وڌي وڻ ڪيا، ڏکن مُڪا ڏار،
دعا ڪريو تان دوست اچي، 'حمل' چئي هيڪار،
تان ساجن تئون سو وار، صدقو ساهه سِسِي ڪريان.

7. ساجن سدائي، جيئرو هئين جهان ۾،
مون کي تو منهنجا پرين، ڪا لئون ڳجهي لائي،
اندر آڳ عشق جي، تو دلبر دُکائي،
'حمل' چئي هن حال جي، ڪل پوئي ڪائي،
تان جاني جُدائي، هوند موتي مون سان نہ ڪرين.

8. ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهه،
سانڍڻ سڪ سڄڻ جي، مشڪل آهه محال،
اندر ۾ اُڌما ڏئي، ويسند ناهه هڪ وال،
'حمل' هيءُ حوال، ڪنهن پر پهچي پرينءَ کي.

9. ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻِ، آءٌ ڪاٽون ڪڍان ڪن جون،
نہ تہ ڪير ڪاڻ ڪير اَسين، ڪير ڪڍي هوند ڪاڻ،
اسين پاڻ اُتامرا، ڪڍون نہ ڪنهن جي ڪاڻ،
پر 'حمل' سرهي ساجن ڪاڻ، ٿا ڪاٽون ڪڍون ڪن جون.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) حمل فقير پنهنجي بيتن ۾ سِڪ بابت پنهنجي جذبن ۽ احساسن کي ڪيئن بيان ڪيو آهي؟ مثالن سان ٻڌايو.

(2) حمل فقير جي بيتن جا ڪهڙا ڪهڙا موضوع آهن؟ تفصيل سان لکو.

(3) حمل فقير جي شاعريءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ وضاحت ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) 'ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻِ، آءٌ ڪاٹون ڪيان ڪن جون' ڏنل سِٽَ ۾ حمل فقير، تجنيس ڪم آندي آهي:

(1) تجنيسِ تام (2) تجنيسِ ناقص (3) تجنيسِ زائد (4) تجنيسِ لاحِق

(2) 'اندر ۾ اُڌما ڏئي، سا ڪَل نہ ڪنهن ڪائي' ڏنل سِٽَ ۾ لفظ 'ڪَل' استعمال ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) نياپو (2) خبر (3) اُميد (4) محبت

(3) سِڪ مڙيئي سور، سور بہ سرجيا سِڪ مُون،
صبر سِڪ وڃائيو، ماٺ نہ اچي مُور،
دانهون درد فراق جون، ڏيهہ ٻُجهن تيون ڏُور،
'حمل'! هيءُ ڪلُور، جو ساجن سٽي ڪينڪي!

ڏنل بيت جو مناسب عنوان ٿيندو:

(1) صبر (2) سِڪَ (3) ساجن (4) فراق

(4) حمل فقير جو ڪلام سهيڙيل آهي:

(1) ڪليات مسافر ۾ (2) ڪليات حمل ۾ (3) ڪليات سانگي ۾ (4) ڪليات احمد ۾

(5) 'تان ساجن تئون سو وار، صدقو ساهہ سِپي ڪريان' ڏنل بيت ۾ 'صدقو ساهہ سِپي ڪريان' مان مراد آهي:

(1) جان گهورڻ (2) مدد ڪرڻ (3) اتفاق ڪرڻ (4) برداشت ڪرڻ

### (ج) حمل فقير جي بيتن جو جائزو وٺي ٻڌايو تہ پاڻ پنهنجن ڏنل بيتن ۾ ڪهڙيو ڪهڙيون تجنيسون ڪم آنديون آهن؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

### (د) حمل فقير جي بيتن جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

### (هه) ٽيليويزن تان اوهان ڪهڙا پروگرام، خبرون ۽ تجزيا ٻُڌندا آهيو تن بابت ڪلاس ۾ گفتگو ڪريو.

# فقير قادر بخش ’بيدل‘




ولادت: 1231 هه -1815ع

وفات: 1289 هه -1873ع

فقير قادر بخش ولد ميان محمد محسن 1815ع ۾ روهڙيءَ ۾ ڄائو. فقير قادر بخش ’بيدل‘ سنڌ جي مشهور صوفي فقيرن ۽ شاعرن مان هڪ آهي. فقير کي مجازي عشق جي چوٽ آيل هئي، جنهن کيس حقيقي عشق جو مزو وٺايو.

قادر بخش ’بيدل‘ ڪيترين ئي زبانن جو قادرالڪلام شاعر هو. سنڌي، فارسي ۽ سرائڪيءَ ۾ سندس شعر ملي ٿو. فني لحاظ کان سندس شعر پڪو ۽ پختو آهي. بيتَ عنوانن تي ڇپيا اٿس. بيتن ڪانسواءِ ڪافيون، مرثيه، مناقبا، مخمس ۽ سه حرفيون چيون اٿس. ڪافيءَ جي صنف ۾ ته ڪمال ڪيو اٿس. ڪافيءَ ۾ فني گهاڙيٽن ۽ مقصد جي لحاظ کان وٽس انوکا ۽ دلچسپ تجربا ملن ٿا. نه فقط فني لحاظ کان پر فڪري لحاظ کان به بيدل جون ڪافيون اهم آهن، جيڪي روحاني رمزن سان ٽمٽار آهن. رنگيني، دلڪشي ۽ اثرانگيزي سندس ڪافين جون خاص خوبيون آهن. ڪيترن ئي ناميارن عالمن ۽ محققن سندس ڪلام تي تحقيقي ڪم ڪيو آهي. بيدل نظم سان گڏ نثر ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا.

بيدل جو ڪلام سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڏي چاهه سان ڳايو ويندو آهي. ’ديوان بيدل‘ جي نالي سان سندس شاعري شايع ٿيل آهي. پاڻ 1873ع ۾ وفات ڪري ويو.

# بيت

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نُڪتن جو خلاصو بيان ڪري سگهي.
- ريڊيو ۽ ٽي وي ۽ تان خبرون، تجزيا، ڊراما، فيچر، موسيقي ۽ ٻيا معلوماتي پروگرام ٻڌي، انهن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- مختلف صنفن جي طرزبيان کان آگاهہ ٿي سگهي.
- ڪنهن بہ تخليقي سطح جي تحرير( ڊائري، اطلاع، اکين ڏٺو احوال، مضمون، ڪهاڻي، افسانو، غزل، نظم وغيره) کي مناسب ترتيب /اصلاح کان پوءِ پيش ڪري سگهي.

## (سسئي)

هـڪ ڏُڪـي، ٻـيـو ڏوڪِـري، ٽـيـون ٽَـتُـس ڏيـنـهُـن،
مـحـبـت سـنـدو مِـيـنـهُـن، ويـچـاريءَ وَسـائـيـو!

## (نوري)

نـوريءَ نُـور نِـسَـهـرو، مُـول نـہ مُـهـاٽـي،
هـت هُـت آهـي اُنـهـيءَ سـان، جـامُ سَـمـو سَـاٽِـي،
هُـوءَ جـا اَگـهـاٽِـي، تَـنـهـن مُـهـاٽِـيءَ مـانُ لَـڌو.

## (سناسي)

ڪُـن ڪـون اڱـي ڪـاتـهـيـن، هـو سَـنـاسـيءَ جـو سَـيـرُ،
نـڪـو ڪُـرسِـي عَـرشُ هـو، نـڪـو زَبـر زيـر،
نـڪـو پـريـنءَ پـيـرُ، نـڪـا ٻُـوءِ بشـر جـي.

## (مارئي)

مَـلـيـرئُـون مـون ڏي مُـڪـا، سَـرتِـيُـن سَـنـيـهـا،
وسـاري ويـهـي رَهـيـنءَ قـول ڪَـيـيءَ ڪـيـهـا،
پِـريـن، پـري هـا، نـہ تـہ ويـجـهـا وِسـرن ڪِـيـنـڪـي.

# ڪافي

ڪانگُ لنوي مِنِي لاتِ     مُحب مُسافر چاڻُ ڪي ايندا.

1. جيڪس دانهان درد مُنهنجي جُون، پهتيون اتي پريات،
اتم اُميد تہ هِيئن نہ ڇڏيندا.

2. ورندا سيئي ساريان تي سڄڻان، طلب جَنِي جي آهِ تات،
گولي پانهن جي گڏ گڏيندا.

3. ايندا جوءِ ۾ جانب جائي، وائِي جَنِي جي اتم وات،
دوست دلاسو دل کي ڏيندا.

4. دَرد فراق اُنهيءَ جي مُون کي، حالَئُون نِيو هَيهات،
وَتِي وصال جي شال وندبيندا.

5. ’بيدل‘ بلڪل ٿِيءُ نہ ماندو، سَنجهہ صُبح کِي رات،
هوت اچي توسان هِڪُ ٿيندا.

## مشق

**(الف)** هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) فقير قادر بخش ’بيدل‘ پنهنجي شاعريءَ ۾ مارئيءَ جي سِڪ ۽ اُڪير کي ڪيئن بيان ڪيو آهي؟

(2) فقير قادر بخش ’بيدل‘ بيت ۾ سسئيءَ جي ڪهڙي ڪيفيت بيان ڪئي آهي؟

(3) فقير قادر بخش ’بيدل‘ نوريءَ جي بيت ۾ ڪهڙي ڳالهہ ڪئي آهي؟ بيان ڪريو.

(4) فقير قادر بخش ’بيدل‘ ڏنل ڪافيءَ ۾ ڇا جو ذڪر ڪيو آهي؟

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.**

(1) فقير قادر بخش بيدل جو تعلق آهي:

(1) لاڙڪاڻي سان (2) روهڙي سان (3) جيڪب آباد سان (4) خيرپور سان

(2) 'دَرد فراق اُنهيءَ جي مُون کي، حالَتُون نِيو هَيهات' ڏنل سِٽَ ۾ لفظ 'هيهات' استعمال ٿيل آهي، ان جي معنيٰ آهي:

(1) افسوس (2) ڏک (3) انتظار (4) اُميد

(3) شاعريءَ جي ان ڪتاب کي ديوان چئبو آهي، جنهن ۾ هجن:

(1) الف-بي وار مثنوي (2) الف-بي وار مسدس

(3) الف-بي وار غزل (4) الف-بي وار رباعي

(4) فقير قادر بخش بيدل جي شاعريءَ جو ڪتاب آهي:

(1) ديوانِ گُل (2) ديوانِ سانگي (3) ديوانِ 'بيدل' (4) ديوانِ 'بيڪس'

**(ج) فقير قادر بخش 'بيدل' جي ڏنل ڪافيءَ جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ۽ سمجهاڻي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.**

**(د) اوهان سسئي پنهون، مومل راڻو يا عمر مارئيءَ بابت ٽيليويزن يا ريڊيو تي ڪو پروگرام ٻُڌو يا ڏٺو هجي ته ان بابت ٻُڌايو.**

**(هه) ڪافي ڇا کي ٿو چئجي؟ ڪافيءَ جي فن ۽ موضوعن بابت تفصيل سان لکو.**

**سرگرمي:** اوهان ڪو غزل يا نظم لکو، ان جي اصلاح ڪرائڻ يا ترتيب ڏيڻ جي حوالي سان پنهنجي اُستاد کي ڏيکاريو ۽ پوءِ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

# مصري شاهه



ولادت: 1245 هه بمطابق 1828ع

وفات: 1335 هه بمطابق 1906ع

سيد مصري شاهه ولد بُلند شاهه سنڌ جي قديم ۽ تاريخي شهر نصرپور ۾ 1245هه مطابق 1828ع ۾ جنم ورتو. هو اڃا ننڍو ئي هو ته سندس والد گذاري ويو، ان ڪري سندس تعليم ۽ تربيت، وڏي ڀاءُ فتح شاهه جي نظر هيٺ ٿي. مصري شاهه ابتدائي تعيلم آخوند گل محمد ’گُل‘ جي مڪتب ۾ حاصل ڪئي، جتي هُن سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ جا ابتدائي درس ورتا.

مصري شاهه ’ڪافي‘ جو بادشاهه سڏيو وڃي ٿو. رَسُ، رچاءُ ۽ تاثر سندس ڪافين جون خاص خوبيون آهن. ڪيترين ڪافيون ته غزل جي رنگ ۾ لِکيون اٿس. ڪافيءَ کان علاوه غزل به چيا اٿس. هُو موسيقيءَ جو به ڄاڻُو هو، انهيءَ ڪري سندس ڪلام ۾ نغمگي به آهي. هن جون ڪافيون سُرن موجب چيل آهن. سندس ڪلام تصوف جي رنگ ۾ آهي، جنهن ۾ ڪٿي مجازي عشق جي مامَ سمجهايل آهي ته ڪٿي نياز ۽ نِوڙت. ڪٿي وجوڙي جا ورلاپ آهن ته ڪٿي رندي ۽ مستي آهي. سندس سمورو ڪلام فني ۽ فڪري خوبين سان ڀريل آهي. سندس ڪلام ’ڪلياتِ مصري شاهه امام‘ جي نالي سان ڇپيل آهي،

مصري شاهه 1335 هه بمطابق 1906ع ۾ وفات ڪئي.

# ڪافيونُ

سکيا جي حاصلات ✪ ادبي ۽ علمي لکڻيون پڙهي، خود به ان قسم جون لکڻيون لکي سگهي. ✪ ڪنهن به ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نُڪتن جو خلاصو بيان ڪري سگهي. ✪ شعرن ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ مان صنايع ۽ بدايع جي لحاظ سان مثال ڳولي سگهي.

(1)

تو لئي سڪندي ٿيڙم سال ميان، ساريو صحبت تي سخت گذاريان.

1. تنهنجي سانگي سهڻا سائين، هھڙا ڪيا مون حال ميان،
پايو اَلفِي تي عشق اُجاريان.

2. ڪڏهن ڪنيزڪ ڏي قاصد ايندو،ڦيريو وڃهان اِهي فال ميان،
وٺيو واٽون تي نِتُ نهاريان.

3. سهجون سڏيندا سي، سڄڻ سڪنديون، ڪندا صحيح سنيال ميان،
اهي سنيها تي ساهه سيڪاريان.

4. سُڌ حياتيءَ جي سڄڻ ناهي، جيئڻ هوندو نہ جال ميان،
ويهُه ويجهو تہ وِرهه وساريان.

5. ’مصريءَ‘ سان ڪر ڪي مُحب ملڻ جون، واري واڳ وِصال ميان،
توسين ڳُڏجي سَي هي غم ٽاريان.

(2)

گهوري وڃان گهوري، آءُ الله لڳ اوري،
ڏُکيا گُذاريم ڏينهڙا.

1. ڪانئيان هاڻ ڪتن کي، ڳُولُون ڳَڪيا توري،
سيڄُون پانئيان تِي سَپ سِينهڙا.

2. گولِي گس گونگن جا سدا تِي سوري،
نَوان لايو توسين نِينهڙا.

3. دلڙيون درد وندن جون، چريون ڪيئي چوري،
هوت نيئِي تو هينئڙا.

4. مُئي دِل "مصريءَ" جِي، مِلڻ ساڻ موري،
وَس مُنداڻتا مِينهڙا.

## بيت

واحد وسائينس، آهُون عالَم جيون سُٺي،
موڪل تئي مِينهن کي، هڪ تِلَ مَ تَرسائينس،
وسائي واٽن تي اوير اُپائينس،
صاحب ساريءَ "سنڌ" تي بادل برسائينس،
برڪت وجهي بحر ۾ هر جا هلائينس،
هو جي سَرَ سُڪي ويا سي واري وهائينس،
پڪا پکن ساماهان اوري اڏائينس،
هونِ سدائين هتهين رب تون رهائينس،
'مصري' ملائينس ڪنڌ وانگر ڪير ۾.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) مصريءَ شاهه جي ڏنل ڪافين ۾ ڇا جو ذڪر آهي؟
(2) مصري شاهه ڪي 'ڪافي' جو بادشاهه ڇو سڏيو ويندو آهي؟ وضاحت ڪريو.
(3) مصري شاهه جي ڪلام جي فني ۽ فڪري خوبين بابت ٻڌايو.
(4) مصري شاهه جي ڏنل بيت ۾ ڪهڙي دعا گهريل آهي؟ مثالن سان وضاحت ڪريو.
(5) مصري شاهه پنهنجي ڏنل بيت ۾ برسات بابت ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) مصري شاهه جو تعلق آهي:

(1) تاجپور سان (2) نصرپور سان (3) شاهپور سان (4) ميرپور سان

(2) 'ڪافيءَ جو بادشاهه' سڏيو وڃي ٿو:

(1) مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ (2) مصري شاهه
(3) سچل سرمستؒ (4) فقير قادر بخش بيدل

(3) 'تنهنجي سانگي سهٽا سائين، ههڙا ڪيا مون حال ميان' ڏنل سِٽَ ۾ 'سانگي' لفظ استعمال ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) واسطي (2) ڪان سواءِ (3) جنهن ڪري (4) تنهنڪري

### (ج) مصري شاهه جي ڪنهن به هڪ ڪافيءَ جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو لکو.

**سرگرمي:** ادبي رسالن جو مطالعو ڪري ۽ انهن رسالن ۾ موجود ادبي لکڻين موجب پنهنجون تخليقي تحريرون لکو ۽ ادبي رسالن ۾ ڇپجڻ لاءِ موڪليو.

# جلال ڪٽي

جلال ڪٽي دادو ضلعي جي ڳوٺ ’موندر‘ جو رهاڪو هو ۽ ڪن جو خيال آهي تہ جوهي تعلقي جي ڳوٺ ’ڏرگهہ بالا‘ جو رهاڪو هو.

جلال ڪٽيءَ جي ڪلام جو لکيل ذخيرو هن وقت تائين دستياب نہ ٿيو آهي. جيڪي ڪجهہ موجود آهي، سو سڄاڻ سگهڙن جي سيني بہ سيني سانديل روايتن ذريعي مليو آهي. ٿوري مگر نهايت قيمتي منظوم ذخيري جي مطالعي مان هي نتيجو نڪري ٿو تہ جلال پنهنجي دور جو هڪ وڏو لوڪ شاعر، سگهڙ ۽ سالڪ هو. سگهڙپائيءَ ۽ هنرمنديءَ سان هنر، ڏهس نامي ۽ سينگار جهڙين لوڪ صنفن ۾ شاعري ڪيائين. هن سنڌي سينگار شاعريءَ کي بيان توڙي موضوع ۽ معنيٰ جي لحاظ کان وڏي اوج تي پهچايو. سنڌي سينگار شاعري هڪ خاص ’فن‘ آهي. جنهن ۾ محبوب جي حسن ۽ سينگار جي موضوع کي هڪ خاص اسلوب ۾ بيان ڪرڻو پوندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ جلال ڪٽي سنڌي سينگار شاعريءَ جو سرواڻ شاعر آهي. جلال ڪٽي سينگار شاعريءَ جي فن، مخصوص عنوانن ۽ مضمونن، خيالات جي جدت ۽ تشبيهات جي وسعت ۾ نت نوان اضافا ڪيا، جنهن ڪري سنڌي سينگار شاعريءَ کي فني لحاظ کان هڪ مستقل حيثيت حاصل ٿي.

# بيت

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪنهن بہ ادبي يا علمي تحرير جو فني ۽ فڪري لحاظ کان تجزيو ڪري، پنهنجي راءِ ڏئي سگهي ۽ لاڳاپيل صنف ۾ ان جي اهميت جو تعين ڪري سگهي. ✪ ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي. ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻُڌائي سگهي. ✪ جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي، گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽس تان معلومات ٻُڌي سمجهي ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.

## سينگار

دلبر ديهہ بَدر جان، اٽس اطلس جهڙا انگ
پؤنر پيندا پڙ دلبر جا رکن ڊير ڊرڻ جا ڊنگ
مپن چپن لکن وجهن وسهر وترا رنگ
ڪيس ڪبيرائي ڪونڌ ٻڌا، جئن گهٽا پاس چهنگ
ڪيفي نين پسي نرگس جان ڪو يا نين ڪرنگ
ريتا چپ چِيروان، مزگان خوب خدنگ
ڪٿر ڪان قريب جا، جي سينگ اتي هن سنگ
لڪ ڪيسر جي، لوڏ ڪنجل جي، ماريا مور ملنگ
شمس قمر قربان ٽِين جي اپ ۾ هلن امنگ
عاشق مثل پتنگ، سي ڪئن نہ جلن جلال چئي.

*****

بانڪ بَدني، بَرقئون بهتر، در عدن ڏچن دهاني
رخ سرخ سرس سوهي ڪؤن، انف عجيب نجيب نشاني
ڪنجل چالت، چرن چِيهي پڳ، ڪچ ڪويهہ، ڪتونب ڪلاني
ڪئنت قريب ڪپول ڪرنقل، ليٿ لڪي، گل لال لباني
ساگر پوت سمير ڪي تان بين بَنيي وچ بَئينسرباني
ڪهي جلال بحال خصالت روپ رسيا ول رنگ رياني

*****

عرق عنبر تي آل الريا پيني پين پگهر کي
قول قهو گِڻ قئينتي قڙ قڙ، اوڊي تو اخضر کي
پاڻ بہ پر سل سيف دوپارا، کن پيا تيز خنجر کي
هرڻ هبين حيران ٿيا، پسي نرگس نين سحر کي
پٽ چيها اچي پيش پيا، پسي لالي لال احمر کي
حسن حبيب اڳيان سر لکيو، چاهي شان شجر کي
وڃ جان ورکيو ول وينجهر جو، پڙکي باهہ بير کي
او تو ماري مرمر کي، جانؤن جوڙ جلال چئي.

****

چِيهي چرن چمياس، وهيءَ ورن ورائيا
اينتل کئنٽ قريب جا، غمزن هيٺ گڏياس
ارمائي ور کامٽي، تنهن جي ڏچن ڌهلياس
لبيئر لال، کتي چوي، اپرن تي آياس
متِيهر مات کياس، جلوي ساڻ جلال چئي.

****.

منهن مهتاب سجڻ جو نرگس نيڻ سندن
چشمن جا چالا ايئن جئن کنوٽيون ٿيون کنون
آڳ اليهر جن کان ککر تا کنبن
چوڏهن طبق چانداڻ ٿئي جي محب کٽي مرکن،
سي تا توهہ تگن، تنهنجي جلوي سان جلال چئي.

*****

آهرين لهرين عين، قوس قزح کهکار ۾
کنب،پتافر، کورخون، ويا مان چورائي چين
کنتر کوت کپول جا، غنت غزالي غين
مان مندر منهن موج ۾، جوت جمن ۾ جين
سر نايو سپ سين، کن جهار جلال چئي.

*****

منهن مهتاب سجڻ جو، چاهي روپ اگن رنگ روءِ
پگهر پيشاني پرينءَ جي خاص مچائي خوءِ
جلوي ساڻ جانب جي رجني مِٽي روءِ
هڪ جلوو جانب جوءِ، پيو جلوو ناه جلال چئي.

****

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) فني لحاظ کان سينگار شاعريءَ ۾ جلال ڪٽي ڪهڙي نواڻ آندي آهي؟

(2) جلال ڪٽي ڏنل سينگار شاعريءَ ۾ محبوب جي حُسن ۽ سينگار کي ڪهڙيءَ ريت بيان ڪيو آهي؟ پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.

(3) جلال ڪٽيءَ جي سينگار شاعريءَ ۾ ڪهڙيون خوبيون آهن؟ ان جي اهم نڪتن کي بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

اطلس - ريٽا - قمر - سرس - عرق - غمزن - جلوي - مهتاب

### (ج) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) جلال ڪٽيءَ جو تعلق هو ضلعي:

(1) دادوءَ سان (2) حيدرآباد سان (3) بدين سان (4) ٿرپارڪر سان

(2) جلال ڪٽي شاعر آهي:

(1) ڏِٺَ جو (2) گجهارت جو (3) سينگار جو (4) ڳيچ جو

(3) سينگار شاعريءَ ۾ شاعر پنهنجي محبوب جا سينگارَ بيان ڪندا آهن، جن جو ڪُل تعداد هوندو آهي:

(1) ٻه (2) چار (3) اٺ (4) سورهن

(4) ’منهن مهتاب سجڻ جو نرگس نيڻ سندن‘ ڏنل سِٽَ ۾ ’مهتاب، نرگس‘ لفظ صنعتون آهن:

(1) استعارا (2) تشبيهون

(3) تجنيسِ ناقص (4) تجنيسِ تام

**(د)** جلال ڪتيءَ پنهنجي سينگار شاعريءَ ۾ ڪهڙن ڪهڙن سينگارن جو ذڪر ڪيو آهي؟ بيان ڪريو.

**(هہ)** سينگار شاعريءَ مان ڇا مراد آهي؟ سينگار شاعريءَ جي فن بابت تفصيل سان لکو.

**(و)** جلال ڪتيءَ پنهنجي سينگار شاعريءَ ۾ جن تشبيهن ۽ استعارن ڪي ڪم آندو آهي، انهن جي مثالن سان وضاحت ڪريو.

**سرگرمي:** گوگل يا يوٽيوب تان سگهڙن جي ڪچهري ڏسو ۽ ٻڌو. پوءِ اهو ٻڌايو تہ سگهڙن جي ان ڪچهريءَ ۾ لوڪ ادب جي ڪهڙين ڪهڙين صنفن جي شاعري ٻڌائي وئي ۽ ان شاعريءَ بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ ان بابت ڪلاس ۾ ٻڌايو.

**سينگار:** ’سينگار‘ شاعري لوڪ ادب جي صنف آهي. سينگار شاعريءَ جو خاص موضوع مجاز يعني محبوب جي ظاهري حُسن ۽ سينگار جي تعريف آهي. سينگار شاعريءَ کي سگهڙن ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪ صفاتي ٻيو مجازي.

# سيد ثابت علي شاهه

ولادت: 1740 ع

وفات: 1810 ع

سيد ثابت علي شاهه ولد سيد مدار علي شاهه سن 1740 ع ۾ سيوهڻ ۾ پيدا ٿيو. ثابت علي شاهه سنڌي، فارسي، فقه، تفسير ۽ عروض جو علم مقامي استادن کان حاصل ڪيو. شاهه صاحب 1794 ع ۾ ڪربلا معليٰ جي زيارت ڪئي ۽ ڏهن سالن کان پوءِ ايران جي شهر مشهد مقدس جي زيارت ڪئي.

سيد ثابت علي شاهه مرثيي جي صنف ۾ پنهنجي الڳ جاءِ جوڙي، جنهن ڪري کيس سنڌي مرثيي جو مؤجد چيو وڃي ٿو. سندس مرثيا اهلبيت سان سچي محبت جو چٽو ثبوت آهن. سندس مرثين جي اهم خوبي اها آهي ته اهي اعليٰ ڪردار نگاري، حقيقت نگاري ۽ واقع نگاريءَ جو بهترين مثال آهن.

ناميارو عالم ۽ اديب مولانا غلام محمد گرامي، سندس ٻولي ۽ فن بابت لکي ٿو ته: ”ثابت علي شاهه جي فن جو بنيادي جوهر، حُزن ۽ ملال، رِقت ۽ غم آهي. بيان ۽ اسلوب جي لحاظ کان لفظن جي انتخاب، ترڪيبن جي پختگي، خيالن جي برجستگي ۽ واقعي جي منظرڪشيءَ ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. سيد ثابت علي شاهه جي احسانن مان اهو به هڪ احسان آهي ته عربي ۽ فارسيءَ جي هڪ جيد عالم سنڌي ٻولي کي پنهنجي فن ۽ جذبات جي ترجمانيءَ لاءِ منتخب ڪيو. حالانڪ ان دور جي درٻاري ۽ سرڪاري ٻولي فارسي ئي هئي.“

سيد ثابت علي شاهه مرثيي جو بادشاهه شاعر آهي. سندس ڪليات ۾ مسدس، مخمس، قصيده، سلام، مثنويون، مناجاتون، نعتون ۽ منقبتون به ملن ٿيون. سندس ڪلام ”ڪليات سيد ثابت علي شاهه“ جي عنوان سان شايع ٿيل آهي. ثابت علي شاهه جي وفات 1810 ع ۾ ٿي ۽ سندس مزار سيوهڻ شريف ۾ آهي.

# مرثيو

**سکيا جي حاصلات** ✪ ڪنهن بہ فن پاري ۾ تجنيس حرفي، تشبيهہ، استعاري، مجاز مرسل ۽ ڪنايي وغيره جي سڃاڻپ ڪري سگهي. ✪ ڪنهن بہ ادبي يا علمي تحرير جو فني ۽ فڪري لحاظ کان تجزيو ڪري پنهنجي راءِ ڏئي سگهي ۽ لاڳاپيل صنف ۾ ان جي اهميت جو تعين ڪري سگهي.

سواري تي حبيبِ مصطفيٰ جي    سواري تي انيسِ مرتضيٰ جي
سواري تي قتيلِ سِر جدا جي    سواري تي ذبيحِ با رضا جي

سواري تي حسينِ مبتلا جي
سواري تي شهيدِ ڪربلا جي

رسول الله جي نائب جي سواري    ولي الله جي وارث ڪئي تياري
چڙهي آلِ عباس جي فوج ساري    زمين و آسمان اونده تي ڪاري

سواري تي حسينِ مبتلا جي
سواري تي شهيدِ ڪربلا جي

جهندا جهولن تا شامِ ڪربلا جا    علم طوق آيا ابنِ مرتضيٰ جا
وڄا مارو شهادت جي صدا جا    هليا هر طرف هُلڪارا قضا جا

سواري تي حسينِ مبتلا جي
سواري تي شهيدِ ڪربلا جي

جڏهن تيو ڪربلا ۾ شہ جو ديرو    يزيدن ڪيو اچي چؤگرد گهيرو
سڏي ساٿن کي چو سرور سويرو    اي يارو پائرو ڪو پال پيرو

سواري تي حسينِ مبتلا جي
سواري تي شهيدِ ڪربلا جي

اي يارو يائرو اَڄ جنگ آهي　　عزيزو وقتِ نام و ننگ آهي
زمينِ ڪربلا خون رنگ آهي　　علي زادن تي عرصو تنگ آهي

سواري تي حسينِ مبتلا جي
سواري تي شهيدِ ڪربلا جي

اسان جو هي مڪانِ قتل آهي　　اسان تي هت اجل ٿو سينگ ساهي
اسان تي ڪور ڪوفي ايندا ڪاهي　　اسان پڻ ري رضا ڪو چارو ناهي

سواري تي حسينِ مبتلا جي
سواري تي شهيدِ ڪربلا جي

علي اڪبر نبيءَ جو نورِ انور　　علي اڪبر نبيءَ جو ناز پرور
علي اڪبر نبيءَ جو منهن مُنور　　نبيءَ وٽ ويندو هي حيدر جو دلبر

سواري تي حسينِ مبتلا جي
سواري تي شهيدِ ڪربلا جي

هي "ثابت ڪربلائي" تُنهنجو سائل　　شهيدِ ڪربلا جي غم جو گهائل
شهادت جام جو نت محو مائل　　مَ ڪِڄ اُنجو ذرو اُميد زائل

سواري تي حسينِ مبتلا جي
سواري تي شهيدِ ڪربلا جي

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) سيد ثابت علي شاھ جي شاعريءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟

(2) سيد ثابت علي شاھ جي سنڌي مرثيي جي فن بابت مولانا غلام محمد گراميءَ ڪهڙي راءِ ڏني آهي؟

(3) سيد ثابت علي شاھ جو ڪو بيو مرثيو اوهان پڙهيو هجي تہ ٻڌايو.

## (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) سيد ثابت علي شاھ جي پيدائش جو شهر آهي:

(1) حيدرآباد (2) بدين

(3) سيوهڻ (4) ٺٽو

(2) مرثيي جو بادشاھ شاعر سڏيو وڃي ٿو:

(1) سيد ثابت علي شاھ

(2) مرزا قليچ بيگ

(3) خليفو نبي بخش ’قاسم‘ لغاري

(4) مير عبدالحسين سانگي

## (ج) ’تارن ۾ تون چند لڳين ٿو‘.

مٿي ڏنل جملي ۾ ’چند‘ لفظ کي استعاري طور استعمال ڪيو ويو آهي. استعاري جو مطلب آهي ’اُڌارو وٺڻ‘ اوهين اهڙا ڪي بہ پنج مثال ٻڌايو جن ۾ استعاري جو استعمال ٿيل هجي.

# خليفو گُل محمد ’گُل‘

ولادت : 1808ع

وفات : 1855ع

خليفو گل محمد ولد آخوند ولي محمد سن 1808ع ۾ پيدا ٿيو. خليفو گُل محمد سنڌي غزل جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص ’گُل‘ آهي. هُو پراڻن هالن ۾ رهندو هو. خليفو گُل محمد پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن سنڌي الف-ب جي قافين تي ديوان تيار ڪيو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ نج سنڌي لفظ ڪم آندا آهن.

خليفي گل محمد، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪئي. سندس غزل جو انداز سلوڻو ۽ سوادي آهي. هُن اوائلي غزل چوڻ وارن جيان فارسي لهجي کان پاسو ڪري نج سنڌي ٻوليءَ ۾ غزل چيو. ان حوالي سان ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته ”پنهنجي غزل ۾ هُن تشبيهون ۽ تمثيلون به گهڻي قدر سنڌ جي ماحول مان اخذ ڪيون آهن. سندس شعر ۾ حُسن و عشق ۽ فراق و وصال سان گڏ سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، معاشي ۽ معاشرتي حالتن، سنڌ جي نظارن ۽ سنڌ جي اخلاقي قدرن جي عڪاسي به نظر ايندي.“ گل جي شاعريءَ ۾ عشقيه مضمون ڪانسواءِ تصوف جا نڪتا ۽ اخلاقي هدايتون اهڙي ته رنگين نوع سان بيان ٿيل آهن، جو تغزل به برقرار آهي. سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي هنرن، ڌنڌن، وهنوارن ۽ پوک جي طريقن جو به چڱيءَ طرح ذڪر مليل ٿو. پنهنجي غزلن جو ڪتاب ’ديوان گل‘ جي نالي سان ڇپايائين، پوءِ عربستان روانو ٿيو، جتي 1855ع ۾ وفات ڪيائين.

# غزل

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن علمي، ادبي يا سماجي موضوع تي پنهنجي مطالعي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ دليلن سان درست اُچار ۽ بهتر لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن منٽن تائين زباني تقرير ڪري سگهي.
- مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻڌائي سگهي.
- شاعريءَ جي هيئت جي لحاظ کان مطلع، مقطع، قافيہ، رديف، سادي وزن ۽ بحر جي سڃاڻپ ڪري سگهي.

آئي رُت ساونڻ سندي، مينهن وسي ڪيڙا ملهار،
ڊِٺ وسيا برپٽ وسيا، سرها ٿيا سانگي سنگهار.

گاهہ ساوا سبز ٿيا، هرسُو پَريا پاٽين تراهہ،
پهريا پوٺن وني چوطرف پنهنجا ڏٺ ڏرار.

هڪ طرف گاجون ۽ گوڙيون ٻئي طرف ڪنوٽيون ڪنون،
مينهن ٿهہ ٿهہ ڪيو ٿمن، ٻاهيون ٻرن چوڏس هزار.

خوش ٿيون سرهيون سنگهاريون، پٽ قِرن سينگار ڪيو،
لويون لاڪيون لال سر تي، گِچي پويون پايو هار.

ڪيا مندل بَرسات برسي، ’گل‘ ٽڙيا پوٺن مٿي،
زعفران و سنبل و نِرگس ڪليا ۽ ڪٽڻهار.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) خليفي گُل محمد ’گُل‘ ڏنل غزل ۾ ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟ ان بابت ٻُڌايو.
(2) خليفي گُل محمد جي غزل جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو پنهنجن لفظن ۾ لکو.
(3) شاعريءَ ۾ ديوان ڇا کي چئجي ٿو؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

## (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) خليفي گُل محمد گُل جو تعلق هو:

(1) پراڻا هالا (2) نوان هالا (3) مٽياري (4) ڀٽ شاهه

(2) سڀ کان پهرين الف-ب وار قافين تي ديوان لکيو:

(1) مير عبدالحسين سانگيءَ (2) خليفي گل محمد ’گل‘
(3) فقير قادر بخش ’بيدل‘ (4) محمد محسن ’بيڪس‘

(3) غزل جو هر شعر مشتمل هوندو آهي:

(1) ٻِن سِٽن تي (2) ٽِن سِٽن تي (3) چئن سِٽن تي (4) پنجن سِٽن تي

(4) غزل ۾ مطلع چئبو آهي:

(1) پهرئين شعر کي (2) وچين شعر کي (3) آخري شعر کي (4) هرهڪ شعر کي

(5) ’ڏٺ وسيا برپٽ وسيا، سرها ٿيا سانگي سنگهار‘ ڏنل سِٽَ ۾ ’ڏٺ‘ لفظ استعمال ٿيل آهي، جنهن مان شاعر جي مراد آهي:

(1) ڪوهستان (2) ريگستان (3) ساموندي ڪنارا (4) ٻيلا

(6) غزل ۾ مقطع چئبو آهي:

(1) شروعاتي شعر کي (2) آخري شعر کي (3) وچ واري شعر کي (4) هرهڪ شعر کي

## (ج) غزل ڇا کي ٿو چئجي، غزل جي فن ۽ موضوعن بابت تفصيل سان لکو.

## (د) بهار جي مُند تي پنهنجي ڪلاس ۾ تقرير ڪريو.

## (هـ) مطلع ۽ مقطع ڇا کي ٿو چئجي؟ خليفي گل محمد ’گُل‘ جي ڏنل غزل مان مطلع ۽ مقطع وارن شعرن کي چونڊي لکو.

## (و) خليفي گُل محمد ’گُل‘ جي شاعريءَ بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ڏنل راءِ کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.

# مير عبدالحسين خان ’سانگي‘



ولادت: 1851ع

وفات: 1924ع

مير عبدالحسين خان ’سانگي‘، شهداداڻي ٽالپرن مان هو. سندس پيءُ مير عباس علي خان پنهنجي والد مير محمد نصير خان، سنڌ جي آخري ٽالپر حڪمران سان ڪلڪتي جي هزاري باغ ۾ نظربند هو، اتي هڪ انگريز خاتون سان شادي ڪيائين، جنهن مان 1851ع ۾ مير عبدالحسين خان پيدا ٿيو. 1857ع ۾ سندس والد جي وفات ڪان پوءِ، پنهنجي چاچي مير حسن علي خان سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ سندس سنڀال هيٺ رهڻ لڳو. حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪيائين ۽ اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جو عهدو ماڻيائين.

سانگيءَ کي ننڍپڻ کان وٺي شاعريءَ جو شوق هو. سنڌ جا ناميارا شاعر جهڙوڪ: حافظ حامد، مير مرتضيٰ شاهه ’مرتضائي‘، غلام محمد شاهه ’گدا‘، پير صاحبڏنو شاهه بلڙيءَ وارو، سندس محل ۾ گڏجي شاعريءَ جون محفلون ڪندا هئا.

مير عبدالحسين سانگي سنڌي غزل ۾ وڏي جدت آندي. هن کي ’سنڌي غزل جو بادشاهه‘ سڏيو وڃي ٿو. هُن، غزل ۾ ايراني ماحول بجاءِ سنڌ جي ماحول کي پيش ڪيو. سانگيءَ جي ڪلام ۾ سنڌ جي مختلف شهرن، مختلف شين، ڪاروهنوار کي تمثيلي ۽ تشبيهه طور بہ استعمال ڪيو ويو آهي. جيئن پوک ۽ هاري جا تمثيل، ريل گاڏي، ٻارين جي راند، وغيره. اهڙي قسم جون ڪيترين ئي نيون ايجادون ۽ ڳالهيون سندس ڪلام ۾ آهن، جو ڪنهن ٻئي شاعر ۾ ڪانئس اڳ نہ هيون.

سانگيءَ جو سنڌي شاعريءَ ۾ جدت پسند تحريڪ ۾ وڏو حصو آهي. ان سلسلي ۾ شيخ عبدالرزاق ’راز‘ لکي ٿو تہ ”سانگيءَ جي زماني ۾، سنڌي غزل پنهنجي ابتدائي مرحلن ۾ هو. سانگيءَ ان ۾ پنهنجي خداداد قابليت ۽ چابڪ دستيءَ سان هڪ اهڙو رنگ پريو، جو سنڌي غزل نهايت دلڪش نموني ۽ هڪ انوکي مزاج سان اسان جي سامهون پيش ٿيو. سانگيءَ جي غزل ۾ تغزل جي رنگ ڪانسواءِ زندگيءَ جون انيڪ جهلڪيون ڏسڻ ۾ آيون ۽ شاعريءَ سان سنڌي غزل جي پيڙهه جو پهريون پٿر رکيو.“

سانگيءَ جي ڪتابن ۾ ’ڪُليات سانگي‘، ’ديوان سانگي‘ ۽ ’لطائف لطيفي‘ مشهور آهن، جي ڇپجي چڪا آهن. مير عبدالحسين خان سانگي 1924ع ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهه ٽِڪ شاهه ۾ آهي.

# غزل

**سکيا جي حاصلات** ✪ شاعريءَ جي هيئت جي لحاظ کان مطلع، مقطع، قافيہ، رديف، سادي وزن ۽ بحر جي سڃاڻپ ڪري سگهي. ✪ ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو بيان ڪري سگهي. ✪ ڪنهن بہ ادبي يا علمي تحرير جو فني ۽ فڪري لحاظ کان تجزيو ڪري پنهنجي راءِ ڏئي سگهي ۽ لاڳاپيل صنف ۾ ان جي اهميت جو تعين ڪري سگهي.

گذري جي ويا سي زمانا ياد پيا،
وسري جي ويا سي ترانا ياد پيا.

دل تي آيا وامق و فرهاد و قيس،
ڏسندي ئي دانا ديوانا ياد پيا.

فصل جي خواهش ۾ وسري اصل ويو،
سنگ چونديندي نہ ڪانا ياد پيا.

واديءَ مجنون ۾ ڏسندي سنگ و خار،
عقل وارن جا خزانا ياد پيا.

جڏهن چريو تي چوطرف جي ڪيم چڪاس،
تڏهن مون کي دوست دانا ياد پيا.

ڏسندي ئي نو دولتن جون دولتون،
اصل جي خانن جا خانا ياد پيا.

تيو يقين "سانگي" تہ آهي سڀ گُذر،
شان شاهن جا شهانا ياد پيا.

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

(1) مير عبدالحسين سانگيءَ ڏنل غزل ۾ ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي؟
(2) مير عبدالحسين سانگيءَ جي ڏنل غزل جو مرڪزي خيال ڪهڙو آهي؟
(3) 'فصل جي خواهش ۾ وسري اصل ويو' جو ڇا مطلب آهي؟
(4) مير عبدالحسين سانگيءَ کي سنڌي غزلن جو بادشاهه ڇو ٿو چئجي؟

**(ب) رديف ڇا کي ٿو چئجي؟ ڏنل غزل ۾ ڪهڙو رديف ڪم آيل آهي؟**

**(ج) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.**

(1) مير عبدالحسين سانگيءَ جو تعلق سنڌ جي حڪمران دور سان هو:

(1) ارغون (2) مغل (3) ٽالپر (3) انگريز

(2) 'سنڌي غزل جو بادشاهه' شاعر سڏجي ٿو:

(1) خليفو گل محمد گل هالائي (2) حاجي احمد ملاح
(3) مصري شاهه (4) مير عبدالحسين سانگي

(3) 'گذري جي ويا سي زمانا ياد پيا، وسري جي ويا سي ترانا ياد پيا.'
ڏنل شعر ۾ 'ياد پيا' لفظ، شاعريءَ موجب آهن:

(1) قافيا (2) رديف (3) تجنيس (4) استعارا

(4) 'واديءَ مجنون ۾ ڏسندي سنگ و خار' ڏنل سِٽَ ۾ 'سنگ و خار' لفظ استعمال ٿيل آهي، جن مان شاعر جي مراد آهي:

(1) پٿر ۽ ڪنڊا (2) گل ۽ خوشبوءِ (3) ڏک ۽ تڪليف (4) خوشي ۽ سک

**(د) فني لحاظ کان غزل جي صنف ۾ مير عبدالحسين سانگي ڪهڙي نواڻ آندي آهي؟ تفصيل سان بيان ڪريو.**

**سرگرمي:** مير عبدالحسين سانگيءَ جي ڏنل غزل مان پنهنجي پسند جا شعر ٻُڌائي پنهنجي پسند جو سبب ٻُڌايو.

# حافظ محمد ’احسن‘ چنا



ولادت: 1900ع

وفات: 1986ع

حافظ محمد ’احسن‘ چنا، 12 اپريل 1900ع تي، ڳوٺ ملڪاٽي، ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو جمع خان هو. حافظ صاحب عروضي شاعرن مان هڪ اهم شاعر هو. حافظ صاحب عربي ۽ فارسي تعليم سان گڏ قرآن ڪريم جو حفظ به ڪيو هو. ڪتابن جي وسيع مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ منجهس تصنيف ۽ تاليف، شعر گوئي ۽ مقالا نگاريءَ جو ذوق پيدا ٿيو. هُن باقاعده موزون شاعريءَ جو آغاز 1921ع ۾ شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ ۽ جمع خان ’غريب‘ جي اصلاح ۽ تربيت سان ڪيو.

ڪلام جي سادگي، رواني، پختگي ۽ برجستگي سندس فن جو نمايان معيار آهي. سندس ڪلام هر صنف تي لکيل آهي. غزل، قصيدو، رُباعي، قطعات، مسدس، مخمس، مستزاد، مثنوي وغيره ۾ شعر لکيائين. حافظ محمد ’احسن‘ جي شاعريءَ جا مجموعا ’ديوان احسن‘، ’گلزارِ شعر‘، ’احسن الاخلاق‘، ’رباعيات احسن‘، ’گلدستهءِ احسن‘، ’احسن الاشعار‘ ۽ ٻيا آهن. هن 18 جون 1986ع تي وفات ڪئي.

# مسدس

**سکيا جي حاصلات** ✪ ٽيسارس (Thesaurus) هم معني ۽ لاڳاپيل لفظن جي لغت جو استعمال ڄاڻي سگهي. ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻڌائي سگهي.
✪ ڪنهن بہ علمي، ادبي ۽ صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ سهڻن مثالن ذريعي هم معنيٰ لفظن، قولن، اصطلاحن، چوٽين، پهاڪن، شعرن ۽ محاورن کي استعمال ڪندي پنج سؤ لفظن تي ٻڌل مضمون لکي سگهي.

## وطن

1. وطن پنهنجي سان هر انسان جي اُلفت، محبت آهه:
وطن تان جان ڏيڻ قربان صدقي ساري دولت آهه،
وطن جي حبَ تي ايمان جي بيشڪ علامت آهه،
وطن جي پڻ ڪرڻ هر فرد تي لازم تي خدمت آهه،
وطن پنهنجو ٽيو هر ڪنهن کي دلبر ۽ پيارو آهه،
وطن ۾ پنهنجي هر هڪ فرد عزت شان وارو آهه.

2. يقين ڪامل اسان کي آهه، هر دم حق جي رحمت ۾،
بسر اوقات ٿيندا حقَ جي طاعت، عبادت ۾،
اسان جي زندگي ساري گذر ٿيندي مُحبت ۾،
وطن پنهنجو سدا باغِ ارم ٿيندو حقيقت ۾،
نہ نالو رهندو ڪو غم جو، خوشي ۽ سادگي هوندي،
اسان جي رشڪ جي قابل، هي ’احسن‘ زندگي هوندي.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) حافظ محمد ’احسن‘ چنا وطن جي حُب لاءِ ڇا ٿو چوي؟
(2) حافظ محمد ’احسن‘ چنا جي ڏنل مسدس جي خوبين کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.
(3) عروضي شاعري ڇا آهي؟ حافظ محمد ’احسن‘ چنا جي عروضي شاعريءَ بابت تفصيل سان بيان ڪريو.

## (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) حافظ محمد ’احسن‘ چنا جو تعلق آهي ضلعي:

(1) بدين سان (2) حيدرآباد سان (3) دادوءَ سان (4) سانگهڙ سان

(2) ’گلزار شعر‘ شاعريءَ جو مجموعو آهي:

(1) خليفو گل محمد گل (2) حافظ محمد ’احسن‘ چنا
(3) مولوي حاجي احمد ملاح (4) مير عبدالحسين سانگي

(3) حافظ محمد ’احسن‘ چنا جي ڏنل شاعري صنف جي لحاظ کان آهي:

(1) مثنوي (2) مسدس (3) رباعي (4) قصيدو

(4) ’اسان جي رشڪ جي قابل، هي ’احسن‘ زندگي هوندي‘
ڏنل سِٽ ۾ لفظ ’رشڪ‘ استعمال ٿيل آهي، جنهن مان شاعر جي مراد آهي:

(1) ريس (2) ضد (3) عزت (4) محبت

## (ج) مسدس ڇا کي ٿو چئجي؟ مسدس جي فن ۽ موضوعن بابت تفصيل سان لکو.

## (د) ’وطن جي حُب‘ جي عنوان تي پنج سَو لفظن تي مشتمل مضمون لکو جنهن ۾ شعرن، چوڻين، پهاڪن ۽ محاورن وغيره جو استعمال ٿيل هجي.

## (هه) ڏنل نظم ۾ ’الفت ۽ محبت‘ هم معنيٰ لفظ آهن. اوهين ڪي بہ ڏهہ هم معنيٰ لفظ لغت مان ڳولي لکو.

# مولوي حاجي احمد ملاح



ولادت: 1877ع

وفات: 1969ع

مولوي حاجي احمد ملاح پهرين فيبروري 1877ع تي ڳوٺ ڪنڊي ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو نانگيو ملاح هو. مولوي حاجي احمد ملاح سنڌ جي وڏن ۽ اعليٰ پائي جي شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، سندس شاعريءَ جو انداز عوامي آهي جنهن ڪي جهرجهنگ ۾ ڳايو وڃي ٿو. مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ جمالياتي ۽ انقلابي پهلو ملن ٿا. مولوي حاجي احمد ملاح جي وڏي خوبي اها آهي ته ان ۾ باڪمال تجنيس حرفي ۽ تشبيهه جو استعمال آهي. سندس شاعريءَ ۾ بيپناهه رواني، بيساختگي ۽ برجستگي آهي. سندس ڪتابن ۾ 'هيڪڙائي حق' 'گلزار احمد'، 'گلشن احمد'، 'بياض احمد'، 'پيغام احمد'، 'غزليات احمد' شامل آهن. مولوي حاجي احمد ملاح ڪيترائي ڪتاب لکيا پر سندس وڏو ڪارنامو اهو آهي ته هن سڄي قرآن شريف جو 'نورالقرآن' جي عنوان سان سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو. جيڪو سنڌ ڪان سواءِ سعودي عرب ۾ پڻ ڇپيو آهي.

مولوي حاجي احمد ملاح 19 جولاءِ 1969ع تي وفات ڪري ويو. سندس مزار بدين شهر ۾، 'معصومن جي مقام' ۾ آهي.

# غزل

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪنهن به فن پاري ۾ تجنيس حرفي، تشبيهه، استعاري، مجاز مرسل ۽ ڪنايي وغيره جي سڃاڻپ ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به فن پاري جو علم بيان جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. ✪ شاعريءَ جي مطلع، مقطع، قافيه، رديف، سادي وزن ۽ بحر جي سڃاڻپ ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي.

سَلامي سُونهن تُنهنجي جا، سَجڻَ، سِج، چَنڊ، سَڀ تارا،
بَدَن هَٿ حُسن ۾ حُورُون، ۽ پيرن پَر پريَن پارا.

قُطب، ڪَتيون قَدم تي ڪُل، موتي، لَعل، موتيو مُل،
گهَتيون گُلزار، گهر گهر گُل، اَچن پَيغام هَر پارا.

اکيون اکيَن سَمهُون اَڙيون، نِگاهُون جان ۾ جَڙيون،
سُونهَن تا تِر، تِروڪڙيون، ڪُهن تا تير جيئن تارا.

ڪُنس نازُڪ ڪَمر ڪهڙي؟ ڪَمر نازُڪ قَمر جهڙي،
اَتم لازِم اَمر اِهڙي، بِيَن جا بار دِل بارا.

مِني حَرفات حَلوَن ڪان، بَلاءِ جان بَلوَن ڪان،
جَلي تِي جان جَلوَن ڪان، نه باهِر ڀاڪ، مَنجهه ٻارا.

نه بيهي دِل بيهاريان جت، هَنجُون هَر روز هاريان هِت،
نِهوڙيَس نِينهن نِهاريان نِت، وَهن تا نيڻ جا نارا.

ڪيَم هِڪدم قَدم بوسِي، ڪَري دِلبر نه دِل ڪوسِي،
نه سِڪ ۾ سيڪ يا ڪو سِيءُ، نه ساريان پُور ۾ پارا.

مليَم همراهه هَڏ ڏوڪي، مَحبت مَن موهن موڪي،
اَندر ۾ پِرت مُون پوڪي، نه ٻيون ٻَنيون، نه ٻج ٻارا.

سَجڻ سِڪ پاڻ سيکارِي، ڏنائين ڏُور ڏيکارِي،
ڏِسيو ڪَر تو ڪِجي ڪارِي، ڏِنم تيڏي ڪَنان تارا.

سَجڻَ، تُنهنجو سُجاڻا سَڏ، اَچي ’احمد‘ کي اوڏو اَڏ،
گهڙيون کي پاڻ گهاريون گڏ، اُهي ڏِينهن ياد ڪج يارا.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعريءَ جون ڪهڙيون خاص خوبيون آهن؟
(2) مولوي حاجي احمد ملاح جو شمار سنڌي شاعريءَ جي ڪهڙن شاعرن ۾ ٿئي ٿو؟
(3) ”وهن تا نيڻ جا نارا“ جو مطلب ڇا آهي؟
(4) مولوي حاجي احمد ملاح جو ڏنل غزل شاعريءَ جي ڪهڙي بحر ۽ وزن تي لکيل آهي؟ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لغت مان ڳولي لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪَتيون - گُلزار - اَڙيون - نِهوڙيَس - سيک - گهاريون

### (ج) مولوي حاجي احمد ملاح جي ڏنل غزل جو مرڪزي خيال ٻُڌايو.

### (د) مولوي حاجي احمد ملاح جي ڏنل شاعريءَ ۾ تجنيسِ حرفي وارن لفظن جي نشاندهي ڪري لکو.

### (هه) مولوي حاجي احمد ملاح جي ڏنل غزل ۾ جيڪي تشبيهون ۽ استعارا ڪم آندل آهن، تن کي ڳولي لکو.

### اُستاد لاءِ هدايت

- اُستاد، ٻارن کي هن غزل ۾ موجود شاعراڻيون خوبيون ٻُڌائي.
- اُستاد، ٻارن کي ڏنل غزل جي وزن ۽ بحر بابت سمجهائي ۽ ان جي سُجاڻپ ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪري.

# مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ



ولادت: 1919ع

وفات: 1993ع

مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ جو نالو مخدوم غلام محمد آهي. پاڻ حضرت نوح ؒ جي سلسلي جا 16هان سجاده نشين هئا. مخدوم صاحب سياسي، تعليمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. پاڻ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر رهيا، طالب المولىٰ هاسٽل هالا ۽ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو سندس تعليمي خدمتن جو ثبوت آهن. پاڻ 'جمعيت الشعراء' سنڌ جا صدر، 'بزمِ طالب المولىٰ' جا سرپرست، لطيف يادگار ڪاميٽيءَ جا ميمبر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر ۽ چيئرمين رهيا. ڪين سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ سنگيت سان بيحد چاهه هو. پاڻ اعلىٰ پايي جا شاعر هئا. طالب المولىٰ جي شاعري خوبصورت جذبن جي عڪاس آهي. جن ۾ انساني امنگون ۽ سوچون سمايل آهن.

طالب المولىٰ جي شاعري مترنم، سُريلي، اثرائتي ۽ دلڪش آهي. هُن ڪلاسيڪي صنفن ۾ دوها، بيتَ، وايون ۽ ڪافيون لکيون آهن. سندن ڪلام ۾ زبان جي سلاست ۽ روانيءَ سان گڏ بيان جي رنگيني ۽ شيريني پڻ جهجهي آهي. سندن ڪلام ۾ ڪافين جو رنگ نرالو آهي. هُن تمام سُنيون ڪافيون لکيون آهن، جيڪي مشهور آهن ۽ ڳايون به ويون آهن. مخدوم محمد زمان شاعريءَ جا ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ 'بهارِ طالب'، 'رباعيات طالب'، 'بي پير اکيون'، 'چپر ۾ چڙيون'، 'ديوان طالب المولىٰ' ۽ 'سدا وسين سنڌڙي' اهم آهن. جڏهن ته سندن نثر جي بين ڪتابن ۾ 'مصريءَ جون تڙون' (ملفوظات)، 'منهنجو نندپڻ' (يادگيريون)، 'يادِ رفتگان'، 'ڪافي' (تحقيق)، 'لغات سنڌي مخففات' وغيره آهن. پاڻ 11 جنوري 1993ع تي وفات ڪيائون.

# ڪافي

**سکيا جي حاصلات** ✪ آفيس جي حڪم نامن، درخواستن، پيغا من، يادگيرين، نڪاح نامن جي فارمن، زمين جي دستاويزن، سجاٽپ ڪارڊ جي فارمن، مخففن وغيره ڪي سمجهي، پڙهي سگهي. ✪ تقرير جي فني اصولن کي سامهون رکي خوداعتمادي، بهتر انداز، تاثرات ۽ رواني ۽ سان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. ✪ جديد ٽيڪنالاجي ۽ ذريعي ، گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽس تان معلومات ڀڏي سمجهي ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي . ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻڌائي سگهي.

تو دلڙي يار ڏتاري، پو يَرَ ڪانہ ڪيئي پوئواري!
تنهنجا ڪيس پيارل ڪارا، آهن پيچ انهن جا پيارا،
ڪن وَنگ وجهڻ لئہ وارا، پائن گِٿَ گِچيءَ ۾ گِارا،
ڪسن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا،
تين وير ٻہ ات ويچارا، تا شاهہ پرن شوڪارا،
منهنجي نرمل آه نيزاري! الا....

تنهنجي پاڪ پرين پيشاني، آهي نرمل نور نِشاني،
سجَ چندَ کي لڳي حيراني، ناهي تنهنجي ثريا ثاني،
تيا تنهنجا مٺ نہ ثاني، ڪر اچڻ سندي احساني،
وٺ محب منا مهماني، اچ اگڻ مٿي دل جاني،
تنهنجي محبت دلڙي ماري! الا....

تنهنجي قرب ڪرايون ڪِيهون، شب روز رئان ڪري ريهون،
ڏنيون پرت پيارل پيهون، ويون ورهن گذري ويهون،
تي دلڙي چيهون چيهون، پيون لال لگّن ۾ ليهون،
تنهنجي فڪر سُڪايون قيهون، اچ برهہ ۾ گڏجي بيهون،
ڪئي گوندر آ گلزاري! الا....

محبوب ڦتا ڪر ماٽا، هيءَ رمز سڪئين ڪيئن راٽا،
تنهنجي گُهور گهمايا گهاٽا، نتا مورهئون وٽن وهاٽا،
تنهنجي صدمن ڪيا سنڌَ ساٽا، اڇي پرت پڄائڄ پاٽا،
وڄهان ٽپڻا روز ۾ ٽاٽا، تنهنجي سور آهن سيباٽا،
تنهنجي تات طلب ۾ تاري! الا....

اڇ واعدا پرت جا پاڙيون، هڪبئي سان سور سلهاڙيون،
دل، دل ڏي لالڻ لاڙيون، تا سور وڄن سنڌَ ساڙيون،
ٽيو چيتو آهي چيهاڙيون، دل درد وڄن ڏونداڙيون،
اڇ ورهَه وسايون واڙيون، تنهنجي در جون مٺ نه ماڙيون،
ڪر سهڻا يار سناري! الا....

تنهنجو ’طالب مولا‘ آهي، ٻئي ساڻ يلا ٻيو چاهي،
رس تنهن ڪي قرب مان ڪاهي، ٻيا لڳ لاڳاپا لاهي،
ڇڏ وير وِرهَه جي واهي، ڪير سينو توسان ساهي،
اها طاقت ڪنهن ڪي ناهي، اڇ مون وٽ گاهي ماهي،
لاءِ برهه جي يار بهاري! الا....

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ وائيءَ ۾ ڪافيءَ ۾ ڪهڙي جدت آندي آهي؟ بيان ڪريو.
(2) مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ جي ڪلام جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟
(3) مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ جي ڏنل ڪافيءَ جو مرڪزي خيال ڪهڙو آهي؟

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.**

(1) ’چيڙ ۽ چڙيون‘ تصنيف آهي:

(1) مصري شاهه جي (2) ڪشنچند بيوس جي

(3) مخدوم طالب الموليٰ جي (4) مولوي حاجي احمد ملاح جي

(2) مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي ڏنل ڪافي ’تو دلڙي يا ڏتاري‘ مشهور فنڪاره ڳائي آهي:

(1) عابده پروين (2) رونا ليليٰ (3) زرينہ بلوچ (4) دينا ليليٰ

(3) ’ڇڏ وير وِرهَہ جي واهي، ڪير سينو توسان ساهي‘ ڏنل سِٽ ۾ ’سينو ساهڻ‘ لفظ استعمال ٿيل آهن، گرامر موجب اهي لفظ سڏبا آهن:

(1) پهاڪو (2) اصطلاح (3) چوڻي (4) ڳجهارت

(4) ’وڃهان ٽيٽا روز ۽ ٽاٽا، تنهنجي سور آهن سيباٽا‘ ڏنل سِٽ ۾ ’ٽاٽا‘ لفظ استعمال ٿيل آهي. عام طور تي لفظ ’ٽاٽا‘ سان اصطلاح استعمال ٿيندو آهي ’ٽاٽا ماٽا ڪرڻ‘ جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) چستي ڪرڻ (2) سستي ڪرڻ (3) ورزش ڪرڻ (4) ڪارناما ڏيکارڻ

**(ج) يوٽيوب وسيلي مخدوم محمد زمان جي ڳايل ڪابہ هڪ ڪافي ڳوليو ۽ ٻُڌو. ان ڪانپوءِ ان ڪافيءَ بابت ڪلاس ۾ گفتگو ڪريو.**

**(د) پنهنجي اسڪول يا ڪاليج ۾ لڳل نوٽيس بورڊ تي انتظاميہ پاران ڏنل حڪمنامن/پيغامن کي پڙهي ٻُڌايو.**

**(هـ) ’اندر تون اُجار‘ جي موضوع تي ڪلاس ۾ تقرير پيش ڪريو.**

**(و) مخدوم طالب الموليٰ جي ڏنل ڪافيءَ جي فن، موضوع ۽ ٻوليءَ جي استعمال کي تفصيل سان بيان ڪريو.**

# ڪشنچند ’بيوس‘



**جنم:** 1885ع

**لاڏاڻو:** 1947ع

ڪشنچند تيرٿ داس ڪتريءَ 1885ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. سندس وڏا اصل ملتان جا هئا. سندس پڙڏاڏو اٽڪل 18 صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري لاڙڪاڻي ۾ اچي رهيو. ڪشنچند بيوس فائنل پاس ڪري پرائمري ماستر ٿيو. ٽي سال ٽريننگ ڪاليج جا پاس ڪري، هيڊ ماستريءَ تائين پهتو. 1940ع ۾ پينشن ورتائين، ان ڪان پوءِ طب جو ڌنڌو شروع ڪيائين.

ڪشنچند بيوس جديد سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو. هن فارسي ماحول ۽ تشبيهن جي بدران، سنڌي ماحول ۽ سنڌي لهجي کي اختيار ڪيو. هُن گُل ۽ بلبل، حُسن ۽ عشق، هجر ۽ وصال جي پراڻن خيالن کان پرهيز ڪري، هڪ نئين راهه تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي. هُن نج سنڌي لفظن، ترڪيبن ۽ تشبيهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري، عوامي شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ ناهي. سندس نظمن ۾ رواني ۽ موسيقيت آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ لاءِ درد آهي. سندس هم عصر دور ۾ عبدالڪريم گدائي، حيدربخش جتوئي ۽ محمد صديق مسافر اهم آهن.

سنڌ جي نامياري شاعر شيخ اياز، ڪشنچند بيوس لاءِ لکيو آهي ته: ”جي اسان جي ادبي ارتقا ۾ بيوس جو وجود نه هجي ها ته شايد منهنجي شاعريءَ جو رنگ روپ ساڳيو نه هجي ها.“

ڪشنچند بيوس جا ڪيترائي نظم ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ ڏنل آهن. بيوس جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ’شيرين شعر‘ آهي. سندس ٻين ڪتابن ۾ ’موجيءَ جا گيت‘، ’ڦولداني‘ ۽ ’ساموندي سپون‘ اهم آهن. پاڻ 23 سيپٽمبر 1947ع تي پرلوڪ پڌاري ويو.

# نظم

سکيا جي حاصلات ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻڌائي سگهي. ✪ ڪنهن به فن پاري جي علم بيان جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. ✪ مرڪب جملن جو درست استعمال ڪري سگهي.

## ندي

آڪاس ۾ ڪڪر تي ڪنهن دم هو قِرڻ منهنجو،
سرديءَ کان برف تي ٿيو چوٽين تي ڪِرڻ منهنجو،
گرميءَ جي جوش کان ٿيو وادين ۾ سرڻ منهنجو،
گهاٽن جي گهير ۾ ٿيو غلبي کان گهرڻ منهنجو،
ٽڪري ٽَڪر سان سِرُ خوب مون گسايو
آخر اچي پَٽن تي مون پاڻ کي پُڄايو.

ساهي پٽي ڪٽي يي مون موج ڪِين ماڻي،
هر دم اتل پتل ۾ پوندو رهي تو پاڻي،
وهندي وتان سدائين بيهڪ کي موت ڄاڻي،
آسا رهي اندر ۾ تي سمند ۾ وڃڻ جي،
پنهنجي پراڻي گهر ۾ ساهي وڃي ڪٽڻ جي.

ڪيتن ۾ جي خوشيءَ سان ڪنهن وير پير پايان،
پندار برڪتن سان سرسبز سي ٻٽايان،
گلزار ۾ گلن جا کي رنگ تي رچايان،
ڌرتيءَ جي فرش تي تي تَهہَ مَخملي وڇايان،
منهنجي قڙي قڙي ۾ جلوو ۽ جان آهي،
هر جيوَ جي رڳن ۾ منهنجو نشان آهي.

ڪڙڪات ڪي ڪُنن جا چولين جا چوهه مون ۾،
آهن مَڇَن ڪَڇَن جا ڪيڏا انبوهه مون ۾،
درياءَ جا درندا واڳون ۽ ڳوهه مون ۾
پڏندا وتن ڪچي جا ڪوهن جا ڪوهه مون ۾
وارِي بہ آهي ’بيوس‘ ڪنهن جاءِ سونَ واري،
تاريان تي سير تي مان پيڙي اجان سچاري.

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

(1) ڪشنچند ’بيوس‘ سنڌي شاعريءَ کي ڪهڙو نئون موڙ ڏنو؟ بيان ڪريو.
(2) ڪشنچند ’بيوس‘ پنهنجي نظم ’ندي‘ ۾ منظرنگاري ڪيئن پيش ڪئي آهي؟ مثال ڏيئي بيان ڪريو.
(3) ڪشنچند ’بيوس‘ جي شاعريءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.**

(1) جديد شاعري کي نئون موڙ ڏنو:
(1) ڪشنچند عزيز (2) ڪشنچند بيوس (3) تنوير عباسيءَ (4) استاد بخاريءَ

(2) ڪشنچند بيوس جو تعلق آهي:
(1) لاڙڪاڻي سان (2) سکر سان (3) حيدرآباد سان (4) ڪراچيءَ سان

(3) ’شيرين شعر‘ شاعريءَ جو مجموعو آهي:
(1) نياز همايوني (2) ڪشنچند بيوس (3) شيخ اياز (4) استاد بخاري

(4) ’گرميءَ جي جوش کان تيو وادين ۾ سُرڻ منهنجو‘ ڏنل سٽ ۾ لفظ ’سُرڻ‘ استعمال ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’وڌڻ‘ پر لفظ ’سَرَڻ‘ جي معنيٰ آهي:
(1) دارالامان (2) دارالآخرت (3) دارالاقامہ (4) دارالحڪومت

**(ج) نظم چاڪي تو چئجي؟ نظم جي فن ۽ موضوع بابت تفصيل سان بيان ڪريو.**

**(د) اهڙو جملو جيڪو بن آزاد مفرد جملن تي مبني هجي ۽ حرف جملي: ’۽- يا- پر- پڻ- تہ- بہ- تہ بہ- جيڪر- جيڪڏهن- بشرطيڪ- چاڪاڻ تہ- تنهن هوندي- جيئن- تيئن- تڏهن- توڻي/ توڙي- جيتوڻيڪ‘ وغيره جي مدد سان ڳنڍيل سگهجي، تہ ان کي مرڪب جملو چئبو آهي.**

جيئن: 1. آءٌ سنڌيءَ اُستاد آهيان ۽ ديدار چترڪار آهي (فعل: آهيان ۽ آهي).
2. تون ڳوٺ هليو وڃ يا هتي پڙهائي جاري رک. (فعل: وڃُ ۽ رَکُ).
اوهان ڪي بہ پنج مرڪب جملا لکو.

# شيخ اياز



ولادت: 1923 ع

وفات: 1997 ع

شيخ اياز جو اصل نالو مبارڪ علي شيخ ولد غلام حُسين شيخ آهي. هُن شڪارپور ۾ 2 مارچ 1923 ع تي جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي. بي- اي ۽ ايم- اي ، ڊي- جي سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڪراچي مان ڪيائين. هُو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پڻ رهيو.

ورهاڱي ڪان پوءِ شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر تي اُڀريو. شيخ اياز سنڌي شاعريءَ کي جديد رُخ ڏنو. هُن سنڌي شاعريءَ کي موضوعن جي نواڻ، خيالن جي انفراديت، لفظن جو ترنم ۽ موسيقي بخشي. هُن شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ پنهنجي خيالن کي اوتيو. شاعريءَ جي موضوعن جي ٻه گهڻ رُخي چوندي ڪيائين. شيخ اياز خاص طور تي وائي ۽ بيت کي ٻيهر جيئاريو. هُن پنهنجي غزلن، نظمن، آزاد نظمن، دوهن، لولين، واين، قطعن، بيتن، لوڪ گيتن، هائڪو ۽ نثري نظمن وغيره ۾ پنهنجي خيالن کي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي. سندس شاعري عوامي آهي، جيڪا ڳائي ٻه وئي آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ ’وڄون وسڻ آئيون‘، ’پونر پري آڪاس‘، ’ڪُلهي پاتم ڪينرو‘، ’لڙيو سج لڪن ۾‘، ’مِينهن ڪڻيون‘، ’پکي ساڳئي پار جا‘ ۽ ٻيا شامل آهن. هن شاهه جي رسالي جو اردو منظوم ترجمو ڪيو آهي.

شيخ اياز شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ ٻه ڪيترائي ڪتاب لکيا. ’پنهل کان پوءِ‘ ۽ ’سفيد وحشي‘ سندس ڪهاڻين جا مجموعا آهن. شيخ اياز منظوم ڊراما پڻ لکيا، جن ۾ ’دودي سومري جو موت‘ ۽ ’ڀڳت سنگهه کي ڦاسي‘ شامل آهن. محمد ابراهيم جويي، غلام محمد گراميءَ ۽ رسول بخش پليجي، شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي تحقيقي مقالا لکيا آهن. سندس نالي پٺيان شڪارپور ۾ ’شيخ اياز يونيورسٽي‘ قائم ٿيل آهي، ان ڪانسواءِ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ’شيخ اياز چيئر‘ قائم ٿيل آهي. سندس شخصيت، فن ۽ فڪر تي ڪيترن ئي عالمن تحقيق پڻ ڪئي آهي. هن 28 ڊسمبر 1997 ع تي وفات ڪئي. سندس قبر ڀٽ شاهه ۾ ڪراڙ ڍنڍ جي ڪپ تي آهي.

# نظم

**سکيا جي حاصلات**

✪ تنقيدي گفتگو ٻڌي، ان تي پنهنجي راءِ ۾ اضافو ڪري سگهي. ✪ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان خبرون، تجزيا، ڊراما، فيچر، موسيقي ۽ ٻيا معلوماتي پروگرام ٻڌي، انهن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. ✪ درسي ڪتابن کان سواءِ ٻين ادبي ۽ علمي ڪتابن پڙهڻ جو شوق رکي سگهي ۽ مطالعي لاءِ لائبريرين مان ڪتابَ چونڊڻ جو شوق ۽ ذوق پيدا ڪري سگهي. ✪ علمي، ادبي، مجازي ۽ اصطلاحي حوالي سان پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪندي گفتگو ڪري سگهي.

## سو ديس مسافر منهنجو ڙي

جت لُڪ لڳي، جت اَڪ ٽپن،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي!

جت سڄ ڦلا تي نڪري تو،
۽ آگ اُلا تي نڪري تو،
جِت ڏينهن ڪڙهائيءَ جيئن ڪڙهن،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي!

جِت ڪاري اُس ڪنواٽن تي،
۽ ويڙهيچن جي واٽن تي،
ٽا واريءَ جا وسڪار ٽين،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي!

جِت ماڪڙ ماڪڙ ٻوٽن تي،
۽ گرم هَوا جي جهوٽن تي،
ٽا جهانگيئڙا جونجهار جين،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي!

جِت اندَ اُڪَسَ ۾ گهارن ٿا،
ءِ ٽڙڪي ٽاٽو ٽارن ٿا،
جت مينهن ڦڙي جي لاءِ مَرن،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي!

جت ڪيئي صدين سالن کان،
پَولارن ڪان پاتالن کان،
ٿا ڌرت اچن، ڌهڪاوَ پون،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي!

ڪو ساوڻ نيٺ ته وسڻو آ،
ءِ گاهه گسن تي گسڻو آ،
جت نيٺ ڪڏهن ولهار وسَن،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي!

آ آس اِها هڪوار وَسن،
ءِ جر ٿر ويروتار وسن،
ءِ بادل برسي بس نه ڪن،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي!

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙا نوان لاڙا ۽ نوان موضوع آندا؟ بيان ڪريو.

(2) شيخ اياز پنهنجي نظم ۾ ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟

(3) جديد سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ جي ڪيتري اهميت آهي؟ تفصيل سان بيان ڪريو.

(ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) ’مبارڪ علي‘ اصل نالو آهي:

(1) نياز همايونيءَ جو (2) سرويچ سجاوليءَ جو (3) شيخ اياز جو (4) استاد بخاريءَ جو

(2) شيخ اياز جنم ورتو:

(1) شڪارپور ۾ (2) جيڪب آباد ۾ (3) سکر ۾ (4) لاڙڪاڻو ۾

(3) ’وِڄون وسڻ آئيون‘ شاعريءَ جو ڪتاب آهي:

(1) اُستاد بخاريءَ جو (2) نياز همايونيءَ جو (3) شمشيرالحيدريءَ جو (4) شيخ اياز جو

(4) ’جِت انڌ اُڪَسَ ۾ گهارن تا‘ ڏنل سِٽ ۾ لفظ ’اُڪس‘ استعمال ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) تَڙ (2) گُهٽ (3) بهار (4) مِينهن

(ج) شيخ اياز جي ڏنل نظم جو تنقيدي جائزو پيش ڪريو.

(د) شيخ اياز جي ڏنل نظم جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو پنهنجن لفظن ۾ لکو.

(هہ) ريڊيو، ٽي وي يا يوٽيوب تي اوهان شيخ اياز جو ڪوبہ گيت يا نظم ٻڌو هجي تہ اهو ڪلاس ۾ سُر سان ٻُڌايو.

(و) جديد سنڌي شاعريءَ جي ڪن بہ ٻن شاعرن جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي تفصيل سان لکو.

سرگرمي: شيخ اياز جي ڪن بہ ٻن هم عصر شاعرن جي شاعريءَ بابت ڪلاس ۾ گفتگو ڪريو.

# تنوير عباسي



ولادت: 1934ع

وفات: 1999ع

تنوير عباسي ولد گل حسن عباسي 7 ڊسمبر 1934ع تي سوڀيديري، ضلعي خيرپور ۾ ڄائو. سندس اصل نالو نُور نبي هو. پر پاڻ تنويرعباسيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. پرائمري تعليم نوشهري فيروز ۾ شروع ڪيائين، پوءِ ٻئين درجي کان ميٽرڪ تائين تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. 1960ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ايم. بي. بي ايس جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ خيرپور ميرس ۾ رهيو ۽ خانگي اسپتال هلائڻ لڳو.

شاعريءَ ۾ سندس ڪتاب ’رڳون ٿيون رباب‘، ’شعر‘، ’سج تريءَ هيٺان‘، ’هيءَ ڌرتي‘، شايع ٿيا. انهن مجموعن کي گڏي سنڌالاجي طرفان ’تنوير چئي‘ جي نالي سان ڪتاب شايع ٿيو. سندس شاعريءَ جو آخري مجموعو ’ساڃن سونهن سرت‘ 1998ع ۾ شايع ٿيو.

تنوير عباسي سنڌي ٻوليءَ جو لاجواب شاعر آهي. هُن سڀني صنفن ۾ شاعري ڪئي. نين صنفن کي سنڌي شاعريءَ ۾ رائج ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ آهي. سندس شاعريءَ ۾ نفاست، ميناڄ، رواني ۽ سادگي آهي. لفظن جو جڙاءُ، موسيقيت جا گڻ، جذبن ۽ خيالن جي ٻي ساختگي گڏجي سڀ جديد شاعريءَ واريون خوبيون پوريون ڪن ٿيون. تنوير عباسي تمام دل لڀائيندڙ گيت پڻ لکيا آهن، جنهن جي ٻولي ۽ اسلوب نرالو آهي. هُن گيت جي هيئت ۽ ترنم ۾ مختلف تجربا ڪيا. سنڌي شاعريءَ ۾ گيت جي صنف تي جن پاڻ ملهايو، تن مان تنوير عباسيءَ جو نالو به هڪ آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ٻيو اهم ادبي ڪارنامو اهو آهي ته هن جديد عالمي تنقيدي شاعريءَ جي معيارن جي روشنيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۽ فن بابت شاهڪار ڪتاب ’شاهه لطيف جي شاعري‘ لکيو. ان کان سواءِ پاڻ سنڌ جي ٻين ڪلاسيڪي شاعرن سچل سرمست، نانڪ يوسف ۽ خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي شاعريءَ کي مرتب ڪيائين. ڊاڪٽر تنوير عباسي، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور پاران قائم ڪيل ’سچل چيئر‘ جو باني ڊائريڪٽر رهيو. سندس وفات 25 نومبر 1999ع تي ٿي. سندس قبر اسلام آباد ۾ آهي.

# غزل

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪابہ ڳالھہ، آڪاڻي، مڪالمو ۽ نظم پڙهي ترتيب سان ورجائيندي، ان ۾ پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري سگهي. ✪ طويل متن جو خلاصو / تت لکي سگهي ۽ سوالن جا جواب لکي سگهي. ✪ ڪنهن بہ مضمون لکڻ وقت علمي حاصلات ۽ بين نڪتن تي پنهنجي راءِ لکي سگهي. ✪ راندين ۽ سماجي مسئلن بابت ڪنهن بہ اخبار جي ايڊيٽر يا لاڳاپيل اداري ڏانهن رپورٽ لکي موڪلي سگهي.

اکيون مون سُجاتيون، اکيون مون سُجاتيون
نِهارڻ کان چِرڪن، نهارڻ لئہ آتيون.

ڪنهين تيز خنجر جان ڪاتي وڃن ٿيون،
خيالن جي تارن کي ڪوئل جون لاتيون.

فضائن ۾ ڪنهن جڻ تہ بندوق ڇوڙي،
پکي سپ ٿهي ويا، لَنوي ڪير لاتيون.

ڏسان تو پرين! دار جي هن طرف کان،
اشارا ڪرين پيو، پيو پائين جهاتيون.

ڪلنگيون جني کي، نہ تن کي مون ليکيو،
ڪَتن جون ۽ لوئين جون ڳالهيون مون ڳاتيون.

اسان کي جو چوٽو هُيو، چئي وياسين.
ڳهيلا، اوهان دل جون ڳالهيون نہ جاتيون.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) تنوير عباسيءَ جي ڏنل غزل ۾ ڪهڙي منظرنگاري ٿيل آهي؟ بيان ڪريو.

(2) تنوير عباسيءَ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙا نوان لاڙا ۽ موضوع ڏنا؟ کولي سمجهايو.

(3) تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) تنوير عباسيءَ جي پيدائش جو ضلعو آهي:

(1) خيرپور ميرس (2) شڪارپور (3) نوشهروفيروز (4) حيدرآباد

(2) ’نور نبي‘ اصل نالو آهي:

(1) استاد بخاريءَ جو (2) تنوير عباسيءَ جو (3) امداد حسينيءَ جو (4) نياز همايونيءَ جو

(3) ’رڳون ٿيون رباب‘ شاعريءَ جو ڪتاب آهي:

(1) شيخ اياز جو (2) مريم مجيديءَ جو (3) تنوير عباسيءَ جو (4) سحر امداد جو

(4) ’ڪنهين تيز خنجر جان ڪاٽي وڃن ٿيون،
خيالن جي تارن کي ڪوئل جون لاٽيون‘
ڏنل شعر ۾ صنعت استعمال ٿيل آهي:

(1) تشبيهه (2) استعارو (3) تجنيس تام (4) تجنيسِ ناقص

### (ج) تنوير عباسيءَ جي ڏنل غزل مان ڪن ٻه ٻن شعرن جي سمجهاڻي لکو.

### (د) تنوير عباسيءَ جي ڏنل غزل جو خلاصو/تَتُ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

### (هه) ’صحت جا دشمن ۽ ان جي بچاءُ‘ جي موضوع تي هڪ مضمون لکو، ان جي نڪتن ۽ علمي حاصلات تي ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪريو.

### (و) ڪنهن ٻه اخبار جي ايڊيٽر ڏانهن پنهنجي علائقي ۾ راندين جي ميدان ۽ راندين جي سامان نه هئڻ جي تفصيلي رپورٽ لکو.

# نياز همايوني



ولادت: 1930ع

وفات: 2003ع

نياز همايونيءَ جو اصل نالو مشتاق احمد ميمڻ ولد قائم الدين ۽ تخلص ’نياز‘ آهي. نياز همايوني 12 اپريل 1930ع تي پيدا ٿيو. سندس اصل ڳوٺ همايون شريف، ضلعي شڪارپور ۾ آهي. هُو مرڪزي اردو بورڊ حيدرآباد ۾ لائبريرين جي عهدي تي رهيو. ان دوران هن رهائش حيدرآباد ۾ اختيار ڪئي. نياز همايوني جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ سگهارو شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ انفراديت، اسلوب ۽ خيالن جي نواڻ موجود آهي. نياز همايونيءَ سنڌي شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي. هن لوڪ گيتن ڪي نوان ٻول ڏئي حَسِين گيتَ سرجيا. سندس نظم، گيت، وايون، ڪافيون، غزل، دوها وغيره سهڻي ۽ نئين انداز ۾ ملن ٿا. سندس شاعري نج سنڌي ٻوليءَ جي تشبيهن ۽ ترڪيبن جو ڀنڊار آهي. سندس گيت جماليات ۽ تهذيبي حسن جا سرچشما آهن. سندس طويل نظم ’ساٽيهه جي ساڪَ‘، قومي شاعريءَ جو شاهڪار نظم آهي، جنهن ۾ هُن دودي جي ڪردار کي دلڪش انداز سان پيش ڪيو آهي. شاعريءَ ۾ ’ساٽيهه جي ساڪ‘ ۽ ’ڌرتيءَ جا گيت‘ سندس اهم ڪتاب آهن. نياز همايونيءَ ڪيترائي ڪتاب ترجمو ۽ ايڊٽ پڻ ڪيا جن ۾ ’آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه‘، ’شاهه جو گنج‘ (منظوم اردو ترجمو)، ’آهوانِ صحرا‘ (قاضي قادن جي ڪلام جو اردو ترجمو)، ’تاريخ طاهري‘، ’ديوانِ مفتون‘، فرهنگ جعفري‘ ۽ ٻيا شامل آهن. سندس شاعريءَ جي لغت پڻ ڇپجي چڪي آهي. هن 2 جنوري 2003ع تي وفات ڪئي.

# ڳيت

**سکيا جي حاصلات**

✪ شعرن ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ مان صنايع ۽ بدايع جي لحاظ سان مثال ڳولي سگهي. ✪ ڪنهن به ادبي يا علمي تحرير جو فني ۽ فڪري لحاظ کان تجزيو ڪري پنهنجي راءِ ڏئي سگهي ۽ لاڳاپيل صنف ۾ ان جي اهميت جو تعين ڪري سگهي. ✪ ادبي ۽ علمي لکڻيون پڙهي، خود به ان قسم جون لکڻيون لکي سگهي. ✪ ادبي محفلن يا انداز بيان ۾ ترڪيب سازيءَ کي سمجهي سگهي. مفرد، مرتب ۽ مرڪب جملن کي عملي طرح استعمال ڪري سگهي. ✪ مختلف ادبي صنفن جي وصف ٻڌائي سگهي.

## تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول

تنهنجي دنيا سپ رنگ، سانول
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ اَلا!
تنهنجي دنيا اِندلٺ ريکا،
منهنجي دنيا گدلا بادل....

تنهنجي دنيا سج جا پاچا،
منهنجي دنيا چند جان گهايل.....

تنهنجي دنيا لهريون لوڏا،
منهنجي دنيا اُجڙيل ساحل.....

تنهنجي دنيا چيٽ جا ميلا،
منهنجي دنيا هيڪل وياڪل ....

تنهنجي دنيا سُندر سپنا،
منهنجي دنيا اڪڙيون اوجاڳيل....

منهنجي دنيا مرگهه ترشنا،
تنهنجي دنيا رمندا بادل....

مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ، الا!

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

(1) نياز همايونيءَ جي ڏنل گيت جو مرڪزي خيال ڪهڙو آهي؟ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

(2) نياز همايوني جي گيت ۾ ڪهڙا استعارا ڪتب آيل آهن؟ وضاحت ڪريو.

(3) تنهنجي دنيا سج جا پاڇا،
منهنجي دنيا چنڊ جان گهايل.....
ڏنل سٽن مان شاعر جي چا مراد آهي؟ بيان ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:**

ٻهروپ - گهايل - ساحل - سُندر - ترشنا - رمندا

**(ج) هن گيت مان اوهان پنهنجي پسند جي ڪن ٻه ٻن شعرن جي سمجهاڻي لکو.**

**(د) پنهنجي ڪاليج پاران نڪرندڙ رسالي ۾ پنهنجون لکڻيون لکي ڇپرايو.**

**(هه) گيت چا کي ٿو چئجي؟ گيت جي فن ۽ موضوعن بابت تفصيل سان بيان ڪريو.**

**(و) (1) اهي جملا جن ۾ صرف هڪ فعل ڪم آندو ويو هجي ته اهڙن جملن کي مفرد جملا چئبو آهي.**

مثال: ڇوڪرو ڊوڙي ٿو.

متي ڏنل جملي ۾ لفظ ’ڊوڙي‘ مفرد جملي جو مثال آهي.

**(2) اهي جملا جن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل ڪم آندا ويا هجن ۽ جملي جا ٻه حصا يعني بنيادي حصو ۽ ماتحت حصو هجن ته اهڙن جملن کي مرتب جملا چئبو آهي.**

مثال: احمد ڇوڪرو آهي، جنهن کي تون سڃاڻندو آهين.

متي ڏنل جملي جا ٻه حصا آهن. هڪڙي ۾ احمد ڇوڪرو آهي، ان جي نشاندهي ڪري ٿو، ٻئي حصي ۾ ڪيس سُڃاڻڻ جي ڳالهه ٿيل آهي.

**(ز) فني لحاظ کان گيت جي صنف ۾ نياز همايوني ڪهڙي نواڻ آندي آهي؟ بيان ڪريو.**

# امداد حسيني



ولادت : 1940ع

وفات : 2022ع

امداد حُسينيءَ جو پورو نالو سيد امداد علي شاهه آهي. سندس پيءُ جو نالو سيد فضل محمد شاهه آهي. امداد حسيني ٽکڙ، ضلعي حيدرآباد (هاڻوڪي ضلعي ٽنڊو محمد خان) ۾ 10 مارچ 1940ع تي ڄائو. پاڻ پرائمري تعليم ٽکڙ جي ڪُتاب ۾ ورتائين. ميٽرڪ، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، انٽر، سچل سرمست ڪاليج، بي-اي (آنرز) ۽ ايم-اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. امداد حسينيءَ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ۾ نوڪري ڪئي. پاڻ شاعر، ڊراما نگار، ڪهاڻيڪار، مترجم، محقق ۽ نقاد هو. امداد حسيني جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ وڏو نالو آهي. هُو سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو. جديد سنڌي شاعريءَ جي ترقيءَ ۾ سندس اهم ڪردار آهي. امداد حسينيءَ شاعريءَ ۾ غزل، گيت، وائي، بيت، دوهو، رباعي، قطعو، ڪافي، نظم ۽ آزاد نظم صنفن تي تمام سُٺو ۽ منفرد لکيو. سندس شاعريءَ جو رنگُ ۽ لهجو پنهنجو آهي. هن شاعريءَ ۾ پنهنجو انوکو اسلوب ايجاد ڪيو. زبان جي سلاست ۽ اندازِ بيان جي رنگيني امداد حسينيءَ جي فن جون اهم خوبيون آهن. سندس شاعريءَ ۾ ردم، رواني ۽ پختگي آهي ان سان گڏوگڏ موسيقيت پڻ آهي. هن سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيترا ئي موضوع نوان اصطلاح، نيون ترڪيبون ۽ نيون تمثيلون ڪتب آنديون آهن. سندس شاعريءَ ۾ رومانس ڀرپور آهي پر مزاحمت وارو عنصر بہ نمايان نظر اچي ٿو. امداد حسينيءَ جي شاعري ڳائي وڃي ٿي.

امداد حسينيءَ جا 'امداد آهي رول'، 'شهر'، 'هوا جي سامهون'، 'ڪِرڻي جهڙو پل'، 'زرد مٽي'، 'سورج لئہ ڪو پٽر ناهي'، 'هوءَ'، 'ڏوپ ڪرن (اردو)' جا شعري مجموعا ڇپيل آهن. ان کان سواءِ مرزا قليچ بيگ جو ناول 'زينت' ۽ 'دودو چنيسر' اردوءَ ۾ ترجمو ڪيائين. هن فيض احمد فيض جو ڪلام 'تنهنجي ساگر نيڻن ۾' جي نالي سان ترجمو پڻ ڪيو. امداد حسيني 27 آگسٽ 2022ع تي وفات ڪئي.

# غزل

**سکيا جي حاصلات** ✪ ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي. ✪ جديد ٽيڪنالاجي ۽ ذريعي گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽن تان معلومات حاصل ڪري ان جي اهم نڪتن تي پنهنجي لفظن ۾ تبصرو ڪري ٻڌائي سگهي. ✪ ڪنهن بہ ادب پاري بابت اصولي تنقيدي راءِ ڏئي سگهي ۽ ان جي خوبين ۽ خامين جو اندازو لڳائي، درجه بندي ڪري سگهي.

## موتي ائين نہ رول

موتي ائين نہ رول، تون موتي ائين نہ رول،
آءُ جهليان تو جهول، تون موتي ائين نہ رول.

ڇا لاءِ نيريءَ ڍنڍ ۾، ترندڙ ڪنول ٻڏن،
ڪجهہ ٻول، ڪجهہ تہ ٻول، تون موتي ائين نہ رول،

اُتُ اُتُ اگڙ ۾ آءُ ۽ سُرهي هوا ۾ ٻيهي،
اَڄُ اَڄُ ۾ سچ کي ڳول، تون موتي ائين نہ رول،

هر لُڙڪُ پَتِ پوي تو ڳجهي ڳالهڙي سَلي،
دل کي ائين نہ کول، تون موتي ائين نہ رول،

بازار ۾ هَٿَن تي خريدار سَبُ سُجا،
موتين جو مَٿُ نہ مول، تون موتي ائين نہ رول،

تون ٻارَ وانگي روئي پَئِين ٿي، اي منهنجي دل!،
مون وَٽِ شئي نہ تول، تون موتي ائين نہ رول،

ٻاهر گهٽيءَ ۾ آهہ ڪو جوڳيءَ جي ويس ۾،
دروازي کي تہ کول، تون موتي ائين نہ رول.

اُت اُت اگـڙ تـي آءُ ۽ سُـرهـي هـوا ۾ بـيـهـه،
اڃ اڃ ۽ سـچ کـي ڳـول، تـون مـوتـي ائـيـن نـ رول.

مـان تـو تـان اول گـهـول، تـون مـوتـي ائـيـن نـ رول،
مـن آهـ ڏانـوا ڏول، تـون مـوتـي ائـيـن نـ رول.

آواره بـادلـن جـي پُـنـيـان کـهـڙو ڏوڙبـو؟
امـداد آهـي رول، تـون مـوتـي ائـيـن نـ رول.

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

(1) امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جون فني ۽ فڪري خوبيون بيان ڪريو.

(2) امداد حسينيءَ جي ڏنل غزل ۾ ڪهڙي منظر نگاري ڪيل آهي؟ بيان ڪريو.

(3) امداد حسينيءَ جي بي شاعري اوهان کي ياد هجي تہ ٻُڌايو.

**(ب) امداد حسينيءَ جي ڏنل غزل جي سمجهاڻي پنهنجن لفظن ۾ لکو.**

**(ج) اوهان پنهنجي پسند جي موسم تي مضمون لکو جنهن ۾ لاڳاپيل عنوان سان شعر ۽ بيت شامل هجن.**

**(د) امداد حسينيءَ جي ڳايل شاعري يوٽيوب وسيلي ڳوليو ۽ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.**

# اُستاد بُخاري



ولادت: 1930ع

وفات: 1992ع

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر سيد احمد شاهه 'اُستاد بخاري' ولد سيد حاجن شاهه، 16 جنوري 1930ع تي تعلقي ۽ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ غلام چانڊيي ۾ ڄائو. 1944ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري، 1947ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو. 1964ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪيائين. 1967ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ آخر ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. هُو سنڌي شاعريءَ جو اهم شاعر آهي. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا ڇپيل آهن، جن ۾، 'گيت اسان جا جيت اسان جي'، 'هي گيت گلابي ٻارن جا'، 'اوتون جوتون'، 'ڪوڪڻ يا ڪلياڻ'، 'سوچون، پٽڪا، واڪا'، 'لهر لهر دريا'، 'ڪاري ڪڪر هيٺ'، 'ڏرتي سرتي'، 'زندگي زندگي'، 'نه ڪم نبريو نه غم نبريو' ۽ ٻيا شامل آهن.

اُستاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ عوامي رنگ جهجهو نظر اچي ٿو. ناميارو محقق ۽ اديب سراج الحق ميمڻ لکي ٿو ته "استاد بخاري اُتان جو آهي، جتي سنڌ جي تاريخ ۽ اتهاس پنهنجو جوبن گذاريو آهي، ائين ٿو ڀانئجي ته سنڌ جي تاريخ ۽ اتهاس جو شعور هن جي لفظن ۾ اوتجي آيو آهي. هن سنڌ جي اصلي وارثن، ڳوٺن، وستين واهڻن جي رهواسين سان گڏجي وجود جا گوندر گهاريا آهن. ان ڪري هن وستين واهڻن جي لفظن ۾ زندگيءَ جون متحرڪ ۽ جيئريون جاڳنديون حقيقتون عڪس بنجي ٿيون اُڀرن ۽ هو استاد به آهي تجربي، مشاهدي ۽ مطالعي هن جي ذهني افق کي ايترو ته روشن ۽ وسيع ڪري ڇڏيو آهي جو هِن ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي مارُوئڙن جو اصل، سچو ۽ نبار روپ هن جي سِٽ سِٽ ۾ جرڪڻ لڳو آهي. هيءَ ڌرتي ۽ ان جا ماڻهو ان جي شاعريءَ جي محرڪن جو محور آهن. هن سنڌ جي ماڻهوءَ کي سنڌ جي معاشري ۽ ان جي تاريخي ۽ سماجي پس منظر ۾ ڏٺو آهي، سڃاتو آهي."

اُستاد بخاري، 9 آڪٽوبر 1992ع تي وفات ڪئي.

# وائي

**سکيا جي حاصلات** ✪ ڪابہ ڳالھہ، آکاڻي، مڪالمو ۽ نظم ٻڌي ترتيب سان ورجائيندي، ان ۾ پنھنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري سگھي. ✪ شاعريءَ جي ھيئت جي لحاظ کان مطلع، مقطع، قافيہ، رديف، سادي وزن ۽ بحر جي سڃاڻپ ڪري سگھي. ✪ ڪنھن بہ موضوع تي پنھنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ اعليٰ مثالن سان گڏ منظرنگاري، مڪالمانگاري، ڪردارنگاري، ڪھاڻيءَ يا مضمون وغيره جي صورت ۾ لکي سگھي. ✪ ڪردنتن جو مفھوم ۽ استعمال سمجھي سگھي.

تَن مَن ۾ ڪا تاڻ، ڪنھن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.
عشقَ ڏکائي آڳ رڳُن ۾، اڪرُيُن ۾ آلاڻ.
ڪنھن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

مان ڪٽي مانار مجان پر، محفل ۾ مانڌاڻ.
ڪنھن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

ڪاوڙ منجھہ ڪِنارا ڪاتي، مَچري جي مھراڻ،
ڪنھن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

پَن پَن ۾ پيلاڻ زمانا! ڳاڳُن ۾ ڳاڙھاڻ،
ڪنھن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

سُور سُياڻي ھينئن نہ ھوندا، آڪن تا اھڃاڻ،
ڪنھن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

نينھن نراسائي چا جاڻي، آسَ اجا ڪا آڻ!
ڪنھن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

اوت اجا ’اُستاد بخاري‘، سِٽ سِٽ ۾ سرھاڻ،
ڪنھن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

## مشق

**(الف)** هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) اُستاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي اهم سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ بيان ڪريو.

(2) اُستاد بخاريءَ ڏنل وائيءَ ۾ ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟ بيان ڪريو.

(3) سراج الحق ميمڻ، اُستاد بخاريءَ جي شاعريءَ بابت ڪهڙي راءِ ڏني آهي؟

**(ب)** هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) اُستاد بخاريءَ جو اصل نالو آهي:

(1) سيد احمد شاهه (2) سيد محمد شاهه (3) سيد محسن شاهه (4) سيد احسن شاهه

(2) اُستاد بخاريءَ جو تعلق آهي ضلعي:

(1) خيرپور سان (2) دادوءَ سان (3) بدين سان (4) حيدرآباد سان

(3) 'گيت اسان جا جيت اسان جي' شاعريءَ جو مجموعو آهي:

(1) ابراهيم منشيءَ جو (2) سرويچ سجاوليءَ جو (3) شيخ اياز جو (4) استاد بخاريءَ جو

(4) 'تَن مَن ۾ ڪا تاڻ، ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾ .

ڏنل سِٽ ۾ لفظ 'تاڻ' استعمال ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) سِڪ (2) محبت (3) اميد (4) وڇوڙو

**(ج)** ڏنل وائيءَ مان پنهنجي پسند جي ڪن ٻـ ٻن بندن جي سمجهاڻي لکو.

**(د)** اُستاد بخاريءَ جي هن وائيءَ ۾ ڏنل منظرنگاريءَ کي بيان ڪريو.

**(هـ)** برسات جي عنوان تي هڪ مضمون لکو، جنهن ۾ مِينهن وسڻ جي منظر نگاري ڪندي، شعرن جو پڻ استعمال ڪريو. جيڪي مضمون جي مواد سان لاڳاپو رکندڙ هجن.

**(و)** اهڙا لفظ جيڪي فعلي امر مان جڙن ٿا، تن کي ڪردنت/ اسم مشتق ڪوٺبو آهي،

جيئن: امر: لِکُ مان 'لِکڻ-ليک- لکائي- لکڻي-ليکڪ وغيره' اسم جڙن ٿا.

اوهان هيٺ ڏنل امرن مان اهڙا لفظ ناهيو، جيڪي اسم طور ڪم ايندا هجن:

'پڙهـ'، 'ڪاءُ'، 'ڊوڙُ' ۽ 'رووڪِ'

**سرگرمي:** اُستاد بخاريءَ جي ڏنل وائي پڙهو ۽ پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ ان جو تجزيو ڪري ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

# شمشيرالحيدري



ولادت: 1932ع

وفات: 2012ع

شمشيرالحيدري ولد رسول بخش خواجہ بدين ضلعي جي ڳوٺ ’ڪڍڻ‘ ۾ 15 سيپٽمبر 1932ع تي ڄائو. هُن شروعاتي تعليم بدين مان حاصل ڪئي، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 1948ع ۾ سنڌ مدرسةالسلام ويو جتان پوءِ تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڳوٺ موٽي آيو. ان ڪانپوءِ اين.جي.وي اسڪول ڪراچي، نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ لارينس اسڪول ٽنڊي باڳي ۾ پڙهيو. سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان بي.اي ۽ پوءِ 1963ع ۾ ايم.اي (سنڌي ادب) ڪيائين. ان ڪانسواءِ ديني تعليم، مولوي حاجي احمد ملاح جي مدرسي، بدين مان حاصل ڪيائين. شمشيرالحيدري مختلف ڪاتن ۾ ملازمت ڪئي. مشهور ٽہ ماهي ’مهراڻ‘ رسالي ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ ’نئين زندگي‘ رسالي ۾ ايڊيٽر پڻ رهيو.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ شمشيرالحيدري هڪ اعليٰ پائي جو شاعر تي ڳڻيو آهي. هن غزل کي نئين رنگ ڍنگ ۾ لکيو. هُن شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي پر آزاد نظم نهايت ئي ڪاميابيءَ سان لکيائين. سندس گيت ۾ اختصار، سادگي ۽ نغمگيءَ جو مثالي امتزاج آهي. سندس شاعري سنڌ جي مشهور راڳين ڳائي آهي. هن مزاحيہ شاعري پڻ ڪئي.

شمشيرالحيدري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي پروگرامن جو ميزبان رهيو ۽ هن ريڊيو پاڪستان لاءِ ڪيترائي گيت ۽ ڊراما پڻ لکيا. هُو پاڪستان ٽيليويزن جو پهريون سنڌي ڪمپيئر ۽ پهريون سنڌي نيوز ڪاسٽر هو. هُن مرزا قليچ بيگ جي ناول ’زينت‘ کي ڊرامائي شڪل ڏني، جيڪو ٽيليويزن تي پيش ڪيو ويو. سندس شاعريءَ جو مجموعو ’لاٽ‘ جي نالي سان شايع ٿيو.

شمشيرالحيدريءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾ ’پورس جا هاٿي‘ (ڪهاڻيون)، ’سنڌ ۾ آزاد نظم جي اوسر‘، ’روشن تارا‘ (ٻارن لاءِ شاعري)، ’سنڌي شاعريءَ جو اپياس‘، ’تاريخ جو ڪچرو‘ ۽ ٻيا آهن. سندس وفات تي مختلف شخصيتن پاران لکيل تاثرات ۽ مضمونن تي مشتمل ڪتاب ’موليٰ تي ننگ‘ سندس فرزند پاران سهيڙي شايع ڪرايو ويو آهي. سندس شخصيت ۽ ڪلام تي ’شمشيرالحيدري: فن ۽ شخصيت‘ ڪتاب ڇپيل آهي ۽ سندس مختلف لکڻين کي گڏ ڪري ’تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو‘ (ڪُليات شمشير) جي نالي سان ڪتاب پڻ ڇپيل آهي.

شمشيرالحيدري 10 آگسٽ 2012ع تي وفات ڪئي. سندس تدفين ڪراچيءَ جي تاريخي قبرستان چوڪنڊيءَ ۾ ٿيل آهي.

# غزل

**سکيا جي حاصلات** ✪ ڪنھن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجھاڻي ڏئي سگھي ۽ اھم نڪتن جو خلاصو ڪري سگھي. ✪ شاعريءَ جي ھيئت جي لحاظ کان مطلع، مقطع، قافيہ، رديف، سادي وزن ۽ بحر جي سڃاڻپ ڪري سگھي. ✪ ڪنھن بہ موضوع تي پنھنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ اعليٰ مثالن سان گڏ منظرنگاري، مڪالما نگاري، ڪھاڻيءَ يا مضمون جي صورت ۾ لکي سگھي.

## سڀ جڳ ڳائي راڳ اسان جا

سڀ جڳ ڳائي راڳ اسان جا، سُور اسان جو ڪنھن نہ سُڃاتو،
من من اندر ماڳ اسان جا، سُور اسان جو ڪنھن نہ سُڃاتو.

گيت اسان جا ماڻڪ موتي، سُک جا سپنا، جيون جوتي،
سيڪو پانئي ڀاڳ اسان جا، سُور اسان جو ڪنھن نہ سُڃاتو.

بن بن وستيءَ وستيءَ تائين، ھر ھڪ دل جي ڌرتيءَ تائين،
وک وک تي ويراڳ اسان جا، سُور اسان جو ڪنھن نہ سُڃاتو.

جڏھين راڳ اسان جا گونجن، مُڪڙيون، ماڪ، ستارا چمڪن،
اھڙا دل جا داڳ اسان جا، سُور اسان جو ڪنھن نہ سُڃاتو.

جھونا ڳڙھ جي ريت بہ ساڳي، جھڙو راڄا، تھڙو راڳي،
کھڙا ڪنھن سان لاڳ اسان جا، سُور اسان جو ڪنھن نہ سُڃاتو.

## مشق

### (الف) ھيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) شمشيرالحيدريءَ جي شاعريءَ جون ڪھڙيون خوبيون آھن؟ بيان ڪريو.

(2) شمشيرالحيدريءَ جي ڏنل غزل جو مرڪزي خيال ۽ اھم نڪتن جو خلاصو بيان ڪريو.

(3) شمشيرالحيدريءَ جي ڏنل شاعريءَ ۾ جدت ۽ رواني‌ءَ جا ڪھڙا پھلو آھن؟ بيان ڪريو.

(ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) شمشيرالحيدريءَ جي پيدائش جو ضلعو آهي:

(1) بدين (2) ٺٽو (3) ميرپورخاص (4) ٽنڊو محمد خان

(2) ’لاٽ‘ شاعريءَ جو مجموعو آهي:

(1) امداد حسينيءَ جو (2) سرويچ سجاوليءَ جو

(3) نياز همايونيءَ جو (4) شمشير الحيدريءَ جو

(3) ’جڏهين راڳ اسان جا گونجن، مُکڙيون، ماڪ، ستارا چمڪن،
اهڙا دل جا داڳ اسان جا، سُور اسان جو ڪنهن نہ سُڃاتو.‘

ڏنل شعر ۾ شاعريءَ جي صنعت استعمال ٿيل آهي:

(1) تشبيهہ (2) استعارو (3) مجاز مرسل (4) تجنيسِ ناقص

(4) ’گيت اسان جا ماڻڪ موتي، سُک جا سپنا، جيون جوتي،‘

ڏنل سِٽ ۾ لفظ ’جوتي‘ استعمال ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) نروار (2) روشن (3) زندهہ (4) خوشي

(ج) رديف ۽ قافيي جي وصف ٻڌايو. هن غزل ۾ موجود قافيي ۽ رديف جي سڃاڻپ ڪري وضاحت ڪريو تہ ڪهڙا قافيا آهن ۽ ڪهڙو رديف آهي.

(د) ڏنل غزل مان پنهنجي پسند جي ڪن بہ ٻن شعرن جي سمجهاڻي لکو.

(هہ) عملي زندگيءَ ۾ اوهان ٻين جي ڏُک ۽ درد کي ڪيئن دُور ڪري سگهو ٿا؟ تفصيل سان بيان ڪريو.

(و) ’ڏُکن پنيان سُک ۽ سُکن پنيان ڏُک‘ جي عنوان تي سهڻن مثالن، منظرنگاري، مڪالما نگاري، ڪردار نگاري وغيره جي صورت ۾ پنج سؤ لفظن تي مشتمل هڪ مضمون لکو.

# ابراهيم مُنشي



ولادت: 1934ع

وفات: 2003ع

ابراهيم مُنشي ولد محمد اسحاق سومرو ڳوٺ جنهاڻ سومرو، ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ 15 جنوري 1934ع ۾ جنم ورتو. سندس عمر اجا 11 سال مَسَ ٿي تہ سندس والد وفات ڪري ويو. ان وقت تائين هن صرف پنج درجا تعليم حاصل ڪئي هئي. غربت سبب وڌيڪ پڙهي نہ سگهيو.

ابراهيم منشيءَ جو شمار سنڌ جي اڌول ۽ قومي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ ماروئڙن جي اهنجن، تڪليفن ۽ ارمانن جو اولڙو نظر اچي ٿو. سندس شاعريءَ جو محور سنڌ جا ڪيت، فصل، ماڻهو ۽ سنڌ جي عوامي سجاڳي آهي. هُن سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي، سياسي ۽ سماجي حالتن جي حقيقت پسندانہ نموني عڪاسي ڪئي آهي. فني لحاظ کان سندس شاعري نهايت پُراثر آهي. شاعريءَ ۾ سُهڻن سلوڻن لفظن جي استعمال سان بيتن ۾ رواني، دلڪشي ۽ تاثير نظر اچي ٿي. سندس شاعريءَ ۾ نيٺ ۽ نج سنڌي لفظ، عوامي نمائندگي ۽ ماحول جي چٽي عڪاسي ٿيل آهي. سندس شاعريءَ ۾ دلچسپ ٻوليءَ جو استعمال، رواني ۽ موسيقي تمام گهڻي آهي تنهنڪري جتي ڪٿي ڳائي وڃي ٿي، هو پنهنجي شاعري سريلي آواز ۾ ڳائي ٻڌائيندو هو.

ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ جا مجموعا ’گوندر ويندا گذري‘، ’ڌرتي دين ڌرم‘، ’وڳهہ جا وريام‘، ’پيغام مظلوم‘ ۽ ’ڌونئري ڌينهن ڌاڙا‘ ڏاڍا مقبول آهن. ابراهيم منشي 2003ع ۾ وفات ڪئي.

# گيت

**سکيا جي حاصلات** ✪ ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي. ✪ ادب پڙهي تخليقي صلاحيتون پيدا ڪري سگهي، ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد پڙهي ۽ لکي سگهي. ✪ ڪابہ ڳالهہ، آکاڻي، مڪالمو ۽ نظم ٻڌي ترتيب سان ورجائيندي، ان ۾ پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري سگهي. ✪ جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي، گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽن تان معلومات ٻڌي سمجهي ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.

هڪ مُند چري آهي، ٻِي جا رات ٺري آهي،
اهڙي ۾ اچڻ تنهنجو، پاڳن جي پري آهي.

ڏس کهڙو ڏکڻ گهليو، ٿيا ماڪ ڦڙا موتِي،
۽ ويس وڻن ڍڪيو، پن پنهنجا ڪري پوتِي،
وري آ تو ورائڻ لاءِ، واهوندي وري آهي...

ڏس سنگ هو سارين جا، ڪيئن ڪنڌ نمائن ٿا،
۽ هير هلورن تي چا، ساز سٽائن ٿا،
ڄڻ سهڻي سنڌوءَ مان، آئي تارتري آهي...

مايا نہ مَڏي مون وٽ، ماڙيون نہ ڪي محلاتون،
سائو ويس ڍڪيو ڌرتي، وٺيون ٿر بر برساتيون،
اڏي تو لاءِ اسان پيارا، پڪڙي جي ڏري آهي...

چا اپ چمر چايو، رُتِ آئي بسنتي آ،
جٽ جوڙ ٿيا جوين، هر من ۾ مستي آ،
هر ڪنهن سان هتي منشي، پنهنجي حور پري آهي...

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ابراهيم مُنشيءَ جي گيت ۾ ڪهڙي منظرنگاري ڪيل آهي؟ بيان ڪريو.
(2) ابراهيم مُنشيءَ جي شاعريءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.
(3) ابراهيم مُنشيءَ جي ڏنل گيت ۾ رواني ۽ موسيقيت ڪيتري آهي؟ بيان ڪريو.

## (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) ابراهيم منشيءَ جي پيدائش جو ضلعو آهي:

(1) ٽنڊوالهيار (2) ٽنڊو محمد خان (3) ٽنڊو جان محمد (4) ٽنڊو باگو

(2) ڏنل شاعر گهٽو ڪري پنهنجا ڪلام پاڻ ڳائيندو هو:

(1) ابراهيم منشي (2) سرويچ سجاولي (3) تنوير عباسي (4) شمشيرالحيدري

(3) ’گوندر ويندا گذري‘ شاعريءَ جو مجموعو آهي:

(1) شيخ اياز جو (2) تنوير عباسيءَ جو (3) ابراهيم منشيءَ جو (4) سرويچ سجاوليءَ جو

(4) ’ڇا اڀ چمر ڇايو، رت آئي بسنتي آ‘

ڏنل سِٽ ۾ ’رُت بسنتي‘ جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) بهار جي مُند (2) سياري جي مُند (3) اونهاري جي مُند (4) سرءُ جي مُند

## (ج) ابراهيم منشيءَ جي گيت جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو بيان ڪريو.

## (د) ابراهيم مُنشيءَ جي ڳايل شاعري يوٽيوب وسيلي ڳولي ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

**سرگرمي:** ادبي مطالعي کي آڏو رکي ڪا به ڪهاڻي يا مضمون وغيره لکو ۽ ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌايو.

# ’سرويچ‘ سجاولي



ولادت: 1937ع

وفات: 2007ع

محمد صديق ولد خميسو خان تارڙو، شاعريءَ جي دنيا ۾ ’سرويچ سجاولي‘ جي نالي سان مشهور آهي. هُو 14 مارچ 1937ع تي سجاول ويجهو ڳوٺ محمد ابراهيم تارڙي ۾ پيدا ٿيو.

سرويچ سجاوليءَ جي شاعريءَ تي نامياري شاعر مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعريءَ جو اثر آهي. سرويچ سجاولي عوامي ۽ انقلابي شاعر طور پنهنجي سُڃاڻپ رکي ٿو. هُو پيڙهيل ۽ پنتي پيل غريب طبقي جي نمائندگي ڪندڙ شاعر آهي. سرويچ سجاوليءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ٻولي نج عوامي ۽ سلوڻي آهي. سندس شاعريءَ ۾ رواني ۽ موسيقي گهڻي آهي ۽ ڳائي به وڃي ٿي. هن جي شاعريءَ ۾ سنڌي ثقافت سهڻي نموني سان چٽيل آهي.

سرويچ سجاوليءَ جي شاعريءَ جا مجموعا ’آليون اکيون اٽيا وار‘ ۽ ’ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون‘ ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. هُن 22 آڪٽوبر 2007ع ۾ وفات ڪئي.

# نظم

**سکيا جي حاصلات** ✪ ڪنهن بہ علمي، ادبي ۽ صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ترتيب، دليلن ۽ سهڻن مثالن ذريعي هم معنيٰ لفظن، قولن، اصطلاحن، چوڻين، پهاڪن، شعرن ۽ محاورن کي استعمال ڪندي پنج سؤ لفظن تي ٻڌل مضمون لکي سگهي. ✪ ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي. ✪ شعرن ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ مان صنايع ۽ بدايع جي لحاظ سان مثال ڳولي سگهي. ✪ ڪردنتن جا قسم ٻڌائي سگهي ۽ انهن کي استعمال ڪري سگهي.

## هاري ۽ مزدور

1. مزدور تيو چُور ڪٽي بار پُٺن تي،
انسان ڪٽي بوج، ڪجي جيڪو اُنن تي،
ڇا ڇا نہ ڪيو تنهن تہ آ ٽڪرن ڙي-رُڪن تي:
افسوس! ڪيو ترس نہ ڪنهن تنهن جي ڏکن تي.

هر سال وهي ڏاند جيان پيو تو ويچارو!
تحقيق هي مزدور آ قومن جو سهارو!

2. ڪوڙر بہ صبح شام هٽي ڪو تہ خبر پئي؛
ڏلها بہ متيءَ سر تي ڪٽي ڪو تہ خبر پئي؛
ڳٽتين ۾ سڄا ڏينهن ڳٽي ڪو تہ خبر پئي؛
راتيون بہ بکئي پيٽ تٽي ڪو تہ خبر پئي؛
۽ ڳوڏ ڳنجيءَ ۾ تہ ڪري ڪير ڳذارو!
ڪاتي ڪو سجي رات بنا سَوَڙ سيارو!

3. هي ٻُٽ زمينون بہ ڪو ڪيڙي تہ خبر پئي؛
هر سنگ جدا تنهن کي سهيڙي تہ خبر پئي؛
هي ڪوڙ اَنن جا بہ ڪو ميڙي تہ خبر پئي؛
رستن تي پٿر سخت پکيڙي تہ خبر پئي؛
ڪورا بہ جلائي ڪو صبح شام ٻپهارو!
ڏامر جو لڳاتار ڪري ڪو تہ پگهارو!

4. ان ڪان بہ ڏسان پوءِ تو تن کي تہ ڏکيو ڙي!
بُت صاف اُگھاڙو ۽ سندن پيٽ بکيو ڙي!
سجڻن جا پسيو سُور وجي ساهہ سُکيو ڙي!
دم دم ۾ وجي تن ليءِ سندم دل تہ دُکيو ڙي!
’سرويچ‘ يلا ملڪ ۾ ورندو بہ ڪو وارو؟
ملندو بہ غريبن کي جيئڻ جو ڪو سهارو!

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) سرويچ سجاوليءَ جي ڏنل شاعريءَ جو مرڪزي خيال اهم نڪتن جو خلاصو بيان ڪريو.

(2) سرويچ سجاولي جي ڏنل شاعريءَ ۾ ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

(3) سرويچ سجاولي هاريءَ مزدور جي ڪيفيتن ۽ جذبن کي نظم ۾ ڪهڙيءَ ريت بيان ڪيو آهي؟ ڪولي سمجهايو.

### (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) سرويچ سجاوليءَ جو اصل نالو آهي:

(1) محمد رفيق (2) محمد صديق (3) محمد شفيق (4) محمد اسحاق

(2) ’آليون اکيون اٽيا وار‘ شاعريءَ جو مجموعو آهي:

(1) استاد بخاريءَ جو (2) سرويچ سجاوليءَ جو (3) ابراهيم منشيءَ جو (4) شيخ اياز جو

(3) ’هي بُٺ زمينون بہ ڪو ڪيڙي تہ خبر پئي‘ ڏنل سِٽ مان مراد آهي:

(1) فصل کي پاڻي ڏيڻ (2) غيرآباد زمين آباد ڪرڻ (3) فصل پوکڻ (4) فصلن جو لابارو ڪرڻ

(4) ’ڪوڏر بہ صبح شام هٽي ڪو تہ خبر پئيٰ‘ هن سَٽ ۾ ڪوڏر هڻڻ اصطلاح ڪم آيل، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) سخت پورهيو ڪرڻ (2) فصل پوکڻ

(3) گاهہ لُٽڻ (4) ڪوٽائي ڪرڻ

(ج) سرويچ سجاوليءَ جي ڏنل نظم مان پنهنجي پسند جي ڪن ٻہ ٻن بندن جي سمجهاڻي لکو.

(د) پنهنجي مشاهدي، تجربي ۽ علم جي روشنيءَ ۾ ’محنت ۾ عظمت آهي‘ جي موضوع تي پنج سَو لفظن تي مشتمل هڪ مضمون لکو.

(هہ) سرويچ سجاوليءَ جي ڏنل نظم ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ مان صنايع ۽ بدايع جا مثال چونڊي لکو.

(و) اسم مشتق/ ڪردنت

اسم مشتق يا ڪردنت مان مراد آهي، ’فعل امر‘ مان نهيل اهڙا لفظ جيڪي اسم توڙي صفت تي ڪم ايندا هجن. هن جا پنج اهم قسم آهن: اسم حاليہ، اسم مفعول، اسم فاعل، اسم استقبال ۽ ماضي معطوفي. چند مثالن تي غور ڪريو:

اسم حاليہ: پڙهندو- گهمندو- ڏسندو- ڪيڏندو وغيره.
اسم مفعول: ڏنلُ- وينَلُ- ڪَٽيو- ڪَٽيل وغيره.
اسم فاعل: پينارُ- پياڪُ- پانڊِي- ڄاڻو- پچارو- لِڪندڙ وغيره.
اسم استقبال: ڏسڻو- پڙهڻو- وڃڻو- ڪائڻو وغيره.
ماضي معطوفي: ويندي- ڪيڏندي- ڏسندي- پڙهندي وغيره.

# ڊاڪٽر سحر امداد



ولادت 1951ع

ڊاڪٽر سحر امداد 20 جولاءِ 1951ع تي حيدرآباد جي هڪ علمي گهراڻي ۾ ڄائي. سندس والد جو نالو صلاح الدين بلوچ هو. هوءَ سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر امداد حسينيءَ جي گهرواري آهي. هن ابتدائي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي. ايم.اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان ڪيائين. هوءَ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي پروفيسر رهي چُڪي آهي. هُن پي ايچ ڊي به اتان ڪئي. جنهن جو موضوع 'جديد سنڌي شاعري: هڪ نئون ڪلاسڪ' آهي.

ڊاڪٽر سحر امداد جديد سنڌي شاعريءَ جي عورتن واري قافلي جي اهم شاعره آهي. سندس شاعريءَ جو هڪ منفرد انداز آهي. هن نظم، آزاد نظم، گيت، غزل ۽ هائيڪا وغيره لکيا آهن، جيڪي سندس جذبن ۽ احساسن سان ڀرپور آهن. سحر امداد جو لهجو، ڏانءُ ۽ فڪر سنڌي ثقافت کي پيش ڪري ٿو. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو 'چوڏهينءَ چنڊ آڪاس' آهي. ان ڪانسواءِ ٻين ڪتابن ۾ 'شعور، شاعر، شاعري' (مضمون ۽ مقالا)، 'سرحد جي آرپار: سنڌي شاعري' (شاعريءَ جي اينٿالاجي)، 'مئل ماڻهو-جيئري پيڙا'، (ڪهاڻيون ترتيب، امداد حسينيءَ سان گڏ)، 'سنڌ جي ڊِيني ادب جو ڪئٽلاگ' (ترتيب، امداد حسينيءَ سان گڏ)، 'ڪي نه وسرن مُور' (فيض احمد فيض جو سفرنامو ترجمو ٿيل) ۽ ٻيا آهن. ڪيس ادبي خدمتن عيوض ڪيترائي مجتا ايوارڊ ملي چڪا آهن.

# گيت

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪنهن بہ ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي. ✪ ڪنهن بہ فن پاري جو علم بيان جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. ✪ ڪنهن بہ تحرير تي تنقيدي گفتگو ڪري سگهي.

## رنگَ رَتِي پريات

ويلَ وِيَل جي واڳ ورائي،
آڻيون اهڙي رات،
الو ميان آڻيون اهڙي رات!

جنهن جي سهڻي سانجهہ هجي،
۽ رنگ رتي پريات،
الو ميان رنگ رتي پريات!

من جي مُکڙي هيڪل وياڪل،
تن کي تنهنجي تات،
الو ميان تن کي تنهنجي تات!

توکي سهڻا سانول سپرين،
ساريان ساري رات،
الو ميان ساريان ساري رات!

چنڊ جهلي تو هير گهلي تي،
لُنءُ لُنءُ ڪائي لات،
الو ميان لُنءُ لُنءُ ڪائي لات!

ڏُسڪي ڏُسڪي ڏينهن لنگهيا تي،
روئـــي روئـــي رات،
الو ميان روئي روئي رات!

نينهن نکٽ آ اونداهيءَ کان،
ڪـڏهن نـ ڪـائي مـات،
الو ميان ڪڏهن نہ ڪائي مات!

سورج ٻـٽـجي اُيري ايندي،
ڏاهــي پــنــهــنجي ذات،
الو ميان ڏاهي پنهنجي ذات!

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) سحر امداد جي ڏنل گيت ۾ ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟ بيان ڪريو.

(2) سحر امداد جي شاعريءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ بيان ڪريو.

(3) ”سورج ٻٽجي اُيري ايندي، ڏاهي پنهنجي ذات“ مان ڇا مُراد آهي؟ وضاحت ڪريو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لغت مان ڳولي لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

سانجهہ - مُڪڙي - سپرين - لات - نکٽ - مات - ڏاهي - ذات

### (ج) سحر امداد جي گيت جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو بيان ڪريو.

### (د) ڏنل گيت مان ڪن ٻہ ٻن بندن جي سمجهاڻي لکو.

### (هـ) سحر امداد جي ڏنل گيت جي ٻولي ۽ ان جي موضوع بابت ڪلاس ۾ تنقيدي گفتگو ڪريو.

# ج - ع منگهاڻي

ولادت: 1959ع

ج - ع منگهاڻيءَ جو اصل نالو جنت خاتون بنت سيٺ علي محمد ٻِڪڪ آهي. سندس جنم 25 ڊسمبر 1959ع تي ڪراچيءَ جي هڪ ڳوٺ ’ٻڪڪ‘ ۾ ٿيو. سندس سُڄاڻپ ناول نگار، لطيفيات جي ڄاڻُو، محقق ۽ شاعره طور آهي. هُن جي شاعريءَ ۾ روايتي خيالن سان گڏ جدت ٻہ آهي. سندس ٻولي پختي، خوبصورت ۽ وڻندڙ آهي. ج - ع منگهاڻي ’رُڃ‘ نالي شاندار ناول لکيو آهي، جيڪو نہ صرف محبت جو لازوال داستان آهي بلڪ هي ناول سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي ڪوهستاني پٽيءَ تي رهندڙ سنڌين جي ثقافتي ۽ سماجي زندگيءَ جو مستند دستاويز پڻ آهي. لطيفيات تي سندس ڪتاب ’شاهه لطيف جي ٻولي: تحقيقي جائزو‘ ۽ ’چپر ڪين ڏي‘ اهم آهن. سندس ٻين ڪتابن ۾ ’رولاڪ خواب‘ (شاعري)، ’خوابن جا ايوان‘ (شاعري)، ’مانجو ڪوهستان‘ (خاڪا)، ’خستوريءَ خوشبوءِ‘ (مقالا، مضمون، انٽرويو) ۽ ’پتنگ پويان ڊوڙ‘ (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) آهن. هوءَ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ادبي رسالي ’سوجهرو‘ جي، ٽي سال چيف ايڊيٽر پڻ رهي چڪي آهي. ڪيس ادبي خدمتن عيوض ڪيترائي مڃتا ايوارڊ ملي چڪا آهن.

# غزل

**سکيا جي حاصلات**

✪ ڪنهن به ادبي يا علمي تحرير جو فني ۽ فڪري لحاظ کان تجزيو ڪري پنهنجي راءِ ڏئي سگهي ۽ لاڳاپيل صنف ۾ ان جي اهميت جو تعين ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به ادب پاري بابت اصولي تنقيدي راءِ ڏئي سگهي ۽ ان جي خوبين ۽ خامين جو اندازو لڳائي، ادبي درجه بندي ڪري سگهي. ✪ شاعريءَ جي هيئت جي لحاظ کان مطلع، مقطع، قافيه، رديف، سادي وزن ۽ بحر جي سڃاڻپ ڪري سگهي. ✪ ڪنهن به ادب پاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سمجهاڻي ڏئي سگهي ۽ اهم نڪتن جو خلاصو ڪري سگهي.

مات جهڙي سلسلي کي الوداع،
درد جهڙي فاصلي کي الوداع.

ماڳ تي جيڪو پُڄائي ڪين تو،
تنهن نڌوري قافلي کي الوداع.

واٽ تان هلندي ڇڏي جيڪو وڃي،
دوست اهڙي گهرگهلي کي الوداع.

ڪين ڳنڍجڻ جي ڪري تدبير جو،
ان سموري فيصلي کي الوداع.

ڏي نه مُنگهاٽي جو حق حقدار کي،
الوداع تنهن پرجهلي کي الوداع.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(1) ج - ع منگهاڻيءَ جي ڏنل غزل جو مرڪزي خيال ۽ اهم نڪتن جو خلاصو بيان ڪريو.

(2) فني لحاظ کان ج - ع منگهاڻيءَ جي ڏنل غزل ۾ ڪهڙي نواڻ آهي؟ تفصيل سان ٻُڌايو.

(3) ج - ع منگهاڻيءَ جو لطيفيات جي سلسلي ۾ ڪهڙو ڪم ٿيل آهي؟

## (ب) هيٺ ڏنل سوالن جي درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو.

(1) ج - ع منگهاڻيءَ جي جنم جو شهر آهي:

(1) حيدرآباد (2) ڪراچي (3) سکر (4) لاڙڪاڻو

(2) ’خوابن جا ايوان‘ شاعريءَ جو مجموعو آهي:

(1) ج - ع منگهاڻي (2) سحر امداد

(3) مريم مجيدي (4) پشپا ولڀ

(3) ’مات جهڙي سلسلي ڪي الوداع‘ ڏنل سِٽ ۾ لفظ ’مات‘ استعمال ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي:

(1) جيت (2) شڪست

(3) مقابلو (4) طاقت

(4) ’ماڳ تي جيڪو پُڄائي ڪين ٿو،
تنهن نڌوري قافلي ڪي الوداع.‘

ڏنل غزل جي هر شعر جي ٻيءَ سِٽ ۾ لفظ ’الوداع‘ استعمال ٿيل آهي. شاعريءَ موجب ان لفظ کي چئبو آهي:

(1) قافيو (2) رديف

(3) رباعي (4) استعارو

## (ج) سادي وزن ۽ بحر مان ڇا مراد آهي؟ ج - ع منگهاڻي جو ڏنل غزل ڪهڙي وزن ۽ بحر ۾ لکيل آهي؟ وضاحت ڪريو.

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| **ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون** | |
| اُمنگ | جوش - جذبو - اُتساهه |
| پانت پانت | طرح طرح - قسمين قسمين |
| ساهت | علم - ادب - لٽريچر |
| سخن | چوٽي - ڪلام - قول |
| شمشير | تلوار - ترار |
| ڪسوٽي | پرک - معيار - جاچ |
| گدائي | گداگري - فقيري |
| مانداڻ | آسمان جو ڪارن ڪڪرن سان ڪيل سينگار |
| **شاهه جو شعر ۽ شاعري** | |
| اُتپن | پيدائش - حاصلات - فائدو |
| اُنتي | واڌارو - ترقي - ڀهبودي |
| خستوري | خوشبودار وکر - سُرهاڻ |
| خصلت | عادت - لڇڻ - اعمال |
| خلوَت | اڪيلائي - نويڪلائي - گوشه نشيني |
| سياءُ | خصلت - مزاج - سيرت |
| لاطمع | بغير لالچ جي |
| مائيدار | ڳردار - مضبوط - نهرو |
| **پاڪستاني قوميت جو مقصد** | |
| اختلاف | اٽبٽت - ڦوٺ - مخالفت |
| افڪار | فڪر - خيال |
| اقتدار | طاقت - قوت - مرتبو |
| امڪان | شڪ - احتمال - ٽيٽي |
| تخيل | ويچار - خيال - سوچ |

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| سُڌارو | بهتري - واڌارو |
| ڪاهلي | سُستي - ڍرائي |
| مساوات | برابري - هڪجهڙائي |
| نصب العين | مدنظر - دستور - منظور خاطر |
| ورثو | وراثت ۾ مليل مال - ملڪيت |
| **پورهيتن جو ڏينهن** | |
| اوسر | واڌ ويجهه |
| چٽاپيٽي | مقابلو - بحث مباحثو |
| سهنج | سولائي - آساني |
| مُوڙي | اصل رقم - مُور - سيڙپ |
| هلچل | ڪوشش - جفاڪشي |
| **دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح** | |
| اڪتفا | ڪفايت - پورت - پورائي |
| پرک | آزمائش - معيار |
| سمايل | موجود هئڻ |
| فصيح | صحيح ۽ صاف ڳالهائيندڙ صاف بيان - خوش ڪلام |
| ڪسوٽي | پرک - معيار - آزمائش |
| گمان | شڪ - وهم - خيال |
| مروج | رائج ڪرڻ - رواج ڏنل - هلندڙ |
| وجداني | جذبي اچڻ جي حالت - بي خودي جي حالت |
| وسعت | ڦهلاءُ - پهچ - قوت |

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **عام سنڌي شاعري** | |
| ڏُراھو | ٻن رستن وارو - ٻہ واٽو |
| ڏِٺ | ڏٺل شيءِ - ڳجھارت جو ھنر، قسم |
| ڏور | معمي يا ڳجھارت جو قسم |
| ڏھس نامو | سنڌي شاعري ۾ سگھڙپائي جو نمونو- شاعرانہ فن- اھڃو بيت جنھن ۾ ڏھن مختلف ٻولين جا يا ڏھہ ھم معنيٰ مختلف ڏکيا لفظ استعمال ڪيل ھجن. |
| ڳجھارت | راز جي ڳالھہ - ڳجھو سوال |
| مُعما | پرولي - ڳُجھہ - مشڪل ڳالھہ |
| ھنر | ڪاريگري - لوڪ ادب ۾ ڳجھارت جو نمونو |
| **انسان شين جي دنيا ۾** | |
| چوڙڻ | ڪم آڻڻ - استعمال ڪرڻ |
| چندچاڻ | ڪنھن معاملي جي تڪ تور ڪرڻ |
| ڳھہ ڳھان | سخت محنت ڪرڻ - ڪشالو ڪيڻ |
| ماڻڻ | واپرائڻ - حاصل ڪرڻ |
| نڪمٽائي | واندڪائي |
| ھڄڻ | ٿڪجي پوڻ - ماندو ٿيڻ |
| **سنڌ جو ثقافتي ورثو** | |
| بي ٻھا | جنھن جو ڪو ملھہ نہ ھجي - املھہ |
| رڱاوت | رنگ ڏيڻ جو ڪم - رنگائي |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| رنگريز | رنگ ڏيندڙ - رڱيندڙ |
| روشناس | واقفڪار - ناميارو-نامور |
| ساک | سچائي جي ثابتي - ايمانداري |
| ساڪائتو | مانائتو - اعتباري - موچارو |
| سليقو | ڍنگ - نمونو - عادت |
| ڪندر | ڦٽل شھر جا نشان - دڙو |
| گُلڪاري | چِٽن، گُلن وغيره ڪڍڻ جو ڪم (ڪاٺ وغيره تي) نقاشي |
| مُشابھت | ھڪجھڙائي - برابري |
| نفاست | صفائي - پاڪيزگي |
| **سنڌي ناول نويسي** | |
| بيداري | ھوشياري - خبرداري - سجاڳي |
| جاڳرتا | سجاڳي - بيداري - شعور |
| سلجھائڻ | سنوارڻ - سڌارڻ |
| طرز | بناوت - نمونو - طورطريقو |
| ھوبھو | ھم شڪل - ساڳيو |
| **لاٽ** | |
| ٻچان | نفرت - ڪاوڙ - ڪراھت |
| پونگي | ننڍي ڪکائين جھوپڙي |
| تجلا | چمڪاٽ - روشني - چٽائي سان ظاھر ٿيڻ |
| ترورو | اکين آڏو ڦرندڙ ڪارو ٽُٻڪو - سج جي روشني جي سنھڙي ليڪ - ڪرٽو |
| تياڳ | ڪنارا ڪشي - جُدائي - علحدگي |
| ٺوٺ | سُڪل - خُشڪ - تمام گھڻو سُڪل |
| مات | شڪست - ھار |
| نسرجڻ | اُپرڻ - وڌڻ - اوسر ڪائڻ - منھن ڪيڻ |

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **امڙ مان نہ ڪندس** | |
| ريجهائي | راضي ڪري - خوش ڪري |
| سڪائون | باس - مجت - نذرانو |
| طاق لڳڻ | حيرت ۾ پوڻ - نپ نري وڃڻ |
| ڪڙڪو | آواز - ٺڪاءُ - ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ يا لڳڻ جو آواز |
| هورا ڪورا | لوچ پوچ - فڪر - ڳڻتي |
| هيڪلو | اڪيلو - هڪ ڄڻو |
| **چوڏو** | |
| آزيون | منٿون - ميڙون |
| پيچرو | رستو - راهہ - واٽ |
| چوڏو | وڻ جي ڪل - ڪانيءَ جي ڪل |
| ڏڏڙ | رَئي - مٽي - ڌوڙ |
| سنيري | تيار ٿي |
| نيزاريون | التجائون - ميڙون - نيازمنديون |
| **چوٽيهون در** | |
| اورتي | ويجهو |
| باڪ | سج اُبرڻ کان اڳ آسمان ۾ روشني - صبح صادق - پرهہ ڦٽي |
| ڏاٽڪو | مالڪ وارو - وارثن وارو |
| عملدار | انتظام رکندڙ - ڪامورو - آفيسر |
| ڪٿوري | سُرهاڻ - خوشبوءِ |
| ڪُندَ | دل جي ڪوتائي - ڪينو - بغض |
| لاوارث | جنهن جو ڪو وارث نہ هجي - ورثي کان خارج ڪيل |
| واردات | واقعو - حادثو - ماجرا |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **ڏنگي منجهہ درياهہ (ڊرامو)** | |
| اُڇانگ | ٽپو - چال - ڇلانگ |
| ڏُنگي | وڏي ٻيڙي - سامونڊي ٻيڙي (ٻيڙي جو هڪ قسم) |
| سِڙهہ | ٻيڙي جو واءُ جهليندڙ ڪپڙو - بادبان |
| ڪِڪِي | خراب بدبوءِ واري ڇتاري (اسم) مڇي |
| گهوماٽي | ڦيري - چڪر - ڀنواٽي |
| موڪا | ڇوٽڪارو - رهائي - نذرانو |
| **مولانا غلام محمد گرامي** | |
| برخاست | بس ڪري اُٿڻ - ختم |
| جنسار | سينگار - ٺاهہ ٺوهہ |
| ساماٽو | بالغ ٿيل - نالي وارو ماڻهو |
| شناس | ڄاڻ - شناخت - قدرداني |
| ڪوڏيو | شوقين - طالبو |
| ڪارونيار | ڀنپ اونداهہ - اونداهي |
| **هُو ڏوٽي هُو ڏينهن** | |
| آفرين | شاباس - داد - واهہ واهہ |
| اڏما | پُور - جوجڪيون - جوش |
| تصنع | بناوت - ڏيکاءُ - تڪلف |
| دسترس | پهچ - رسائي - هلندي |
| گفتار | ڳالهہ ٻولهہ - بيان - گفتگو |
| مشغلو | مصروفيت - ڪم - ڌنڌو |
| **هڪ عجيب ايڊوينچر** | |
| اٽاٽ | کوٽ - قلت - ڪمي |
| ڇيهو | نقصان |
| ڪتارو | پراٽي - پيگل تنل |

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪرڪرو | گهوڙي جي جسم تي ڦيرڻ لاءِ ڦٽي - ڪرڙو |
| لنگرانداز | ناتاري ڪوڙڻ - جهلي بيهارڻ |
| **عثمان حجم جو ڏند ڪدائڻ** | |
| بي گرو | بي پير - ڪنهن کي نه مڃيندڙ |
| تاڏيون | مستي - وڙهہ وڙهان |
| فلڪ شگاف | زوردار آواز - اُپ ڏاريندڙ رڙيون |
| ڪنجهندي | جهيڻي آواز ۾ |
| ليلهڙاٽ | گهٽيون منتون - آزيون نيازيون |
| **مان شعر جو چوندو آهيان؟** | |
| اُپاٽڪو | غمگين - فڪرمند - حيران - اڪيلو |
| چلولائي | البيلائي - لاڏلائي |
| رنگ برنگي | گهڻن رنگن وارو - رنگين |
| سازگار | مطابقت - موافقت |
| ڦُلواڙي | ننڍڙو باغ - باغيچو |
| گُلزاري | گُلن سان ڀريل باغيچو |
| گودڙي | چتيون لڳل پوش - فقيرن جي ڳوٿري |
| نِستو | ڪمزور - هيڻو - نبل |
| **قاضي قادن** | |
| ساڪڙا | محلات |
| ڦُدوري | شريعت جي احڪامن جو ڪتاب - فقہ جو ڪتاب |
| ڪيهوءَ | ڪير - ڪهڙو - ڪجاڙو |
| مُهُ | جهاتي پائڻ |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو** | |
| اوڙاهه | اونهو پاٽي - درياءَ جو اونهو ترو |
| پڌر | ظاهر - کُليو - چٽو |
| ساعت | گهڙي - لمحو - ڪن پل |
| سڪٽا | خالي - اپرا |
| ڪَتَر | دغا - ڪوت - ٻيائي - وير |
| مُورک | بيوقوف - بي عقل |
| **ميون شاهه عِنات رضوي** | |
| دفع | پري - ڏُور - الڳ - ختم |
| ڏَڏن | اڻ پڙهيلن - بي سمجهن - موڳن |
| سارُون | يادگيريون - سنيارون - ساروٽيون |
| سُونهان | رهبر - ڄاڻو - خبردار |
| ڪاٽيارو | محتاج - ڳُهرجائو |
| **شاهه عبداللطيف ڀٽائي ؒ** | |
| جمال | سونهن - حسن - خوبصورتي |
| حِيلا | عذر - بهانو - اٽڪل |
| خمار | ننڊ جو زور - ننڊڪڙائي |
| دارون | دوا - علاج - ڦڪي - ڊبُ |
| سهسين | سوين - هزارين - بيشمار |
| گِچ | جام - وڌيڪ - زياده |
| **خواجه محمد زمان لنواري وارو ؒ** | |
| اوراهان | اورپرا - اوڏڙا - اورتي |
| پچار | ڳالهه - ذڪر - تات - يادگيري |
| پسڻ | ڏسڻ - نهارڻ - جاچڻ |
| پلڪ | اڪ چنپ جو وقت - پَل |

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جُسو | بدن - تن - جسم |
| ڪتڙ | ڪپھ - ڏاس - سِٽي وغيره کي ڊيري يا چرخي وسيلي وڪڙ ڏيئي ڌاڳو تيار ڪرڻ |
| وِصالَ | ملڻ - منهن ڏسڻ - مرڻ جي حالت |
| وِھُ | زهر |
| **سچل سرمستؒ** | |
| اوتار | اُتن وارو - اوتي - جت |
| پڇاڙان | پوءِ - ڪانپوءِ - بعد |
| پيچُ | نينهن جو ناتو - تعلق |
| جهوري | ڳڻتي - فڪر - غم |
| سنگهار | وڏي مال وارو - وڏو ڀاڳيو |
| مامرو | معاملو - ڪم - ڌنڌو |
| **سامي** | |
| سَرُوپَ | چهرو - مهاندو - مُنهن |
| سَنسارَ | دنيا - جهان - ڪائنات |
| سِيرَ | اونهي تيز وهڪري وارو پاڻي |
| ڪَلپِتَ | ڪاوڙ - رنج |
| ڪَلُور | ناحق - ظلم - قهر |
| مايا | ناڻو - دولت - ملڪيت |
| موڳو | منجهيل - ابوجهه |
| **خليفو نبي بخش قاسم لغاري** | |
| آسُودو | سکيو - شاهوڪار - آسودو |
| تِمَنِ | ڦڙو ڦڙو ٿي وهڻ - ڪرڻ |
| پِت | اعتبار - پروسو - عزت |
| پَلُرَ | مينهن جو پاڻي - گاهه جو هڪ قسم |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **حمل فقير** | |
| اُتامرا | تکڙا - اُبهرا |
| اُڻ تُڻ | ڳڻتي - چنتا - بي قراري |
| پُڄهن | پروڙن - سُڃاڻن |
| ڀال | بخت - نصيب |
| ڪاڻ | ڪَس - غرض - محتاجي |
| مڏيون | سامان سڙو - ملڪيت - دولت |
| **فقير قادر بخش ’بيدل‘** | |
| سَاٿِي | گڏ - ساٿي - مددگار |
| لاتِ | مٺو آواز |
| ماندو | بي حال - عاجز - بيزار |
| مُڪا | موڪليا |
| **مصري شاهه** | |
| تَڪيا | آستانو - ماڳ - مڪان |
| سُڌ | خبر - ڄاڻ |
| سنيها | نياپا - سلام - محبت جا پيغام |
| مُنڌائتا | مُنڌ وارا - موسم وارا |
| **جلال ڪٽي** | |
| اطلس | اُچو لسو زريدار ريشمي ڪپڙو |
| سرس | جهجهو - گهڻو |
| قمر | چنڊ |
| مهتاب | چنڊ - معشوق جو منهن |
| **سيد ثابت علي شاهه** | |
| افگار | زخمي - قتيل - مجروح - تکر تکر |
| تارڪِ | دنيا کي ترڪ ڪندڙ - تياڳي - الله لوڪ فقير |

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جميل | سُھڻو - خوبصورت - حَسين |
| **خليفو گل محمد ’گل‘** | |
| برپٽ | رڻ پٽ - ويراني - سُڃ |
| پوٺن | ميدانن - سون پٽن (جا مٿي ھئڻ سبب آباد نہ ٿي سگھن) |
| رُت | موسم - مُند |
| سرھا | خوش - چڱا ڀلا |
| ھرسُو | ھر طرف |
| **مير عبدالحسين خان ’سانگي‘** | |
| داناءُ | سياڻو - ھوشيار - ڏاھو |
| چڪاس | جاچ - امتحان - پرک |
| **حافظ محمد ’احسن‘ چنا** | |
| اطاعت | فرمانبرداري - مڃتا - قبوليت |
| اُلفت | پيار - محبت - قرب |
| رشڪ | حسد - ريس - ساڙ - عداوت |
| علامت | سڃاڻپ جو نشان - نشاني - اُھڃاڻ |
| ڪامل | پورو - مڪمل |
| **مولوي حاجي احمد ملاح** | |
| اَڙيون | محتاج ٿيون - گمراھ ٿيون - ڦاٿيون |
| سيڪ | گرمي - تاءُ |
| ڪَتيون | ستن ننڍن تارن جي ميڙ وارو نکٽ |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| گُلزار | گلن سان ڀريل چمن - سرسبز |
| گھاريون | گذاريون |
| **مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ** | |
| پوئواري | پرگھور - سارسنڀال |
| شوڪارا | ٿڌا ساھ - آھ - ارمان |
| ڪيھون | دانھون - واڪا - رڙيون |
| ڳٽ | اٽڪ - روڪ - رنڊڪ |
| ماٽا | انگل - ناز - نخرا |
| مھميرن | وڏن بھادرن - وڏن دليرن |
| وَنگ | ور - وڪڙ |
| **ڪشنچند ’بيوس‘** | |
| آسا | اُميد - آسرو - خواھش |
| اٿل پٿل | بي آرامي |
| انبوھ | ميڙ - گوڙ - ھجوم |
| پندار | توشا خانو - گدام - پندار |
| جلوو | نظارو - ديدار - ڏيکاءُ |
| ساھي | تورو آرام - وقفو - دم |
| ڪڙڪاٽ | نڪاءُ - ڪڙڪو - ٺڙڪو |
| **شيخ اياز** | |
| پاتالن | زمين جو ھيٺيون طبقو |
| ڏھڪاءَ | ھراس - رعب تاب - خوف |
| ڪنواٽن | ٻن سالن جي ڄمار وارن اُٺن - توڏن |
| لُڪ | گرم ھوا - جھولو |

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **تنوير عباسي** | |
| ٿهي | عمر - وهي - هڪجيڏائي |
| ڳهيلا | ڪاهلا - ڊرا - موڳا |
| لاٽيون | مٺا آواز - درديلا آواز |
| لَنوي | هيٺ لهي ۽ چڙهي - لمي - لڏي |
| **نياز همايوني** | |
| پهروپ | منافق - دغاباز |
| رمندا | هلندا |
| ساحل | دريا يا سمنڊ جو ڪنارو - ڪنڌي |
| سُندر | سهڻو - ناهوڪو - ملوڪ |
| ڳدلا | ميرو - غليظ - ڳدلو |
| گهايل | قتيل - وڍيل - ڌڪويل |
| **امداد حسيني** | |
| آواره | رولو |
| سُرهي | خوشبوءِ واري |
| سُڃا | ڪنگال - مفلس |
| ڳول | ڳولا - جاچ - تلاش |
| مَٺُ | جيڏو - برابر - هڪجيترو |
| **اُستاد بُخاري** | |
| آلاڻ | پاڻيٺ - ڳهم - پوسل |
| اوت | هار - پلٽ - لاهَ |
| اهڃاڻ | نشان - پتو - علامت |
| تاڻ | ڇڪ - سِڪ - ڪشش |
| مانار | سانت - ماٺ - چپ چپات |
| مانڌاڻ | جهيڙو - ڦڏو - فساد |
| نراسائي | نااُميدي - مايوسي |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **شمشيرالحيدري** | |
| ماڳ | رستو - ڳس - دڳ |
| ماڻڪ | موتي - لال - ياقوت |
| **ابراهيم مُنشي** | |
| اُڀ | آسمان |
| ٿر بر | رڻ پٽ - ريگستان |
| جوڀن | جواني - خوبصورتي |
| سُڻائن | ٻُڌائن |
| **’سرويچ‘ سجاولي** | |
| بار | وزن |
| ترس | رحم - قياس - ٻاجهه - ڪهل |
| ڪاٽي | ڳهاري - گذاري |
| **ڊاڪٽر سحر امداد** | |
| ڏاهي | سياڻي - هوشيار |
| سانجهه | سج لهڻ سان لاڳو پوءِ وارو وقت - شام جو وقت - نما شام |
| سپرين | پرين - دوست - دلبر |
| لات | مٺو آواز - سُريلو آواز |
| مات | شڪست - هار |
| نڪت | تارا يا تارن جا ميڙ |
| **ج - ع منگهاڻي** | |
| نڌوري | ضديري |
| پرجهلي | حمايتي |

اُستادن کي گذارش تي ڪجي ٿہ شاگردن کي سنڌي لازمي (ڪلاس يارهين ۽ ٻارهين لاءِ) جي درسي ڪتابَ سان گڏوگڏ هيٺ ڏنل ڪتابَ اضافي مطالعي لاءِ پڙهڻ لاءِ پڻ چون.

## اضافي مطالعي جا ڪتاب: ( Supplementary Reading Material )

### ادبي تاريخ:

* سنڌي ادب جا مختلف دَورَ (موجوده دور تائين مختصر جائزو)

### ڪتاب:

* سنڌ جي ادبي تاريخ - خان بهادر محمد صديق ميمڻ
* سنڌي ادب جي تاريخ - ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
* سنڌي ادب جو جائزو - ميمڻ ڊاڪٽرعبدالمجيد سنڌي

### ناول:

* زينت - مرزا قليچ بيگ

### گرامر:

* سنڌي ويا ڪرڻ - مرزا قليچ بيگ
* وڏو سنڌي ويا ڪرڻ - ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي
* سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر - ڊاڪٽر غلام علي الانا